# شاھ جو رسالو

مرتب ڪيل

علامه آءِ. آءِ. قاضي

سنڌي ادبي بورڊ

# رسالو

## (پيغام)

## شاهه عبداللطيف جو

(١١٠٢-١١٦٥ھ)

مرتب ڪيل
علامه امداد علي امام علي قاضي
بار- ايٽ- لا
سابق وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

ڇاپو پهريون	۱۹۶۱ع	تعداد ۲۰۰۰
ڇاپو ٻيو	۱۹۸۶ع	تعداد ۲۰۰۰
ڇاپو ٽيون	۱۹۹۳ع	تعداد ۵۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ۱۲)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو، سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| سر | صفحو |
|---|---|
| ۱. ڪلياڻ | ۱ |
| ۲. يمن ڪلياڻ | ۱۹ |
| ۳. کنڀات | ۶۷ |
| ۴. سورٺ | ۸۹ |
| ۵. آسا | ۱۰۹ |
| ۶. پرڀاتي | ۱۳۹ |
| ۷. رام ڪلي | ۱۴۹ |
| ۸. ڪاهوڙي | ۲۰۹ |
| ۹. پورب | ۲۲۵ |
| ۱۰. بلاول | ۲۳۹ |
| ۱۱. سارنگ | ۲۵۹ |
| ۱۲. سريراڳ | ۲۸۱ |
| ۱۳. سامونڊي | ۳۱۷ |
| ۱۴. ڪاموڏ | ۳۴۱ |
| ۱۵. آبري | ۳۵۳ |
| ۱۶. معذوري | ۴۰۹ |
| ۱۷. ديسي | ۴۴۱ |
| ۱۸. ڪوهياري | ۴۸۵ |
| ۱۹. حسيني | ۵۰۹ |
| ۲۰. ليلا چنيسر | ۵۷۳ |
| ۲۱. مومل راڻو | ۵۸۹ |
| ۲۲. ٻروو سنڌي | ۶۳۱ |

| | |
|---|---|
| ٢٣. ڏهر | ٦٤٥ |
| ٢٤. گهاٽو | ٦٦٩ |
| ٢٥. ڪاپائتي | ٦٧٣ |
| ٢٦. رپ | ٦٨١ |
| ٢٧. ڪارايل | ٦٩١ |
| ٢٨. مارئي | ٧٠١ |
| ٢٩. سهٽي | ٧٥٥ |

غور بعد قائم ڪيو ويو آهي، تہ بہ رسمي طور هيٺ حاشين ۾ جدا جدا پڙهيون ڪين ڏنيون ويون آهن: انهيءَ لاءِ تہ هيءُ جلد اجايو ضخيم نہ ٿي پئي ۽ پڻ پڙهندڙن جو ڌيان متن ۾ ڪلام جي حسن ۽ ڪمال کان هٽي حاشين طرف نہ ٿئي. البتہ عام فائدي خاطر متن جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي ڏني وئي آهي، جا اُميد تہ پڙهندڙ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

پريس لاءِ صاف ڪاپي لکڻ، ڀرين پروفن پڙهڻ ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي تيار ڪرڻ ۾ ميرمحمد نظاماڻي، ليڪچرر شعبہ سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، مؤلف جي مدد ڪئي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پريس جي عملي هن ڪي ٿوري عرصي ۾ ڇاپڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ اهي سڀئي صاحب شڪريي جا لائق آهن.

نبي بخش بلوچ
'ڊين فيڪلٽي آف آرٽس'
سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد
۱- مئي، ۱۹٦۱ع

ناشر پاران

# پيشڪش

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي شريف جو هي نسخو، جيڪو شاهه صاحب جي وڏي چاڻو ۽ پارکو، حضرت علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي ڏکي عرصي جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، ”سنڌي ادبي بورڊ“ اول ۱۹٦۱ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن جو ٻيو ڇاپو وري ۱۹۸٦ع ۾ ڇپيو هو. رسالي جي هن متن جي منفرد سهيڙ ۽ افاديت جي ڪري، عام پڙهندڙن، طالبن توڙي تحقيق ڪرڻ وارن پاران، ان جي وقت بوقت طلب ٿيندي ٿي رهي. ان ڪري هي ٽيون ڇاپو، شاهه سائينءَ جي ۲۵۰ ٻن سؤ پنجاهين سالگرهه جي موقعي تي پڌرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. اميد ته اسان جي اها پيشڪش قبول پوندي.

۲۹-۷-۱۹۹۳ع — شمشير الحيدري

# ڪلياڻ

## داستان پهريون

( ۱ )

اَوّلِ اَللهُ، عَلِيمُ، اَعليٰ، عالَمُ جو ڌَڻِي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائمُ آهه قديمُ،
والِي، واحد، وحدهٗ، رازق، ربُّ، رحيمُ،
سو ساراهه سچو ڌَڻِي، چئي حمد، حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙُون جوڙَ جهانَ جِي.

( ۲ )

وَحدهٗ لاشَريڪَ لَهٗ، جڏهن چيو جَنَ،
تَن مڃيو محمّد ڪارڻي، هيجان ساڻ هِنيَنَ،
تَڏهن منجهان تَنَ، آوَتَرُ ڪونهِ اوليو.

( ۳ )

وَحدهٗ لاشريڪَ لَهٗ، ٻَڌءِ نه ٻوڙا،
ڪِ تو ڪَنين نه سُڻا، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڪاڙِينديَن ڪوڙها، جِت شاهد ٿيندءِ سامهان.

( ۴ )

وَحدَہٗ لاشريڪ لَہٗ، اِيءَ وِھائج ويءَ،
ڪَنين جي ھارائيين، ھنڌ تنھنجو ھِيءَ،
ھاٿان ڇوندءِ پِيءَ، پِري جامِ جنت جو.

( ۵ )

وَحدَہٗ لاشرِيڪَ لَہٗ، اِيءَ ھيڪڙائيءَ حقَ،
ٻِيائيءَ کي ٻڪَ، جَن وڌو سي وِرسيا.

( ٦ )

وَحدَہٗ جي وَڍيا، اِلاّاللہَ آڌَ ڪيا،
مُحمدُ رسولُ چئي، مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي، اِنھين پِھ پِيا،
تيلانءُ ڏٺيءَ ڏٺا، جيلانءُ وِيا وحدت ڳڌجي.

( ۷ )

وَحدَہٗ جي وڍيا، اِلاّ اللہَ سين اورِينِ،
ھينئون حقيقت ڳڌيو، طريقت تورِينِ،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندر ڏورِينِ،
مَڪ نہ ستا ڪڌھين، ويھي نہ ووڙِينِ،
ڪَلھينئون ڪورِينِ، عاشق عبداللطيف چئي.

( ٨ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لهٗ، جان تُو چئين ايئَن،
تان مَڃ محمد ڪارڻِي، نرتئون منجهان نيهَن،
سو تون ڇيو ڪين، لائين ڪنڌ ٻين ڪي.

( ٩ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لهٗ، جن آتو سين ايمان،
تن مَڃيو محمّد ڪارڻِي، قلبَ ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمانَ، آوتڙ ڪنهن نہ اوليا.

( ١٠ )

آوتڙ ڪنهن نہ اوليا، سترِ ويا سالِمَ،
هيڪائِي هيڪ ٿيا، آحد سين عالِمِ،
بي ٻها بالِمِ، آڳي ڪِيا آڳهِين.

( ١١ )

آڳي ڪِيا اڳهِين، نِسوروئِي نورُ،
لاخوفٌ عليهِمۡ ولاهُمۡ يحزنونَ، سچن ڪونهي سورُ،
مَولي ڪِيو معمورُ، آنڱَ آزلَ ۾ اُنَ جو.

( ١٢ )

سِرُ ڏِونڊيان، ڌڙَ لَهان، ڌڙ ڏِونڊيان، سِرَ ناهِ،
هتَ، ڪرايون، آڱريون، ويا ڪپجي ڪانهِ،
وَحدت جي وِهانءِ، جي ويا سي وڍِيا.

(۱۳)

وَحدهٔ جي وِديا، ڪِيا اِلّاالله آڏ،
مِي ڏڙ ڀسِي سڌ، ڪنهن آياڪِيءَ نہ ٿِئي.

(۱۴)

وَحدَ تا ڪَثرت ٿِئِي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حَقّ حقيقي هيڪڙو، ٻولِي ٻِي م ڀُل،
هِيءَ هلاچو هُلّ، بِالله سندو سڄڻين.

(۱۵)

جِنو تون آلله هيڪڙو، وائِي ٻِي وسارِ،
تَن ۾ تَند تنوارِ، سدا سپِيرِينِ جي.

(۱۶)

جِئو تون آلله هيڪڙو، ٻِي وائِي وساري ڇڏِ،
آو تان تو سين گڏِ، سڄڻ ساهہ پساهہ ۾.

(۱۷)

پاڻئِي جلّ جلالَہ، پاڻئِي جانِ جمالّ،
پاڻئِي صورت پِرَ جي، پاڻئِي حسن ڪمالّ،
پاڻئِي پِير مرِيدَ ٿِئِي، پاڻئِي پاڻ خيالّ،
سو سيوئِي حالّ، منجهان ئِي معلوم ٿِئِي.

( ١٨ )

پاڻيي پسي پاڻ کي، پاڻيي محبوب،
پاڻيي خلقي خوب، پاڻيي طالب تن جو.

( ١٩ )

سو هيءَ، سو هو، سو آجل، سو آلله،
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.

( ٢٠ )

سو هيڏانهن، سو هوڏانهن، سوئي مَنِ وسي،
سوئي سو پسي، تهين سندي سوجهري.

( ٢١ )

هڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اکِهين گڏ، پڏڻ ه پ تيا.

( ٢٢ )

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٿس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

( ٢٣ )

ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لِکن لک هزار،
جيءَ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان!

وائي

سپڪا پريانْ ڪونْ پوڇي،

نينهن نيٽين، ڪِئ ڳالهہ، وو.

جا چِتايم چِت ۾، سڄڻ سا تو ٻُجهي،

نينهن نيٽين، ڪِئ ڳالهہ، وو.

لاتِ جا لطيف جِي، سڏ تنهن جو سُجهي،

نينهن نيٽين، ڪِئ ڳالهہ، وو.

## داستان پهريون

( ١ )

آکي آکائِي، رنج پِريان کي رسيو،

چِڪيم چِڱائِي، سورانگهي سوريءَ تان.

( ٢ )

اَلڏا اونڏا ويچ، ڪَلَ ڪچا لئي ڪانئين،

آسان ڏکي ڏيلَ ۾، تون پيارين پيچ،

سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

( ٣ )

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟

وڃڻ تن پيو، نالو نينهن کنهن جي.

( ٤ )

سوري سڏ ڪري، آئي عاشقن کي،
جي آئي سڏ سڪڻ ۾، تہ ڪُوءَ م پير پري،
سِسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ اِريٽون.

( ٥ )

سوري آهه سينگار، آکِين عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ مُهُون، ٿيا نظاري نِروار،
ڪُسڻ جو قرار، آصل عاشقن جو.

( ٦ )

سوري سينگاري، آصل عاشقن کي،
لَڏيا ڪِين لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪونيو ڪناري، آئيو چاڙهي آنِ کي.

( ٧ )

سوريءَ مٿي سيڻ، ڪهڙي ليکي مَنرا،
جيلہ لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿي.

( ٨ )

سورِيءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن،
پاڇون ڪِين پسن، سانُو هلن سامهان.

( ٩ )

سوريءَ جي سؤ وار، ڏيهاڙئو چنگ چڙهين،
جم ورچي چڙهين، سِڪڻ جي سچار،
پرت نہ پسين پار، نينهن جٽائين نکيو.

( ١٠ )

ڀرين ڪاتي ڀاءِ، پچ هوءِ پريتڻون،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجت جيئن وجاءِ،
سيخن ماہ پچاءِ، جي نالو ڪيڙءِ نينهن جو.

( ١١ )

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوہ، ڪن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لچيو وڃي لوہ،
عاشقن انڌوہ، سدا معشوقن جو.

( ١٢ )

ڪاتي تکي م ٿئي، مر منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا.

( ١٣ )

جي تون سِڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ ٿي م ڪنجهہ،
سپريان جي سور جو، ماڙهن ڏجي نہ منجهہ،
آندر ايءَ آهنج، مانيج سکائون ڪري.

( ١٤ )

جان وڍئين تان ويھہ، نہ تہ وٺيو واٽ وانءُ تون،
ھيءُ تنين جو ڏيھہ، ڪاتي جنين ھٿ ۾.

( ١٥ )

ڪاتي جن ڪري، مان لنؤن لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير ڀري،
آڏيءُ سر ڌري، مان ڪھنھون سپرين.

( ١٦ )

آڳيان آڏين وٽ، پوين سر سنباھيا،
ڪاٽ تہ ھوين قبول ۾، مڇڻ ڀابين گھٽ،
مٺا مھاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي ھٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وھي.

( ١٧ )

جي آئي سڪ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي ڪاني،
لاھي رک لطيف چئي، مٿو وٽ ماني،
تڪ ڏيئي ھڪ پيءُ تون، گھوٽ منجھان گھاني،
جو ورنہ وھاني، سو سِرِ وٽ سرو ساھنگو.

( ۱۸ )

جي آئيٖ سَدَ سَرَڪَ جي، تہ وَڃُ ڪلاڙڪيٖ هَٽِ،
لاهي رک لطيف چئي، مَٿو ماٿيٖ وَٽِ،
سِر ڏيئيٖ ۾ سَٽِ، پيج ڪي پياليون.

( ۱۹ )

جي آئيٖ سِڪَ سَرَڪَ جي، تہ وَڃُ ڪلاڙڪيٖ ڪوءِ،
مهيسر جي مد جي، هَٽِ هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙيٖين رُوءِ، تان سِر وَٽِ سِرڪي سگهيٖي.

( ۲۰ )

جي آئيٖ سِڪَ سَرَڪَ جيِ، تہ وَڃُ ڪلاڙڪيٖ گهرِ،
وَڏِڻ، چيرڻ، چِچرڻ، پَهتِ آنهينُ جيِ پر،
جي وَنيِ پوئيٖي وَرِ، تہ سهنگيٖ آه سيد چئي.

( ۲۱ )

ناٿيٖ ناه ڪَڪَوه، ڪِينُ مَلهہ مهانگو مَنڌ،
سنباهِج سيد چئي، ڪاڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هيءَ تِنين جو هَنڌ، مَٿن پاس مَرڻِ جي.

( ٢٢ )

عاشق زهر پياڪ، وِه پسيو وِهسنِ گهٽو،
ڪڙي ۾ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳينِ لنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توٽي چِڪنِ چاڪ، ته به آه نه سلن عام کي،

( ٢٣ )

م ڪر سڌ شراب جي، جي تون ناريين ٿوهه،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رکنِ روح،
ڪاتي چڪ ڪڪوهه، لاهي سِر لطيف چئي.

( ٢٤ )

سڌڙيا شراب جون، ڪوهه پچارون ڪن،
جه ڪات ڪلالن ڪيا، ته موٽيو پوءِ وجن،
پڪون سي پين، سر جنهين جا سٽ ۾.

( ٢٥ )

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوک جنين جا ديگ ۾،
سي مر ڪن پچار، هڪيا جن جي هٽ ۾.

( ٢٦ )

ديگين دوک ڪڙهن، جت ڪڙيين ڪڙڪو نه لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چِڪندا چڏيا.

( ٢٧ )

ٻِيءَ سي گھرَنِ، جي واڻينڊڙ وچ ۾،
آءُ ڪين پيو ٻچن، سِرو جن سنباهيو.

( ٢٨ )

اَصل عاشق پانهنجي، سِسي نہ سانديِن،
لاهيو سِرُ لطيف چئي، ساهُ سلاڙيو ڏين،
ڪُلهنئون ڪانِين، ٻچن ٻوءِ ٻِرِ يتئون.

( ٢٩ )

اَصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانڍڻ ڪم،
سؤ سِسنئان اَڳرو، سَندو دوسان دَمِ،
هي هڏو ۽ چمِ، ڪِ پرِيان جيءَ نہ پڙي.

( ٣٠ )

جي مَٿي وَتِ مِڙنِ، تہ سيڪنهين سڌ ٿئي،
سِر ڏني سَٽ جڙي، تہ عاشق اِيئن آچنِ،
لِذاتي ليِنِ، مُلهہ مهانگا سپرِينِ.

( ٣١ )

مُلهہ مهانگو قَطرو، سِڪن شهادت،
اَسان عِبادت، نظر ناز پرِينِ جا.

## وائي

مَنڌ پيندي مون، ساڄن سهي سڃاتو.
اِي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهوسون،
ساڄن سهي سڃاتو.
پِريان سندي پار جي، آندر آڳ آٿون،
ساڄن سهي سڃاتو.
جيئن ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون،
ساڄن سهي سڃاتو.
آلا! عبداللطيف چئي، آهين تونهين تون،
ساڄن سهي سڃاتو.

## داستان ٻيون

(۱)

آئياري آئي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ٿِي هٿي ويا، ڀِڙا جي ٻچار،
طبيبنِ تنوار، هَڏ نه وٺي هاڻِ مون.

(۲)

هَڏِ نه وٺي هاڻِ مون، ويڄن جو وصال،
ڄِڻ منهنجي حال، حبيب ٿِي هادي ٿيو.

( ٣ )

حبيبَ ئي هادي ٿيو، رهنما راحتَ،
ٻيڙا ٻيائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لتَ،
سپيريان صحتَ، ڏنيم منجهان ڏکندي.

( ٤ )

اوڙ ڏکندو آؤ ٿئي، هادي جنهن حبيبُ،
ترِ تفاوت نہ ڪري، تنهن کي ڪو طبيبُ،
رهنما رقيبُ، سائر صحت سپرين.

( ٥ )

سائر صحتَ سپرينءَ، آهي نہ آزارُ،
مجلس وير مٿو ٿئي، ڪونيندي قهارُ،
خنجر تنهن خوب هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحبُ رب ستارُ، سوجهي رکون ساهہ جيون.

( ٦ )

رڳون ٿيون ربابُ، وڄن ويل سيڪهين،
لڇڻ، ڪڇڻ نہ ٿيو، جانب ري جبابُ،
سوئي سنڏيندم سپرينءَ، ڪيس جنهن ڪبابُ،
سوئي عين عذابُ، سوئي راحت روح جي.

( ٧ )

سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنما،
"وتعز من تشاء و تذل من تشاء".

( ٨ )

جاڻي ٻجهي جن، تو سين سور سچ ڪيا،
تون ڪيئن سنديون تن، ٻر سين ٻچارون ڪرين؟

( ٩ )

ٻر ٻ پڇيائون، عشق جي آسباب کي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسائون،
آخر والعصر جو، اِنهين آتائون،
تهان پوءِ آئون، سڪان ٿي سلام کي.

( ١٠ )

سڪين ڪه سلام کي، ڪرين ڪه نه سلام،
پيا ڊر تن حرام، اِيءَ ڊر جنين ڏيکيو.

( ١١ )

مٺايان مٺو گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام،
سڪوت ۾ سلام، پريان سندي پار جو.

( ١٢ )

ڀريان سندي پار جي، مڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين جي ڇيت ڪري.

( ١٣ )

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، ايءُ پروڙج بات،
هت ڪاتي ڪڙ وات، ٻڇڻ ٻر پرين جي.

( ١٤ )

حبيبن هيڪار، منجهان مهر مذ ڪيو،
سو مون سي جمار، اورڻ آهوئي ٿيو.

( ١٥ )

پاٻوهي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين،
'الست بربڪم'، چيائون جنهن وار،
سندي سور ڪنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.

( ١٦ )

پاٻوهيو پڇن، 'ڪٿي هت حبيب جو'،
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن،
عاشق آجل سامهان، اوٺچي ڪات آڇن،
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

(١٧)

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهن ساڻ،
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر م پاڻ،
چل، وڃائي چاڻ، عاشق آجل سامهون.

(١٨)

ڪوڙن قربن جو، عين ترڻ آهه،
ايءَ الٽي ڳالهڙي، سِڪ ورندي ساهه،
آسر هڏ م لاهه، ڇنن ڳنڍڻ آن جو.

(١٩)

ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سي ٿي ماءَ مهن، سي ٿي راحت روح جي.

(٢٠)

ڪهي سو ڪر لهي، ڪوئي سو قريب،
اِها عادت سڪيو، هر زمان حبيب،
تيجي سو طبيب، سو ٿي راحت روح جي.

(٢١)

ڪهن ۽ ڪوئين، ايءَ پر سندي سڄڻين،
سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنيءَ ڏيهائي ڏين،
وينا وره وڻين، آءٌ واڍوڙيا وهاءِ تون.

## وائي

ٽيندو تن طبيب، داروُن منهنجي درد جو.

ھڪي ڏيندم ھاجھ جي، آڇي شال عجيب،

داروُن منهنجي درد جو.

ھرين آڇي ھاڻ ڪيو، سندو غور غريب،

داروُن منهنجي درد جو.

ڏکندو سيوئي ڏورڪيو، منجھوُن تن طبيب،

داروُن منهنجي درد جو.

آديون عبداللطيف چئي، ھاتڪ آه حبيب،

داروُن منهنجي درد جو.

# يمن ڪلياڻ

## داستان پهريون

( ۱ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جي دواءِ،
جانبُ منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحبُ ڏي شفاءِ، ميان! مريضن کي.

( ۲ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جو دارُون،
دوا آهن دل کي، تنهنجيون تنوارُون،
ڪريان ٿي ڪارُون، جئن ڪي پئنئون نه ٿئي.

( ۳ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تواهين ڏاڍن ڏبُ،
تون ڏيين، تون لاهيين، تون هادي، تون ربُ،
آهه اِيءَ عجبُ، جئن واريو ويڄ وهارين.

( ۴ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏِيہِن، تون لاھِيہِن، ڏاتَر ڪي ڏَڪندَنِ،
تڏھن ڦڪيون فَرقَ ڪِنِ، جڏھن آمَر ڪريو اَنَ ڪي.

( ٥ )

جانْ ڪِي ڪري طبيبُ، دارون ھِن درد جا،
ھٿيو سي حبيبُ، اڪوڙيو آڏَ ڪري.

( ٦ )

ھَنْ حبيبَ ھَٿَ ڪٽِي، ٽيڪَ مَ، ٽورو لاءِ،
ٻرينْ تنهنجي ڪھاءِ، مَران تہ مانْ لهان.

( ٧ )

ھَنْ حبيبَ ھَٿَ ڪٽِي، دل ۾ ٽِي دانھِيانْ،
ڪِچان تان ڪَوڪ ٽٽِي، صبر آءٌ نہ سَھان،
ڪنهن کي ايئن چوان، تہ مون کي ماريو سَجڻين.

( ٨ )

ھَنْ حبيبَ ھَٿَ ڪٽِي، ہنگا لَھِي پاڻْ،
ماڳھين مون منهن ٽئِي، جهولِيءَ وجهان پاڻْ،
اِنَ ٻرِ ساڄن ساڻْ، مانَ مقابلو مون ٿئي.

(٩)

جت حبيب هئن، نانگ پري نينهن جي،
تتي طبيبن، وڃا وڃي وسري.

(١٠)

هئي جي حبيب، محبتي ميا ڪري،
پڇان ڪون طبيب، هوند گهائن سين تي گهاريان.

(١١)

چوري چنگ، پنگ لهي، حبيبن هنيوس،
ڀڄهان ٻاڻ لڳوس، ڪانارئو ڪر ڪٽي.

(١٢)

ڪانارئا ڪٽڪن، جنين لوهه لڳن ۾،
محبت جي ميدان ۾، هيا لال لڇن،
ٻاٿهي ٻڌن ٻنيون، ٻاٿهي چڪنا ڪن،
وتان واڍوڙين، رهي اَڇي راتڙي.

(١٣)

رهي اَڇي راتڙي، تن واڍوڙين وٽاءِ،
جن ڪي سور سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءِ،
لڪائي لوڪاءِ، ٻاٿهي ٻڌن ٻنيون.

(۱۴)

آج ٻن ڪنجھو ڪنجھہ، واڍوڙڪي منهين،

جي ٻن ٻيڻ سنجھہ، هوء پنيون، هوء پنيون.

(۱۵)

آج ٻن ڪهڙي دانهن، واڍوڙڪي منهين؟

وچ ورائي ٻانهن، چوري چاڪ نهاريا.

(۱٦)

ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين،

تائين پاسي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

(۱۷)

سدا آهي سور جي، واڍوڙين وائي،

جيڪا آئن من ۾، سلن نہ سائي،

اوڙڪ آهائي، ڪوليو لهن ڪالهڙي.

(۱۸)

سکهن سڌ نہ سور جي، تہ گهايل ڪئن گهارين،

پيل پاسو پٽ تان، واڍوڙيل نہ وارين،

ٻر ۾ ٻچن ٻربنءِ لئي، هئي اهنجهون هارين،

سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

(١٩)

سُکهَنِ سَدِ نہ سُورَ جي، تا رَنڪنِ رَنجوريِ،

پيا آهن پَٽ تِي، مٿنِ ماموريِ،

لَڳيِنِ لؤن لطيفَ چئي، سدا جيِ سُوريِ،

ٻِرت جن پُوري، تَن رويو وهامي راتڙي.

(٢٠)

آيلِ آنِ نہ وِسهان، هنجهون جي هارينِ،

اٿيو اَبَ اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارينِ،

سڄڻ جي سارينِ، سي نڪي رُون نہ چُون ڪيِ.

## وائي

وِرِسيا ويچ ويچارا، دل ۾ درد پِرينِ جو.

اٿو ويچا، ۾ وِهو، وڃو ڏَيِ ڪٽي،

دل ۾ درد پِرينِ جو.

ٻَڪي ڏيندا ٻاجهہ جيِ، آيا سُور ڏٽي،

آيا جيءَ جيارا،

دل ۾ درد پِرينِ جو.

## داستان پيو

( ١ )

تن طبيب نہ تون، جو سڌ نہ لهين سور جي،
ڏکِ پنهنجون ڏِيون، ڪَڏ ڪٽِي ۽ پيون،
ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

( ٢ )

ڏاريٺي دنيا ڪارڻِ ڏِيون، تن جو تون نہ طبيب،
ايندو آجّ عجيب، شادي ڏيندو صحت جِي.

( ٣ )

تن طبيب نہ ڳڏيا، ڪنيس ڪويڄڻِ،
ڏيٺي ڏلي ڏڏنِ، پاٺان ڏِيل ڏکوئيو.

( ٤ )

آهي گهڻو آگهڻِ جو، ترس طبيبڻِ،
ڪيو وس وپڄڻِ، تان ڪِريءَ ري ڪِين ٿئي.

( ٥ )

ترس طبيبن جو، جڏن ڪيو نہ ذات،
جو وپڄنِ جي وات، داروئا تنهن دورِ ٿيا.

( ٦ )

آگهائِي سکها ٿيا، جي وينا وٽ وپڄنِ،
ترمي طبيبنِ، چيٺي هولڏ چڱا ڪيا.

(٧)

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪري نہ ڪيائون،
جي پنڌ پاريائون، تہ سکھائي سگھا ٿيا.

(٨)

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪري ڪن نہ پاڻ،
آگھا اِنَ آھياڻ، پسوا سور سِجھائيا.

(٩)

پاڙي ويڄ ھٿام، تان مون سور نہ پڇيا،
تيلاھين پيام، موريسر آڪين ۾.

(١٠)

ھاريا تو ھِري، ڪڇ ڪايا سين ڪيو،
ڪرين جي ڪري، تہ تون توانون ٿئين.

(١١)

جي پائين پرينَ مڙان، سِک چوران ڪي ذات،
جاڳڻ جشن جن ڪي، سک نہ ساري رات،
اچي ھجي آئيا، وائي ڪن نہ وات،
سلي سوريءَ چاڙھيا، بيان ڪن نہ بات،
توڻي ڪسن ڪات، ساڳي سلن ڪينڪي.

(١٢)

تڙي طبيبن، گهائل گهران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ چهون ڪري، ڪڙيون سور نہ ڪن،
دوست جي درسن سين، هٿي ٿار ٿين،
ورچيو ويڄ وڃن، آءٌ تہ ڀرينم آبهان.

(١٣)

ويڄن ويٺي ٿي، دوس ڏيهي در آئيو،
صحت جي سرير ۾، ڪل ڪرين پيئي،
پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

(١٤)

وڏي جن وڏياس، وري ويڄ ٿي سي ٿيا،
ترت ڏڏائون ڏٿيون، روز ڪيائون راس،
هينئڙا تنين پاس، گهار تہ گهايل نہ ٿئين.

(١٥)

هاريا ويڄ، سياس! سڌ نہ لهين سور جي،
پريان ڪي چونديس، تہ ترس طبيبن ڇڏيو.

(١٦)

ويڄ! ۾ ڀڪي ڏي، آلا! چگي ۾ ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪر لاهو ٿي ڪڍهين.

(١٧)

ويهڻ ويڄن وٽ، جي سگهين ته سکهو ٿئين،
آڪين عادت مٽ، ته آگها! عاجز نه ٿئين.

(١٨)

هئين ويڄن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين؟
سر ڏيئي ۾ سٽ، ڪوه نه ڪيئي ڊيڙا؟

(١٩)

دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويڄ مون،
ڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، نهاري ناڙون،
جن سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي.

(٢٠)

آگهن مڙي آج، ڪيو سڌ صحت کي،
ڏور ڏکندا پيچ، مهريءَ منهن ڏيکاريو.

واڻي

آچي سار لهيج، ساڄن، سور توهانجي آءٌ ماري،
سور تنهنجي جي مران، تان مون ڏوهه نه ڏيج،
ساڄن سور تنهنجي آءٌ ماري.
ڊيڻ پيري هٿڙا، دارون دوست ڪريج،
ساڄن سور تنهنجي آءٌ ماري.

## داستان ٽيون

(١)

هئي هئي! وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻڪين ٻري باهہ،
ٻسو مچ مٿاءِ، جي ويساهہ نہ وسهو.

(٢)

هئي هئي! وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻڪين مکي ٻوءِ،
آچي ٻسو روءِ، جي ويساهہ نہ وسهو!

(٣)

ڪانڌين ٽانڌين ٻاهرين، پچان مر پيئي،
جيرا جگر ٻڪيون، سيخن ۾ ٽيئي،
ويڄڻئون ويئي، ٽِي وهيٽي سڄڻين.

(٤)

سر جو سيخيو سڄڻين، پر پيڊيءَ ڏيئي،
ڪان ڪرنگهر ڪپيو، پڪن مر ٻڌي،
جيرا جگر ٻڪيون، ٻاساريون پيئي،
ويڄڻئون ويئي، ٽِي وهيٽي سڄڻين.

( ٥ )

سُر جو سَچيو سڄڻين، ہنگا هاڻ پري،
ويو وُجودان نڪري، ڪِرڪِرُ ڪانَ ڪري،
اچو پير پري، تہ ڪِ ٹريو هٿ حبيب جو.

( ٦ )

سُر جو سَچيو سڄڻين، پيهر هاڻ پري،
چمڪيو سو چوهہ مان، ڪِرڪِرُ ڪانَ ڪري،
جيرا جِگر بڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي، تاڻيان تير نہ نڪري.

( ٧ )

سُر جو سَچيو سڄڻين، سيڳ منجهان سيلو،
نِنگر ٽڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو هيلو،
هڻي نِهيڻ سيلو، جانبَ جيڏو ئي ڪيو.

( ٨ )

ڏِڳايوم ڏئين، چيرو اندر جندڙي،
لڳي سيخ وجود ۾، سندي نينهن نئين،
مشاهدي تهين، مون کي وڌو مچ ۾.

(٩)

جي تتو تن تنور جئن، ته ٻنڌي سان ڇماءِ،
آئي آڳ آدب جي، ٻاري جان جلاءِ،
ٻرقئا اندر بازيون، پنهنجون سڀ پڃاءِ،
لڇڻ، لؤن لطيف چئي، پڌر هڏ م پاءِ،
متان لوڪ لکاءِ، وصالان وڇ ٿئي.

(١٠)

آڃا تنوراءِ، ڪالهه ڪڙياسون سڄڻين،
ٿيا تايائون تڪڙو، وحدت جي وڏاءِ،
محبتين مڻاءِ، مچ مورائين نه لهي.

(١١)

پڃائي پهاڻ، جن رساٽيو رڪ ڪي،
تنين سندو جاڻ، آهي آڳڙين ڪي.

(١٢)

چڙهيو چڪاسڻ چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءِ ڦل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آئي پاڻ آڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچ ۾.

(١٣)

ڏنهه ڏنءُ ڏمڻ وار، آڄ پڻ آڪڙبڻ جي،
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون آگار،
ڏوڏيا ٿيءُ م ڏار، جم ڪچو رکي ڪٽيون ٿئي.

(١٤)

ڏوڏا تون نه ڏنڀين، آڪ اوڏو نه وڃين.
الا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين.
آپو اِيءَ چئين، ته آءٌ آڪڙيو آهيان.

(١٥)

سر سانداڻ ڪري، پڇج گهر لهار جو،
ڏکن هيٺ ڏري، مان گڏينئي رک سين.

(١٦)

سهين جئن سانداڻ، ڏکن متي ڏڪڙا،
وهه وڃائي پاڻ، ڏي ڏٻائون ڏگرين.

(١٧)

هئي! ٻر آگارن، ٻڌاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهه ڏکين،
پاڻان لهارن، ميڙي رکيا مچ لئي.

(١٨)

ٻاربو آجهائين، پرين آجهايو ٻارين،
مون کي ٽا مارين، لٽا لھارن جا.

(١٩)

آج آکڙيا آئيا، سوڌا سِرائِي،
پياري پاڻي، تبغون ڪندا تڪيون.

(٢٠)

آج آکڙيا آئيا، سائو ڪٻي سجاڻ،
لاهيندا موريان، رڪ ڪريندا پڌرو.

(٢١)

مرها ڏٺم ٻئي، جن ساڄاءِ سِراڻ ميين،
تيغ تنين جي ڪٻي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.

(٢٢)

ڪٽ ڪڙهيءِ لوھ ٻرئي، وڏا جت ڏڳڻ،
مترڪن منهن ڪليا، ساندائيون سڪڻ،
آج ٻڻ آکڙين، ميڙو آهي مچ تي.

(٢٣)

چڪي مٺي مٺن جي، آکڙيا آيا،
ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورله وٺايا،
گھورن سين گھايا، پيڻ تان پري ٿيو.

( ٢٤ )

ڪانئيا تن ڪنيون، اجهائن آونداهه،
جن اندر ٻري باهه، سڏ تني کي سيڪا.

وائي

جيءَ جيارو، جيءَ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
ٻرين جيءَ ٻچار، سيڻن جيءَ سنيار، جڏڙو جيءَ جياريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
آجيو تن عميق مالڪ، ٻرين ٻوج ٻياريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
مرض مريضن تان، اشاري ساڻ آتاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
ڪرم ڪريمن جي مون کي، آهڪيءَ مان اڪاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
منئون منهن ڪري سپرين، آئين نرمل نور نهاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
سائلن جئن سڏ ڪري، آئين طالبن کي تاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.

# داستان چوٿون

( ١ )

ايڪ پيالو، ٻه چڙا، عشق نه ڪري اينءَ،
ليکيا جي لکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪينءَ؟
هٿن ڪيا هينءَ، وانجِھا پس وِصال ڪان.

( ٢ )

ايڪ پيالو، ٻه چڙا، عشق نه اِئين ڪري،
آئي سي ايڪ ٿيا، جي ڪَتا نينهن ڪري،
ڏٺي ڏار ڏري، خلت خنجر آئيو.

( ٣ )

ايڪ پيالو، ٻه چڙا، عشق نه ڪري آڏ،
اِيءَ جا ساعِر سڏ، ڪيئي جا قوال سين.

( ٤ )

آکيون اوڏاهين ڪٿي، جيڏانهن قاتل ڪل،
متو ڪَن نه مل، پڪ برابر پانهنجو.

( ٥ )

جيڏانهن قاتل ڪوڙ، اکيون او ڏاهين ڪئي؛
وڃ تنين جي وَرِ، جنين سانگ نه ساهه جو.

( ٦ )

قاتل ڪمائي ڪري، وڃ ماڪي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچ ڪي پياليون.

( ٧ )

هوندو هڏ م رک، لئي پياڪن پانهنجو،
وڃي وانئڙن ڪي، تان پياري پرک،
سا لِک لهي ٿي لَک، جا تو اِيندي آن سين.

( ٨ )

هوندو هڏ م سنڌ، لئي پياڪن پانهنجو،
پوڄ پيارج پنهنجا، ويندا وٺيو ڪنڌ،
ته هت تنهنجي هنڌ، موڪي ڪو مان لهي.

( ٩ )

ڳهڻ ۽ ڳهڻ ڪن، وٺيون پين وڃ گاڏيون،
'برخيز بده ساقيءَ'، پيار ڪي پرين،
پڪين نه پرچن، ست تڪيائون منجهيان.

( ١٠ )

آئي اُتر واءُ، موکيءَ مَٽ اُپٽيا،
متارا تنهن ماءِ، آڇن سِر سنباهيو.

( ١١ )

موکيءَ مَٽ اُپٽيا، آڇا آڳن ڏارِ،
ايندا تو دربارِ، وِه پئندا ونيون.

( ١٢ )

موکِي منڌ پِيار، اونچو اونچي مَٽ مان،
ڏيندي ڏاتارنِ کي، ونيءَ وِجهه ۾ وارِ،
سِر کٽِي، سردار، آڳن تنهنجي آئيا.

( ١٣ )

موکيءَ مئو نہ گهريا، وِه نہ وهائيا،
مرکيءَ ڪاڻِ سيد چئي، آتي ني آئيا،
جي ڳالِنِ ڳڳائيا، تن بَڻِ ٻاسي ٻٽيون.

( ١٤ )

موکيءَ سندي مَٽ ۾، سري سَپ پِيو،
قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهه ڪلاڙ جو.

( ١٥ )

موکيءَ سندي مَتَ ۾، ڪو جو زهر ذَرو،
پئندي پوشيدن کي، پيو ڪونہ پرو،
مٿو مهاڻن جو، ڪيو ڳهر ڳرو،
اُٺڙن ڪيپ ڪرو، ڪنهن جنهن ڳهر ڳڳانيا.

( ١٦ )

مَنْهن وڃهيو مَٽن ۾، موکي آئي روءِ،
متارا مري ويا، آگن آچي نہ ڪوءِ،
متارن ئون پوءِ، مَنا مت مٽي ٿيا.

( ١٧ )

نہ مي آگن آڳڙيا، نہ سا ست سري،
ڪنورا قاتل جا، جن پيتا پاڻ پري،
آئي پهر الٽيا، ذرتيءَ سر ذري،
ويئي آجهامي آن جي، ٻٺي بس ڪري،
ساريو سور چڙي، موکي متارن جا.

( ١٨ )

وجهج واٽاڙئن تي، ميخاني جي ماڪ،
ٿيندي سڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ،
پره جا پياڪ، جه سي آگن آئيا.

( ١٩ )

سَرِي ڪِينَ ڪيو، وِڻ موڪِيءَ جي ماريا،
ڪو جو سخن ڪلاڙجو، پِڇي تي پِيو،
تِهان پوءِ ٿيو، سِرُ متارن جو.

( ٢٠ )

جِه سي آڳڻ آئيا، سِرو ڪندا سَچ،
سائِي ٽيندِين اَچ، هِي پِيتو، هو آڻِ ڪِينَ!

( ٢١ )

موڪِي چوڪِي نہ ٿِئي، اَصل اوچِي ذاتِ،
وَتيون ڏيئِي واتِ، متارا جنهن ماريا.

( ٢٢ )

متارا مري وِيا، موڪِي تون نہ مَرين!
ڪيهِيءَ هر پرِينَ، ڏڪِي ڏاتارِنِ ري؟

( ٢٣ )

متارا مري ويا، موڪِي تون پِي مَر،
تنهنجو وسَ ڏمَر، ڪوڙ سهندو آنِ ري.

( ٢٤ )

آجا ڪوڙي ماڳ، مَٽَ، ڪَنڪا، ڪَٽَ ڳهٽا،
لاهِي ويهه م لاڳ، موڪِي متارِنِ جا.

( ٢٥ )

ڪنڌ ڪٽارو، منهن وٽي، عادت جنين ايءَ،
تنين تڪون ڏيون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سبيءَ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

( ٢٦ )

هٿ ڪٺيو سڌ ڪري، موکي ماءُ ڳري،
نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾، نہ ڪنهن سور ڀري،
اوري هٿا تہ آئيا، جڪس ويا ڀري،
روئان ڪيئن ڪري، مادر متارن ڪي.

( ٢٧ )

سر ڏيئي ست جوڙ، ڪنهن ڀر ڪلاڙن سين،
ڪاتي، ڪرت ڪپار ۾، خنجر آئي ڪوڙ،
مرٽا منهن م موڙ، وتي ٽيي وڌ لهي.

( ٢٨ )

وٽ وٽ وٽيءَ ۾، مٽ مٽ منڌ بيو،
قدر ڪيف ڪلاڙ جو، پياڪن پيو،
آچن درس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو،
سرها سر ڏيو، چکن سرڪ سيد چئي.

( ٢٩ )

آئي نيءُ آڳار، ڪامي ڪردارن سين!
پسين سي پيار، ہر پيتہ جن سين.

( ٣٠ )

ڪلاڙنئون ڪاءِ، مت نہ سگهن مون هينئان!
روئندي رات وهاءِ، چڪائيندي بٺيون.

## وائي

سيٺن جي سنيار، جڏو جيءُ جياريو.
ڪرم ڪريمن جي، آهڪيءُ وير آڪاريو،
جڏو جيءُ جياريو.
سالين جئن سانت ڪري، طيرن جئن تنواريو،
جڏو جيءُ جياريو.
سئون منهن ڪري سپرين، تان نرمل نور نهاريو،
جڏو جيءُ جياريو.
سرض مريضن تان، اِشاري سان آتاريو،
جڏو جيءُ جياريو.

## وائي

دوس پيهي در آئيو، ٿيو مِلڻ جو ساعيو،
ڏينهين پچاڙون آئي اسان کي، مولي محب مِلائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

وِيو وِڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واهه ورائيو،
ٿيو ملڻ جو ساعيو.

هو جنهين جو ڏس ڏورانهون، اوڏو آج سو آئيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

عبداللطيف چئي، آچي عجيبن، پاڻ فضل فرمائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

## داستان پنجون

(۱)

صوفي سالم سي ويا، جي آکثر سين آڌيار،
بازي بازندن کي، آهي آو ٻسار،
پريان سين پهڪار، رنديءَ رسائي کيا.

( ۲ )

صُوفِيءَ ميرُ مَ۪ٽِنِ ۾، جِئَن رَڱِنِ ۾ ساه،
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جِئَن ٻريون ٻروڙي پساه،
آهِس اِيءَ گناه، جي ڪا ڪري پڌري.

( ۳ )

صُوفي چائين، سَڌَ ڪِرين، صُوفِنِ ايءَ نہ صلاح،
ڪانِي رک ڪلاه، اڇلي وِجهہ آڳ ۾.

( ۴ )

جي ڪلاه رکين ڪندَ تي، تہ صُوفِي سالم ٿِيءَ،
وِهہ وٺي هٿِ ڪري، ۽ پيالو اِيءَ،
هندَ تِنين جو هيءَ، جن حاصل ڪِيو حال ڪي.

( ۵ )

صُوفِيءَ صاف ڪِيو، ڌوئِي ورق وجود جو،
تِهان هوءِ ٿِيو، جِٿري پسڻ پِرينءَ جو.

( ٦ )

صُوفِي لاڪوفِي، ڪو نہ پاڻِس ڪير،
منجهان ٿِي منجهہ، وِڙهي، ٻڌرِ نہ آهِس ٻير،
جِنِين ساڻس وير، ٿِي تِنِين جو واهرو.

( ۷ )

ڏني ڏکويل، آڻ ڏني راضي رهيا،
صوفي تئن ٿيا، جئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

( ۸ )

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمون کوڙ،
جلي تون زبان سين، چارئي پهر چوڙ،
فڪر سين فرقان ۾، اسم آعظم ڏور،
پيا در وڃي ۾ ووڙ، ايءَ آملهه اٿائين سپڃي.

( ۹ )

عالم آءَ ساڻ، پريو تو پير ڪري،
پاڻ نه آهي چاڻ، مانديءَ منڊ پکيڙيو.

( ۱۰ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، آندر روميءَ راءِ،
ماڙهو اِتِ ڪياءِ، منڊ نه پسين منڊيو!

( ۱۱ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جيءَ روءِ،
جنين ڏئي جوءِ، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ۱۲ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، روميءَ چيو آهي،
تاڙي جي لاهي، ته منجهين مشاهدو ٿئي.

( ۱۳ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِي رومِيءَ جي رِهاڻ،
ڀِيرِيِن وِڃائِڻ پاڻ، پسڻ ھوءِ پِرينِ کي.

( ۱۴ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جي راحت،
جنِين ڏِني ست، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ۱۵ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جي اوطاق،
جي پڇي دَر فراق، تہ منجهيين مشاهدو ٿئي.

( ۱۶ )

ظاهر ۾ زاني، فڪر منجهہ فنا ٿِيا،
تنِين کي تعليم جِي، ڪُڙھ آندر ڪانِي،
حرف حقانِي، دور ڪِيائون دِل ۾.

( ۱۷ )

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙھن،
فِڪر ڦرِهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
ھنو سو پڙھن، جنهن ۾ پسن پِرينِ کي.

( ١٨ )

وِسري ويو سبق، ٻهر ٻن سِٽ نه سنئيران،
آيا هيءَ ورق، هئي مطالع نه ٿيو.

( ١٩ )

ڪيو مطالع سون، هو جو ورق وِصال جو،
تنهن ۾ تونهين تون، ٻي لاتِ نه لحظي جيتري.

( ٢٠ )

سا سِٽ نه سارين، الف جنهن جي آڳ ۾،
ناحق نهارينِ، پنا پيا پڙهين لئي.

( ٢١ )

سا سِٽ سارِيائون، الف جنهن جي آڳ ۾،
'لا مقصود فِي الدارينِ'، اِن ۾ آتائون،
سگهر سونئائون، ٿيا رسيلا رحمان سين.

( ٢٢ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهين جي،
آئيون تنين ڪي، واڌايون وِصال جيون.

( ٢٣ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهيون جنِ،
منجهان تن جسنِ، حرف نه سڄي هيڪڙو.

( ۲۴ )

آڪرَ پڙهي آيا ڪِئا، قاضي ئِيئين ڪِئاءُ،
پيرِ پيئِن ۽ پائِيين، اهڙا اِيئَن نہ آءُ ا
اِنَ سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازِيل کي.

( ۲۵ )

عاشق عَزازيل، پيا مِڙئي سَڏڙيا،
مَنجهان سِڪ سبِيل، لعنتِي لالَ ٿيو.

( ۲٦ )

جو مون پڙهيو پاڻَ لئي، سبَق سابِق جو،
پهرين سَجاتم پانهنجي، نفس جو لِهو،
جت عِرفانُ اصلَ ۾، ٿِي روحن روزُ ڪيو،
ورِي ورقَ پيو، گَڏيم وڏِ وِصال جو.

( ۲۷ )

آڪر چئِي هيڪڙِي، پهون جي نہ پڇهن،
ڪوهُ ڪبو ڪي تِنِ، سَڄِي سٽائِي ڪالهڙِي.

( ۲۸ )

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوبَ ۾،
پاٺان ڏوهُ چڙهن، جِنَ ورقَ ورائِن وِترا.

( ۲۹ )

پڙهيو پڙهيجاهه، سبق اِنهيءَ سُور جو،
ميمِ رکجا مَن ۾، اَلِف تنهن آکياهه،
چِتا چور بجاهه، اِها لاتِ لَطيف چئي.

( ۳۰ )

آکَرَ پڙهه اَلِف جو، وَرق سڀ وِسارِ،
اندرُ تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

( ۳۱ )

ڪوڙين ڪتابَن ۾، حرف پڙهو ئي هيڪ،
جي تو نَظر نيڪ، ته بِسمِ اللهِ ئي بس ٿئي.

( ۳۲ )

جو اَلِف ڪان اوري ٿيو، اَلِفَ آهوئي آهه،
لوڪان تون لِڪاءِ، ته داخل ٿئين نه دال سين.

( ۳۳ )

جِئَن جِئَن وَرق ورائيين، تِئَن تِئَن ڏُنو ڏوهه،
تنهن ڪِهڙيءَ ڪِبو ڪوهه، جي رِهڙيءَ رهيو نه سپرِين.

( ۳۴ )

ڪوڙين ڪتابن پڙهين، جزون جانْ ڪي تانْ،
پهتيءَ رِيءَ پريانْ، سوڌي ساڃاهہ نہ ٿئي.

( ۳۵ )

ڪاتبَ، لکينْ جِنَ، لايو لامُ الفَ سين،
آسان سڄڻ تِنَ، رهيو آهي روح ۾.

( ۳۶ )

ڪوهُ ٿو ڪاڳرُ ڪورِين، ويٺو وِڃائين مَسُ،
ڏورِ ٽِڪائِين ڏَسُ، آکرَ جِتائينْ جَڙِيا.

( ۳۷ )

ٿِهڙا چالِيها نہ چالِيهہ، جِهڙو پَسڻ پِرينءَ جو،
کِهڙي ڪاتبَ، تون ڪرينْ، مٿي ننِ پيهہ،
جي ورق وارِين وِيهہ، تہ بہ آکرُ آهوئي هيڪڙو.

( ۳۸ )

شَهرَ ڏِسي سرهو ٿِيِين، ڏِٺي نہ بازار،
جو وَکَر وَکارنِ ۾، ڏِٺيو کهڙيءَ ڏارِ،
تون تِنينْ سين گهارِ، تہ لَهين لَکَ لطيف چئي.

( ۳۹ )

تَنَ ڪَنَدِي، مَنَ حِجرو، ڪِيمِ چاليهَا رَڪَ،
ڪه نه ٻُوجيو ٻوجهَين، آئيي ڀَهرَ آلڪَ،
تان تُون پاڻَ پرڪَ، سَيڪِنهن ڏانهن سامهون.

( ۴۰ )

سَيڪِنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌُ خالي ناهِ،
اَحَدا جي اَرَڪَ ٿيا، سي ڪاٿَر ڪِبا ڪاهِ،
مِحِب منجهين مَنَ ماهِ، مون آڃاڻندي اَجهيو.

وائي

وَتڙِيو هوت وِجنِ، وو! جهليان پليان، هِينڙو نه رَهي!

آءٌ جَنين جِي آهيان، ڪڙي مَ ٿيان تَنِ،
جهليان پليان، هِينڙو نه رهي!

ڳهورِيان ڳهٽين پِٽِين، سندي پاڇه، پِينِ،
جهليان پليان، هِينڙو نه رهي!

مَرِ مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪنِ،
جهليان پليان، هينڙو نه رهي!

آءٌ ميائي ڳهورِئي، جي سان مِحِب مِلنِ،
جهليان پليان، هينڙو نه رهي!

## وائي

وسارج م وينءِ، جوين ہ ٻي ڏينهڙا.

لوئيون سهڻِ لوڪ جا، وهائيءَ تيون وينءِ،
جوين ہ ٽي ڏينهڙا.

اَصلِ آسارِنِ جا، سٽيِ وِيڙا سِينءِ،
جوين ہ ٻي ڏينهڙا.

جيڏيون، جي مانُ وِسهو، نِنڊ م هيريو نيڻ،
جوين ہ ٻي ڏينهڙا.

راتڙيون جاڳنِ جي، سي آءٌ ڪنڌڙي سينءِ،
جوين ہ ٻي ڏينهڙا.

آڌيءَ راتِ آئي ڪري، جهلِ تون ننڊان نيڻ،
جوين ہ ٻي ڏينهڙا.

## داستان ڇهون

(١)

دانو ديِ ڏيون ڪري، رڪِنِ ڪونهي رنگ،
کهوڙيءِ هيٺ آڻنگ، ڪاهيو پاڪرئين هٿي.

( ٢ )

دانُودِي دَبون ڪري، رَڪنِ ڪونهي چيت،
گهوڙيءَ هيٺ سَچيت، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.

( ٣ )

اوقابيلَ! آڪين ۾، توکي باري بانَ،
آيءُ آڪرايون ڪرين، ماڪ هٽيو مستان،
جانِبَ تون زِيانَ، آڪين سين ايذا ڪرين.

( ٤ )

اوقابِيلَ آڪين ۾، توکي تِکا تيرَ،
ساڄنَ! اِنهي سِيگ سين، قَنيئي گهٽا فقيرَ،
پيو ۾ مارجِ ميرَ، تنهنجو پهريون ٿِي پورو ٿيو.

( ٥ )

اوقابيلَ آڪين ۾، تيرَ تِکا توکي،
ساڄنَ اِنهي سور جِي، ڪلَ نہ آ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي، چاڙهي لوھ لطيف چئي.

( ٦ )

اوقابيلَ آڪين سين، تِيرَ چلايا تو،
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نہ ٿئي.

( ٧ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سِپرَ رکَ،
مُنهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چِڱا چَکَ،
سوري پانءِ ۾ شڪ، عاشق ٿِيءَ تہ آئِين.

( ٨ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سِپرَ ڏيجِ،
مُنهن ۾ معشوقن جا، جهالو ٿِي جهليجِ،
پاهان ڀڳ ۾ ڏيجِ، عاشق ٿِيءَ تہ آئِين.

( ٩ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ نئِي ڏج سِينو،
ڪجي نہ ڪِينو، وِچِي در دوستن جي.

( ١٠ )

پائي ڪانَ ڪمانَ ۾، مِيان! مار ۾ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ٿِي توکي لڳي

( ١١ )

ڪيو چڏِين ڪانَ، هڏِ نہ هٽائين ٿا،
ٿيا جي نِيشانَ، تہ پهرئين سان پورا هٿا.

( ١٢ )

لوري جت لڳوم، آت اپوڻي آهيان،
سوره پرين سندوم، مان پاجهائي پيو هٽي.

( ١٣ )

محبت جي ميدان ۾، عاشق، ٿيءُ آچام،
سمهان سل سيد چئي، ڪنڌئي تير تمام،
ڪهج ڪوم ڪلام، جم دوسنئون دور ٿئين.

( ١٤ )

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پيان،
سر وڍڻ، ڏڙ ڌار ڌرڻ، اي سينگار سندان،
ڏيندا مون ڏتان، مٿا محبوبن لئي.

( ١٥ )

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگرين، متان ڪڇئين ڪٽ،
عشق نانگ نيٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٦ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو سالڪ م ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، دوسن آڳيان ڌر،
عشق نانگ آڀر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٧ )

محبت جي ميدان ۾، سِر جو ڪرم سانگ،
سوريءَ سپرين جي، چڙهه ته ٿئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏنِ ڪي پوي.

( ١٨ )

محبت جي ميدان ۾، ڪَڏي ڪوهُه ڪاهي،
چڏ آسانڪا ارواح جا، لاهوتي لاهي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏنِ ڪي پوي.

( ١٩ )

عشق نه آهي راندِ، جئن کيلنِ ٿا گهيرو،
جيءُ جسي ۽ جانِ جي، پڇي جو هيڪاند،
سِسي نيزي پاندِ، اچل ته به آڏ ٿئي.

## داستان ستون

( ١ )

عاشقنِ الله جي، محبت رکي منِ،
سندي سِڪ پرينِ، تن ۾ آهي تنِ جي.

( ٢ )

عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، تن ۾ اِها تات،
انهن ڪان ڪي سات، سڄڻ ويل نه وسري.

( ٣ )

عاشقن الله، ويروتار نه وسري،
آهر ڪريندي ساهه، ڪڏهن ويندو نڪري.

( ٤ )

عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيبائي هيڪڙي.

( ٥ )

عاشق ايئن نه هون، جئن تون سڄين اڳئين،
وڃي در دوستن جي، رت ڏيهائي رون،
پيئي ٻر ڪنهن نه پون، ماڪر محبوبن سين.

( ٦ )

جان عاشق مئي رت، تان دعوي ڪري ۾ نينهن جي
ساڻو منهن، سونهن وئي، سڪڻ اِيءَ شرط،
نه ڪي گوڏ گرت، متان سِر سؤدا ڪري.

( ٧ )

آچا تو منجهاءِ، ڪڪ ڇتي رت نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهليندين گهاءِ،
سو تون ڪچاڙئاءِ، سڪ جون سڌون ڪرين.

( ٨ )

سِڪ اِيءَ نه سِڌ، جئن لکيو لياڪا پائين،
پٺي پريان جي نه ٿئين، مٺي آڳڻ آڌ،
اِيءَ پڻ ڪوڙي سڌ، جئن ڪليو ڪايو سمهين.

( ٩ )

سڪ نه آهي سٿري، ڪن پروڙي پير،
ڪسڻ ڏاران ڪير، ڪري سڌ سڪ جي.

( ١٠ )

درد نه آٿي دل ۾، ته سڪ ڪر ۾ مڌ،
پٺي پريان جي نه ٿئين، آڳڻ مٺي آڌ،
اِيءَ تان ڪوڙي سڌ، جئن ڪليو ڪايو سمهين.

( ١١ )

سِڪ ۾ سوري، پٺي اڪر هيڪڙي،
وهڻ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
پنهين جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نه ٿئي.

(١٢)

جي ڪين سگھن سگھ، نات پسن سگھنديون،
پاسي تنين م لڳ، نينهن نه سڃاڻن جي.

(١٣)

جي لياڪا لوڪ جا، جانءِ جان سي نه لياءِ،
تان تان ٿئي نه ماءِ، ھورو پسڻ ھرين جو.

(١٤)

عاشق، معشوقن جي، وٺي ويھ ڪري،
جم وڙجي ڇڏين، سندي دوست دري!
ڏيندا ھڪي ھاجھ جي، ويندءِ ٿپ ٿري:
آسان تان نه سري، تو ڪئن سري سپرين؟

(١٥)

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويھج سير،
اچي پچندءِ پاڻهي، ھرتان پري پير،
پلائين جو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

(١٦)

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويھج در،
اچي پچندءِ سپرين، لهندءِ سر سير،
پلائيءَ جو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

( ١٧ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهه دڪان،
اڄ پيش پرين جي، ٻئي وڃهي پاڻ،
ته تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو.

( ١٨ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج گهٽ،
جم وڃي ڇڏين، موڪي مندو مٽ،
ڪري سر جي سٽ، پيئج ڪي پياليون.

( ١٩ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج رند،
پيارينده پاڻهي، ميخاني جو منڊ،
ڪيم ڪڍج تون ڪنڌ، اوڏو ٿي آن ڪي.

( ٢٠ )

عاشق جو ۾ آن ڪي، ۾ ڪي جو معشوق،
خالق جو ۾ خام تون، ۾ ڪي جو مخلوق،
سليج تنهن سلوڪ، جو ناقصيائي نڪيو.

## وائي

سُپرِيان جي سونهن جي، ڪالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوسن جي سوريءَ سِر هڄي،
عاشق آنکھن چڙهيا، پيو سيڪو پڄي،
پڄ پوءِ پريتڻون، پهرين سِر سڄي،
عاقِل ٿي اوچون ٿيا، پورو ڪين پڄي.

## داستان اٺون

( ۱ )

هر هر هرائي، وڃڻ درِ دوستن جي،
ٻاڙي ڏانهن پرينِ جي، آڄ م آوائي!
آلڙ تي م آچ تون، وائڙن وائِي،
لائِندءِ لطيف چئي، سوران سرهائِي،
ڪجهو ڪالهائي، پرتِ ونجي پاڻ ۸.

( ۲ )

جان جان ناهِ ضرور، تان تان ناهِ طبيب ڪو،
جه سو سرِيو سور، تہ ڪر وڃ درِ پيو.

( ٣ )

سور جنين کي سريو، سري تن صحت،
مٺي مصيبت، آهي عاشقن کي.

( ٤ )

سي ئي سور طبيب، جنين سورن سڄ کي،
جو لِکيو هٿ لطيف ڇپي، سوئي ڪن قريب،
جي لوازيا نصيب، دارونءَ سي درست ڪيا.

( ٥ )

جي پياري پاڻ، ته ڪرهو ئي پاٽي پيين،
آکي اِن نياڻ، اَڻ ڪوٺيو کون گهڙي.

( ٦ )

اَڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سچي جيهي سون، منهن نه پيئي ماڙهين.

( ٧ )

اَڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سا سهين ٿيي سون، آمر عطا جنهن جو.

( ٨ )

جيڪي ڏنائون، سو مان ڪن ڪندِ ٿيو،
سون کي ڇپائون، توکي اِنهي توک سين.

( ٩ )

جيڪي ڏنائون، سو سِرَ ڏيئي سهه چِندڙا!
مَ ڇئو ڇنائون، اِي پڻ ڳنڍيو سڄڻين.

( ١٠ )

جيڪي ڏنائون، سو سيونِي صِحتَ،
مَ ڇئو آزارَ آن کي، مَ ڪي مُصيبتَ،
ڪهڙي قَريبت، جو ڪونڻ پر پرينِ جي.

( ١١ )

چِننِ توءِ مَ چِنِ، هاءِ اَميري آنِ مين،
جي هو آوڳڻ ڪِنئي، اَسنهِين! تون ڳُڻائي ڳِنُ،
پاند جهليو تون پِنُ، هِنَ سَنهاري سگ ۾.

( ١٢ )

نَمي کَمِي نهار تون، ڏَمر وڏو ڏک،
مَنجها صبر سَک، جي سَنواريا! سَمجهين.

( ١٣ )

نَمي کَمي نهار تون، ڏَمَر ڏ ولائو،
ٺِيئي ساچائو، جي آپِيين اِنهِين پر تي.

( ١٤ )

ڏمو پاسو ڏک سين، ڪاند ڪٺوري هوءِ،
والله مع الصابرين، آگو ايهين چوءِ.

( ١٥ )

ڪم! ڪمندن ڪنيو، هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

( ١٦ )

ڪمندڙن گهر کين، چوندڙ چگا نہ ٿيا،
ويٺئون ويڌ پئي، هٿ نہ اچي کين.

( ١٧ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان وراڻي،
آڳه آڳراڻي جو ڪري، خطا سو کائي،
ٻاند ۾ ٻائي، ويو ڪيني وارو کين کي.

( ١٨ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان وراڻي وڻ،
سيني سين سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
ڪاندِ وڏائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي.

( ١٩ )

ڪنين کين پرائيو، ڪيني منجهان کين،
جي هو سڻائي سيگ، تہ زهہ چئي جوکو ٿئي.

( ٢٠ )

سڀئي وِڙ ڪنن سين، ورائج ۾ وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِيءَ ڳري،
تن سڀئي ساهه سري، جن ماريو نفس ماٺ سين.

( ٢١ )

چوندن ڪيم چئيج، وِڙ ورائي سامهون،
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر ڪي ڏيج،
وِڙ ۾ ورائيج، ته سڀ درِ سهاڳي ٿئين.

( ٢٢ )

اَڻ چوندن ۾ جئو، چوندن جيو وسار،
آڻ ئي پهر ادب سين، پرِ اِهائي پار،
ڀايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي سنجهه وِهار، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.

( ٢٣ )

ڪيئن مائيندا من ۾، خودي ۽ خداءِ،
ٻنِ ترازين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!

( ٢٤ )

جنين سنديءَ ٻوڏ ۾، پتو پتين جيءَ،
تون! تنين سين ٻيءَ، اوڏا آڏي پڪڙا.

( ٢٥ )

ويٺي جَنين وَٽِ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئِي سَٽِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

( ٢٦ )

ويٺي جَنين وَٽِ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين کٽِ، اوڏا آڏي ہڪڙا.

وائي

يار سڄڻ جي فِراق، ڙي جيڏيون آئون ماري!
در دوسنِ جي ڪئين جو هوندا، مون جيها مشتاق،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
جاني ڪاني محبوبن جي، آهِ حسن جي هاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
سرمو سهِي ڪر آکين جو، خاص پِريان جي خاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!

داستان ٻيون

( ١ )

پُتنگن پُهہ ڪيو، مِڙيا مٿي مچ،
ڀِسي لهس نہ لِچيا، مڙيا مٿي سچ،
سندا ڪِچين ڪچ، ويچارنِ وِڃائيا.

( ٢ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، پسي سچ م سوڙ،
سهائي سپرين جي، گهڙ ته نيين گهوٽ،
آجا تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهين.

( ٣ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته ڇيري پئو جاڻي،
تان تان تائج توڏي، جان آڳ نه اجهائي،
وسهه وهائي، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٤ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته آچي آڳ اجهاءِ،
پڇڻ گهڻا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٥ )

پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آئيو وجهڻ آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي،
ڇيري جنهين جي، لڳا نيزا نيهن جا.

( ٦ )

پري پتنگ آئيا، سِري وٽ ساهي،
آچي پيا آڳ ۾، ڪڏي سي ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٺان ڪوري وچ ۾.

( ٧ )

پري پتنگ آئيا، سِري سهائي جهل،
ڪندا ڪنڌ آچل، متو ڏيندا مچ ڪي.

( ٨ )

پري پتنگ آئيا، متي مچ مڙي،
ويندا تان نہ ڦري، متو ڏيندا مچ ڪي.

# ڪنيات

## داستان پهريون

( ۱ )

پلائيءَ جا پير، پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي،
اڳرِ آڱندين جي، ڏي باھڙي پير،
قمر ٻاڙي ڪير، شمس سهڻين سين.

( ۲ )

پلائي آهين، پرين پلائيءَ پانهنجي،
سباجها سِر چڙهيو، ڏوراهو نہ ڏينِ،
مان ڏي مديون تِين، سڄڻ سچاين ۾.

( ۳ )

هت تو ٻڌين پرينءَ کي، تون چند آهوئي،
آڏت ڇيڄ اَن کي، ڏيانءَ جو روئي،
هيڪانديءَ هوئي، سانگ ۾ ٻوي سڄڻين.

( ٤ )

مَر هيڪاندا هُونِ پِرينَ، سانگ ۾ وَڃِنِ سيڻَ،
رَهيا آهِين رُوحَ ۾، نِتَ جِنِين جا نيڻَ،
وِماسِيا جِنِ وِيڻَ، تو تارِيءَ تَکِي تَنِ هينئُون.

( ٥ )

کِلان تان ڪامِي هِينئُون، رُوئان تان راندِ،
آڪَڙِيُون وِيسالِ، پِرينءَ گَڏِجي ڪَندِيُون.

( ٦ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئين، پَٽِين وَڏو پَنڌ،
هَلندي حَبِيبَنِ ڏي، ڪَرَها مُوڙ ۾ ڪَنڌ،
پَنڌڻ سُونِي پَنڌ، جو پَهچائِي پِرينَ کي.

( ٧ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئين، پائِي گهَرجي پَلَ،
آهَر ۾ ايلاچِيُون، چَندَنَ چَرِي چَلَ،
مُون تو سين ڳالهڙِي، پِئي ڪَنهِين ۾ سَلَ،
هاهَر ڪَندو هَلَ، تہ کِجايُون کَرنِ کي.

(٨)

راتِ سهائي، پُون مَنڻين، پِرت نَئين، هَنڌ پورِ،
مَيا! مَحبوبِن جي، هَلي وانُ حضورِ،
جي چِڙڪنِ چِتَ ۾، سي ڪَئِن سَجڻ ڏورِ،
اللهُ لَگِ آسورِ، آتان ٿي نِي آءُ تون.

(٩)

آج پَڻ آچائي، چوڏهينءَ ماه چَنڊ جي،
مَون گهرِ مون پِرينِ جي، آچڻ جي وائي،
مَون گهرِ واڌائي، هِيئي ڪامُ ڪَرن ۾.

(١٠)

آج پَڻ آمارو، چوڏهينءَ ماهَ چَنڊ جو،
مَون گهرِ مون پِرينِ جي، آچڻ جو وارو،
سَجڻ سويارو، پيچ پِنِيءَ گهرِ آئيو.

(١١)

چوڏهينءَ چَنڊ آيِريو، آوَٽيه اِسيسِ عامِ،
مَٿِس ناهِ مَلامَ، جيکِين هيِين هِچ سو.

( ١٢ )

چوڏهينءَ چنڊ تون اڀرين، مهسين ڪرين سينگار،
ملڪ ڀريان جي نه اڀرين، جي جيلن ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ چمار، تهڙو ڏم دوست جو.

( ١٣ )

مهسين سڄڻ اڀري، چوراسي چنڊن،
بالله، ري ڀرين، سڀ اونداهي پائنيان.

( ١٤ )

چنڊا تنهنجي ذات، پاڙيان تان نه پرين سين،
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

( ١٥ )

چنڊا ڇنائي تنهنجي، سياهيءَ ۾ مون،
لايان لال لڳن کي، چندن پري پون،
ڪوماڻو ڪپور، مون واجهائيندي پرينءَ کي.

( ١٦ )

چنڊ لکيني منڊ، سنجهيئي سيخ ٿيين،
ڪري اونداهي آنڊ، ته ملان محبوبن کي.

( ١٧ )

چنڊا چئين حق، جي وڙهين جي وچرئين،

ٻه آکيون ٽيو نڪ، تو ۾ ناهه پيشاني پرينءَ جي.

( ١٨ )

چنڊ چئين سچ، جي مٿيين نه پائيين،

ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڪچ،

سنهن ۾ پرڀي مچ، تو ۾ ناهه پيشاني پرينءَ جي.

( ١٩ )

ڪٿي نين خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،

سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،

تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،

جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

( ٢٠ )

اونداهيءَ آڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،

چنڊ ڪتن سان، پيهي ويو پڙلاو ۾.

( ٢١ )

تارا تيليءَ روءِ، لڏا لالن اڀرئين،

جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سجڻين.

( ٢٢ )

تو ڏانهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين،

سڄڻ جيڏاهين، تون تيڏاهين آيرئين.

( ٢٣ )

هن تاري، هن هيٺ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماکيءَ ميٺ، ڪوڙا تين نہ ڪڏهين.

( ٢٤ )

هن تاري، هن هنڌ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماکيءَ منڌ، ڪوڙا تين نہ ڪڏهين.

( ٢٥ )

هن تاري هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماکيءَ ساءِ، ڪوڙا تين نہ ڪڏهين.

( ٢٦ )

تارا، تر، ترو ڪٽيون، ستن ڦلڙيون،

ڪوءِ! سي راتڙيون، جي مون پرينءَ پڄاڻان پيئيون.

وائي

جيڏيون! هيءَ ضرور، آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

سکهو ساعت نہ جندڙو، آئي پهر ملور،

آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

مَن ۾ مشتاقن جي، ساڄن! تنهنجو سور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.
پرين آءٌ نہ پهتي، ڏيہ پريان جو ڏور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.
وڃي ويل سيڪهين، هينئڙو پرينءَ حضور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

## وائي

(٢)

اڱڻ آيم ڪيهي، يا آلا! مون سارينديءَ سپرين.
مشڪ عطر مون پرين، سڪيس جم سيڄي،
يا آلا! مون سارينديءَ سپرين.
تون جنين جو طالبو، روح تنين سين ريهي،
يا آلا! مون سارينديءَ سپرين.
ساڄن سنديءَ مولهن جي، آءٌ ڳالهہ ڪريان ڪيهي؟
يا آلا! مون سارينديءَ سپرين.
تيو لطف، لطيف چئي، دوس آيو در ڪيهي،
يا آلا! مون سارينديءَ سپرين.

## وائي

( ٣ )

وهلي وڻءَ م وِهامِي، رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

شمع ٻيندِيس شب م، اِن خوشِيءَ کان کامي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

بابوڻن منديءَ باهِ جِئن، پران شال اُجهامِي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

پِرتِ جا پيتم جِي، سا ڪِين پروڙي عامِي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

مون کي مون پِرِين جو، آهي دردُ دوامِي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

هو جو لنؤن، لطيف چئي، مون کي آهِ مدامِي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

روشن ٿيا رجڻ م، جي هئان لنؤن اِنهين لامِي،

رهہ راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

ڪاري ما ڦيام ميٺين، هوت جنهن جو حامي،
ره راتِ، رائيندِيس ٻرِينءَ ڪني.
آيم تنهن لوڪ سين، جيسين مان چون سوامي،
ره راتِ، رائيندِيس ٻرِينءَ ڪي.

## داستان ٻيو

( ۱ )

ناسيندي نگاهه، ٻهرين ڪِج ٻرين ڏي،
آحوال عاجزنِ جا، آڪِج لڳ آلله،
روز نِهارنِ راه، اکيون اوهان جي آسري.

( ۲ )

ناسيندي نظر، ٻهرين ڪِج ٻرِينِ ڏي،
قمر ڪهج قرِيب ڪي، نست آءَ نپر،
ٻِي پيٺِي ناهِم پر، آڪيون اوهان جي آسري.

( ۳ )

ناسِيندي نِرتِ، ٻهرين ڪِج ٻرينِ ڏي،
قمر ڪهج قريب ڪي، ساري ساڻ سرتِ،
پِيو پرو سو نه پِتِ، آڪِيون اوهان جي آسرِي.

( ٤ )

نا سيندي نهار، پهرين ڪِج پرين ڏي،
آءٌ جي ڏئين سنيها، چئج چنڊ آهار،
ساجن! سڀ چمار، آکيون اوهان جي آسري.

( ٥ )

چڱا چنڊ! چئيج، سنيها کي سڄڻين،
متان آگڙ آيري، پرين جي پئيج،
جهيٽون ڳالهائيج، پيرين وجهي هٿڙا.

( ٦ )

آءٌ جي ڏيئين سنيها، سي تون چنڊ! پل ۽ پنڌ،
چئج حال حبيب کي، نئي نوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏاهين پنڌ، جيڏانهه عالم آسرو.

( ٧ )

اُپر چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور،
پيرين آءٌ نه پڄئي، پاپل ڏئي نه پور،
جنهن تي چڙهي آسور، سنجهي سڄڻ سيئيان.

( ٨ )

آءُ آکنديائي مران، پرين پلا، پر ڏور،
بابل ڏئي نہ ہور، ہنڌ نہ جوکي پيڙي.

( ٩ )

ڏئي! کريندين کڏهين، حياتيءَ هيڪاندِ؟
من ۾ مشتاقن جي، کي رنجائي راندِ،
پرين ڏيساندر پاندِ، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١٠ )

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير؟
آڇي لالن نہ ڏيهن، متي ہلنگن ہير؟
ٿي وروهڻ وير، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١١ )

وڏڙو ۾ واءُ، ڪرهي ڪاڏو کوڙيو،
کوءِ! بن! پلاٽيان، اولاٽيو نہ آئيي.

( ١٢ )

پلاٽيان پيو، اولاٽيو نہ آئيي،
جيڏانهن وڪ ويو، اپو ترسي اوڏهين.

( ١٣ )

ڪرھو نہ ڪي ڪانَ، پيرين آءٌ نہ پڄنِي،
جو سون رات رساڻي، نيئي ساجن ساڻ،
سون نہ وھيڻو پاڻ! ويئي نيڻ نچوئيان.

( ١٤ )

ڪرھا! ڪسر چِڏِ، وڪون وجھہ وڌنديون،
ھيڪر حبيبن سان، مون ڪي نيئي ڳڏِ،
مچڻ پونئي ھڏِ، آھون آڪنڍين جون.

( ١٥ )

ڪرھا! ڪسر چڏِ، وِک وڌندي پاءِ،
منھنجو ھلڻ آتھين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، پيو وِک لائي ڪاءِ،
ايھين آتُ! اتاءِ، جئن ھونديءَ رات ھت مڙون.

( ١٦ )

ڪسر چڏ ڪنوات، وڪون وجھہ وڌنديون،
سنئين سپيرين جي، وِنگي ياڻءَ م واتَ،
چڏ جھوري، ڏي جھاتَ، تہ ھونديءَ رات ھت مڙون.

( ١٧ )

ڪَرها، ڪَرَ مَڇاڻ، پيئڪو ۽ پانهنجو،
اَصل آهي آنهنجو، ناليرو نِڏاڻ،
ڪَرها، اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪِچ چگائيون.

( ١٨ )

مَيا، مَچ مِنَت، آج مَنهنجِي ڪَرها،
جهاڳِيندي جر پَئيون، تَتان ڪَرئين ڪَٽ،
سِپيرِيان جي سَٽ، سون ڪي نيئِي ميڙئين.

( ١٩ )

چندن جا چوپا ڪري، چري نہ مصريءَ منگ،
آ ڪِين مٿي آنگ، مِيي ڪي محبوب جا.

( ٢٠ )

آئي ٻَڌم وَڻَ جاءِ، مانَ مَڪريون چري،
ڪَڏاتورو ڪَرهو، لِڪيو لائي ڪاءِ،
اِن سِيي سندِي ماءِ، سون ڳالهڙِين ڳوڙها ڪِيا.

( ٢١ )

چانگا چندن نہ چرين، سَيا پيين نہ موڪ،
آگَر اوڏو نہ وَجين، تَڪيو چڏيين توڪ،
لائي وِچان لوڪ، تو کِهڙي آ ڪر آنڙي.

( ٢٢ )

ڳلِ ڳانا ياقوت جا، موتينِ ڳتيس مال،
ڪنڍيءَ جي ڪرھا، ھيڏي ھائين حال،
چندنِ چاريئين جال، جي مون رات رسائين.

( ٢٣ )

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجھ مھار،
چانگا چندن چاريئين، آئي ٿي پھر آھار،
سنديءَ ڀيءَ پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٤ )

ميا! تو مھار، سڄي پايان مون جي،
چاريئين چندنِ چوٽيون، نايو سينديءَ ذار،
سنديءَ ڀيءَ پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٥ )

آتَ نہ وڃي وڪ سين، چري نہ لاٿون،
ميي ڪي مجاز جو، توھي ۾ ٿاٿون،
پناري پاٿون، مرندي سينءَ نہ ميو.

( ٢٦ )

آتَ نه وڃي وڳ سين، چري نه چانگو،
لڳيس ناڪ نينهن جي، نهوڙيو نانگو،
ڇڏي سِر سانگو، رڙهي رندِ پرينءِ جي.

( ٢٧ )

ويهي منجهين وڳ، ڪٺوريءَ ڏار چري،
ماءُ! منهنجي ڪرهي، پڌر پڳ نه لڳ،
جڳ سين جهڙو جڳ، هيٺئين سين هٿ چري.

( ٢٨ )

پور نه چري پور، ڇڏيو تور تڪون ڪري،
مونين هٿي موتيو، ڪرهو رات ڪپور،
ميو ٽيو مخمور، چندنُ چڪي آئيو.

( ٢٩ )

آڄ نه آڪيءَ ڏار، ڪرهو جئن ڪالهه هئو،
اڳ آيو نه ڪري، ٻاهوري ٻچار،
جيڪس منجهه قطار، ڪا ولِ چنائين وهه جي.

( ٣٠ )

مِيِي ماڪائِي، وِڏو واتِ وِلينِ ڪِي،
خبر نِي ڪيتَ ڏِئِنِ ڪي، وِڏوٽا واهِي،
ڪَرهِي ڪاڪِتَ چِڏِيِي، وَرِيس نہ وائِي،
چانگِي چِرِيائِي، ويٺِي ويچاري وسري.

( ٣١ )

مِنيون لهِي مهاءِ، جي تو چانگا چِنيون،
ولڙِيون وِهِ ساءِ، آچا تو مهنديون.

( ٣٢ )

نو نيرَ، ڏه ڏاوٽيون، ٻِڌرهن ٻِندَ ٻِياسِ،
جِڏهن سجڻ يادِ ٻِياسِ، چِرڪَ چِنايِئين هيڪڙي.

( ٣٣ )

نو نيرَ ٻائِي، جانَ مون هِيڪڙو جهليو،
وِنڙو چِنائِي، ٻوئِينءَ رات پِرِينَ ڏي.

( ٣٤ )

ڪائِي نہ ڪَنٽهارَ، چِندنَ جا چَوپا ڪري،
آڪر اوڏو نہ وَڃي، سَر ڪنڌَ لَهي نہ سارَ،
لائِي جيءَ لغارَ، ميو متارو ڪيو.

( ٣٥ )

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪُن پنهولئين ڪرها،
اڪين مٿي آڪيا، ٻڙ ۽ پير ڳناءِ،
وَڪ ڪي وِسرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽي وهين.

( ٣٦ )

وٽي سيٽ سوٽ، پاءِ پنهنجي ڪرهي،
وليون واس ورنيون، ٻهريون مٿي ٻٽ،
چانگي چکي چٽ، ته پوءِ نه رهندو پيندَ ري.

( ٣٧ )

ڪين جو ڪيڏاهين، چانگو چکي آئيو.
تاتيو تيڏاهين، نيٽ چنايو نڪري.

( ٣٨ )

ڪرهي ڪي ڪئين، وڌم پيندَ پلڻ جا،
ليڙو لائيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي چِت ۾، صاحب وجهه سنئين،
اوباهيوس آئين، لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ٣٩ )

ڪرھا توکي ڪام، مون سچو پسي سڄيي،
مان پروڙي مام، ماڳاھي سنئين وھين.

( ٤٠ )

آئي آڙائينس، چڏيو ته چيڪ ٿيو،
ڪارايان، ڪڙيو وڃي، ٻلاٽي ٻائينس،
ڏاوڻ تنھن ڏائينس، جنھن چري ۾ چنگھي پٽو.

( ٤١ )

دو دستي، دو پير، سيني سنگھر رڪ جي،
ماءُ! منھنجي ڪرھي، تازي قلن ھير،
تنھن ڪامڻ ڪندي ڪير، جو منھين وٽ مس رھي

( ٤٢ )

ڪنيانڙي ترڙ وري، آيي ترڙ واجھاءِ،
مان آڇھون ڪاءِ، سواڏائي سڄٽين.

( ٤٣ )

چانگي چٽي چڪياس مٽاءِ آڪ نه آلھي،
جنھن ول ڪھٽا وھاٽيا، آن سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پچي ھوج پياس،
راڙي رت ڪياس، ھن ڪڌاتوري ڪرھي.

(٤٤)

جِتان ڪوڙِ ٻ ڪاتيون، پنجين لِکين ٻاءِ،
ميو تِنهن ماڪاءِ، ڏيهاڙي ڏار چري.

(٤٥)

جِتان ڪوڙِ ٻ ڪاتيون، پنجين لِکين ٻن،
تِتان چاٽي چڪيون، ميي رتو من،
تِنهن وِلِ سندو هن، ڪوماڻو ڪوڙين لهي.

(٤٦)

لَک لاکيتو ڪَرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪِڏوم،
آڱڻِ سونهن ٿيوم، ملهه مهانگو م چئو.

(٤٧)

لَک لاکيتو ڪَرهو، ڪوڙين ڏيئي چوڙ،
اِها مت سيد چئي، جنهين تنهين جوڙ،
ترت رساڻي تؤڙ، جه پلاڻيو ته پرينءَ ميڙي.

(٤٨)

لَک لاکيتو ڪَرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهِ،
ايلاچيون آهر ۾، هوج سيي ڪي ٻاءِ،
ڪَتَ نه ڪندو ڪاءِ، جه پلاڻيو ته پرينءَ ميڙي.

## وائي

( ١ )

آهيان ڪالهڙيون، ماءُ مرادون پريءَ سين.
جي مان پيئون پريءَ ري، ڪوءِ! سي راتڙيون،
ماءُ مرادون پريءَ سين.
جي مان اوريون پريءَ سين، ور سي راتڙيون،
ماءُ مرادون پريءَ سين.
پسڻ ڪارڻ پريءَ جي، ہاتيم جهاتڙيون،
ماءُ مرادون پريءَ سين.
آديءَ، عبداللطيف چئي، ڪُهڻ ڪاتڙيون،
ماءُ مرادون پريءَ سين.

## وائي

( ٢ )

سَڏين سيڻ نہ هونِ، نينهن نياپي نہ ٿئي،
ڪاريءَ رات رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رونِ،
نينهن نياپي نہ ٿئي.

سونُ جنين مِهٽون، پرڙ تي سيڙي پونِ،
نينهن نياپي نه ٿِئي.
جن مسافر سپرين، سي مَر رويو رونِ،
نينهن نياپي نه ٿِئي.

## وائي

( ٣ )

توڻي تڙپين تون، يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!
مون کي سو مشاهدو، جي منهن نه ڏئين سون،
يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!
سون پيا دَر گهڻا نِهاريا، آهِين تونهين تون،
يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!

# سورٺ

## داستان پهريون

( ١ )

الله جي آس ڪري، هليو هٿائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
وينتي واحد در، تنهن دم ڪيائين،
”سهاجها سائين! راءُ ريجهائين راڳ سين.“

( ٢ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاجڪ آيو جت، سر جيون صدائون هٿ.

( ٣ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هيءُ،
مال نه مڱي مڱڻون، جاجڪ گهري جيءُ،
”وڍ، وهلو ٿيءُ، ساعت صبر نه سهان.“

( ٤ )

"پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هون،
اونچو تون عرش تي، آءٌ پورو مٿي پون،
ڪِڻ تسندين تون، هيءُ سِر سوالي مڱڻون."

( ٥ )

"پرديسان پنڌ ڪري، آيس آڳاهينءَ ماءِ،
جي وِهائيءَ ويرم ٿئي، تہ مون هينئڙي هلاءِ،
سونهارا سورٺِ وَر، ڳالهہ هينئين سين لاءِ،
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وِيان وِيرين آئيو."

( ٦ )

"پرديسان پنڌ ڪري، سٽي آيس شان،
مڱان ڪهڙيءَ مت سين، نسورو نادان،
سو ڪو ڏِياريِن ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري."

( ٧ )

"سرديءَ سالم نہ رهان، گرميءَ ٿيان گداز،
آمن ڏيج آمان تون، سائل هٿي ساز،
ربابيءَ کي راز، خالص ڏيجِ خليل جو."

( ٨ )

”سر ڏيئي سالم نہ رهان، ڪوسي سهان ڪان،
اَمَنَ ڏيج آسان تون، دور ڪري پيا ڏان،
پانڌيپ! ڪائي ٻان، وجهج ٻڪ پينار تي.“

( ٩ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، جاچڪ وٺي جيءَ،
ڪنا ’نارُ حاميہ‘، هاڻ بچائج هيءَ،
والي ڏيارئي ويءَ، جت آهِ ’جنات عدن‘.“

( ١٠ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، هڙو وٺي حال،
آونائيج عليل جو، سپاجها! سوال،
آڳِ مٿي آنهنجي، کهي ڪي قوال،
ڀلا! ڪري ڀال، اَمَنَ ڏيو آن کي.“

( ١١ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، پيا دَر ڪري ڏور،
سائل ٿو سين هٿي، هردم آن حضور،
ڀيو نہ مڱي مور، اَمَنَ ڏيو آن کي.“

(۱۲)

”تو دَرِ آيس راڄيا، ٻيا دَر دورِ ڪري،
دولهہ تو دربار ۾، آيس ٻير ٻري،
مڱڻ آئون نہ مال جو، منهنجو ٻنڌ ٻري،
وري ڪين وري، مٿي ڏاران مڱڻ.“

(۱۳)

”تو دَرِ آيس راڄيا، ٻيا دَر ڏٺي ٻنِ،
ڪهان جو ڪماچ سين، سو سڻ سڀاجهي ڪنّ،
جا مَڱَ سنهنجي منّ، سا توکي معلوم سيڪا.“

(۱۴)

”ٻيا دَر ڏٺي ٻنِ، آيس تنهنجي دَرِ،
سونهارا سورٺ ورِ، ڪا سنهنجي ڪرِ،
ٻلا! ٻيري ٻرِ، ٻالهو پاند پينار جو.“

وائي

تنهنجيءَ تند تنوار، يارا! سون سن موهيو.
ملهي آئيس مڱڻ، گجي ۾ گرنار،
يارا! سون سن سوهيو.

سِرَ جي صَدا ڇڏِ تون، ڏِيانءِ ڏيج آپار،
يارا! مُون مَن موهيو.
دانَ ڏِيانءِ ڏهرا، هزارين هزار،
يارا! مُون مَن موهيو.

## داستان پيو

(١)

جاچڪ جهونا ڳَڙهه ۾، ڪو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪيڏي ڪينرو، وڃي وڄائيو،
شهر سڄوئي سر مين، تندن تپايو،
دايون دِرِ مانديون ٿيون، پاڻ پاڙايو،
پيچل پولايو، ته آهيان موالي سِرَ جو.

(٢)

ساري رات صاحب کي، ڳڙهه پر ڳايائين،
آنس مائِڪ مينهن جڳن، هٿ نه چتائين،
تي لائِق لڏائين، جِڱن هو ميراثي مڱڻون.

( ٣ )

نرتي تند نياز سين، ڀيجل ڀرائي،
راڳا رتولن ۾ ورنائي وائي،
ڪوتاياڻين ڪوٽ ۾، ڀارت ڀاڄهائي،
راڳا، راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيا.

( ٤ )

نرتي تند نياز سين، ڀرائي ڀيجل،
راڳا رتولن ۾، آونائي آمل،
راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاريءَ مهل،
'انا احمد بلا ميم'، سين هنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن ڀيئي ڪل، ته هردوئي هيڪ ٿيا.

( ٥ )

ڪنين ڪنين ماڙهئين، ڀئي ڪل ڪائي،
رسيا جي رمز ڪي، تن پارسي پائي،
'الانسان سري و انا سره'، ورتي ايءَ وائي،
راڳا، راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيا.

( ٦ )

راڄا رنگ محل ۾، جاڄڪ سِر زمين،
جا هئائين هٿنِ سين، سا سڀ بالا بين،
جت اَچڻ نه آردابيگيون، آتِ ڪوٺايو آمين،
"تازي ڏيوس تکڙو، جوهر پائي زين،"
پيو مڱي ڪين، ڏاران سِر سيد چئي.

( ٧ )

راڄا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪاريا مڱڻي، طرح تنبي کي تان،
"مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪان،
ڪارڻ رب رحمان، سِر وڏي، سلطان ڏي."

( ٨ )

سِر جي هڻائين هليو، چارڻ چتائي،
مو سوڙا جهلي نه مالِ جا، تو ماڻڪ موٽائي،
"تو دَرِ آيس تي، جئن تو ناهِ نه سِکيو."

( ٩ )

"ھاڻي ھت ڪٽان، مون تان مور نہ مڱيو،
تازي طبيلن ۾، گھوڙا گھر گھٽان،
ھاڻي ڪارڻ ھيڪڙي، آءٌ ڪا تند ھٽان؟
جا مٽي تو مٽيان، تنھن سر جو آھيان سيڪڙو."

( ١٠ )

"جي سيراڻي مڱٽان، آئون پٽ منجھان تن،
ڪين ڪہ منھنجي ڪن، اُرٽ منجھاران آن جي."

( ١١ )

"ڪا جا ڪالھہ ڪري، پيجلٽا پڏاءِ مون،
پيئين جئن ڪرنار ۾، تندن تان ڪري،
ڪ تو پند پري، ڪ مڱ جھليندين مڱٽان!"

( ١٢ )

"مڱ نہ جھليان مورھين، نہ مون پند پري،
ڪٽي آيس ڪالھڙي، ڪجھي تو ڪري،
سا سمجھج، سورٽ ور، ويندس ڪين وري،
پريان پير پري، تو لئي آئيو آھيان."

( ١٣ )

مڱ نہ تسي مڱڻون، نہ ملڪ، نہ مال،
ڏانئڻون ڏور ٿئي، ڪا جا ڪَنِسِ ڳالهہ،
آهي اِنَ خيال، تہ ڏيئي ٿيان ڏاتار سين.

( ١٤ )

سرَ مڱي، سرَ گهري، سر ري ٿئي نہ صلاح،
غريبڻون نہ ڳڌري، تو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪڍي ساهہ،
خالق سنجهہ صباح، ڪون ڇڏيندو ڪٿهين.

( ١٥ )

موٽي، مڱڻهار! شال م آچين ڪڏهين؛
آئي پهر اجل جو، ڪنهن و منجهہ ڪپار،
جنهين تو سي چمار، هنيا ڇٽ ڇنن سين.

وائي

ڏنو راءِ ڏياچ، هيءُ سر صاحب تان صدقو.
ڇڏي هليو هتهين، راڻيون، پنهنجا راڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو.

آگهيو در الله جي، ڪوڙين هنس ڪاج،
هيءَ سر صاحب تان صدقو.
مگي وتو مگٽي، ڪهي ساڻ ڪماچ،
هيءَ سر صاحب تان صدقو.

## داستان ٽيون

(١)

ڪين جو ٻيجل ٻوليو، پنيءَ ويهي پان،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
"آءٌ مڱڻهار، مڱتان! مقابل ميدان،
گهوريان لک، لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
متو هيءَ مزمان، هلي آءٌ ته هت ڏيئين."

(٢)

آءٌ مڱڻهار مڱتان، چڙهي ۾ جوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راجا منجهه رتول،
ٻيجل توسين ٻول، وهائيءَ وڻ جي.

( ٣ )

محلين آيو مڱڻون، ساز ڪٺي سرندو،
سر جي صدا سر ۾، گهور ڪٺي گهرندو،
سٺي ريءَ سلوڪ جي، چارڻ نه چرندو،
جهوناڳڙه جهرندو، پوندي جهانءَ جهروڪ ۾.

( ٤ )

محلين آيو مڱڻون، ڪٺي ساز سري،
لڳي تند تنبير جي، ٻيا ڪوٽ ڪري،
ڪنڌين ماڪين هوءَ ٿي، تنهنجي، ٻيجل! دانهن ٻري،
جهوناڳڙه جهري، پوندي جهانءَ جهروڪ ۾.

( ٥ )

ڏاتار ۾ مڱڻي، ڪرڻ وسيلو وڄ،
ساڻي تال تندن جي، ساڻي چارڻ چت،
جي هتي، جي هت، ته ڪالهه ٻڙياڻي هيڪڙي.

( ٦ )

”جاچڪ! تو جهار، ڏه ٻيرا ڏياچ ڇني،
جنهن ۾ سال نه سريءَ جيترو، تنهن تون طمعدار،
جي آچيني ڪم ڪپار، ته ويه ٻيرا ودي ڏيئين.“

(۷)

"ہيلي ہئي ہار، جان سون ٻيڻ هٽي اُهاريا،
چوري رکيم چت ۾، ڏِسين جا ڏاتار،
هيءَ سر توهان ڌار، ٻيجي کنهن نہ ٻوليو."

(۸)

"سو جيءَ، مڱڻهارا! م هوءِ، جنهن تو مٿي سِر سٺو ڪيو،
جو سون مل سور نہ سپجي، تان جي سو ڳهريوءِ،
تہ جڳان جڳ ڏِنوءِ، ڏونڱو ڏاتارن کي."

(۹)

"مٿو مٿائِن گهوريان، مٿو تو مٿان،
سو سون ٿئي نہ هٿان، جنهن تون لائق، مڱڻان."

(۱۰)

"مٿو مٿائِن گهوريان، مٿو تو مٿاءِ،
هڏو هيءَ هٿ ڪري، جاجڪ وهلو جاءِ،
تون سين آنيراءِ، جم واچا ۾ ولهو وهين."

(۱۱)

"سؤ سِرن ہائي، جي تند برابر توريان،
اَئل اوڏاهين ٿئي، جيڏالهن ٻيجل ہرائي،
سڪٺون هڏ آهي، سر ۾ سچهِ ناهِ ڪين."

( ١٢ )

"مٿي آئي سنهنجي، جي هٿا سِرن سو هزار،
تہ تنهنجيءَ تند تنوار، هرهر وڏيرِ هيڪڙو."

( ١٣ )

"مٿي آئي سنهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ واريو واريو وڏيان، سڀيءَ ڪي سو وار،
تہ پڻ تند تنوار، مونهان مٿائون، مڱڻان!"

( ١٤ )

"جو تو ڏين، ڏياچ! لاهيو اِي سِر سيڪو ڏي،
ڪينَ ناهِ جهڙو ڏي، جو سند ٿئي سوالين."

( ١٥ )

"ڏين گهڻون ڏهلو، سڀي ڏين سڪ،
سو تان، ڏياچ! ڏک، جو تعلق وڪي تند سين."

( ١٦ )

"جو تعلق وڪي تند سين، سو ڪين پلئو پاءِ،
سون ڪي م موٽاءِ، آنءُ آڪاهون آئيو."

( ١٧ )

هيئي هاٿ پر ٿيو، سندو جاڏم جود،
"مگَ وهائيءَ، مڱڻان! مٿو هير موجود،
باڪ آهي بود، ناڪسيءَ نابود م."

( ١٨ )

چارڻ چنگ کلھي ڪري، رمي رھيو رات،
صدا جي سيد چئي، وائي ڪيائين وات،
ڏيھ ڏنا تنھن ذات، سين منگتار کي.

( ١٩ )

چارڻ چنگ کلھي ڪري، پير ڀري پاتا،
صدا جي، سيد چئي، وائي ڪيائين واتا،
تنھن تي راڄ راضي ٿيو، ڏِل وڏي داتا،
مرڪي مر ماتا، روڙي راءِ ڏياچ جي.

وائي

مئو ھو گنھگار، يار! ڏانءَ ڏيندو سئين، منگتان!
جاچڪ! جھونا ڳڙه ھو، ھل تہ ٿيھون پار،
ڏانءَ ڏيندو سئين، منگتان!
متان ڪا منھنجي ڪرين، ڳلا جي گفتار،
ڏانءَ ڏيندو سئين، منگتان!
مٿي آتي منھنجي، جي ھون سر ھزار،
ڏانءَ ڏيندو سئين، منگتان!

هر هر وڏيان هيڪڙو، تنهنجيءَ تند تنوار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!
لڇيندي نو لاهيان، ڪينهي منجهه ڪپار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!

## داستان چوٿون

( ١ )

ريءَ مصلحت مڱڻان، قصر ڪين آڇن،
نور تجلو نور سين، نميو ليئو هسن،
خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوٺا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، منڊا ڏاڻ ڏيئن،
تيلانئون ملڪ ڏيئن، مڃيو منگهار کي.

( ٢ )

”مر تہ آئين مڱڻان، مام پروڙي سون،
جيڪا ڳاھ ڳالهائيين، ما سڀ سمجهيسون،
تنهن ۾ تسبح تون، جيڪين بوني هت ۾.“

( ٣ )

”چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهه اِيءُ،
هٿي آيو هٿن سين، جڙو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ري، ڪانيو تو ڪماچ سين.“

( ٤ )

”تانَ نه آهي تند جو، رون رون ڪري راز،
هندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چئي ساز،
ست ڏيئي شهباز، ٿيءُ نه توڪ پرائين.“

( ٥ )

تند تنهنجي تان، ڪهيو سو قبول پيو،
سر نه آهي ست ۾ ، ہر پيو ڪي مڱج دان،
خاڪ مٿيءَ جو بان، ڪانيان پوءِ ڪجهه ناهي.

( ٦ )

”چارڻ! ٻولج ڪين پيو، جو گهر ٻئي سو گهوريان،
نهر، سورٺ نه ٻڙي، جان تندن برابر توريان،
ڪجهي آهيم ڪالهڙي، آءٌ اوري تان اوريان،
ڪي ڪلهنئون ڪوريان، ڪي، جاچڪ! جسي سين ڏيئين؟“

(٧)

چارڻ چنگ، ٻنگ لهي، وڃايو وڏاڻ،

سِر تان هڏ آسان، پر مڱڻهار متي وهي.

(٨)

"ڪُجهه ٻهنجي ڪُجهه سين، رِندا! رسائي لاءِ،

آجل آيو آهِ، پئيءَ تو ٻلائيو."

(٩)

"وِڍِ سِر ٻيءَ سرهو، م ڪين آءُ، م ڪاءِ،

جاچڪ! تو متاءِ، مَلڪ مڙوئي گهوريان."

(١٠)

ٽيئي پرچيا پاڻ ۾، تند ڪنارو، ڪند،

"تنهن جهوئي ناهِ ڪين، جو تو چارڻ ڪيو ٻند،

ايءُ شڪر الحمد، جنهن متو گهريئي، مڱڻان!

(١١)

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واجو ولاتي،

هنئي تند حضور ۾، تنهن پارس پراتي،

ڏمندي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،

ڪڍي تنهن ڪاتي، وڍو ڪرڻ ڪپار ۾

(١٢)

ڳَل ڇنو ڳرنار جو، ھٿن ٽيون ھئين،
ٿيسين سورٺ جهڙيون، آھيون اوسارين،
چوٽا چارڻ ھٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناز ڪرين: "راڃا رات رمڪيو!"

(١٣)

ھاسنگ جنھن ھٿ ڪيو، تنھن ڏنو ڪين ڏياچ،
مٿو نيئي ماچ، وڃي ڏور، ڏک ٿيو.

(١٤)

ڏنو ڪين ڏياچ، تو سائل سڪائي،
منھن تي موٽائي، مٿو ھنيس مڱڻي.

(١٥)

سورٺ مٿي، سک ٿيو، خيما ھٿيا ڪنگھار،
ٿيو راڳ، روپ سو، لڳي تند تنوار،
سو ڏنين ھٿين ھار، پسوا راجا راضي ٿيو.

(١٦)

سورٺ مٿي، سک ٿيو، خيما ڪٿيا ڪنگھار،
نه ڪو راڳ نه روپ ڪو، نه ڪا تند تنوار،
تھان ھوءِ مڱڻھار، ڏلو سر ڏياچ کي.

## وائي

آلوِداع ! ووا آلوِداع! ووا آلوِداع! جاني ڪيوءِ جدا،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

هن تون تند طريق جي، ووا واڄٽ سڀ واري،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

سورٺ سرتين وچ ۾، ووا آيي اوساري،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

”ڏيندو سانءِ“ ڏياچ چئي، ”هيءَ سر سينگاري،“

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

هيءُ جو آيو مڱڻون، سو متارا ماري،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

ڏوس دوستان دور ڪيو، تو ڏيا ڏيکاري،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

ڪند تنهنجو ڪاٽيو، نينهن سندي نعري،

هئي هئي! سورٺِ ٿي ساري.

# آسا

## داستان پهريون

( ١ )

لِڄان نِي لاحدَ ھ، هادِي لهان نَه حد،
سِپيرِيان جي سُونهن جو، نَه ڪو ڦَڏ نَه مَد،
هتِ سڪڻ بي عدد، هتِ اِرِين پروا ناهِ ڪو

( ٢ )

"آ ٴ" سين آنَ پارِ، ڪَڏهن تان ڪونه پيو،
"اِنَّ اللّٰهَ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرِ" نيئي پِيائي پارِ،
هيڪڙائيءَ وٽ هارِ، هنجون جي 'هَمَ' جون.

( ٣ )

هِنِ پِيائِي سِپرين، پاڻان سُون ڪي پلِ،
"آ ٴ" اوريان جهلِ، توکي رمي "تون" ڏئي.

( ٤ )

توکي رمي "تون" ڏئِي، سيوئِي جمالَ،
ڪونهي پيو خِيالَ، جي شارڪ شڪ وِڃائيين.

(٥)

"آءٌ" اوريان جهلِ تون، ڇڏيم ڀاڻ ڀچار،

شِرڪ ساڻ ستار، کُهڻان گُهاريم ڏينهڙا.

(٦)

عين شِرڪ اِيءُ، جي بي شِرڪ پاڻئين پاڻ ڪي،

وِڃائي وجود کي، ڀاڻان ڀاسي نِيءُ،

هِڏهين ڪونهي 'هيءَ'، 'هو' ڀڻ ڪينهين هِن ري.

(٧)

هو ڀڻ ڪينهين هِن ري، هِي نہ هنهان ڌار،

"اَلانسانُ سِري و اَنا سِره،" پروڙج ڀچار،

ڪندا وِيا تنوار، عالم عارف اهڙي.

(٨)

نڪا اِبتدا عبد جي، نڪا اِنتها،

جنِ سڃاتو سِپرين، سي وڃڻ کي وِيا.

(٩)

"اَنا عبد،" معبود تون، اِت نہ ڪو شِرڪ نہ شڪ،

ڀچارون پِرين جون، محبتين مرڪ،

سو سپوني حق، جنهن ۾ پسڻ پِرينءَ کي.

(١٠)

سِرُ نايو سجدا ڪرين، تَنَ تواضع تو نَہ،
هو جو مڙڪو مَن جو، سهجان سارين سو نَہ،
ڪُوڙا ٿيندءِ ڪونہ، ڏوٿين ڦوڪڻي فائدو.

(١١)

جانءِ جانءِ پسين پاڻَ کي، تانءِ تانءِ ناهِ نماز،
سَڀِ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.

(١٢)

جانءِ جانءِ پسين پاڻ کي، تانءِ تانءِ ناهِ سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.

(١٣)

وِرد وظيفا وسريا، نَہ ڪا رهي نماز،
هيڪڙو ٻڌيءِ باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

(١٤)

نابوديءِ نيئي، عبد کي اعلي ڪيو،
مورت جي مخفي ٿيا، صورت ٻڻ سيئي،
ڪبي آت ڪيهي، ڳالهہ برهان جي ڳجهہ جي.

( ١٥ )

تعظيما ترڪ ٿيا، واجھائيان ويا،
وڃي تت پيا، جت نھايت ناھ ڪا.

( ١٦ )

ڪالھ ٻريان جي ڪُجھ جي، ڪالھ مڙبائي ڪجھ،
ھينئڙا اَجھ ۾ منجھ، تہ ٻرينتان ٻري نہ ٿئين.

( ١٧ )

صورت سوجھ ۾ تنھن جي، تون ٻڌ پڇين جو،
سخن آھي سو، جو منھن مقابل نہ ٿئي.

( ١٨ )

سڃاڻي نہ صورت ري، صورت ھڏ ۾ سوجھ،
ٿي ٻاراڻي ٻوجھ، وڃائي وجود کي.

( ١٩ )

سي فاني ٿيا "في الله"، جن وڃايو وجود،
نہ تن قيام نہ قاعدو، نڪين ڪن سجود،
جيلانھن ٿيا نابود، تيلانھن رسيا بود کي.

## وائي

پرينئون پوءِ، موٽيي، موٽي م وهامي رات،
راهه رمندڙي روءِ.
ڦوڙائو فقير کي قادر کوه ڏنوءِ؟
راهه رمندڙي روءِ.
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيڻن سانگ نه کوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
آچي اورانهون ٿيي، شال ساڄن سانگ سندوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
ويٺي وات نهاريان، مون پرين پاڇه پوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.

## داستان پهريون

( ١ )

اپرندي سج، پرين جي نه پسنديون،
ڪڏي ٿيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي.

( ٢ )

اپرندي سج سان، پرين جي نه پسنديون،
ڪڏي کي ڪانگان، نوالا نيڻ ڏيان.

( ۳ )

مون کي آکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
تہ ھڻ ھرين ھــن، ڪٿان جي ڪر سامھيون.

( ۴ )

نيرانان ٿي ليڻ، نيئي آڇِ ھر ٻڻ ڪي،
ستر ڪاڏا ڪبڻ، جي ڏٺو منھن محبوب جو.

( ۵ )

تن نيڻن ڪي نيران، جن ساجھر سجڻ پيئيا،
تہ جيءُ جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.

( ٦ )

آکيون علي الصباح، دوست ڏِسڻ آئيون،
آپيندیون آرداس ۾، ٻي نہ ڪنديون ڪا،
رچنديون ري ٻاھ، ھرچنديون پرين سين.

( ۷ )

ڪي جو ڪيڏانھين، آکيون ڏسي آئيون،
تائين تيڏانھين، ھيون ٻانھن مھاڙيون.

(٨)

ڪي جو ڪنهين پار، آڪيون ڏسي آئيون،
تيون ديوانيون دل ۾، آهر لڳين آر،
تهان پوءِ قرار، ستيون ڪين سيد چئي.

(٩)

ڪي جو وڃي آڄ، آڪيون ڏسي آئيون،
سيڻن جي سڄ، لالون ڪيون لطيف چئي.

(١٠)

ڪي جو وڃي ڪالهه، آڪيون ڏسي آئيون،
لالون ڪيون لطيف چئي، جانب جي جمال،
ٿيا نين نهال، جنين دلبر ڏيکيو.

(١١)

آڪين ڪي آهين، عجب جهڙيون عادتون،
سور پرائي ڏيهه جا، وڃيو ورائين،
آتي لنئون لائين، جت حاجت ناهه هشيار جي.

(١٢)

آڪرين آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
هيون منجهه حمام، ڪائيون ڪوري وچ ۾.

( ١٣ )

آکين کي آئون، جانِ کي جهلون ٻانيان،
لتاڙي لوڪ کي، ساجن سونائون،
مون کي مٺائون، پاڻ پرچي آئيون.

( ١٤ )

آکين کي آهين، وڏا وجهہ، وڙهڻ جا،
منجهي آئيون مامرو، جهيڙو نہ لاهين،
جنہن سي ڪکر آپ ۾، آکيون تنہن آهين،
جهڙِ تڙِ نہ لاهين، وسن سانوڻ مينهن جئن.

( ١٥ )

آکيون تان عيد، ڪانهي عيد آکين ري،
خوشي ۾ خريد، ويٺي ويچارين وسري.

( ١٦ )

آکڙين آرو، مونهان پڇي نہ ڪيو،
آني وجي آڙيون، جت چوڻ نہ چارو،
هينئڙو ويچارو، وانئون جهليو وجهلي.

( ١٧ )

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَنَ لَئِي،
جِئَن جِئَن اِرِين ٻَسَنِ، تِئَن تِئَن نَشا نِينهَن جا.

( ١٨ )

وَسَنِ ۽ وِهَسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَنَ لَئِي،
ڏِيئِي ڏِمِي آئِيُون، توءِ تَلاشُون کَنِ،
ڍِايُون نَه ڍِاهِنِ، پَسَنَ مَنجهان پِرِينِ جي.

( ١٩ )

ڏَسَنِ ڏِيهاڙِي، توءِ تَرسَنِ اوڏهِينِ،
آيا سَجائِي، نِڀَ نِهارِي پِرِين کي.

( ٢٠ )

لَڌِي آيا لَعلَ، پِيرَنِ سِين پَنڌُ کَري،
ماڃَن آکِيُون جي کَٽِي، تَه کوڙين پانيان پال،
مَنهنجِي ناهِ مَجالَ، تَه کو وِڻُ وَرائِي وارِيان.

( ٢١ )

آتِي نِي آهِينِ، جِتي آٽِي چڙهِيئِي،
سي سَباجهون آکُون، ماک نَه مَنائِينِ،
جي آتِي لِک لاهِينِ، تَه کَڍِي کانگَنِ کي ڏِيان.

( ٢٢ )

آکڙيون ٻرينِ ري، جيڪي ٻيو ٻسنِ،
تہ ڪڏهن ڪي ڪانگن، نوالا ٔنين ڏيان.

( ٢٣ )

اَپيون آهين اَتِ، جتي آئي چڏيئي،
ٻيو پروسو نہ پِتِ، آکيون اوهان جي آسري.

( ٢٤ )

آک الٽي ڏارِ، وانءُ الٽو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تہ تون اوچو وہ اوپارِ،
منجهان نوچ نهارِ، وانءُ پنيرو ٻرينءَ ڏي.

( ٢٥ )

تان جي ٽين سامهان، پنيرا سوٽهن،
سنئون ورائي سپرين، منهن جي مانءُ ڏي ڪنِ،
رکون سي رچنِ، تن ۾ تازائي ٿئي.

( ٢٦ )

آکيون سي ئي ڏارِ، جنِ سين اسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهارِ، گهٽو ريسارا سپرين.

( ٢٧ )

آڪين مون کي اوچتو، آتي آڙايو،

لنئون تنِ لڙايو، جتِ ڪجھ نئي ڪونڪو.

وائي

اي ميان سڄڻ، توري اوري، ڪئن رهندا نيڻ منهنجا.

جنِ جو وارث تون، جنِ جو آذر تون.

آئون نِيس لائق ٿيون.

جنان آلهي ايري، توئي تنان پري.

تن وجهي تنِ ذي، آڪيون پير ڪري.

داستان ڏيون

( ١ )

موهيندءِ مجاز، کهٽين ٿورين ڏينهڙين،

هئان چنڊ م باز، تون هارينِ حقيقت جو.

( ٢ )

هي جي مجازياڻيون منهن ۾، ديک م تون سين تنِ،

ڪين مجاتو سپرين، نهاري ليئنِ،

پرين جي بسنِ، بئي جنهن پوئيون.

( ٣ )

ساھ سين سڄاڻان، پساھ سين پسان پرين،
اِهي ٻہ ناتان، آهي رهيا روح ۾.

( ٤ )

مون کي ماءُ مجاز، پيچاري جنهن پچيو،
هٿن ڇڏي هاڄ، ويٺي سار سندن مان.

( ٥ )

منهنجي جانِ جدا ڪئي، حقيقت هٿي،
پساھ هيڪ پرين ري، سگهان ڪين ڪٿي،
ڏٺي ٿي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾.

( ٦ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
تہ وڃن وڻ ٻري، اوبڙ آيڙي ڪونہ ڪو.

( ٧ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪري زبان،
تہ ناڪر نڪي ڪان، لکي ماٺ مرڻ کي.

( ٨ )

سَنئين سُونهائي سِيڪا، ڪا سُون منجهائي،
طَلَبَ ۾ تحصيل، اوريان ئي آئي،
مان تَنڌ تتِ لائي، جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

( ٩ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪيءَ جو خيالُ،
جانبَ جو جمالُ، پَسَڻُ ئي پري ٿيو.

( ١٠ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خيالُ خاڪي،
پرينِ جي پاڪي، پَسَڻُ ئي پري ٿئي.

( ١١ )

پرين نہ آکَڙينِ ۾، هِينئون نہ حاضر جَن،
سي هُونهين جاڙَ جِيئنِ، تَلها ٿاٿا سِکَنا.

( ١٢ )

آکَينِ جِهِڙي وِيهہ، تہ آئون واري ڏِکيان،
توکي ڏِسي نہ ڏِيهہ، آئون نہ پسان ڪي پِيو.

( ۱۳ )

وڻين ۾ نہ ويهہ، تارن ۾ ڪر تڪيو،
پرين آکين ۾ پيهہ، تہ آئون اڇارو ٿيان.

( ۱۴ )

سِڪ سِڪائي سِڪ، سِڪ نہ آهي سَٽري،
لِڪ لِڪوئي لِڪ، تہ ڪَرِنَ خبر نہ ٿئي.

( ۱۵ )

جي خبر ٿئي ڪرن ڪي، تہ مون ڪي ڪندا ڪوهہ،
صورت سُپرين جي، ڏئي ڪونهي ڏوهہ،
لوريءَ لڳم لوهہ، جنهين زَتِ رڏاريو.

( ۱۶ )

ڪَر جا ڪَڌ ڪنئي، پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پئي، غيبتي غار ٿيو.

( ۱۷ )

آلا! ڪر جَينِ، مدي جن جي مَن ۾،
آسان ۾ پرين جون اميدون هُئن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.

(۱۸)

ڪَرَ ڪارِيندو سڀي، مانُو جنِ ڀرِيتُو،
جوش چلايا ڇي، ماري تنِ مات ڪيو.

(۱۹)

ڪَرَ ڪي ڪَپڙ ڪاه، نانگ مِٺِارو نِڪري،
آپي جو اوناه، سر ڀر سندي سنجٺين.

(۲۰)

ڪَرَ ٿو ڪرايون ڪرين، هَر هَر هچارا،
ٻورائي پرين جا، ڇوڏاري چارا،
مرين نہ منهن ڪارا، سڙي اِنهيءَ سوز ڀر؟

(۲۱)

ڇچو سنئيون ڪنِ، لوڪان ليکي ڏنگيون،
سندي سپيرينِ، ڀرِ پروڙڻ ڏاڪڙو.

(۲۲)

نڪِ ڏِٺو، نہ ويل، نڪو منهن نہ مهاڙ ڪا،
اِي اِهوئي کيل، ڪور ڀروڙي ڪين ڪي.

( ٢٣ )

حوصلو حيرت جو، ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سندو حق، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٤ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي نيو وڃون،
محبت جون ميڇون، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٥ )

حوصلو حيرت جو، آهه نه مٿي عام،
محبت سندي مام، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٦ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي لڄائو،
ويچارو ڪاٿو، ڏيي نيو ڏسڻ ڪي.

( ٢٧ )

مٿي هاڻيءَ سين مامرو، آڇي پيو آنڌن،
مناڙين هٿن سين، آڪين ڪين پسن،
'في الحقيقت' فيل کي، سچا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

## وائي

( ١ )

وَڄَهه مَنجهه خَليلَ، آندَرِ آذَر آهين.
مَڌَ ۾ ڪَرِ صحَتَ جي، آڃا تُون عَليلَ،
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُ جَليلَ،
مَنهن ۾ مُسلمانُ تُون، قَلبُ تان قَليلَ،
وِترِ جي وِصالَ ۾، دُوئي ناهِ دَليلَ.

## وائي

( ٢ )

آلله سائِين! سائِين! پَٺان پِرِينئَن ۾ پانهِين،
مُون تان آسرو آهِ اوڏانهِين.
جِتي ديرو دوسِت جو، سا ڪِئَن جوءِ آڪانهِين،
مُون تان آسرو آهِ اوڏانهِين.
قَلَمُ جِنِ جي هَٿَ ۾، سي سِڀِ سِباجها سائِين،
مُون تان آسرو آهِ اوڏانهِين.
بَندي جي باب ۾ شال ۾ لِڪَنِ لائِين،
مُون تان آسرو آهِ اوڏانهِين.

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪين سڃاتو ڪل،
تازي طويلن ۾، آهه احاطو جهل،
هٿا جي اصل، سي حسابان هجي ويا.

( ٢ )

محروم ٿي سري ويا، ماهر ٿي نه هٿا،
ڇڙيءَ جڻ جهنج پيي، لڏيائون لٿا،
حباب ٿي هٿا، آنهيءَ واديءَ وچ ۾.

( ٣ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪل سڃاڻي ڪن،
جانب منجهان جڻن، ماهر ٿي منجهي پيا.

( ٤ )

ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنان وڃ،
آهي اِي آهج، سڀي سڃاڻيج تون.

( ٥ )

وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لڪڻان پڻ لڪيج تون.

( ٦ )

هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار،
آيا آڱڻ ٻار، هس ٻنهنجا سپرين.

( ٧ )

آسين سڪهون جن کي، آسين ٻن سيئي،
'لم يلد ولم يولد'، اوڏانهن وڃ ٻيئي،
تهان منجهيئي، ٻارڪ ٻرڪيج حق کي.

( ٨ )

چپ ڪر، چپ ۾ چور، ٻور آکيون، ڏک ڪن،
ٻاٽي اِي پيٽ ۾ ٻر، ره آڏورو آن،
ته هوءَ جا مررت منجهاران من، تنهن جو مشاهد و مائٽين.

( ٩ )

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق چئين،
شارڪ شڪ ۾ ٻي، آنڌا اِنهيءَ ڳالهه ۾.

( ١٠ )

آڏو جو اِثبات کي، سو شرڪ لاهي شڪ،
هئي جنهن ۾ حق، تنهن نفيءَ جهڙو ناه ڪي.

( ١١ )

نفيءَ منڌي ناهه سين، پڇي پڇيائون،
پرّا جي پاڻ جا، پيري پڳائون،
آسين ۽ آئون، آتِ هتي نه اِنَ جي.

( ١٢ )

وَڏي تان اِنَ وات ۾، پيلي پياني،
آهي آونداهيءَ جو، شرڪ سهائي،
چڙهي چڙهائي، اَلِفَ جي عينڪ ۾.

( ١٣ )

اِنَ ۾ نه اِيمانَ، جنن ڪلمي کو ڪوناٺين،
دغا تنهنجي دِل ۾، شرڪ ۽ شيطانَ،
منهن ۾ مسلمانَ، اندر آذر آهين.

( ١٤ )

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوناءِ،
هندو هذ نه آهين، جنيو تو نه جڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

( ١٥ )

مَنهن ۾ مومِي جهڙو، اَندرَ ۾ اِبليس،
اِهڙو خامُ خَبيث، ڪَڏهن ڪوهُ نَ چَڙهندين؟

( ١٦ )

مَنهن تہ مومِي جهڙو، سِيرت شَيطانِي،
بازي بِيرانِي، ڪَڏهن ڪوهُ نَ چَڙهندين؟

( ١٧ )

مَنهن تَہ آهيرِيانِي اَجرو، قَلب ۾ ڪارو،
پهران زيبُ زبانَ ۾، دِل ۾ هَچارو،
اِنَ پر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصال ۾.

( ١٨ )

توُن ڪا ڪاني ڀاءِ، وِٽِ ۾ وِصالَ جي.
دوُ بِينائي دورِ ڪري، مَعرفت ملهاءِ،
سِيپِريان جي سونهن ۾، رَخنون ڪونہ رِهاءِ،
اَکِ اَشهدَ چاءِ، تہ مُسلماني مائٽين.

( ١٩ )

اِينءَ چَوَندي ڪير، تہ آئوُن ساچاري سڄڻين،
دائِمِ اِن ديار جا، ڦِرَلدا ڀسان ڦير،
جِنِ حضوري هير، ڪَري تغيري تَنِ ۾.

(٢٠)

مون، تون، آئون، آسين، چارئي چتان لاهہ،

سندي دوزخ باهہ، تہ تون اوڏيائي نہ اچي.

(٢١)

ڦرمون سياهيءَ جو، رنن کي رهاءِ،

ڪاني ڪارائيءَ جي، مڙس تي م پاءِ،

آڪين م آنڪاءِ، لالائي لالن جي.

(٢٢)

ڦرمون سفيديءَ جو، جنبي پاتو جن،

تڏهن ڏيئي تن، آڇائي عالم کي.

(٢٣)

ڦرمون ڦرخيءَ جو، جڏهن پاتو جن،

تڏهن ڏيئي تن، رونق ربني جيهڙي.

(٢٤)

جي فارسي سکيو گولو، تہ غلام،

جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪيئن چائي چام؟

اچيو تان آب گهري، ٻکيو تان طعام،

اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿيو.

( ٢٥ )

آوَڳِڻِ رَسي سيڪو، ڳَٽين پِرين رَنام،
ليڪيمِ جي لِسانَ مين، سي ڪَر ڪِينَ ڪِيام،
پاڻَ وِڃائي پانهنجا، تورا تَڪ هَنيام،
بَندَگِي شَرمندگِي، اِها ميڙَ مَڪِيام،
هِرِين تَڏِ پرچِيام، 'آءٌ' جَڏِ اَٽِ ڳَئِي.

( ٢٦ )

آوَڳِڻِ رَسي سيَڪو، ڳَٽين هِرِين رَنام،
پهَون پاروتَنِ ، ڪي ڪَبيرا ڪِيام،
تيلانهِين مَريام، سَڪَنڻون سور گهَٽا.

( ٢٧ )

آلتيمِ جا هِينئان، سا نه مَلتيمِ ماه ڪَي،
مَپيرِيان جي ڳالهڙِي، لِڪايمِ لوڪان،
وِيئي سون وَسان، پَڌَرِ پيئي پِرينءَ ري.

( ٢٨ )

مون تان لِڪائي گهڻون، هر روئَڻَ ڪِي روشَنَ،
رَسيو ريزالِنِ ڪَي، منجهان زرديءَ ظَنَ،
وِيري سون وَرَنَ، ڳالهِ ڪِيائين ڳجهه جِي.

(٢٩)

عاشق ڀانئين اُن، تہ آءٌ سِڪَ ڪِنهن کي نہ سَلان،
وِچِ رَهندي ڪَئن، وَهنِ آکيون وِرچي هِينئون.

(٣٠)

مَتيون سَڀ مَنجهاءِ، تون پاڻ ڇڏي آءُ چاڻ،
پهرِين پاڻ ڦٽو ڪري، پِرِين پوءِ پڇاڻ،
وِڃاءِ وَحدت ساڻ، ڪَسافَت ڪَثرت جي.

(٣١)

آندَرِ رَهي نہ گهَٽ، سَپيريان جي ڳالهڙي،
ڇاڳُر سَهي نہ سَٽ، جهہ مِهراڻَ موج ڪي.

(٣٢)

'پاڻ' پَردو پاڻَ کي، سَٽي ڪَر سَنڀالَ،
وِڃان جو وِصالَ، سو تان هَٿَن هِن جو.

(٣٣)

'پاڻ' اَردو پاڻَ کي، طالِبَ سَٽِجِ تون،
نَڪا هان نہ هون، پَردا سِڀ پاسي ٿيا.

( ٣٤ )

’مون‘ مونھين ۾ سمجھي، مون کي ’مون‘ جڳاءِ،
مونھين منجھان ’مون‘ ٿئي، مونھين جي ساڃاءِ،
ڪجھڻ ڪانھي جاءِ، ڪيڏانھن ڪريان پنڌڙو.

( ٣٥ )

آنھين اِئن جڳاءِ، آنءُ ڪي اِئن نہ چوئنُو،
بن جنھن جيءَ ذاتِ جو، آئي آهِ اللهُ،
تہ، نہ پڇي ماه، گندي‌ءَ نينھن نہ سمجھي.

( ٣٦ )

نظر نزديڪونِ، سھي نہ سگھان ساعت سيئن،
پسڻ پري منڊونِ، آئون نالي ڪيڙي نجھران.

( ٣٧ )

علتي آرام، پسي علت آئيو،
حسن جو حق جو، سو خامي پانئي خام،
آچي ٿيا اِءُ لام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

( ٣٨ )

رئي جا رهاڻ، سا پيءَ بھتي نہ ٿئي،
ڪنھن ڪر وجھي ڪاڻ، پاڻان نينھن نڪيرئو.

( ٣٩ )

رَمَڻ نہ آهي رِيتِ، ڀِٽين پاهتِ ناهِ ڪو،
پَسو سَنجهِ پِرِيتِ، جيهائِي جوڙ وهِي.

( ٤٠ )

مون ڪي مون ڀِرِينِ، ڀَڏِي وِڌو تارِ ۾،
آيا اِيئَن چوَنِ، مَڇَڻِ پاند پسائِيين.

( ٤١ )

ڀِيو جو ڀاتارِ، سو پَسڻان ڪِئَن پالهو رَهِي؟
مالِڪ مون سيڪارِ، ڪو پهَ اِنهِينءَ ڀاند جو.

( ٤٢ )

شَرِيعت سَڃاڻُ، ڪَر طَرِيقَت تَڪيو،
هِينئُون حقِيقَت هيرِ تون، ماڳ مَعرِفَت ڄاڻُ،
هِنئِج ثابوتِيءَ ساڻُ، تہ پَسڻ ڪان ڀالهو رَهين.

( ٤٣ )

ڪوڙِي ڪِج م ڪَڌِهين، ڦِڪي ڀانئج ڦانگ،
ساري سناسِين جِئَن، لائق رَکِج لانگ،
تہ چارِئي چادر ڀاند، اوسا ڪَئي آڪرين.

( ٤٤ )

مَتوئِي سيج گهرينِ، جفا ڏيئِن نہ جانِ،
صُلح ري سپٽانِ، متان نونڌين نہ چڙهين.

( ٤٥ )

مَتوئِي سيج گهرينِ، جفا ڏيئِن نہ جيءَ،
ڀِتي ڊاران پيءَ، مچڻ نونڌين نہ چڙهين.

( ٤٦ )

صُلح جنِ سڄڻ سين، سيج مائيندا سي،
’اَلَّذِينَ آمَنُوا وَكَانُوا يَتَّقُونَ‘، اِنَ ہر آيا جي،
نيئي نونڌن تي، ڏکي جنئي چاڙهيا.

( ٤٧ )

جي تِيا حلّ حبيب سين، سمهڻ تنِ ثواب،
نبڻ هيرائي ننڊ سين، خوش ڪيائون خواب،
او سيڙو عذاب، دلئان تنين ڏورِ ٿيو.

( ٤٨ )

تن تسبيح سن مٽيون، دل دنبورو جنِ،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄنِ،
’وَحْدَهٗ لَا شَرِيكَ لَهٗ‘ اهو راڳ رڳنِ،
سي مَتائي سونهنِ، ننڊ عبادت آن جي.

## وائي

( ١ )

جيڏيون آئون ڪا پاڻ وهيٺي آهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

واڳون ڏٺين هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪرهل ڪاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

جيڏانهن وارينم سپرين، پير اوڏانهين پائيان،
ڪا مون سار لهيجا.

قلم ڪاتب هٿ ۾، آئون ڪا لڪ لڪئي مان لاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

## وائي

( ٢ )

ڪي آنهين منجهه آهي، هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا،
اَنَ دَرِ سيئي آگهيا، جن ڪسي ڪونہ چتائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

ڏاريان پائين ڏاريون، پاڻ پريان سين ڪائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

’اِنَّ اَوْلِيائِيْ تَحتَ قَبائِي‘، پَنهنجا پاڻ پراهي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

’لاَ يَعْرِفُوْنَهُمْ غَيْرِيْ‘، پَرَ ڪي ڪين پسائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

پَنهنجوُن چَڏي پَٽ [٣]، رِڙه آنين جي رائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

خِدْمَتَ ڪَري خَلْقَ مين، پاندُ ڪِڇي[٤] ٻائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

# پرڀاتي

## داستان پهريون

( ١ )

اِيَ نہ ياڻِ پيرِ، جِئَن ڪينرَ ڪيرِيءَ ٽنگيو،
سُونهاري صبوح سين، وِجهي ويئين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرتِ ڏاران مگٺو.

( ٢ )

سَتو ڪِئَن نِنڊُون ڪرِئين، روئِي راتِ وِهاءِ،
سَيان ساز سَنداءِ، پِيا هوندا پَٽ ۾.

( ٣ )

روءِ وِهائي روءِ، سَتو ڪِئَن ننڊُون ڪرِئين؛
سَيان ساز سَندوءِ، پيو هوندو پَٽ ۾.

( ٤ )

سيرانديءَ ساز ڪيو، سَمهين ساري راتِ،
جاجِڪائِي ذاتِ، اِئَن نہ هئي آڳهِينِ.

( ٥ )

جنهين سک ناهه کي، چارڻ سي چڻجن،
رڇن راهه پڇن، متي کلهن کينرا.

( ٦ )

آڪي ائن نہ هيڻ، اِن در سندي مڱڻين،
جڻن ڏکها ڪري ٻيڻ، سڄيون راتيون سمهين.

( ٧ )

پيو ليئين لت، سڄيون راتيون سمهين،
آئي آڏي نہ ڪرئين، سپڙ ساڻ سهت،
روُنجهي رات آهنيا، پينيون پائيت،
ميڙي تنان مت، چوندي پريا چارئين.

( ٨ )

موڙهو پٽين مڱڻان، ڪيڏانهن هئين ڪالهہ،
لنگها! چڏ لطيف چئي، آجهن جا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر تہ قيمت آئيين.

( ٩ )

لکي جي ٻجهن، پڏر پوءِ م اُن سين،
نندي وڏي ڪالهڙي، سڃي تا سمجهن،
تون ڪِئن آکيان تن، وجهيو وللين وات سين.

( ١٠ )

چاڻي هَڏِ مَ چاڻ، اِيَ دَرُ آڀوڄهڻِ جو،
اِنَ دَرِ سيئِي آگهِيا، جن نہ ڀانيو ڀاڻ،
رِيجهائو راڄاڻ، آهي آڀوڄهڻِ جو.

( ١١ )

ڀَڄهان ڀاڄهہ ٿئي، ڀاڄهائون ڀلي ڏٺِي،
سڀڙ سا مٺي، جيڪا چارڻ چِت ۾.

( ١٢ )

جيڪي ڏِڏَنِ ڏي، ڳجهيان ٿي ڳجهہ ۾،
سو جي سٽَنِ ڪڍهين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تہ ماڙ مڙيئي مي، هوند پٽون ڪنِ پلڪ ۾.

( ١٣ )

آتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪبو ڪوهَ،
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو سڀوئِي ڏوهَ،
توُن پارِس، آئون لوهَ، جي سَچين، تہ سونَ ٿيان.

( ۱۴ )

ذاتِ نہ آھي ذاتِ تي، جو وھي سو لھي،
آريون آھوجھنِ جون، سپرؔ چام سھي،
جو راءَ وٽ رات رھي، تنھن کي جکي جان کي تان لھي.

( ۱۵ )

طمع جي تنوارَ، متان ڪرين مڱڻان،
ڏکي ڪنڌءَ ڏارَ، ماڻڪ ڏيئي مٿ ؎.

( ۱۶ )

ڏڏ ڏي ڏانءُ گھريج تون، چڏي وِچا جي وائي،
سڀر رات سنباھيا، تازي تو لائي،
جو چاڙي نہ ڪائي، تنھن سين پيلي ڏئيءَ پاجھ ڪي.

( ۱۷ )

ڪرڙہ آکيان ڪپ، ڏيھاڻي ڏاتار جي،
لنگھا! لاهِ م لِڪ سينءَ، متان چانئٽ چپ،
مڱڻھارن مپ، ڪونھي پيو ڪيرتِ ري.

( ۱۸ )

اَئيو آھوجھاءَ، سپرؔ جو سڌ ٿيو،
جتن آئين ڪيرت ڪٿ نہ سکيا، تنن پاڙان ريڏو راءَ،
مڱو مون ملاءَ، آئون اوھان جو آھيان.

( ١٩ )

ٻوليون ٻيلي جون ڪري، ڀاسي ڀرِ ڀيو،
سٽائي سَتنِ ڪي، وِهاڻيءَ وِيو،
ڇاڻي ڪين ڀيو، سَرُ سِڪيوئي هيڪڙو.

( ٢٠ )

سَپرٌ ساهَ پساهَ، جاجِڪ جمِ وسارئين،
ريهي رَبي سَنديون، تندون تَنبي ڪي ٻاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اکيان وَڃي آن جي.

( ٢١ )

چارڻ وَسِ نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرتِ جي ڪري،
جنين سَندو مَڱڻون، هَٿِ تنينِ جي آهِ،
جي ڪارائينس تہ ڪاءِ، جي سَمهارينسِ تہ سَمهي.

( ٢٢ )

جَڏو ڦڏو ڏَڏُ، ڀاڻ ڪونائي مَڱڻون،
نہ ڪِنهن نيو ڀاڻ ميين، نہ ڪِنهن ڪيو گَڏُ،
مِيرَ ڪَرِيو مَڏُ، ڏِکيا چاڙهي ڏولئين.

( ٢٣ )

ميرا پسي مڱڻان، سير مڏ ڪيا،
سڀوجهن سڻا، اڀوجهن آسرو.

( ٢٤ )

صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار ڪي، وڏيءَ وير وهاڳ،
وس منهنجي ناه ڪا، سيڻن هٿ سهاڳ،
ٻرين سين ڀاڳ، مان نماڻيءَ نصيب ٿئي.

( ٢٥ )

ڏاتار ڏک ڪيا، پاڻان مٿي مڱڻي،
مون در ڇڏيو، مڱڻان! مڱين ڪوه ٻيا،
تڏهن تو پيا، وڇيان ولها ڏينهڙا.

( ٢٦ )

جو ڏيهاڻي تو ڏي، مڱ تنهين ڪي مڱڻان،
ڪوڙا در دنيا جا، جاچڪ مڱين جي،
صباح توهين ڪي، موٽي ڏيندا منهن ٭.

( ٢٧ )

ڪانئي سي تنبير، جن ريجهايا راڄيا،
وڻڙا وڏيءَ وير، ڪلهي رکي ڪينرا.

( ٢٨ )

آڄ نه سڄي آکيئن، ڪا تنبيرن تنوار،
مڙهيون مڱڻهار، پوري ڪنهن پار ويا.

( ٢٩ )

تون سيرَ، آئون سيڪڙو، تون صاحب، آئون مڱ،
ڇڄي تنهنجو پڱ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٠ )

تون سير آئون سيڪڙو، تون پارس آئون پينار،
ڏسندي ئي ڏاتار، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣١ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏڏ،
سٽي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٢ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڄين ته سون ٿيان.

( ٢٣ )

ڏاتار تہ تون، ٻيا مِڙيئي مڱڻان،
مينھن منڊائتا وسڻان، سدا وسين تون،
جي گھر آچين مون، تہ ميرياڻي مان لھان.

( ٢٤ )

آيريو تارو، آئي ور وِھاڳ ڏي،
سبز رِيسارو، چت پر کي چارٿين.

وائي

( ١ )

ٻئي ڏر وانءُ م کيڏانھين، آلا! تون جام مڱندين مڱڻان،

ڦيرِ م ھيٺون، ڪنڌ، ڪيا ڙي، ڏيندءِ ھاج ھٿائين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.

ماڻڪ، موتي، مال خزينا، ڏيندءِ ڀيلي سائين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.

وِرچي تون وھاڳ ڪان، متان ڏِيين پاھين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.

ڏر داتا مڱ مڱڻان، آنڌا ھوئج اوڏاھين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.

ڀِائيون وِجهي ٻَنِ ڪي، سَمُو ڪَنِ سوائِي،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

"اِنّ اَللهَ وِترٌ يُحِبُّ الوِترِ"، وَحدَتَ واڪ وِڏائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

ٻَنهنجي طَرفِ ٻاتَهِنين، سائِلَ سَڏِيائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

جِتي جُوانِ ڪي، ڪوئي ڪَنائين،
آلا تون چام مَگيندين مَگَنان.

آتي عُشاقَنِ ڪي، اُلفت آهج ڏِنائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

"اَلاِنسانُ سِرّي وَ اَنا سِرّهُ"، اِنَ هِرَ آتائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

ڪِجهه ڪَجهاندرَ ڳالهيون، رازَ نـ رَکِيائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

ٻَسو ٻينارن جي، ٻتَ ۽ ٻانَ وِڏائين،
آلا تون چام مَگندين مَگَنان.

## وائي

( ٢ )

وَڏڙا ڏاڻَ ڏِنائين، ڪِيائِينَ رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

آنَدا سَندا آئِيا، سَخا مَڏَ وِڏائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

ڪِينَ منجهان جو ڪي ڪري، سو نہ ساراهين سائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

"وَ تعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَ تَذِلُّ مَنْ تَشَاءُ"، آهي سَيِ آتائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

نَوازِيائِين نطفو، منجهان ڪِينَ ڪَڍِيائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

حِرفَتَ حَرِيفَنِ جي، پِڇِي سِپِ يِڳائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

حاسِدَ سِپِ حزنَ ۾، مدعي هاڻ مَنائين،

ڪِيائِين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،

# رامڪلي

## داستان پهريون

( ١ )

جوڳيڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٢ )

جوڳيڙا جهان ۾، هٿا منجهہ حمام،
آرامان آرڳ ٿيا، اوڏا نہ آرام،
ڪيائون قيام، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣ )

مٽر سنگڙين سين، لحظي لاٿائون،
ڪينر ڪني آهيان، آنهين جي آئون،
مون کي مارِيائون، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤ )

لکين ڪيا لسان سين، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٥ )

ڳوليان ۽ ڳنڍيان، وِيا وِڙاڪي نِڪري،
صحبت جا سنڌيان، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٦ )

مَران مٿو پٽيان، نهاريان ليٽان،
سخن جي سنڌانِ، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٧ )

وارو وِڙاڪينِ کي، وِڀَل ۾ وِساريجِ،
قدم ڪاپڙين جا، ليلائي لَهيجِ،
پيرتِ پسيو پٽ جي، وجهہ کي وَجيجِ،
راتو ڏِيهن رڙيجِ، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٨ )

واڄٽ وِڙاڪينِ جا، مون وَٽ وَڏي وَٽ،
سون سيوڙي سِڱيون، اِسي ڪين ۾ ڪٽ،
ڊِيساهي وِڀَل ڪنهين، پورب وينڊو پٽ،
هل ا ڪَنيائون هٽ، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٩ )

هَئِي هَئِي ڪيو هَٽ هَٽان، جوڳِي وِنڙا جاٽ،
پيهِي وِنڙا پاٽ، آئون نہ جِينديِ آنِ رِي.

( ١٠ )

واڇٽ ويراڳِينِ جا، مون وَٽِ وَڏو مالُ،
مَتالان مهندِ ٿيا، ڪونهي وَٽنِ قالُ،
حاصِلُ جنِينِ حالُ، آئون نہ جِينديِ آنِ رِي.

( ١١ )

سِتي سيج هَياس، مونِ کي آه آٿاريو،
جنِيرِ جاڳاياسِ، آئون نہ جِينديِ آنِ رِي.

( ١٢ )

جيڪي مون کي نسي، پڳهہ پائِي ہاٿ ڏي،
پہ پروڙيرِ پَٽ جا، ڪينر منجهان ڪي،
هاٿِي جي هنيٺي، آئون نہ جِينديِ آنِ رِي.

( ١٣ )

جيڪي مون کي نِيو، ھڳه ہائِي ہاٿ سين،
قوتَ منهنجو ڪاپڙي، سِڳِينِ منجهہ سِھو،
ڪا قِرِي قوڪ ڏِيو، آئونَ نہ جِينديِ آنِ رِي.

( ١٤ )

سوڙ و سِگَرِين سِين، ڪِي جو ڪِهيائون،
هو جي هنيائون، آئون نہ جيندي اَنِ ري.

( ١٥ )

صبحِ سِگَرِيون ڪَٽِي، وِيا وَجائي پاڻ،
اِهڙو جنِ اَهڃاڻ، آئونِ نہ جيندي اَنِ ري.

( ١٦ )

صبحِ سِگَرِيون ڪَٽِي، وِيا ڏَکائي ڏورِ،
ڏِيا ڏِينارِئان ڏورِ، آئون نہ جيندي اَنِ ري.

( ١٧ )

صبح سِگَرِيون ڪَٽِي، وِيا وَجائي وِير،
ڏوريان ڏورِيان، نہ لهان، بيراڪِين ٻهير،
جنِ اَمڙ سنجهہ عبير، آئون نہ جيندي اَنِ ري.

( ١٨ )

ميڙِيو پاڻ پِرِيون ڪِيو، جوڳِي جلائين،
سامِي سِگَرِين سِين، خودِيءَ ڪي ڪانئين،
هو جي تارِ ٻہ تَڪِبائين، آئون نہ جيندي اَنِ ري.

( ١٩ )

پسيو آسڻ اَن جا، آچي نه آرام،
ڪينر ڪئي آهيان، تنين جي تمام،
مون کي ٿيو ماتام، آئون نه جيندي اَن ري.

( ٢٠ )

پسيو آسڻ اَن جا، اَڇنگارون آچنِ،
پاٿان وڏيس پٽ تي، لاهي لاهوتينِ،
جي راڙي منجهه رهنِ، آئون نه جيندي اَن ري.

( ٢١ )

پسيو آسڻ اَن جا، آدوها آچنِ،
ڪينر ڪاپڙين جا، صبح تان نه سجنِ،
جي راڙي منجهه رهنِ، آئون نه جيندي اَن ري.

( ٢٢ )

آسڻ وٽ آهون ڪريان، وس نه منهنجي وات،
لڳم لاهوتين جو، ڪينر منجهان ڪات،
هلڻ کي هيهات، آئون نه جيندي اَن ري.

( ٢٣ )

پسيو آسڻ اَن جا، پانهن وجهان وات،
هو جي کهيا ڏنهن قلات، آئون نه جيندي اَن ري.

( ٢٤ )

وٽنِ ويني آهيان، ڏِسيو ڪين ڏِسانِ،
جِنهن جِهوڻي ناهِ ڪِي، سا ڪا سونهن سنديانِ،
ڀِسيو ڪينِ پسانِ، آئون نہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٥ )

بابو بِيڪاري ٿيا، آڄ نہ آسڻ وٽ،
خودي ڪانئي هَليا، پيرَ نہ لاتئون پٽ،
هئي هئي! جنهِين هٽ، آئون نہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٦ )

بابو بِيڪاري ٿيا، ڀڄي ڇڏيائون ڀاڻ،
نِسوروئي نينهن جو، نانڪنِ وٽ نِڏاڻ،
مِرڪنڊ جنهِين ساڻ، آئون نہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٧ )

بابو بِيڪاري ٿيا، آسڻ وٽ نہ آڄ،
ڀڙلي ڀِي نہ سِگهيا، ڀاڻان چوندءِ ڀڄ،
نِسوروئي نينهن جو، سامِينِ ڪي سهڄ،
هينئان! تنهِين سين هڄ، آئون نہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٨ )

نانڪا انيءَ هَلِيا، سامِي سِپيٺِي،
وِهڪ مون وِٺي، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٢٩ )

نانڪا نانِيءَ هَلِيا، ويچارا وِٺا،
ڪِينرَ ڪاپڙِين جا، صُبح تان نه ڏٺا،
هو جي هتِ هٿا، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٣٠ )

نانڪا نانِيءَ هَلِيا، چيلهيا چيلهه ٻڌن،
هو جي هتِ هلن، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٣١ )

نانڪا نانِيءَ هَلِيا، ڪينرَ ڏري ڪنڌ،
ٻريا پورب سامهان، راول ٿيا رند،
هي جي هٿا هن هنڌ، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٣٢ )

نانڪا نانِيءَ هَلِيا، هٿي! منهِنجي حالَ،
هو جي ڪِهيا ڪالهه، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٣٣ )

نانگا لانيءِ هليا، لوڪان ڪري لِڪَ،
ويٺي مون وِهَڪَ، آئون نَہ جيندي آنِ ري.

( ٣٤ )

جَسِي سَندو جوڳ ري، مون نَہ گهرجي ساهَ،
سامِي مُنهنجو ساهُ، آئون نَہ جيندي آنِ ري.

( ٣٥ )

ڪالهوڪو ڪاڏي ويو، جوڳِينَ سَندو جوش،
وَسِي تنهِن پٽَ کي، هِڏِ نَہ رَهيو هوش،
آسَ ۽ افسوس، آئون نَہ جيندي آنِ ري.

( ٣٦ )

ويراڳِينَ وِرن، ڏِسِڻ گهڻو ڏهلا،
هِڪ ٻولِ ٻوڙنِ سِين، ٻيو سَندا ڦانِينِ ڦنِ،
کي گهرجنِ ڪَنَ، آئون نَہ جيندي آنِ ري.

( ٣٧ )

نانگا نانيءِ هليا، سِگيون ساڻ ڪٽي،
آيلِ آديسينِ جي، هينئين خَبَ گهٽي،
جنين مُنهن مٽي، آئون نَہ جيندي آنِ ري.

( ٣٨ )

لانگا نانيءَ هليا، سنبھي سناسي،
آيل آديسين ري، آئون آداسي،
جي ھورب پروا ني، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣٩ )

پاٺھين وينا پاڻ سين، ٻر ۾ ٻرياٺين،
هو جي هلڻ سنديون، ڳالھيون ڳالھائين،
وڃڻ وڃائين، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤٠ )

ٻاٺھين وينا پاڻ سين، ٻر ۾ ٻرياٺين،
سامي سفر هليا، آسڻ آڇھائين،
رخصت روئارين، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤١ )

نہ ڪي ڪنن پاڻ سين، نہ ڪو ساٿن ھاڻ،
اھڙا جن آھياڻ، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤٢ )

وڃائي واٽ ٿيا، جوڳي جڳاٺي،
ھنا جي ھاٺي، آئون نہ جيندي آن ري.

( ۴۳ )

جزو ڇايو جوڳئين، ڪُل مين آهن ڪرم،
آسڻ جن عدم، آئون نہ جيندي آن ري.

( ۴۴ )

ڳوندر ڳڏاريو ڪاپڙي، پڌر وڃهن نہ پاڻ،
تن، آيل آديسين جي، روئان ڪاڻ رهاڻ،
هت نہ پسجن هاڻ، ويا ويراڳي نڪري.

## وائي

سنڌڙيان سگڙي، ڳالهہ ڳجهڙي، مون مارِيندي ڪڌهين.
جا وڃائيين جتڙا، نہ تنهن نڙ جهڙي،
مون مارِيندي ڪڌهين.
مرليءَ کي جنهن مات ڪيو، نہ تنهن تل تنبڙي،
مون مارِيندي ڪڌهين.
تاريو جنهن توڏيءَ کي، نہ سو ڳهنڊ ڳهنڊڙي،
مون مارِيندي ڪڌهين.
ڏاريو جنهن ڏياچ کي، تندئان تنهن تکڙي،
مون مارِيندي ڪڌهين.

نہ سِري، نہ مِنڊ ڪا، نڪا هِند هِڙي،
مون مارِيندي ڪِڌهين.
ڪوڙين واچُٽ ڪيترا، لَکين لائون هنڊڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.
ڪَڙي ڪلاتِن ڪَـي، مَحبت وارن مِنڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.
مِنائيان مِـئِي ڪهٿون، چـوندا جِن چِڪيئڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.
وانٺ اونـاءِ آنِ ڪـي، وِه مِ، ڪَسِ وِکَڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.
بيخود بـابـو مِي نِيـا، پـرنـدي جـِن پـِڌڙي.
مون مارِيندي ڪڌِهين.
جا ساراهيلِ سُبحان جِي، تنهن واڪاڻ ڪهِڙي؟
مون مارِيندي ڪڌِهين.
سهسين سَرودنِ ڪَي، پاٺان پوءِ وِجهندڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.
گهاندارَ سِرون سوهيا، هِيءَ ماڙهو مهَندڙي،
مون مارِيندي ڪڌِهين.

# داستان ٻيو

( ١ )

ڪير ڪاڻڙين جي، ڀڙئين ڏينهن ڀروڙ،
سڪها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چور،
سدائين سيد چئي، هون سناسي ۾ سور،
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٢ )

وڃي ويراڳين جو، ٻئي ڏينهن ٻڌم حال،
آن جا ڏاڍا ڏور ڏڪليا، جاڳوڻا زوال،
تن چاٽي چٽائون چڏيون، چوڻا چڳيءَ چال،
وچارا وجود جي، ڪنهن سين ڪن نہ ڳالهہ،
نانگا ٿيو نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٣ )

نٿيں ڏينهن نمڪائين، ڏونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪرڄ ڪاڻيون جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون، تن آديسين آهين،
ڪجهہ نہ ڳالهائين، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٤ )

چوٽين ڏينهن چوگان ۾، ڪنهن جنهن پهه پيا،
وهم پرِيان جي وڏيا، تن ۾ ڪوڙ ڪِها،
آندرِ آديسينِ کي، اُچنِ جوش جِها،
سامِي سون ٿيا، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٥ )

ڪنهن جنهن هور پڇائيا، پنجين ڏينهن ٿيِ،
آندرِ آديسينِ کي، سورنِ شاخ ڪئِي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لهي،
ساري رات سيد چئِي، تن گوندر سانڻ ڪئِي،
ڪريو سينڻ سهي، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٦ )

پيا ڪِنهن پرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن چئِي،
آندرِ آديسينِ کي، ڌرِيانئِي ڌٽِي،
پري پاجهارا ڪئا، ڪانئي خاڪ ڪئِي،
پنيو پنج ڪئِي، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٧ )

سَتين ڏِينهن سيد چئي، ڏاڪا ڏوتائون،
اِپي آلڪ سامهون، هانهون ٻڌائون،
وَڏيءَ ڪنهن وِلاتَ جا، اهجَ آندائون،
روح پنهنجو رامَ سين، هِر ۾ هوتائون،
ڪَئيو ڪِدائون، لِڪا پِٽنِ لوڪَ ۾.

( ٨ )

آئين ڏِينهن اِپي وِيا، جوڳِي جاءِ بجاءِ،
سا هِر سامي سِکيا، جا هِر جوڳ جڳاءِ،
ويرو تار وجود ۾، تنِ رامَ رهيو ئي آهِ،
ڪنهن جِنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پِٽنِ لوڪ ۾.

( ٩ )

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳي اجارِيا،
سَپاجهي پاجهہ ڪِي، سَجائِي سيٽانِ،
جتي نظر ناٿَ جو، آتي اوتارانِ،
اهي آهجاٺانِ، لِڪا پِٽنِ لوڪَ ۾.

( ١٠ )

ڏَهين ڏِينهن ڏُک ٿيا، پِرينءَ پاڻ پوهيا، پَسَ!
وَرَق جي وِصال جا، واري ڪيائون وَسَ،
لَذائون لَطيف چئي، گَرُوءَ سَندو گَسَ،
جو ڪِي ڪَنيو جَسَ، لِڪا پُٺِ لوڪ ء.

( ١١ )

وَريو وِيراڪين جو، ڪارهين ڏينهن ڪَرم،
جو ڪِين جاناڻون ڏِنيون، هلي وِيا حَرم،
دائِم جهليو دَمَ، لِڪا پُٺِ لوڪ ء.

( ١٢ )

ٻارهين ڏِينهن ٻِئِي، مَن مُرادون پَنيون،
جو ڪِي اِنَ جاناڻا ڪِي، ٻِي سِڪيا سِيئي،
سماڻا سِيئي، جي گُرَ گَڏجي آئِيا.

وائي

ڪَلپِتي آئِيا، هو ماءَ، آئُون هَلندي اَنِ سين.
حِرص هَوائِي جِنِ جا، سَکِين تان نه سَڏائِيا،
هو ماءَ، آئُون هَلندي اَنِ سين.

تن تڪيا تاڪي چڙهيا، جي ايھيءَ وروٺهن وڏائيا،
هو ماءُ، آئون هلندي آن سين.
توشڪون ۽ تڪيا، وهاڻا جن وراهيا،
هو ماءُ، آئون هلندي آن سين.
هلو ته پسون تن کي، جن لنگ لاهوتين لائيا،
هو ماءُ، آئون هلندي آن سين.

## داستان ٽيون

( ١ )

سناسي ڪنهن سور ۾، وهلوريا وتن،
آئي پهر آلڪ جو، ڪو وڏ ويراڳين،
سدائين صاحب پيءُ، تا ڪاپڙي ڪنبن،
جي راتو ڏينهن رمن، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٢ )

ڪنهن جنهن سناسي سور، جي وتن ۾ وهلور،
پهر پولي پي قري، گهٽ ۾ گهايل گهور،
جت جنين جا چور، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٣ )

سدائين سفر ۾، رمن مٿي راهه،
ڀرن ڀورب ڀنڊ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جي آلڪ سين آگاهه، هلو ته تڪيا ڀسون تن جا.

( ٤ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا وهن ساٿهان، عاشق آتر هير،
تسا ڏيئي تن ڪي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو ته تڪيا ڀسون تن جا.

( ٥ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪن جي ڪمائين،
لاهوتي لطيف چئي، ماڪ نه مٽائين،
جي خوديءَ کي ڪاٽئين، هلو ته تڪيا ڀسون تن جا.

( ٦ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪٽ،
ڏونهان جن ڏکائيا، هلي مٿي هٽ،
خاڪ جنين جي ڪٽ، هلو ته تڪيا ڀسون تن جا.

( ۷ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپڙي، لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي لَطيف چئي، موهيا اُ ڪِنهن مالَ،
ڇِهڙا جنين حالَ، هلو تہ تَڪيا پَسون تن جا.

( ۸ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپڙي، ڪَنوٽيا ڪَنَ ڏارَ،
هَلنِ جي هنگلاج ڏي، بابو چڙهي بارَ،
جي ڪِين قبولڻهارَ، هلو تہ تَڪيا پَسون تنِ جا.

( ۹ )

تَڪيا پَسون تنِ جا، هَلي مَنجهان حالَ،
ڪوڙين ڪنوٽين جا، پيئر پانيان پالَ،
سامين جي سنپالَ، مَنهنجو چِتَ ڇَگون ڪيو.

( ۱۰ )

تَڪيا تاڪيائون، وِيا رَمَندا رامَ ڏي،
ڪِجان خَبرَ نہ لَهان، تَنِ آديسين آئون،
ڪِنهن ڪَنِ ڪَنيائون! ڪاڏي وِيا ڪاپڙي؟

( ١١ )

سامي ڪامي ٻرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
اوتين آرتي ڳاڏئون، منجهان آڪن آب،
سندو ذات جواب، تون ڪيئن پڇين تن کي.

( ١٢ )

سامي سمر سور، گوندر گبرين ۾،
جڙي ڀڏائون جان ۾، پيغامن جا پور،
آديسي آسور، وڃائي واٽ ٿيا.

( ١٣ )

سامي سڙهي سنڌياءَ، سامهين مون سيله ٿي،
سا تان ڪيه آڏياءَ، جان نانگا وڃين نڪري.

وائي

آسرو آهي، موٽي ايندا، مون نه ڇڏيندا، پاڻ پسندا.

ايندا آديسي، وري، دونهيون ڏکائي،
پٿر وار پر لئي، ويه تون وڃائي،
ڏک لاهيندا ڏيل جا، ڪجهو ڳالهائي،
مون کي نيندا پاڻ سين، هي سڳ ساڳاهي.

## داستان چوٿون

( ١ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيپئي ڇڻ،
وڃي در دوستن جي، نانگا ڪيم نن،
پٽ تنهين جي پڻ، جن ٻجهي نہ ٻجهيو.

( ٢ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيپئي ٽوڙ،
جي چاپا نہ چاهندا، جيءَ تنهن سين جوڙ،
تہ تون ٻهچين ٿوڙ، محبت جي ميدان ۾.

( ٣ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ٻر گروءَ جي ٻار،
هوائون هنڪلاچ ڏي، ويندي سپ وسار،
نانگا ناٿ نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين.

( ٤ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جيءَ شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾.

( ٥ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڏي،
لانگا نمي ناٿ کي، تابع ٿيج تڏي،
ويراڳي وجود کي، لاشڪ ڇڏ لڏي،
جو آجهائون آڏي، پري ڀورب آن ڪان.

( ٦ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڪر،
وڃي وهم وجود جا، ڏيان خاصي ڏر،
تہ ڪنهن پهچين پر، لڪجين لاهوت ۾.

( ٧ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ من پوري منجهہ مار،
دائم دونهين دل ۾، من سين مالها وار،
سہ سيڪا آر، آگي جي آدب سين.

( ٨ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ڪين پيالو پي،
ناه نهاري هٿ ڪر، "آئون" اتِ نہ ٿي،
تہ سندو وحدت وي، طالب توڙان مائٿين.

( ٩ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته منهن ۾ مندا پاءِ،
ڪنين ڪين وڃائيو، جن ڪوڙين ڪَرِ وڏاءِ،
ڇڏِ چادرِ، ٻڌ چمڙا، جتي تو نه جڳاءِ،
ته ساميڙا سنڌياءِ، ڳرَ وٽِ ڳلا نه ٿيي.

( ١٠ )

جوڳين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ سونهي جوڳئين،
جوڳين سنديءَ جان ۾، ڳجهه، ڳجهاندر آهه،
هاءِ مونهين ڪي واءِ، جا آئون جوڳ نه سگهي.

( ١١ )

جوڳ نه جوڳو تون، ڪرين پڇارون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌ پرين جو، ٻي تنهنجي پون،
سامي سيٽن ڏون، رونداڻي رت ويا.

( ١٢ )

جوڳي هون نه جيڙرا، ڀائي جوڳ ۾ جي،
هاريا هِن ڪنن مين، سڻ سنيهو اِي،
وڃائي وجود کي ڀاڙان ڀاسي ٿي،
هڏهين ڪونهي هِي، آسارا ”آئون“ چوين،

( ١٣ )

جا جِياري جوڳ ڪي، سا ماڙهن مصيبت،
سامين سور صحت، جي پورِيا پروڙِين.

( ١٤ )

جوڳِيا! تنهِنجي جوڳ ۾، ڳالهِ، گهرجي ڳچ،
وڏيو، ڇِيريو، ڇڄِريو، پر ۾ پُيو پچ،
سونِي بارج مچ، جِنَ باهرِ باق نه نڪري.

( ١٥ )

جان ڪي جوڳِي ٿِي، نه ته ونءُ، نرچا! نڪري،
ڪوه تون ڪن ڪپاٽِين، جان نه سهِين تون سي؟
پڄي پاڻي ٿِي، متان، لانگوٽِيا لڄائِين.

( ١٦ )

جوڳِي ٿِينِ نه يار، ڪنهن سان قريبِ ري،
مَن ملاقِي جنِ سين، تنِ پورب جي پچار،
آئِي پهر آنِ جِي، آه نانيءَ ڏانهن لهار،
لائِي وِيا، لطِيف چئِي، آندر منجهه آهار،
سامِي ساڻ ستار، لاهوتِي لالَ ٿِيا.

( ١٧ )

مون ٻورَبي ٻُڌيا، جوڳِي جاڙَ ڪَري،
هيون جَنِ ڳَري، سَڏيون سَنڌِيون ڄڄُين.

( ١٨ )

ڪَٿي ڪِدائُون هَليا، جوڳِي جيڏانهِين،
آئُون ٻَڻ اوڏانهِين، تَن ڪي تَندُون ٻائِيان.

( ١٩ )

ڪولا جي ڪِراهَ جا، جوڙا سِي جوڳِي،
قِتل سِي توڳِي، جَنِين شَڪَر سالِڙيا.

( ٢٠ )

جِنَ تا ٻچَن اَنَ ڪي، تِنَ جي ٻچَن ٻَندَ،
تہ رِڙهي لَڏائُون رَندَ، لَٿِيَن لڪ لَطِيفَ چئي.

( ٢١ )

ڪَنَ ڪورائي ڪاپڙي، جِندا! نِيءُ جوانُ،
ڪاهِ تہ لَڪِيئي ڪانُ، نانگَنِ هٿان نِينهن جو.

( ٢٢ )

نِسوروئِي نينهن جي، دِل ۾ دونهون پاءِ،
آئِي آڳ عِشق جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ،
جِندان تون جاڳاءِ، جنهن ۾ آتشِ آب ٿِئي.

( ٢٣ )

ڪَن ڪورائيِن، ڪاپڙي! اِيءَ زنانو جوڳ،
سامِي! سڄاڻ تو پِيو، هيڪ ڏهِي پِيو دوڳ،
جنهِين پاليو ڦوڳ، رامَ تنهِين کي رِيبِيو.

( ٢٤ )

هو جي ڪَن ڪَپار جا، سوڌو سِي نه سُٽِن،
آندرِ جي آهِنِ، سي سِيهو تِنِ سين.

( ٢٥ )

هي ڪَن ڳاڍِها وِڪٽِي، ڪَن کي پِيا ڳِنهِيچ،
تنهِين ساڻ سٽِيچ، سِپيرِيان جِي ڳالهڙِي.

( ٢٦ )

سِپيرِيان جِي ڳالهِ کي، سامِي کي سمجهه،
لانگا! تون لانِيءَ ڏِي، آديسِي ۾ اَجهه،
وِيهِي تون وَجودَ مان، ڳولِي لهج ڳجهه،
پِئِي ڏانهن هڏِ ۾ پجهه، آلک اِتي ٿِئي، ڪاپڙي!

## وائي

راوَلَ رَهي نَہ راتِ، جيڏيون! مُنهنجو راوَلَ رَهي نَہ راتِ،

ڪوهه ڪرينديس ڪانڌَ ري، وِهائي پرياتِ،

مُنهنجو راوَلَ رَهي نَہ راتِ.

مَتَ نہ معذورين جا، ڪا جا جوڳي ذاتِ،

مُنهنجو راوَلَ رَهي نَہ راتِ.

لکيسِ لاهوتينِ جو، مُنجهان ڪينرَ ڪاتِ،

مُنهنجو راوَلَ رَهي نَہ راتِ.

## داستان پنجون

( ١ )

مونا طورِسينا، منڌا منا سينِ،

سَجدي ۾ سيدَ چئي، گوڏا گوڏزينِ،

”اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَي النُّوْرِ“

اهڙي پرِ پرنِ،

”خَرَّ مُوسيٰ صَعِقاً“، جوڳي جَنگ جلنِ،

”مازاغَ البَصَرُ وَما طَغيٰ“، اهڙيءَ رَوِشَ رَوَنِ،

"ڪُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ"، باقِي ڪين بچن،
"فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنيٰ"، تا نانگا ايئن نمن،
مُشاهدو محبوب جو، آتي آديسين،
"بِي يُبْصِرُ وَبِي يَسْمَعُ"، بي وِصالِ وِهَنِ،
"بِي يَمْشِي بِي يَنْطِقُ"، اهڙي چالِ چلن،
سَيد جَئي سَنڌين، ڪَل پَچين تون ڪهڙي.

( ٢ )

مُونا طُورِسينا، سَندا سَناسِين،
پُورَب ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بوڌ بيراڳين،
رِدا آهي راز جِي، اوچو آديسِين،
قُربَ ڪاپڙين، نهن چوٽي سِيئَن ڏِڪيو.

( ٣ )

مُونا طُورِسينا، سَندا سَناسِين،
"طَالِبُ الْمَوْلىٰ مُذَڪَّر"، اي ڪلام ڪيائون ڪَنِ،
مَکَنِ ڪي سيپن پرئين، پَجهي ڏِ نانُون هَنِ،
اَلف آديسِين، چوري رَکيو چِتَ ۾.

( ٤ )

مُونا جَنِ مِحرابَ، جَسو جامِع تَنِ جو،
قِبلہ نَما قَلبَ ڪري، تَنَ ڪَيِ ڪِياڻون تَرابَ،
تحقِيق جِي تَڪبِير چَئِي، جِسمان ڪياڻون جوابَ،
تَنِ ڪھڙو ڏوہ ثَوابَ، هادِي جَنھِين حالَ تِيو.

( ٥ )

مَنھَن مِحرابَ هِرِينِ جو، جامِع سَڀِ جَهانَ،
قَرھِيءَ تان فَرقانَ کَي، ڪانِياڻون قرآنَ،
آڏامِي آتِ وِيو، عَقلَ ۽ عِرفانَ،
سَيوئِي سُبحانَ، ڪِيڏانھن ڪَري نِيتيانِ.

( ٦ )

مَٿياڻون مَلَڪوت کَي، نِڳِيا ناسُوتانَ،
جو کِي جَبرُوتانَ، وِڃائِي واٽِ تِيا.

( ٧ )

ٻايو مَنھَن مونَ ۾، وِيَنا ئِي وِهَسِنِ،
جو کِي جاڻا ڪَنِ، آيا آلوهِيتَ ۾.

( ٨ )

آيا اَلوَهيتَ ۾، لا مُوٽَ لنگهيو جَنِ،
مَنجهان تنِ جسنِ، حَرَفَ نہ سڃي هيڪڙو.

( ٩ )

نا اميدي آجڪي، اوچتو آديسينِ،
سَدا سِڪ وَسنِ، طالب اوءِ تقدير تي.

( ١٠ )

نا اميدي آجڪي، اوچتو آديسينِ،
ڪَڏهن تازيءَ ٽپ تي، ڪَڏهن هيٺ هلنِ،
ساميڙا سمونڊ ۾، تنهن جيئن ترنِ،
جي واڪوءَ واٽ وڃنِ، تہ ڪسن ڪچنِ ڪينڪي.

( ١١ )

لَعلَ لـڪي لَعل ٿيا، لَعل ليکيو هو جن،
عدم جي اوڙاھ تي، ڪيا آسڻ آديسينِ،
گَردانيو گنگنِ، گرداب ڪي گيان سين.

( ١٢ )

کھڙي پچين ڪالھ، ڪر نہ ڪا آج صباح،
وَنءُ تنھين سين واڳيو، جو پسين منجھ، پساھ،
رم ربانيءَ راھ، متي حال ھوشيار ٿي.

( ١٣ )

ڪيھي ڪام ڪاپڙي، تا اھڙي روش رون،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بھشت گھرن،
نکو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
آيا ايئن چون، تہ ھرين ڪجو ھانھنجو.

( ١٤ )

نامرادي نجھرو، عدم اوتارون،
رضا راج سندون، مور نہ مڱن ڪي ھيو.

## وائي

تن ڳئن ڳھر وڃائي، ھو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا،
ڪري مسرج ڪاھڙي، ڳر وٽ ڳدائي،
ھو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا.

اشارتون آنِ جيون، ونءِ ڪپي تون ڪائِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

نِندَ تنهِين ڪي ناهِ ڪا، جا آديسِينِ آئائِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

آهي آنهيءَ ڳالهه جي، راول! اِيءَ رباعِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

هيڪائِي هيڪ ٿِيا، ٻڌن ڪان ٻيائِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

آڪِينِ آرسَ ڇڏِيو، دِل ۾ ناهِ دغائِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

”إنّ الله وِترٌ يُحِبُّ الوِترِ“، اِيءَ آنهِين لاءِ آئِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

رِيجهائِي رَموز سين، ڪاهوڙِينِ آئون ڪِجائِي،

هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

# داستان ڇهون

( ١ )

ڪِنهن جِنهن ڪنا ڪات، جِنُن سامِي مور نہ سترا،
ڏِينهان ڏِکي ڏِيلَ ۾، سور سِڄيائي رات،
سَندي جوڳِيان ذات، جيجان آہ جڏائڙي.

( ٢ )

روحَ ۾ رهِينِ رام، ٻهرِ ٻولِينِ ڪي ٻيو،
پيالو ٻر ڪري، جوپَ پيتائون جام،
تِهان پوءِ تمام، تِن تَڪيا تاڪي ڇڏِيا.

( ٣ )

رام رَهِين ۾ روحَ، ٻهرِ ٻولِين ڪي ٻيو،
سدائين سفر ۾، متا ٿِينِ موءِ،
سامِينِ جا صُبوحَ، مارِيان گهڻون سيدَ چئي.

( ٤ )

متا موءِ ٿِيانِ، سَدا سوٽيتا ڪاپڙي،
ڪوئي ڪِنهن نہ پُڇيا، تہ ڪِي آندرَ آندو هِيانِ،
جيڪا چماراِن، سا منجهِ گونڌرَ گذري.

( ٥ )

ويئي جنهن وره ٿيا، مٿي سين ميري،
آڪيون جنهن جون آلڪ ڏي، پون ڏي نه پيري،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چراٽيا چيري،
لڙڪ لال، لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
تينهن نه نيبري، سور چرندي سنرو.

( ٦ )

ويئي جن وره ٿيا، مٿي ميري ساڻ،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چيري وجهي چاڻ،
خودي ڪانئين هايا، پنهنجيءَ وجهي پاڻ،
سي پهر نه هٿن پاڻ، جن گڏيو گر گربان ۾.

( ٧ )

نانگن ڪين نمائيو، ناٿ نمائيو لينهن،
مڙهن آنا مينهن، جوڳيان سنديءَ ذات کي.

( ٨ )

نڪي نمن ناٿ کي، ناٿ نه نمائين،
جاتا ڪن نه جوڳ جي، جوڳ نه جهارين،
آديسي آئين، آهچائيون آلماس جيون.

(٩)

ڀتا ڇر ڇرائيا، منهن ڪانئيا مَيءِ،
ماڻ مڱڻ ٻڪيا، نه ڪا لڄ نه ليھ،
باھو بيڪاري ٿيا، نه ڪو پٽ نه ڏيءِ،
پسوا جلابا جيءِ، ويراڳين ويراڳ سين.

(١٠)

هر هر ڪن هرنام، ڌون ڏيهائي ڌوتيا،
جن نه ريجهايو رام، ناٿ نه نمي تن کي.

(١١)

ڌون ڏيهائي ڌوتيا، هر هر ڪن آميس،
جن نه ماري ميس، ناٿ نه نمي ان کي.

(١٢)

کهنڊن پاسي کهنڊ، ڳڏ ڳذارين ڪوڏڙيا،
پليديءَ کان پانهنجا، پاڪ رکيائون پنڊ،
نانگا ڪن نه ننڊ، وڃن روندا رام ڏي.

(١٣)

ٿِهڙا ڪرڄ ڪڪرا، جهڙا جانئن ڦل،
تن ساميءَ جي سڌ مران، جن گودڙين ۾ گل،
اندر ۾ آمل، ٻهر ڪوجها ڪاهڙي.

( ١٤ )

يادَ ڪَرو ڪَنِ گودڙِيا، پَرَ بازارِين بِيٺا،
پَڙهنِ سور سُبحان جِي، اِينِ تِنهن بِيٺا،
جيلان سَنهن مِيٺا، تيلان نشا چاڙهِيئون نينهن جا.

وائي

تَنِ آڪينَ دل آڙائي، پَرِيَ! جيڏيون!
ڪِنهن دَر ڏِيان دانهڙي؟
ڦَڪيون ڏِيئي ڦَڪيون، وِيجن آئون وِرچائي،
پَرِيَ! جيڏيون! ڪِنهن دَرِ ڏِيان دانهڙي؟
حُسن هوتنِ جي آدِيون، لاليءَ آئون لَچائي،
پَرِيَ! جيڏيون! ڪِنهن دَر ڏِيان دانهڙي؟
اُلفتَ ڪرم آن سين، قُربَ جا ڪڙائي،
پَرِيَ! جيڏيون! ڪِنهن دَر ڏِيان دانهڙي؟
صُحبت سپيرينِ جي، مِٺي آهه مٺائي،
پَرِيَ! جيڏيون! ڪِنهن دَر ڏِيان دانهڙي؟
آلا! عبداللطيف سين، وَحدت وَٽ وِرهائِي،
پَرِيَ! جيڏيون! ڪِنهن دَر ڏِيان دانهڙي؟

## داستان ستون

( ١ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طاماعو،
سين ھنيائون سڄ ۾، پھر نہ پيناٿو،
آوسر آسائو، آئي گوندر گڏيا.

( ٢ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طمعدار،
سين ھنيائون سڄ ۾، جوڳي ڪنھن نہ يار،
آوسر جيءَ آڌار، آئي گوندر گڏيا.

( ٣ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، ٻڪ چکيائون ھوءَ،
وِيا نيرانا نڪري، جوڳي منجھان جوءَ،
آوسر آجا اوءَ، آئي گوندر گڏيا.

( ٤ )

پنن ڪين پٽ ڪئي، گھرن ڪين گھران،
مھيسي مخلوق جي، آئين دور دران،
پڇن ڪوہ شرعان، آلدر عدالت ان جي.

( ٥ )

ڀِنَ جو پَٽ ڪٽي، سو جي سَچاڻِ،
تہ بر ۾ بيڪ لهڻ، ڦِر نہ ڀِنَ ڪاڙي.

( ٦ )

آسڪ جن آويرِ، سي سانجهيءَ رهڻ سمهي،
لاهوتي لطيف چئي، آديءَ ڏينِ آليرِ،
ستو لوڪ هسي پيا سامي مٿي سيرِ،
ڪيڏهن ڪندا ڀيرِ، مڙوئي مٿو نيو.

( ٧ )

وڃينءَ ويٺا هونِ، سانجهيءَ رهڻِ سمهي،
ڀيسي منهن پانهنجو، ڏاران ڏوڙ نہ ڏونِ،
وهاڻيءَ واٽِ تي، پاسا ڪوڙيو پونِ،
ڪنهن ڪي ايٿن نہ چونِ، تہ آسين آديسي آهيون.

( ٨ )

وڃينءَ ويٺا رهڻِ، سانجهيءَ رهڻِ سمهي،
ٻڪ مرندي ٻکيا، ڪنهن ڪان ڪينَ گهرنِ،
ٻيٽ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چسنِ،
تڪي نقيرنِ، ماڳان ڀِني ماٽ جي.

( ٩ )

ڪَشَنِ ساڻِ ڪَشي، ڏيلَ ڪيائون ڏُٻرا،
پيٽَ نہ ڀريائون پانھنجا، چوريءَ ساڻ چَسي،
وِيراڳِيَنِ وسي، رام سدائين روح ۾.

( ١٠ )

ڪَشي چيلھہ ڪشا، ڏيلَ ڪيائون ڏُٻرا،
لاهوتي لَطيفُ چئي، تن ڪي ڏين تسا،
ڳَروءَ جي ڳسا، پاسي ڪنِ نہ پاڻَ کي.

( ١١ )

آديسي آديس، هِتان ڪري هَليا،
ڪاپڙِينِ قلبَ ۾، ڪيو ڏورائون ڏيسَ،
وِيراڳِي نئون ويسَ، راوَلَ ڏِٺي رِميا.

( ١٢ )

آهي آڪڙِينِ ۾ آديسِيَنِ آدَبُ،
تِنِ جو حَسبُ نسبُ ناهِ ڪو، نہ آما نہ اَبُ،
سامِينِ کي سڀِين پرين، روح ۾ رهيو ربُ،
ري لانگوٽي لَبُ، پاڇي ڪَڍَنِ نہ پاڻَ سين.

( ١٣ )

لانگوڻي لاهي، وَنءُ وِيراڳين سامهون،
پَڌ سُورنِ جو سَندرو، مَنجهان سِڪ ساهي،
اَنهين وَٽِ آهي، اوچَن ڳالهِ اَگهارَ جي.

( ١٤ )

ڏنگ ڪَڍيائون لانگ، موڻي ڪَنِ نَه مَسُحو،
جا اسلامان آڳي هُئي، سا مَٿائون ٻانگ،
ساڻي ڇڏي سانگ، گَڏيا گوَرڪناٿ کي.

( ١٥ )

وِيراڳِي واڳِي، ڏِينِ ڏِهاڙي ڏِيلَ کي،
راول رَتين مولهِين، سامِي سهاڳِي،
جَن سين لَنئون لاڳِي، سي جوڳِي ڀَسان تَہ جِيان.

( ١٦ )

وِيراڳِي واري، آلا! آگَرِ آئِين،
ڏِکَ لاهِيندا ڏِيلَ مان، تَهِنِ جِنَن تاري،
اِيندَمِ اوتاري، ڪِينءُ جُون ڏِيندَم خبرون.

( ١٧ )

آرتو آکينِ مان وَهي، مٿي ڳَلن ڳاڙ،
ڪوري ڪَنن وِچ ۾، ڦَچ ڏنائون ڦاڙ،
هٿي توبه تاڙ، نانڪا نِسورا ٿيا.

( ١٨ )

لاهوتي، لَطيف چئي، سَڏَ نه ڪَنن ساڻ،
اِيءُ آديسينِ اهڃاڻ، جِنَ تعلق ڇَڏيائون ڇِنا.

( ١٩ )

جَرَ جَرالِينِ آڳَرا، ڪوري ڪانينِ ڪَل،
ماءُ مارينِدم اَنِ جا، آڏيا ماڳ مَحل،
ڪيائون ڪانءَ ڪهل، آديون! عَبدُاللطيف چئي.

( ٢٠ )

ٻوجا ڪارِ ۾ ٻاڻَ ڪي، ڪوءِ! راوَل، ٻنِ رجات،
لباسان لَطيف چئي، ٻَلِ ويراڳِي وات،
مَنَ ماري ڪَرمات، تَه تيرَٿ وَسين تَڪيو.

( ٢١ )

ٻوجا ڪارِ ۾ ٻاڻَ ڪي، ٻَلِ ٻوجا ڪان ٻاڻ،
جاٺي ڇَڏي جاڻ، ٻرِجَ ٻورَب ٻنَدَ تي.

( ۲۲ )

ٻوڇا ڪارِ مَ ٻانَ ڪي، جوڳِي رَکِجِ جوڳ،
خَلقَ خادِمَ جِنِ ڪَرِينِ، اِيءَ راوَلَ وَڏو روڳ،
پَکَنِ ڪونهِي پوڳ، نانڪا وَڃَنِ نِنگيا.

( ۲۳ )

ٻوڇا ڪارِ مَ ٻانَ ڪي، سَمَجهَ ڪِي سامِي،
تِنِي سورَنِ سِين سَنرو، وِيهُ مَ وِسامِي،
خَطرا ڇِڏِ خامِي، تَہ نانڪا رَسِين ناٿَ ڪي.

وائي

مِڙِينئون موڪَلَ، ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي،
ڪَڏِهنِ آتَرَ سامَهان، ڪَڏِهنِ دونهينءَ جهل،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
هَنِ سيڪِيندي هِنڙا، سون ٻاڙِيندي ڳالِ،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
چِيري چَندَن ڪاٺَ جِنِ، سوَرَ ڏِلائَمَ سَلَ،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.

بابو ڪن نہ ٻڪيا، نَڪا وَلن وَل،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
آلا عَبدُاللطيف چَئي، اِينـدَم شال آمَل،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.

## داستان اٺون

( ١ )

رَهيا آئيئي راتِ، صُبح وِيندا صابري،
لَٺن لَٺن مَنجهہ لطيف چَئي، ڪرِ تنينِ جي تاتِ،
سندي جوڳِنِ ذاتِ، پيري ڪنهن پاڳ مڙي.

( ٢ )

صُبح وِيندا صابري، آڳِنِ آهينِ آجُ،
ڪِجِ ڪو ڪاپڙينِ مان، روحَ رَچِندو رَجُ،
پيرَ تنينِ جا پَڄُ، مَتان سِڪين مَناسِين ڪي.

( ٣ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي سائنِ اورِ،
ڏَهہ ڏَهہ پيرا ڏينهن ۾، هاڻ مَتانئنِ گهورِ،
وِيا جي هِنڪلورِ، تہ ڪَرمِ مِلندءِ ڪاپڙي.

( ٤ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وڃن ويهه،
سامي سفر هليا، ڏور چتائي ڏيهه،
ڇڏي سڪ سائيه، متي ڪنگا ڪجيا.

( ٥ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وڃن وڃ،
سامي سفر هليا، رائو چتائي رڃ،
اهڙو جن آهج، سي ڪرم ملندءِ ڪاپڙي.

( ٦ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وڃن آءُ،
ويو تن نه وسري، لاهوتيڪو لاءُ،
فنا ۾ فراق جو، سامين چکيو ساءُ،
وڃان تو ويندءِ، ڪاپڙي ڪابول ڏي.

( ٧ )

آج نه اوطاقن ۾، جاڳر ننڍڙين جو،
ساريو سنامين ڪي، روندين تان رو،
پس پاريان تو، لاهوتي لڏي ويا.

( ٨ )

آڄ نَہ اوطاقنِ ۾، طالبَ تَنوارينِ،
آديسي آئي وِيا، مڙهيون مون سارينِ،
جي جيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهوتي لڏي ويا.

( ٩ )

آڄ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِنِ جوڙ،
ساري سَناسِينِ کي، کامي ٿِيس کوڙ،
مَنَ جَنينِ سين موڙ، سي لاهوتي لڏي ويا.

( ١٠ )

آڄ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِينِ ذاتِ،
ساري سَناسِينِ کي، رُنمِ ساري راتِ،
مون جَنهين جي تاتِ، سي لاهوتي لڏي ويا.

( ١١ )

آڄ نَہ اوطاقنِ ۾، تازا ٻَہرِ ڪَکَ،
آديسي آئي وِيا، ٻِئي آڏامي رَکَ،
سامي کَٽِي سَنکَ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

( ١٢ )

آڄ نه اوطاقن ۾، ڏونهين، ڏنڊ، نه لاٽ،
وِيا وِيراڳي نِڪري، چِٽ چکائي چاٽ،
آئون ماريس تنهين مات، جيجان جوڳيڙن جي.

( ١٣ )

جِياسون جوڙ ٿِي، جوڳِي ڏِٺوسون،
مَلا تنهين مون، حاصل ڪي حال ڪيو.

( ١٤ )

جِياسون جوڙ ٿِي، جوڳِيءَ لاٿو جار،
سندو پورب پار، آڇِيائون اِيندن کي.

( ١٥ )

جِياسون جوڙ ٿِي، جوڳِي ڏِٺوسون جان،
سڱ هو جنهين سان، سامي سو ساڻي ٿيو.

( ١٦ )

جِياسون جوڙ ٿِي، لانگو ڏِٺوسون نت،
جنجهو هو جو چِت، ڪلي سو باغ ٿيو.

( ١٧ )

هٿين! جي هٿا هِتِ، تہ مٿن هوند حق ٿيو،
مٿيون، سورت سِتِ، ماڻ وِسريون ڪي لهان.

( ١٨ )

هٿين! جي هٿا هاڻ، تہ مٿن هوند حق ٿيو،
ٻيهي وِيا ٻاڻ، آڏيا مڙه مارين موں.

( ١٩ )

ڪاپڙي ڪَن چير، وِيا وِيراڳي نِڪري،
دِل هٿي وِيا دَلق سين، ٿورو هٿڙا فقير،
سنگيون منجهه، سرير، هٿي وِيا جام سين.

وائي

جوڳي جَڳ گهٽان، لا، مون وه ويراڳين سين.
ٻاچي ڪن نہ ٻاڻ سين، ٿيي منجهه، ڪٽان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.
جان ڪي ڏاٿيون ڏوڙ ۾، جان ڪي ڪين ڇٽان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.
ويٺي وانڙين تسي، پٽن جٺن پٽان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.

ساريو سناسين ڪي، وڃي هٿ هٿان، آلا،
مون وه وڇراڪين سين.
آيل آديسين جا، مون تي ڳن ڳهٽان، آلا،
مون وه وڇراڪين سين.

## داستان نائون

(١)

جن تا پچن آن کي، تن جي پچن پنڌ،
تہ رڙهي لڏائون رند، لتين لڪ لطيف چئي.

(٢)

جن تا پچن آن کي، تن جي پچن الله،
تہ رڙهي لڏائون راه، لتين لڪ لطيف چئي.

(٣)

سهيڙيءَ سيد چئي، جن تا پچن آن،
تن ڪاپڙين نہ ڪن، جوڳي چائين جاڙ تا.

(٤)

ڳنڍي ۾ ڳراه، جنهن سناميءَ سانڍيو،
انهيءَ ڪان الله، آڇان آڪاهون ٿيو.

( ٥ )

وڃڻو پچين پر، ڪر هنشار هلڻ جي،
اَڄ آديسي مَرَ، سڀان مرندو سڀڪو.

( ٦ )

جو کھندِ سهندِ سامهون، پِرتِ تنهين سين پار،
نينهن نہ لِبهي جنهن جو، تنهن سين تون م تنوار،
هِڏِ م واٽ وِسارِ، ٿِيءُ نِرالو نِبري.

( ٧ )

پوري ٿي رَهُ، آهي اجهہ م ڪاپڙي،
الا جي عِشق جا، سي تون سهيو سه،
اِڃ پاڻ کي پهہ، هِنگلاج هلڻ جو.

( ٨ )

ذورڻ گهٽون ذاڪڙو، ذورِج ري م ڏني،
تان تون هوئِج حجري، جانسين يار جِٿي،
جڏهِن ڀاسي ڀاڻ ٿِيي، تڏهن ڇڏج تڪيو.

( ٩ )

ذورڻ گهٽون ذاڪڙو، ذورِ م ذيان دار،
ڪوڙين لڪ هزار، ان آونداڻيءَ آندا ڪِيا.

( ۱۰ )

تو جو ڏيو پاڻيو، سا سورج سھائي،
آنڌن اونڌائي، جي رات وھامي ڏينھن ٿيو.

( ۱۱ )

ناٿ جنھين نند، تت نہ نھاريو جوڳين،
ڪي ڪوپساھيا ڪاپڙي، ٻرھا پراھين پند،
ھوءِ ھنھين ھند، ھو ھونھين ويا ھنگلاج ڏي.

( ۱۲ )

سامي تون سلوڪ ڪي، ھتان ھڏ م چڏ،
لڏيندن سين لڏ، تہ رھين تون راڄ ڪري.

( ۱۳ )

ويندن ڪي ويڪ ٿي، ھوندن ڪونھي ھنڌ،
”مَنْ لَہٗ الْمَوْلیٰ فَلَہٗ الْکُلّ“، اِيءَ ھروڙج ٻنڌ.

( ۱۴ )

ڇڏ جاڳوٽا جوڳين، ڏونھين ڪام ڏکاءِ،
”وَاذْکُرْ رَبَّکَ فِيْ نَفْسِکَ“، اَندر آڳ جلاءِ،
جن سڄڻ سين ساڃاءِ، تن ڪينا ملو ڪي نہ پيو.

( ١٥ )

لَنگهه لاهوتيان ڪاپڙي، دونهين ڪام دکاءِ،
اوري ڪرِ مَ آسرو، پَري پير مَ پاءِ،
جنهن جي جاءِ نہ ماءِ، وڃُ تنهين سين واڪيو.

( ١٦ )

ڪوءِ گودڙ، ٻن گَبريون، نيئي ڪِدائون ڪانءِ،
جيڏاهين جوڳ ويو، نين تيڏاهين تانءِ،
پٺو ايهين پانءِ، تہ سگيون شومت هٿ جون.

( ١٧ )

تَڪَڙ گهٽان لڪائيا، تون تَڪِڙ ڪي تَڪاءِ،
آئي آڌيءَ رات ڪي، پنهنجو تن ٻچاءِ،
لاهوتي مَ لڄاءِ، نانگا تون ناموس ڪي.

( ١٨ )

گَلَ گَلَ ڏِسي گودڙيا، گهٽان مَ پائيج،
سوئي سَجائيج، هيءُ هو آهي هيڪڙو.

( ١٩ )

راتيان رَجهن رامَ سين، ڏينهان ڪن سَنان،
جوڳي ميِ آنان، وَڃون جن وِراهيون.

( ٢٠ )

دَلقَ ڏِڪائِجِ دِلِ ڪي، لائِجِ ڪومَ لباسُ،
پُوري ڪائِجِ پاڻهنجو، مَڙهيان آندرِ ماسُ،
تہ وِيراڳِي تو واسُ، بر ۾ بُويُون موڪلي.

وائي

وِيہ ۾ وِيسَرِي، تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللہ سِين.

مَحَبَتَ جي مِيدانَ ۾، سَڄِي ڳالهہ ڳَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللہ سِين.

سي پُڻ روندا رتَ وِيا، مِڙِيا جي مَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللہ سِين.

سَتي سَڄَڻ نہ مِلي، آهي اِيءُ ڪَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللہ سِين.

جي اوسِيڙي آڏيءَ آئِنِ، تَنِين واڳَ وَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللہ سِين.

# باب ڏھون

( ١ )

بَکَ وِڏائُون بِکَرِئين، جوڳِي ڪَندا جِجَ،
طَاب رَکَنِ نہ طعام جِي، اوتيو پِينِ آڃ،
لاهوتينِ لَطِيفُ چئي، مَنَ ماري ڪيو مڇ،
سامِي جهاڳِي مڇ، وَسِيئَن ڪِي وِيڄها ڏِيا.

( ٢ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِينگ،
پِنگا جَنهِين پِينگَ، صاحِبُ تَنهِين سامهون.

( ٣ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِکَ،
جيڏانهن پِرِينِ وِکَ، تيڏانهن صاحِبُ سامهون.

( ٤ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِيڙَ،
جيڏانهن ڪَرِينِ پِيڙَ، تيڏانهن صاحِبُ سامهون.

( ٥ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ ڪَچَ نَہ ڪاچوٽِي،
سامِين ٻارِي مڇ ۾، ٻابِنِ ٻاهوٽِي،
جوڳِي جَبروتِي، وَڃائي واٽ ڏِيا.

( ٦ )

ڪَچِي ڪاچوڻِي، نانگَنِ پَڏي نينهن جِي،
جِهڙا آيا جڳ ۾، تِهڙا وِيا موٽِي،
سَڪَ نَہ سَتا ڪاڙِي، لاهِي لانگوٽِي،
آنين جِي چوٽِي، پورَبِ ٿيندي پَڌَرِي.

( ٧ )

جا بَرادَ بَتَنِ جِي، سا آجَ بَڪَ آديسينِ،
روزا رِندَ رَکَنِ، عِيد نَہ اوڏا ڪاپڙِي.

( ٨ )

رامَ ڪَلِي دَکِيا کَهِي، سَکِيا کَهِي نَہ ڪوءِ،
ڪو مِٽِي ڪو مائِٽِي، ڪو روچِي ڪو روءِ،
رامَ ڪَلِي کَهِي سوءِ، جِنهن پاڳِي دکَ آڇِي.

( ٩ )

پَريندِيهِي اپرَ ٿِيا، کَنجو چِڏي گامَ،
وِيهِي ڪِيو نَہ وِچَ ۾، آديسِينِ آرامَ،
راهَ ۾ گَڏِئِنِ رامَ، هِنِدان چِٽا ڪاپڙِي.

(۱۰)

آکيون آلو ساھ، سدا سناسين جون،
واري نيڻ نندانھ، جاڳي جهليا جوڳين.

(۱۱)

آڏ لڳيون آھين، آيل آديسين جيون،
ويهي وھائين، ڪا قضاني راتڙي.

(۱۲)

آجان سي آھين، جي سزاوار سڳين جا،
ويٺا وڃائين، جي سناسي سٽئين.

(۱۳)

مرڻ مسلم جن، واحد تن نہ وسري،
جتي سگهر ڪاپڙي، نانگا ننڊ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳي آجاريا.

(۱۴)

عاشق شهر فقير، در در هٽن سين،
”من عرف الله ڪل لسانه“ اهڙائي آمين،
جتي پسن ڪين، تتي ڪرين تڪيو.

( ١٥ )

ڍِنيءَ ڏيون ڍِڙڪنِ، ٻاهيون ٻيراڳِين جيون،
هلو تہ سيکيون هتڙا، مٿي تن مچنِ،
ملا سناسِينِ، جڙ لڳِي مون جانِ ۾.

( ١٦ )

هو جي ڏِيا هر ڪيسَ، تنِ لڳِي ڪينَ لِباسَ سينِ،
وَتنِ وِلهي وِيس، لاهوتي لطيف چئي.

( ١٧ )

ٻکَ آنهِين جي ٻکِيا، ڏوڙِ آنهين جو ڏوپ،
سو ڪِٿائون روپ، جِتان لوڪ لَڄ ڏِئي.

( ١٨ )

سِگيون، سِيليون، کَبريون، ڏِيئي ڏولَ ڏِکو،
پٽ ڪي هِٽي هٽ سين، ڀِري تنِ ڀِکو،
لاهوتَ جنِ لِکو، سي مڙهيان سورِ نہ سِگيا.

( ١٩ )

ويٺي وَڻيائون، ڪي جي سگا سورَ جا،
ڀِويو ڀاتائون، ساڃا ڪيو سِگينِ ۾.

( ۲۰ )

ڳرَ جا ڏِنيِ ڳودڙيِ، سا مون کي نِي مرڪ،
چيلا! مارِ چرخ، اوڏي وِيه آدَب سين.

( ۲۱ )

ڳرَ جا ڏِنيِ ڳودڙيِ، سا ٿِئي لاهيندي لڄ،
سَندا تنهِن سهڄ، چيلو چوندو ڪيترا.

( ۲۲ )

جا ڳرَ ڏِنيِ ڳودڙيِ، سا مون کهُون سهاءِ،
نيئي رساڻي ماءِ، اوڏِنِ جي آدَب سين.

( ۲۳ )

ٻَتَ چڏِياڻُون ٻَتَ ٻ، ڏَنڊ چڏِياڻُون ڏُورِ،
مهيسي معمورِ، وڃِي ڪالهَ ڪلّ ٿِيا.

( ۲۴ )

ٻَتَ چڏِياڻُون ٻَتَ ٻ، ڏَنڊ چڏِياڻُون ڏِس،
آلائِشان آڳِي ٿِيا، موٽِي ٿِين نہ مَس،
هِيءَ چڏِياڻُون حس، وڃِي ڪالهَ ڪلّ ٿِيا.

( ٢٥ )

ڏاڪا هَڏِ نہ ڏوءِ، دِل ڏوتائون ڏکَ سين،
لاهوتيِ لَطيف چئي، روحان اندرِ روءِ،
ڪو نہ ڏِئوسون ڪوءِ، سِنياميِ سورنِ ري.

( ٢٦ )

ٻُڌو ٻہ ڏيهِنِ جو، آسَ وَٽ آهي،
لُڪَن جي لاهيِ، هُنهين تان حَقُ لَهي.

( ٢٧ )

نَڪي طَعامَ تنبڙين ۾، نَڪيِ گَبريِنِ،
سُون پُڻ مَلا تنِ، حاصِلُ هيءُ حالُ ڪيو.

( ٢٨ )

ٻولي ٻَجهارَت، جوڳِيان سَنديءَ ذاتِ جيِ،
ڏورڻ گهٽون ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عَجَبُ عِبادَت، ٻهَہ پروڙڻ آن جو.

( ٢٩ )

جِنهن ڪارڻِ جوڳِي نِيا، جان جان سو نہ ٻَسنِ،
تان تان سَتامِينِ، وِرَهہ وِهامِي راتڙي.

(٣١)

نہ ڪلن، نہ ڪين ڪي، نہ ڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا ھر ھر ورڻ ڏاڪڙو.

(٣٢)

ڪي جو ڏٺائون، جن ڏهڪجي ڏور ٿيا،
وهڪ نہ ڪيائون، آپيڪ عيب نہ آن جو.

(٣٣)

ڏرو ناهہ زمين، جتي عرش نہ آپ ڪو،
نہ ڪو سورج، چنڊ جو، ھتو آت ھسين،
نہ ڪي تارا ڪتيون، نہ ڪي جسم جنين،
آتي آديسين جي، قدم ري پيو ڪين،
ملي ٿيا مسڪين، رام ريجهائي راز سين.

(٣٤)

جتي عرش نہ آپ ڪو، زمين ناهہ ڏرو،
نہ ڪو چاڙهائو چنڊ جو، نڪو سج مرو،
آتي آديسين جو، لڳو ڏنگ ڏرو،
ھري ھين پرو، ناٿ ڏٺائون نانهن ۾.

## وائي

جوڳي ڏاڍي ذات، جيجان ساڳي ڏاڍي ذات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

راتيان ڏينهان روح ۾، مون کي سڻدين تات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

سِڳها ايندم سپرين، شل سياڻي ڀرپات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

انهن آديسين جي، مون کي وائي آهي وات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

ڪريان عرض الله کي، آئون اڄ آڌيءَ رات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

# ڪاھوڙي

( ١ )

ڪاھوڙِين خفيءَ سين، سوجھي لڌو سبحان،
عاشق اھڙين آڪرين، لنگھيا لامڪان،
ھوءَ ۽ ڪَڏِجي ھوءَ ٿيا، باھو سي بِريان،
سيوئِي سبحان، آيو نظر اَنِ جي.

( ٢ )

مون سي ڏِٺا ماءِ، جنھين ڏٺو پِرِينِ کي،
آنھين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگھان ڪالھڙي

( ٣ )

مون سي ڏِٺا ماءِ، جَنھين ڏٺو پِرِين کي،
رھي آڇجي راتڙي، تَنِ جَنگَنِ سنديءَ جاءِ،
آنھين جي ساڃاءِ، ترھو ٿِئي تارِ ۾.

( ٤ )

ويٺيون پَبَ پٺي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جون، پچان ڪير پهي،
رجن رات رهي، جنين ڏونگر ڏوريا.

( ٥ )

ياران پڇي آءُ، خبر ڪاهوڙين جي،
ڏوٿين ڏونگرانءَ، ڪنهن پر ڏوريو ڏٺ ڪي.

( ٦ )

تون هڏ ڪڇاڙيا، سنجهي سعيو نه ڪرين؟
سوارا سنڌ ڪٺي، ڪاهوڙي ويا،
آئيندين ڪنا، ڏٺ ڏوراٽي ڏيهہ جو.

( ٧ )

هوءِ ڏوٿي، هوءِ ڏينهن، هوءِ ڏونگر، هوءِ لڪيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پٽان لهسن لڪ ۾.

( ٨ )

جا جوءِ، سٽي نه پڏي، ڏوٿي سا ڏورين،
پاسا مٿي پاهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا آتِ وڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

( ٩ )

ڪاهوڙي ڪِجن، هيئو ٻورهيت ويسرا،
سي ڏونيهڙا ڏور ويا، رِهڻ جي رهن،
ڪا مَنِ آهي تنِ، مون پريان جي ڪاهوڙي.

( ١٠ )

دلق ڪَڍيو ڏوڙ ۾، پڪليا پيٽنِ،
ڪاهيئون ڪِهلي لوڪ سين، ٻڌرِ هئي نہ ڪنِ،
ڪا مَنِ آهي تنِ، مون پريان جي ڪاهوڙي.

( ١١ )

تون وڃن ويهي آء، آڳي ڪاهوڙين جي،
جوش ڏِنائون جيءَ کي، لِڪائي لوڪاءَ،
ڏونئين ڪنهن ڏَڪاءِ، سمهي سک نہ ماڻيو.

( ١٢ )

ڪي ڪي ڪاهوڙي! ڇپر ۾ سڌ ڏيو،
آڳي ٻي ڪي، جنهين سندي ڪاهوڙي.

( ١٣ )

ڏٺ ڳهٽائي ڪنِ، اِنَ اورانهين ڏيهہ جو،
سندا ڪاهوڙين، ٻري سڄڻ ٻيچرا.

( ۱۴ )

ڏٽ نہ ڪنو ڏوٽيين، جيڪي ڏٽ ڪرين،
اُهڃائيون عالم جون، اورياڻين آئين،
تنهان ٻري ڏسين، پريان سندي ڪاڪڙي.

( ۱۵ )

جيڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو،
چِپر ڪِينَ ڏئي، سوڪڙيون متن کي.

( ۱۶ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، سوران ۾ ماتام،
ڪيائون قيام، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڌ ٿيا.

( ۱۷ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، گھرين نہ گھارين،
واحد لڳ وِلهن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارين، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڌ ٿيا.

( ۱۸ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، ويهي نہ ويرم ڪن،
ڏينهن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جهنگل ۾ جهٽڪن، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڌ ٿيا.

(١٩)

مون ڪاهوڙي لکيا، آئين نہ آرام،
کيائون تن تمام، جهڙ ڏوٿي ڏٺ گڏ ٿيا.

(٢٠)

مون ڪاهوڙي لکيا، سمهن ڪين پئي،
سمر ڪيائون سچ جو، ڏوري ڏٺ لهي،
ويا تت وهي، جت نهايت ناهہ ڪا.

(٢١)

رائو رچ رهون، جتي نينهان نڪتي،
لڳيو هير لکن مين، ڇڄيو ٿين ڇهون،
تان ڪا سار لهون، هوت! ڪميٽي سبرين.

(٢٢)

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر هڏا سندرا،
ڏوريندي ڏونگرين، پاڻ ڪيائون پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهہ لڏائون ڇپرين.

(٢٣)

ماءُ ڪاهوڙي هليا، ڏونهان ڏکاڻي،
وڻڙا وساڻي، ڏوٿي ڏونگر وٽ.

( ۲۴ )

ماءِ ا کاهوڙي هَليا، ڏَکائي ڏَونهان،
ڇَپَرَ جا سونهان، ڏوٿين ڏَٺَ چِتائيو.

( ۲۵ )

ڪَهُن نہ ڪيڪان، پَنڌِ پراهين هَليا،
ڏوئيڙا ڪنهن ڏَٺَ ڪي، جنبيا ڏَنهن جابانَ،
ڪاهوڙين آهيان، آنگ نہ سَجِي آکڙي.

( ۲۶ )

سَڪَ اِ سَنا ڪَڏهين، ڪَرَڪَنان لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين اَنَ پَنڌَ جو.

( ۲۷ )

پيرين پراڻان ڪيترا، سَڪا مَنهن سَندَنِ،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جِتِ منجهنِ،
ڪِجها ڪِجهيون ڪَنِ، تِهان پراهين پَنڌَ جيون.

( ۲۸ )

سَڪا سَنڌِ ڪَڇَنِ ۾، ڪَرَڪَنان پيرين،
نِمندي نيٺين، آنءُ ڪي ڪاهوڙي گَڏيا.

( ٢٩ )

سَڪ سَندِ ڪَپِنِ ٨، ڪَرَڪِڻان پيرين،
وِڃائي ڏ وِيرِينَ، آئُن تَن عينَ آڪَ جي.

وائي

وَسائيندڙي مِينهَن، مانَ مِلان ڪي سَجَڻين،
آئُون مِلندي پِرِين ڏ ڪي، راتيُون ڏوري ڏينهن،
مانَ مِلان ڪي سَجَڻين.
مُون ڪي پِرِينَ ميڙئين، رُوڄهِڙِيُون ميڙئين مينهن،
مانَ مِلان ڪي سَجَڻين.
آڪيَنِ آگمَ لائِيا، ڪَرَ مَندائتا مِينهَن،
مانَ مِلان ڪي سَجَڻين.
مادرا! سُوني نَہ وِهان، جان پِرِيان سين نيهن،
مانَ مِلان ڪي سَجَڻين.

داستان ٻيو

( ١ )

پِيرُ جَنِ پَرِين، گَنجي ڏونگَرَ گام جو،
چِڙِي ڪيئن ڪَرِي، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٢ )

ھيٺي جن ھرک، گنجي ڏونگر گام جي،
وانڇي سڀ ورق، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٣ )

ھيٺي جن ھٽي، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي ننڊ گهٽي، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٤ )

ھيٺي جنين بوءِ، گنجي ڏونگر گام جي،
ڏوري سائي جوءِ، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٥ )

ھيٺي جنين باس، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سڀ لباس، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٦ )

گنجي ڏونگر گام جي، ھيٺي جنين سڌ،
ٻي سڀ ڇڏي ٻڌ، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٧ )

گنجي ڏونگر گام جي، ھيٺي جن ھروڙ،
ڇڏي سڀ ضروڙ، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٨ )

پيهي جن پروڙيو، گنجو ڏونگر گام،
ڪري تن تمام، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٩ )

کهڙو آئيني ڪام، گنجي ڏونگر گام ۾،
پسي تنهن پهاڙ کي، آچي نه آرام،
متان ڏونگر ڏوريين، اجهين ڪه عوام،
"هُنَ" ڪر حرام ڪام، ته ڪاهوڙي ٿيين.

( ١٠ )

گنجي ۾ گڻ گهڻان، پير پروڙي پاءِ،
ڪاهوڙي ڪرا ويا، نڪا اوڏي ماءِ،
جنين ڏٺي جاءِ، تنين موٽڻ سنهڻون.

( ١١ )

جت نه هڪيءَ پير، تت تمڪي باهڙي،
پيو پاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ کير ري.

وائي

آئون جيهائي ذات، تون پاڻ سڄائج سپرين.
اوئيون آديسين جيئون، پريان ساري رات،
تون پاڻ سڄائج سپرين.
جي ٻانهي ڪوٺيين پاڄھ سين، ته ڪرلڏيم ذات،
تون پاڻ سڄائج سپرين.
تان ڪي ڏونگر ڏوريان، جان نه وهامي رات،
تون پاڻ سڄائج سپرين.
ڪنديس عرض الله کي، وهائي ٻرپات،
تون پاڻ سڄائج سپرين.

## داستان ٽيون

( ١ )

اَڃي پيا آتَ ۾، واٽ وڃائي جن،
اوءِ بصير برن ۾، آندا ٿيو آهن،
ڪَنِ آڏيون تاڙيون، گُنگَنِ جُئَن گهمن،
فراقي فرمان جو، آهي ٻر پوڙن،
لنگها ٿيا لاهوت ڪي، سَتا پيا سڪن،
ڪَپت ڪاهوڙين، آه اُنئي پٺي نه لهي.

(٢)

ڏسي ڏوري ڏونگرين، وات وڃائي جن،
ڪرندان ڪي پروڙيو، رندين سي نه رڙهن،
ٻيئي دار ديون ڪيو، پيرت تان نه پڄن،
ڏوڙ پريان لئي ڏار ڪيو، ويچارا وجهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لڪ لاهوت جي.

(٣)

ويجهو وڃ م وات ڪي، ڪهج ڏنهن ڪوات،
اجهي منجهان آت، آويسي ئي آءُ تون.

(٤)

ڪپيري ۾ پير، ڪنهين پاتو پيرين،
جئان منجهه ماڙهئين، سڄڻ تئان ئي سير،
ان پون سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي.

(٥)

ڪپيريان پري ٿيا، آهڏي ٻڌائون،
انهين ڪي آئون، هينئر ڏسي آئيو.

( ٦ )

ماءُ ڪاهوڙي آئيا، ڏوري ڏوري ڏيهه،
سين ڀيرين ڪيهه، ڪهه جاڻان ڪنهن ٻار جي.

( ٧ )

جهنگل هليا، سي نه ڀليا، راهه هليا ڦرجن،
اوجهڙ سي نه پون، ٻئي جنين ڇڏيون.

( ٨ )

جهنگ ڪامي ڀت ٿيو، ڀڳي چوران لڪ،
سيڪڙو ۽ سِڪ، ٻئي گڏيا ٻان ء.

( ٩ )

جهنگل آهيڙين ڪي، ٻنڻ ڪيو روء،
نه ڪتا، نه ڪوڙڪيون، چڙهيو آئيو چوء،
هاڻي هنهان پوء، لڳي لونو نه ٿئي.

( ١٠ )

جهنگل آهيڙين ڪي، ٻنڻ ڪيو روندو،
نه ڪتا، نه ڪوڙڪيون، چڙهيو آئيو چوندو،
هڏهين نه هوندو، اِنهان پوء عالم ء.

( ١١ )

نہ ڪتا نہ ڪوڪار، نہ سي مڏ شڪارئين،
پنيو ڪٿي پار، جهنگل آهيڙين کي.

( ١٢ )

ور سا سجي وبڙہ، جنهن ۾ سجڻ هيڪڙو،
سو ماڪ ٿي ٿير، جتي ڪوڙ ڪماڙهئين.

( ١٣ )

ور سا ڪاري رات، جنهن ۾ راہ گم ٿئي،
نہ ڪا هن جي تات، هيءَ پڻ وڃي وسري.

( ١٤ )

ڪاري رات اچو ڏينهن، ايءَ صفتان نور،
جتي پرينءَ حضور، تتي رنگ نہ روپ ڪو.

( ١٥ )

تحقيق جي تون پري، متي ريءَ ڪئيج،
جا حاج هتڻ ري نہ ٿئي، سا تونئو ٿي ڪريج،
شڪل حقيقت جي، پوڙو ٿي پڌيج،
آنڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

( ١٦ )

وائي وڃيم شال، ڪنن سين ڪيم سٺان،
پلو ڪري پال، اکين سين آنڌو ٿيان.

( ١٧ )

ڏونگرين ڏسجنِ، اَڄ ٻن ريون آنِ جيون،
ڏوٽيڙا ڏت ڪي، آراڙان آڇنِ،
خيما ڪاھوڙينِ، اَڄ نہ آنھين پيٽئين.

( ١٨ )

ڏونگر نہ ڏوٽي، ڏونگر سڄون ڏوٽيِ ري،
ٻچان ٻروٽي، ڪِ ڏوٽي ڏتِ آچٽان؟

( ١٩ )

ڪاھوڙي ڪرا، سوڏي خبر پسڪئين،
سوجهي جنِ ڪيا، مٿي آڱڻ آھرا.

واٿي

( ١ )

سياھڪو سيٽان، پوري تو پاڻ سڃاڻي نہ ڪيو،
موٽي ماڪ نِھارئين، ڪيھڙي منھن ڪيٽان،
پوري تو ھاڻ سڃاڻي نہ ڪيو.
سچ پسي ڪڻ موٽئين، سڙئين نہ لٿي سيٽان،
پوري تو ھاڻ سڃاڻي نہ ڪيو.

واريءَ جئن وچري ميهئون، ڪنڊڪي لئي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سچائي نہ ڪيو.
آئن منهنجا آنڪڙا، ڪل نہ پوي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سچائي نہ ڪيو.

## وائي

(۲)

جاڳي آڪڙين، تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
آڪڙيون پريسن لئي، ننهن ٿهه ڪيو نيسن،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جي منجهيئي سيتيون، سي سر سور سهن،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن ڪي آرس آڪيين، سي ڪئن پرين پسن؟
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن نيڻ هيرايا ننڊ سين، سي ڪئن محب ملن؟
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
وهائيءَ وهائيين، گهوڙها سر ڪپان،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟

# پورب

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪري ڪانگ ڪورِلشون، پيرين پرينءَ پنج،
آئون جو ڏِيان سنيهڙو، وِچ ۾ وِساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تِنِ چئيج، تہ ڪنيا تا خوش هئين.

( ۲ )

اڏر لڳ الله، وِبلو ڪرِ ۾ وِچ ۾،
آئون جو ڏِيانءِ سنيهو، سانڍِ برابرِ ساهہ،
سندي ڳجهاندر ڳاهہ، ڪهج ۾ قريبنِ ري.

( ۳ )

آءُ اڏامي ڪانگڙا، پارانيان پچار،
وِهي هِتِ وِصال جو، تان ڪو تِر تنوار،
جي ڏِسَن ۾ ڏِيسار، مي اڏامي آنِ پرين.

( ٤ )

مٿي لامَ لطيف چئي، ٻارانيانِ ٻچار،
ٻيرِ ۾ فضيلت تون، جا ڪر اوھان جي ڪار،
جي ڏٺيِ ۾ ڏٻسار، سي اڏامي آئِ ٻرين.

( ٥ )

وھلو ورُ، وريا ٻرين، آئُ ڪانگا ونُ ويھه،
جنِ ڏورِ وسايو ڏيھه، سي اڏامي آئُ ٻرين.

( ٦ )

ٻرين جي ٻرڏيھه ويا، ڪانگل سيئي ڪوٽ،
جنين ري جھانُ ۾، آڪڙين آروٽ،
الله لڳ لطيف چئي، ڪجِ ڳاراچو ڳوٽ،
جي ڏمريا ڪنھن ڏوٽ، سي اڏامي آئِ ٻرين.

( ٧ )

ٻرين جي ٻرديس ويا، تنِ جي ڪانگا ڪجِ خبر،
تہ سيپ مڙھيان سون سين، ھڪي تنھنجا ٻر،
ڪھي مٿان ڪھر، ڏجِ ٻارانيا ٻرينَ کي.

( ٨ )

آءُ ڪانگا وَٽِ ويھہ، سَڏيون ڏي ساٿِيھہ جون،
چڱا پِلا سپرين، ڪِي مَڪ وَسي ساٿِيھہ،
پرين لئي پرڏيھہ، مون تان ڪھڻون نهاريو.

( ٩ )

ڪَرِ ڪَٿيو ڪانگ لنئي، مني تي مضبوط،
آنيو ڏئي آنن ۾، سنيها ثابوت،
ڪانگل آئون ڏوت، پيغام تن پرين جا.

( ١٠ )

مٿان منهن منهنجي، ڪِنهن اُڏايو ڪانءُ،
ڪنهي آئيو ڳالهڙي، سندي سپريانءُ،
جيڏيون جاڙ ڪيانءُ، سڙ هوند سنيهڙو.

( ١١ )

ڪِڙي ڪانگا تو ڏيان، هنئون ساڻ هڻن،
وڃي ڪاءِ ولات ۾، آکيان عجيبن،
پرين مان چون، تہ هئن قربان ڪير ٿئي.

( ۱۲ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سور ٿي، ڀهو ڀت هڻيو،
ڪامي آرڻ ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن ماڻ.

( ۱۳ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، تو زاغ ڪري زاريون،
آئيو ڏي آتڻ ۾، سنيها ساريون،
ماڻ ڪريو ماريون، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو.

( ۱۴ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪا نجا لات لتي،
آتڻ ۾ اندوهہ ٿيو، سکهي ڪان ڪتي،
ويڙهي منجهہ وتي، ڪي جو ڪانگ ڪمائيو.

( ۱۵ )

ڪي جو زاغ زبان سين، لنيو متي لام،
ڀهچايائين ڀرين جا، سرتيون آج سلام،
ڪاڪيون ڪتي ڪام، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو

( ١٦ )

واڪا ڪيو وڻن ۾، آچيو آچيو پون،
سنيها سيڻن جا، چوني چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪوڙا هون، پريان سندي پار جا.

( ١٧ )

پريان سندي پار جو، ڪانگل نہ ڪوڙو،
آچي وچي وڃ ۾، مٿي در دوڙو،
جو آندر اوسيڙو، سو لاٿائين لطيف چئي.

( ١٨ )

ڪانگل ترين جا، اچي وائي وڻ،
تو ۾ بوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري من،
اچي عجيبن جو، اورانگهج آڱڻ،
توکي پسي تڻ، سورنئون صاف ٿئي.

( ١٩ )

آنديون ڪانگ ترين جون، اج واڌايون واه،
من مرادون پنيون، ٿيون سرهائيون ساه،
آندا پرين الله، سڏ منهنجا ساب پيا.

( ٢٠ )

پيو آھين ھٿ ۾، ڪانگل ڪوھ نيوءِ،
آڳي آس ترڪو نہ سھين، اڄ سارو ڏينھن سئوءِ،
ٻسي حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

( ٢١ )

ھئين وسيلو وچ ۾، ڪانگل ٻاڙيئي ڪان،
آنوءِ ڪين عجيب کي، ظاھر ساڻ زبان،
توڙ ٻھتين تان نہ، اوريان ئي آئيو ڏئين.

( ٢٢ )

ڪانگل تنھنجي چانگ، جڏو جيءُ جياريو،
مٿان لامن لت ڏيو، ٻوليئن سر ٻيلانگ،
اڏر مٿان ڦانگ، تہ ڳھر آون سپرين.

( ٢٣ )

ڪانگل نيئي ڪانگ، منھنجي ڏي محبوب کي،
”لالن لائي ڏينھڙا، ڪنھن سٽائي سانگ،
اوھان ريءُ آڙانگ، وبئي ورہ وسائيان.“

( ٢٤ )

آءُ ڪانگَل تو ڏِيان، چِٽي چورانبي،
مَنهنجي ڏِجِ مَحبوبَ کي، لوڪان لِڪانبي،
پِرين پڙهانبي، مانَ سَڏِ لهن سَور جي.

( ٢٥ )

آڱڻان هيٺ نَہ آتري، ڪانڪان ڪانگ ڪري،
پِريان سَندي پار جِي، ڪانگل ڳالهہ ڪَري،
پٽِ نہ پير ڌَري، آيو چوي آيا پِرين.

( ٢٦ )

آءُ ڪانگا پهه ڪولِ، سَڏِيون ڏي سائيهہ جون.
جي آندءِ عجيبنِ جا، سي خط خوشيءَ مان کول.
آئون سٽان تون پولِ، سنيهو سڄڻ جو.

( ٢٧ )

ڪانگا ڪِتابت جي، آندئِي خوبَ خبر،
لَس تِنهين پر لِکيا، دلاسا دِلبر،
هينئڙو سون هر هر، وانچيو وانجهہ پلدري.

( ٢٨ )

ري پرين پرديس ۾، وره وڏي ڪي وس،
آڪيون هار پرينء جي، ٿيون ڪام نهارين ڪس،
ڏيندا هانڊي ڏس، ڪين جون آئي خبرون.

( ٢٩ )

زاغ تنهنجيء ذات جو، لورو مٿي مون،
اڏامج، عبداللطيف چئي، صبح سيڻن ڏونهن،
ڪج ونيون وتريون، پاڃهانج پهون،
لالن ڪون لهون، جهو تو جهان ۾.

( ٣٠ )

قرينن جو ڪانگڙو، تاريء تي تلي،
ڪثيو ڪنياتو خبرون، ڪيرون ڏيو ڪلي،
لائي جنهن لالن سان، منهنجي بات ٻلي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوس جو.

( ٣١ )

ڪانگل قاصد پرينء جا آڳڻ آيو تل،
بيائيد، بنشنيد، محب مون ڪي مل،
زاغ گفت فهميدم، خوشحال ويئو ڪل،
غراب نہ غافل، جنهن طعنا تنڪا لائيا.

( ٣٢ )

پريان سندي پار جو، ڪنو جي ڪانءِ،
اُنهين مٿان آءٌ، ڪوڙين قرباني ٿيان.

( ٣٣ )

سو ڪانگ م قاصد ڪرِ، جو سدا ڏونڊي ڏوندِ ڪي،
ڪِ ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪِ ويندو دوسن درِ،
جنهن جي پوليائي ”پرِ پرِ“، سو ليايا نيٺي رهيو.

وائي

سائين! سگ سندوم، م ڇڄي سين جوکئين،
هلق جو هنگلاج ڏي، آد بسين آتوم،
سائين! سگ سندوم.
نيٺي پورب پار ڏي، ويراڳين وڌوم،
سائين! سگ سندوم.
سوئي تيرٿ تڪيو، سوئي پنڌ سندوم،
سائين! سگ سندوم.
هو جو تيرٿ تڪيو، سامين سونهايوم،
سائين! سگ سندوم.

## داستان پيو

( ١ )

سدا شوق پرين جي، قران قيري دار،
مان سڄيهون بار، آڳيان آکڙيون ڪٽي.

( ٢ )

تن آڳين آتان سڪ، ڪلندي ڪٽن جي،
پرين پاپوهن مان، ڏور ڪيا سڀ ڏک،
ماڙهن ليکي ٻک، سامي سور سنهان ڪيا.

( ٣ )

سامي چائيين، سڪ طلبئين، هوندن جتن ۾ هو،
توکي ويس وچائيو، ويس وچايو تو،
سامي آهي سو، جنهن پاڻ وڃائي پوريو.

( ٤ )

سامي چائيين، سڪ طلبئين، سڪئين نه سامي،
آچا اورئين پنڌ ۾، ويٺين وسامي،
ڪرڪي تون نه ڪڏئين، چائيين انعامي،
دائم مدامي، پورو رهج پرين مين.

( ٥ )

سامِي ڇائِيِن، سک طَلبِئِين، هو ۾ هوندَن جِنّن،
لاهوتِي لَطِيف چئي، هونِ آديسي اُئن،
سي ڪاپڙي ڪِئن، جي تَعلق رَکنِ تِکيا.

( ٦ )

سامِي ڇائِيِن، سک طَلبِئِين، وارئِين نہ ويراڳ،
لاڳاپا لَطِيف چئي، جوڳِي ڇڏي جاڳ،
جِنّن تون پئِين سنرو، اِي آديسِين آياڳ،
لاهوتِيڪو لاڳ، مربن جي تہ مائِئين.

( ٧ )

سامِي ڇائِيِن، سک طَلبِئِين، تسٽا ڏئِين نہ تَن،
ماڙهنِ ڪان منهن ڪيو، پئِين آئا ۽ اَن،
ڪاپڙي تو ڪَن، ڪِ ڇيرايا ڇشن لئي.

( ٨ )

پورِبِيا پوري وِيا، آسن آڏي ۽ رات،
سيرِ نہ سناسِين جون، پچارون پرِيات،
ڪا جا جوڳِي ذات، مت نہ معذُورن جا.

( ٩ )

ڀوربيا ڀوري ويا، آسن آج صبوح،
خستوريءَ خوشبوءِ، آهي آديسي گيا.

( ١٠ )

متي راهه روان ٿيا، پورب ڀوريائون،
هي گهر گهوريائون، آڳانڊيائون آڳيان.

( ١١ )

ڀورب ڀر ٻيهي، تان مون گهٽون نهاريا،
سڌ نہ سگهي سڄڻين، جيهي نہ تيهي،
هٿا ڀرڏيهي، وڃائي وات ٿيا.

( ١٢ )

پورب ماريا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
متيون ڏيندي لوڪ کي، جري پاڻ ٿيا،
جنهين نہ جيهيا، مان لٿون لڳي تن سين.

( ١٣ )

ڀورب ڀورب تب ڪرون، جب هينڙي آون ڀور،
سڪندي ڪي سڄڻين، نڪون لايون نور،
ماريس انهين سور، جڻ ساڄن سڄي، نہ ملي.

## وائي

جَنِ جو وارِثُ تونُ، آلا! سڀ ڪِٿِ رَهندا نيٺ مَنهِنجا؟

آکِي آپ خَلقيا، پَلي خَلقِيائين پونُ،

جَنِ جو وارِثُ تونُ، آلا!

جوڙِيائين جوڙ جَهانَ جي، چئي ”ڪُنْ فَيَڪُونْ“،

جَنِ جو وارِثُ تونُ، آلا!

ڪوڙي دُنيا، ڪوڙا پَسارا، ڏينهن مڙيئي ڏونُ،

جَنِ جو وارِثُ تونُ، آلا!

آهِيونَ آلفَ آسري، مُحمّدَ مَجيوسونَ،

جَنِ جو وارِثُ تونُ، آلا!



# بلاول

## داستان پهريون

( ١ )

وسه اِنهين وڻ کي، جِنَ دعوت ڪِي داتا،
مضمضه واتا، وِجهه تہ ڏينٿي وات ۾.

( ٢ )

ڪِڍي کهلِ کهران، صلح ڪرِ سلطان سين،
تہ تون تنهن دران، ڏيهاڻي ڏان لهين.

( ٣ )

ٻي ۾ طهورا، وانءِ اورانگهي اوريان،
وِڇان جي وِصال کي، مي سَڀ آجورا،
حاصل حضورا، سمي جي سڀ ٿئي.

( ٤ )

سَما! تو سرِ ڇت، نات پاڪارا ٻرس گهٽان،
گهرڻ تنهنجي گنج تي، اچي جال جڳت،
جن جهڙو ٿي هٿ، تن تِهڙيئي ٻکيا.

( ٥ )

پيرِيون پيرِي پَچَ، هي جي منجهان پوريون،
پِي دَرِ ڪنهين مَ وَڃَ، ريءِ هاشِميءَ هيڪڙي.

( ٦ )

سَمون تَنِ سَڏَ ڪري، جَنِ تِي وَڏو وير،
اَنِي تَہ آجِي ٿيان، پاءِ پاڪوڙي پير،
تو ريءِ پِيو ڪير، سَرتَينِ جا سونا سَهي؟

( ٧ )

سَرَتَينِ جا سونا سَهِي، وَسِيلو وِلهن،
لَڌي ڪِينَ لَطِيفَ چئي، اکِيان لال لَکَن،
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪَڇَن، اُتِ پاپوهي پڌرو.

( ٨ )

جو چَلِيون پسي نَہ چَڪِيو، تِنهن واڪاٽيو وَڪَ،
لَڌي ڪِينَ لَطِيفَ چئي، لَکَنِ آکِيان لِڪَ،
پير نَہ موڙي پانهنجو، تِڪيءَ پِٺِي تِڪَ،
سَرتَينِ ڏِٺي نَہ سِڪَ، هڪل سين هالارَ ڏِٺي.

( ٩ )

ترِ ترِ ڪيم ترس، ـر نهارج سيرو،
ڏيندءِ لـک لطيف چئي، راج راهوءَ جي رس،
ولها جنهن ونهيان ڪيا، ٻاگ تنهن جي ٻس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪٽي.

( ١٠ )

آروڙجي آئيو، ڏيمن ٻيس ڏک،
لاثائين لطيف چئي، عالم تان آهک،
تن سرتين ٿيا سک، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١١ )

آروڙجي آئيو، ڏيمن ٻيس دانهن،
ٻاٻوهـو ٻير ڪٽي، سمون سرتين ڏانهن،
مٿان مٿي ٻانهن، آيو آڇي سلطان کي.

( ١٢ )

سرتين جي سک لئي، ساهر ڪنئي سردار،
جي آيون آبڙي جي آڌار، سي سونگ نه ڏينديون سومريون.

( ۱۳ )

آيڙو آڳاھڻ ۾، سيڙ جڏھن پيائي،
سي پٽ ڪنھين نہ پوريا، جي تو پيڙ پيائي،
سڄڻ سانوڻ مينھن جئن، رحمت تنرِ ريئي،
آچن جي ويلي، تنِ پور بخشي پٽ ڏئي.

( ۱۴ )

آءِ جکري جيھو، پرس پسان ڪو نہ پيو،
وائي جنھن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وڃي چو نہ وھو، آن در مٿي مڱڻان.

( ۱۵ )

آيڙو وڏو سوڙو، جھلي سو سامن،
سرتين جا سونا سھي، ممون سونھن سپن،
تنھن در سپ آچن، ڪنڌ نہ ڪيدي ڪج ڏئي.

( ۱۶ )

پڙ ۾ آيو ھاڻ، سائين ڪي سڌ ڪري،
پلي جي لاڏاڻ، سپ لنگھيندا لڪيون.

## وائي

ڏک ڏيکيندو، موٽ نه ڇڏيندو، شفيع شافع سپرين •

آنڌا اونڌا، آکڙيا، سڀ نباهي نيندو،

شفيع، شافع سپرين •

بدلي بدڪارن جي، داروں ڀاڻ ڌريندو،

شفيع، شافع سپرين •

جي ڏهاريں ڏاڪڙا، اڪ سي لنگهائيندو،

شفيع، شافع سپرين •

نور ناڪارو نه ڪري، محمد منٿ مڃيندو،

شفيع، شافع سپرين •

هٿ ٻن حامي هيٺن جو، ڏٿ ٻن دٿ ڌريندو،

شفيع، شافع سپرين •

ٺوڙا تڙين ڪي، پاڻئون پيار ڀنڊو،

شفيع، شافع سپرين •

ڀاڻ مڃائي پانهين ڪامل ڪرم ڪريندو،

شفيع، شافع سپرين •

تنبو آئي تاءِ، عاصين ڪانِ آڏيندو،

شفيع، شافع سپرين.

داتا دوزخين تان، ليڪو لهرائيندو،

شفيع، شافع سپرين.

رسو ڏيو، رسي ڪري، مشڪ رنگ مٽيندو،

شفيع، شافع سپرين.

"رحمة للعالمين"، آهي آڳهه ٿيندو،

شفيع، شافع سپرين.

آتي عبداللطيف جو، هادي هٿ جهليندو،

شفيع، شافع سپرين.

## داستان پهريون

(١)

جڪرو جوڙي، پاڻ ڏئي پيدا ڪيو،

ڪيهر جڻن ڪر ڪٽي، مجون ملهه سوڙي،

جڏهن کهوٽ چڙهيو کهوڙي، تڏهن عالم آسودو ٿيو.

( ٢ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِرَّ ٻِئي خانَ،

مِئي اِنَ مڪانَ، آصلَ هِئي ايترِي.

( ٣ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِرَّ ٻِئي جامَ،

مِئي اِنَ مَقامَ، آصلَ هِئي ايترَي.

( ۴ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِرَّ ٻِئي مِير،

جِتان ڪِهڙيو جَڪرو، تِتان نَ ٻِڙيا پِير،

مِئي اِنَ خَمِيرَ، آصلَ هِئي ايتَرِي.

( ٥ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِرَّ ٻِئي مَل،

سَمِي جِي سُهاڳَ جِي، ڪَنهِين نَ ٻِئي ڪَل،

مِئي اِنَ مُرسَل، آصلَ هِئي ايترِي.

( ٦ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا سَبِ آنيرا،

جِتان جَڙيو جَڪرو، تِتان تان نَ پِيا،

مِئي اِنَ ماڪِا، آصلَ هِئي ايتَرِي.

(٧)

جَکرا تون جِئين، تنهِنجو مَدو کَنين مَ ستان،
آکين ۽ هينئين، پنهِي تاري تنهنجي.

(٨)

جَکرا جِئين شال، تنهِنجو مَدو کنين مَ ستان،
جِئن تو آچي کالهہ، نالائِق نوازيا.

(٩)

ڏِٺي جادَم جکري، چِتِ نَہ پِيا چڙهنِ،
تَہ کِي کوه کَچن، جہ سر لَڀِي سيرو.

(١٠)

سَرُ نِهارِج سيرو، تڙِ تڙِ کِيم ترس،
لاهيندو لُطفَ سين، مٿان قلبن کس،
اوکا چِڏ آرسّ، اوڏو ٿِي تَہ آجرين.

(١١)

هَٿان جادَمَ جکري، وِٺي هوءُ مَ وِڄ،
"آچو، آيا نِجّ"، سَمِي وائي واتَ ۾.

(١٢)

وڃي وِچ نه پوءِ، هٿان جادم جکري،
پيئي سو پر ٿئي، جو حاتم هامي هوءِ،
ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪوم جهان ۾.

(١٣)

راهوءَ جا رهيام، سنيها سرير ۾،
پيا در وسريام، ڏني جادم جکري.

(١٤)

راهو تنهنجي ريت، ار ڪنڌين پڌري،
کهٽان کهوڙن چاڙهيئي، مسافر مسيت،
پچين ڪان وڏيت، جي آئيا سي آکيا.

(١٥)

ڏني جادم جکري، چت پيا چڙهڻ ڪين،
سمون تن ماروئن لهي، جي مٿا ۾ بسڪين،
اِنهي مل سبين، الڏي مار سهڻ جي.

( ١٦ )

جِکرِي جهو جوانُ، ڏِسان کونہ ڏيہہ ۾،
مهڙ مِڙنِي مرسلين، سرسُ سندس شانُ،
"فَکانَ قابَ قوسينِ اَوْ اَدنيٰ" ميسر تِنِسِ مکانُ،
تِنهن آڳي جو احسانُ، جِنهن هادي ميڙيو مهڙ ۾.

( ١٧ )

سموڻ سوائِي، ٻهون ٻِنِئان آڳرو،
دانهن جِي دربارِ ۾، ورتي اِيءُ وائِي،
ڳهن ڳالهائي، مهڻ سڀِ ملهائِيا.

( ١٨ )

سِندُ، سورتِ، هند هاڻ، جهڙس کونہ جهان ۾،
درِ داتا مڱ مڱتا، ٻِئي جِي کِڏِ م ڪاڻ،
اِي ٻالوندڙ ٻاڻ، حالَ ٻسيو ٻالَ ڪري.

( ١٩ )

ڪري آس آهار، ٻاريءَ جهليو نہ رهي،
ٻيلِي ۾ ڪِرنار، آنو ڪنگا جل جکرو.

( ٢٠ )

ڀيھي ڀِن ڀاتارِ ۾، جت ڳَڙه ڳنگا جرّ راهَ،
ڇڏي ڇيلا ڀِن ھنڌ جا، ٿِيي جکرڀ ڀاسي جاهَ،
اوڏو ٿِيي الله کي، ڪاڄ ٿنهن جو ڪاهَ،
سَکَنِ اِهنڌه ساهَ، وِيلھ وِيندٿي وِسري.

( ٢١ )

ڏمريو ته ڏٿِيي، ڀرچي ته ڀاٽ پِڙي،
جنگ جکرڀ کي، ڀٿي ڇڳيون ڇت ۾.

وائي

آسرو آھي، الا! مون کي ھوتِ حبيب جو،
جان جانْ اوڏا ڪرھا، ڀِجان تان ڪاھي،
مون کي ھوت حبيب جو.
مون منھنجا سپرين، واڳون ورائي،
مون کي ھوت حبيب جو.
شفاعت جا شفيع جِي، تنهن ۾ ڦير ھَڏ نه آھي،
مون کي ھوت حبيب جو.

ميرُ مُحمّدُ ڪارڻِ سِي، آڙيا ڇڏائِي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
اِهي ڪَرمَ ڪريمَ جا، جِنِ لنگا لَنگهائِي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
لُطفَ سانُ، لَطيفَ چئي، سُوڙها مِلائِي،
مون کي هوتَ حبيب جو.

## داستان ٽيون

( ١ )

مارِ مَ مُطيعنِ کي، مجوسيءَ کي مارِ،
وڏي جنگ مَ وِسارِ، ننڍيان نفعو ناهه ڪو.

( ٢ )

ننڍيان نفعو ناهِ ڪو، وڏي مَ وِسارِ،
مجوسي مارِ، آڪبرَ ڏانهن آجِيع تون.

( ٣ )

آصغر ڏي آهن گهڻا، تون آڪبرَ ڏي آءُ،
مَتان لوڙو لاهِئين، مجوسيءَ مٿانءُ،
حيدرِ جي هٿانءُ، وِڙهه تہ ويري مارئين.

( ٤ )

ٻانڌپ سين نہ ٻاڙيان، سوين ٻيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هڙده هزار، جهڙ تنهنجيءَ جهپيا.

( ٥ )

جهڙ تنهنجيءَ جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري.

( ٦ )

جي تون آسائو آئيو، تہ ونءُ جکري لا ٻي،
متان وڙ وڃائيين، ڪنهن ٻي در ليلائي،
سمي ساماٽي، چنتا لٿي چارڻين.

( ٧ )

جي تون آسائو آئيو، تہ چانٺ ٻي م چور،
ڪيرا ڪميتن جا، ڪٿي آٻي ڪوڙ،
اِن در عراقي گهٹا، چانگون ڪيو چوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ مٿو اِڪايو مڱٽي.

( ٨ )

سَمون سَخاوَتَ جي، وِيٺو ٻَجھي ٻَرِ،
ڪونيو ڪَنگالَنِ کي، ڏِئي دِلاسا ڏَرِ،
مَٿي وِلهنِ وَرِ، ڏِيهاڻي ڏاتارَ جي.

( ٩ )

ڪوهَ نَہ جهارِيين جَڳرو، جِنهن ڏيهہ دِيا ڏِيٺي؟
جي لَڌيا ٿِي لِينگهِنِ ۾، سالَنِ ۾ سيٺي،
سَمي سيٺي، طاماعو تارِ ڪِيا.

( ١٠ )

آلا! جَنگَ جِيَنِ، جَنهين آجھي گهارِيان،
شالَ مَ سَڪي وِيري، جِٿان پِي پِيَنِ،
مَرڪَنَ آڪِرِيَنِ، تو ڏِٺي مون سَڪَ ٿِيو.

( ١١ )

اِهِندي لَٿي آجَ، پِر پِرِيندي تَرِيا،
سَنجهہ وِيري سَجَ، ڪَرَ لَڏي رِنَ آڪارِئين.

( ۱۲ )

تون اوڏڙ، تون اوڏڪو، تون آجهو، تون آڳ،
هت ٻن تنهنجو تڪيو، مهند ٻن تونهين ماڳ،
سي لوريون ڏين نہ لاڳ، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ۱۳ )

آڪين سوئي اوڙڪيو، جو ڪنين سوم ترن،
ماڻ منهنجو من، چام پسنديئي پتيو.

( ۱۴ )

پسنديئي پر ٿيا، جڪرو ٿي جاجڪ،
تنان ڏني مڳٿي، طهورا مان تڪ،
سي ٻڪين سِڪ، واصل ٿيا وصال ڪي.

( ۱۵ )

جي آڏميو آڄ، تہ وسائيندو سون ٿي،
جال ڏئيندو جڳ، جودان وسي جڪرو.

وائي

جنان ڏنائون پير، جنان ڏنائون،
سڀي آڱن آئيا، سونهن لڳا سير،
جنان ڏنائون پير.

جِتان ٿي نبي نڪِيو، پري مبارڪ پير،
جِتان ڏِناٿون پير.

لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿيا، ٿي واڌائيءَ وير،
جِتان ڏِناٿون پير.

لُطفَ توريءَ لطيف چئي، ڪندو پيو ڪير؟
جِتان ڏِناٿون پير.

## داستان چوٿون

( ۱ )

گَندي، ماني، ماڪ، موچارو، هامي هير ٿيوسِ،
وَسِ نہ ڪنهن وِڌوسِ، وَڪَندَ وري آئيو.

( ۲ )

وَڪَند وَري آئيو، پنارنئون پوءِ،
مُحڪَمُ لَڳسِ موچڙا، ڏرو نہ ڏِنسِ جوءِ،
ويٺو ايهين چوءِ، تہ پيران هامي نہ ٿيان.

( ۳ )

آسور سَندي آسري، ويٺو آهِ وَڪَند،
هَڏَ نہ چڏيندو هَنڌُ، آيسِ بوءِ بهار جي.

( ۴ )

آسوَرَ سَندو آسرو، وَڳند کي وَڏو،
جَسي ۾ جڏو، ۾ ڪِيڻ ٿي ڪَڙا ڪَٽي.

( ۵ )

وڳند وَري آئيو، بَدوَ سين بدبوءِ،
خاوَندا! ڏي خوشبوءِ، تہ سَرهو ٿيان سيڪهہ ۾.

( ٦ )

وڳندَ وَري آئيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو،
چَڏي نَہ موزو، لَڳِس آرَ عطر سين.

( ۷ )

وڳند ويٺو هِس، داتا سندي در تِي،
تِنهن روڳيءَ کي رَس، جو آلودو آزار سين.

( ۸ )

دائِمَ آهي دَرَ تِي، وڳند ويچارو،
عَطر سين آرو، لَڳِس تي لَڏ ڪَٽي.

( ۹ )

داتا سندي دَرَ تِي، وڳند ٿِي ويٺو،
بصر سين بازار ۾، ڪَر واٽيون ڇيٺو،
دَران تِنهن پيٺو، جِتِ ڪَفرَ ٿِئي ڪين ڪِي.

( ١٠ )

وَکِند وَرِي آئيو، نِسورو نَرڳَ،
ڳَندا ڳَلابي ڪري، سيد جو سَرڳَ،
عَطرِ سين آورڳَ، تَہ هَئين سَدائين سَرهو.

( ١١ )

وَکِند وَرِي آئيو، ڪونَڙيان ڪَلاٽَ،
سَندو ڪِرڙَ ڪاٽَ، هَنَ نرڳيءَ ڪِي نِڪَٽين.

( ١٢ )

وَکِند وري آئيو، ہَدَو بي نِمازَ،
جِئَن تِتِرَ مَتي بازَ، وَکِندَ تِئَن خوشبوءِ ٿِي.

( ١٣ )

باندِو ٻيلِي تَہ ٿيو، ورو آج وِيو،
ٻيَر پَندِ ٻيو، سونهاري سيد ڏِي.

## وائي

مون ۾ عيبَ آهارَ، يارا آئون جا طامع آهيان تنهنجِي.
هيڪ وِچايِمِ وِسري، جَاني سڀِ چَمار،
آئون جا طامِع آهيان تنهنجِي.

هِنَ مَنهنجي حالَ جي، توکي مَدَ سَتار،
آئُون جا طامِع آهِيان تَنهنجي.

آمَرَ اوڏي نَہ ٿِيان، نَهيءَ ڪيسِ نِڪار،
آئُون جا طامِع آهِيان تَنهنجي.

جيڪي وَهي وَجُوڊ ۾، سو ڄاڻين ڄاڻهار،
آئُون جا طامِع آهِيان تَنهنجي.

چِمَن سي گُلَ گُلابَ جا، ڪَرِيا ڪَنٺهار،
آئُون جا طامِع آهِيان تَنهنجي.

مون کي مِڪَ مِيڏَ ڇَئي، آهي مَديني موچار،
آئُون جا طامِع آهِيان تَنهنجي.

# سارنگ

## داستان پهريون

( ١ )

لَکَنَ، پَسَ! لَطيفَ چئي، آکَميو آهي،
وَٺا مينهَن وَڏَڦَڙا، ڪَڏو ڏَڻَ ڪاهي،
وِهو مَ لاهي، آسَرو اللهَ مان.

( ٢ )

لَکَنَ، پَسَ! لَطيفَ چئي، آڳَمَ ڪِيا اللهَ،
ٻَلَرَ جي پالوٽَ سين، پَٽَنِ جَهَليا پاهَ،
واحِدَ وَڏائي ڪِيا، مَٿي ڪَسَنِ ڪاهَ،
سانگِيَنِ وَرِيا ساهَ، آنو آبَ آگوندَرو.

( ٣ )

آڳَمَ اِيَئَن نَہ آنگَ، جِهڙو ڀَسَڻَ ڀِرِينءَ جو،
سِپَڻِ ريءَ سيدَ چئي، روحَ نَہ رَچَنِ رَنگَ،
سَهِسين ٿيا سارَنگَ، جاني آيو جوءِ ۾.

( ٤ )

جانِي آيو جوءِ ۾، ٿِيو قلب قرار،
وَهلو وِڇان ٿِي ويو، ڪري غم گذار،
نِظارو نِروار، پِي پَسايو پانهِنجو.

( ٥ )

پِي پَسايو پانهِنجو، نوري نِظارو،
وِيو غم وجود مان، ڪِيو ڪُلفت ڪِنارو،
آيو سو پيارو، مَن مرادون پِنيون.

( ٦ )

اُهون ڪَڪَر ڪِڙيون، اُتر ڏي آهِين،
ڪَري آکُر اُئيون، مُندَ نہ مَٿائين،
مَٿان لوڪ لَطيف چئي، گُونڌر گُنوائين،
پلر پيارِين، اَچِين آب آگوندرو.

( ٧ )

مانُهو، مِرگهہ، مينهيون، سڀ سارنگ کي سارِين،
آڙيون آہر آسري، تاڙا تنوارِين،
سِپون جي سَمولڊ جون، نئين سِج نِهارِين،
پلر پيارِين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

( ٨ )

آڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
آڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

( ٩ )

آڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٿاريون،
لٿين لڪ لطيف چئي، ڏايون پاساريون،
پڇنديون پناريون، وري وٿاڻين آئيون.

( ١٠ )

آڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري،
وسايو واڻين تي، ٿو خالق ڪندو ڀري،
پاساريون پري، شال م وڃن مهرين.

( ١١ )

آڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڇون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
ڀرين جي پرديس، مي مون کي مينهن ميڙيا.

( ١٢ )

آج پڻ اتر پار ڏي، ڪکر ڪي چوڻي،
منداڻتي ميهن جي، ڪنوڻ نه ڪوڻي،
آءٌ، لالن! موڻي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

( ١٣ )

آج پڻ اتر پار ڏي، ڪکر تو ڪري،
روضي پاڪ رسول جي، پلٽيو هٽ پري،
وچڻ ساڻ وري، ته سنگهارن سک ٿيا.

( ١٤ )

آج پڻ اتر پار ڏي، ڪکر ڪيائين،
منداڻتن مينهن جي، رت نه روڪيائين،
پلر پلٽيائين، سانگين گهٽا سک ٿيا.

( ١٥ )

آج پڻ اميدون، آگم سنديون آيءِ،
ساوڻ پسي، سرتيون! سڄڻ ساريو مون،
آئون آسائتي آهيان، مان پچائي پون!
گهر ته گهرجين تون، منڊ مڙيوڻي مينهن جي.

(١٦)

مَندَ مِڙيوئي مينهن جي، وَسي تَڏهن وَسَ،
ڪِتَون ڪينءَ چَڏيا، جي مِڙيون ٿِيي مسَ،
ڪاها مَتي گسَ، ڏَک نہ ڪندا ڏَہرا.

(١٧)

وَسَ آڪَرِيِن جيئَن، جي هوَند سِڪين، مينهَن!
تَہ هوَند راتو ڏينهَن، بِس بوَندنِئَون نہ ڪرين.

(١٨)

وِچوَن وَسَ آئيوَن، سارنگ سينگاري،
آجِيا لَک لَطِيفَ چئي، پِلرَ پياري،
وِچڙينِ واري، ڪَٽي ڪَعبي تي ڪَندَ نائيا!

(١٩)

گامَ گَندِيءَ گَنجَ، آبَرَ ۽ آهاءُ ٿِيو!
پَسِي ہِرِ ہِرِينِ جي، ڏورَ ٿِيا سِي ڏَنجهہ،
شالَ وَسندو سنجهہ، عاشِقَ تي اوهيڙا ڪري!

(٢٠)

آئو اوهيڙا ڪري، عاشِقَ مَٿي آجَ،
ڏورِ ڏڪارِيا! پِجَ، مينهَنِ منهن ڏيکاريا.

( ٢١ )

ڪڪر پسو آپ ۾، آترا جي آچن،
آبر سندي اوج ۾، وڄون وراڪا ڪن،
وسي وڏڦڙن، ساٿيھ، سپ سکي ڪيو.

( ٢٢ )

ڪڪر منجھ، ڪپار، جھڙ نيٽنٿون نہ لهي،
جھڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگھ، ملار،
ڪڻ آڪيون ڪِل، يارا! وڄن سور سندا ڪيو.

( ٢٣ )

جھڙ ايٽنٿون نہ لهي، ڪڪر هون نہ هون،
ساريو سپرين ڪي، لڙڪ ڳلن سين پون،
مي مر رويو رون، جن مسافر سپرين.

( ٢٤ )

آڳڻ تازي، ڀرِ ڪنديون، ڀڪا هٿ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر تا سينهن وسن،
آسان ۽ پرينءَ، شال هون برابر ڏينهڙا.

( ٢٥ )

ٻيِ پَسائيو ٻانهنجو، نظارو ناگاه،
لَڳو ڪَٽ قلبَ تان، سَرهو ٿيو ساهَ،
اُميدون آرواح، ٻيِ سندي ٻنيون.

( ٢٦ )

ٻَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺيون ترايون،
پِرِه جو پَٽَن تي، ڪَنِ وِلوڙا وايون،
مَکڻ پِرينِ هَتڙا، سَنگهارِيون سايون،
ساري ڏُهنِ سامِهيون، ٻولاهيون رايون،
ٻايون ۽ دايون، ٻکي سونهنِ ٻانهنِجي.

( ٢٧ )

ٻَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺو جيسر مينهن،
آگم ڪري آئيون، ٻاڙ پري پيهن،
لاٿائون لَطيف چئي، وانڍِين مٿان وِير،
سَرها ڪيائون سِير، سرهيون سَنگهارِيون ٿِيون

( ٢٨ )

ٻَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺي ڪِچ ڪِنار،
ٻونياڙيءَ ٻَٽنِ تي، ڏِس! نايائين نار،
سَهاجهي مَٿار، لاٿا ڏرَت ڏيهه تان.

( ٢٩ )

مَڪي مَتّان موتيون، اَئيون تي عَرَفات،
روضي پاڪ رَسُولَ جي، رَنگ ڪيائون رات،
وِجهِڙيون پِريات، موٽي مِصر آئيون.

( ٣٠ )

ڪِياٿون مِيران سندو سجرو، جَرَڪِيون ۾ جِيلانَ،
جتي غوث بهاؤالدين، آتِ مرڪيون ۾ مُلتانَ،
ڪِنوي خراسانَ، سِڪَ وَسايئون سِنڌڙي.

( ٣١ )

ڪانڌا! ۾ وِڪڻ ڪنڌيون، ڏَنُ سِيوِئي ڏارِ،
آڀِرِيون سِيِرِيون پانهنجيون، مِسيون سڀ سَنڀارِ،
هِنَ ڇڏي ڇِنِ پٽِي، وِڃي وِلهارِنِ وارِ،
تَہ آڇي آڳتان ٻهارِ، سرلا ڪنڌيون سڌڙا.

( ٣٢ )

سارنگ ڪي سَعيو، توکي سَعيو نَہ ٿِئي،
گڙي تو گمانَ ۾، آيو ڪينَ آيو،
هارِينِ لاءِ هرجاءِ ۾، هاديءَ هَلايو،
مَتّان آئين پانيو، تَہ ڪا ٻادَلَ آهي ٻسِ ڪِي.

( ٣٣ )

سارَنگ سارَ لهيج، الله لَڳي اَچينِ جِي،
ٻاٽِي پوچ ٻَنِنِ ۾، آرزان اَن ڪريج،
وَطنَ وَسائيج، تہ سَنگهارِنِ سڪ لَٿِي.

## داستان ٻيو

( ١ )

ڀِري ڀِٽَ تي آئيو، سارنگ سهجَ منجها،
ڪِڙيون ڪَنَهارِ جِنِ، وِڄون اُتر واءِ،
سُرها سبزا موريا، ڏامڻ ڏِٻ ڪيا،
اُهري ٻَنيا، ڀِريائين ڪَنَ ڪِراڙِ جا.

( ٢ )

ڀَريائين ڪَنَ ڪِراڙِ جا، وَٺو واريا سو،
ڪونِيتي ڪُوٽِ جو، ٻَگون چوماسو،
ماڪاٽِيءَ تان موٽيو، ڏيٺِي هَٻ هاسو،
خالِق ڪيو خاصو، ڇِهو ڇَڪيءَ ڪنڌيين.

( ۳ )

ڪَنڪوءَ جِيان گوڙِ ڪري، ڪاھِيائين ڪاھوجِي ڏانھَن،
وَئو ميِنھَن وَڏَڦُڙو، سِرِيءَ پَرِيائِين ساھَ،
ڏِيئِي پَٽَنِ پاھَ، پَرِھائِين ڪَنَّ ڪِراڙِ جا.

( ۴ )

جِيھو چِڪِيءَ ڪنڌِيين، ڪِيائين ڪَڙنڪ تي گَلَ،
ھَڏا ڪَنيان ھَليو، پَرِي تَرايون تَلَ،
آلدِئين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغ بھار تِي.

( ۵ )

آجُ رَسيلا رَنگَ، بادَلَ ڪَليا برجنِ سِين،
سازَ سارَنگيون سُرَندا، وَڄايئين بَرَجَنگَ،
صُراحِيون سارَنگَ، ھَلَتِيون ھَدامَ تِي.

( ٦ )

مِينھان ۽ نِينھان، ٻنِي آڪَرَ ھيڪَڙي،
جي وسَ جا وِسَ ڪري، تہ ڪَڪَر ڪَنِ ڪِيھان،
بادَلَ ٿِي بِيھان، جي آڪَرَ آھِن جا ڪَرِين.

(٧)

ڪَڪَڪن ڪانڌ چِتِ ڪِيو، جهڙ پَسيو جهجِنِ،
وَرِ ريءَ واندِينِ آڏيا، هِڪا سي ۾ هسن،
آئر ڍاهي آنِ جا، تہ ڪنهن ڪي ڪارون ڪنِ،
وارث وري تنِ، آڇي شال اولو ڪري.

(٨)

ڪَڪَڪن ڪانڌ چِتِ ڪِيو، جهڙ پَسيو جهڪِنِ،
سٽيو رڙِ رعد جي، ڪَليون نِيون ڪنبنِ،
ڪنيون ڪِين ڪڇنِ، وِپچارِيون ورنِ ري.

## وائي

ڪَرَ سَرَ ڪامي، پڇي، آئون وِيندي ڍَرِ دوستنِ جي.
جِيائين ڏجهن تڪيو، سڄڻ تِيائين آڇي،
آئون وِيندي ڍَرِ دوستنِ جي.
نورا پايو نِينهن جا، ڍَرِ پِلي جي نڇي،
آئون وِيندي ڍَرِ دوستنِ جي.

# داستان ٽيون

( ١ )

ڳنير ڳت سِکن، ڇلڪ ڄي ڇاهه پئي،
ھنڌوا حيرت ۾ پيا، لالي ڪي لبن،
چمڪن چوڏس چنڊ جئن، وڃڙيون وسن،
لوچن تا لطيف چئي، پسڻ لئي پرين،
ڪيسر قربن، سنپاري سيد چئي.

( ٢ )

منڊ تي منڊل وڃيا، ڪي اوھيڙن اوڪ،
چاچر تي چنن ۾، سينھون چرن موڪ،
سرھيون نيون سنگھاريون، پويو ھائن طوق،
ميھا، چيڙ، ڦنگيون، تين سيئي توڪ،
لاھئين متان لوڪ، ڏولائي جا ڏينھڙا.

( ٣ )

منڊ تي منڊل وڃيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگھار،
اڄ اِن منھنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

( ٤ )

مَندَ ڀِي مَنبَل وَڇِيا، آهو جَهڙ جهاڙيِ،
هيڪ آرزان آنَ ڏيو، پيو مـڪن مَنجهِ ماڙيِ،
ڪَلِهِي سين ڪاڙيِ، لاڻم ڪَتَ قلوبَ تان.

( ٥ )

موٽ، مَنهنجا سَپرين، آئيِڻي اَللهَ،
توکي ساري ساه، اَڪنڍُئو آهون ڪري.

( ٦ )

آڪَر ڪِيو آڇَنِ، سَڄَڻَ سانوڻ مِينهن جِئَن،
ٻاسي تَنِ وَسَنِ، جي سَپَ ڇماندر سِڪيا.

( ٧ )

ٻاڇاڙيَان ٻڻِيِ، ڏيو آڪاڻيا آڪِرو،
ڇَڪس سَپ ڇِڻِيِ، تَڏهِن مولي مِينهن وَسائيا.

( ٨ )

اوچَڻ گهَرجِي آڃڪون، جهوپو سَهِي نَ سِيءَ،
سَٽائيج سوَڙَ ڪِي، حالَ منهنجو هِيءَ،
آڳَڻِ آيو ڀِيءَ، تَ ڍولا ڪِنهن ڍِڪِ ڏيان.

( ٩ )

ڪانڏا! تنهنجي پالڏ ري، سنجهي ميءَ مران،
ڪامل! ڪٻاهن ۾ پيئي ٽار ٽران،
ٽاريءَ تنهن ٽران، جنهن ور وهائيءَ واريو.

( ١٠ )

ڪانڏا! تنهنجي پالڏ ري، ميءَ مران سڀ رات،
ڪامل ڪٻاهن ۾، جهوپ نہ آچي جهات،
آچين جي پريات، تہ آئون ميءَ نہ ساريان.

( ١١ )

سينڌو مينهن پسائيو، سري ٽيو سيلو،
پڪي پيهي آئيو، رحمت جو ريلو،
ساڄن سويلو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

وائي

آڪيون ميگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ سوهيو.
سجدو فيل في الحال، ڪيو پسي مطلب نور نراڙ.
چاپہ وقت چام جي، ڪريا ڪوٽ ڪفار.
آڳي آسمانن جو، توکي ڪاريو سير ستار.

”وَلَسوف يُعطيڪ ربُّڪ“ تو مين قادِر ڪيا قرار.
آهين ڪرم ڪريم جا، اَحمد ساڻ آپار.
اَڪنڊِڙا جي اَبر کي، سَرها ٿيا سنگهار.
موڪَل ٿي مينهن کي، دوست هٿان دِلدار.

## داستان چوٿون

( ١ )

مونِ ماندائِنِ جي، جُڙي ڪيائين جوڙ،
وِچون وسڻ آئيون، پهه پهه ڪري پوڙ،
اَنن جا عالم ۾، ڪرنِ آندر ڪوڙ،
سارنگ لاٿي سوڙ ۾، ماندهه مهائو ٿيو.

( ٢ )

مونِ ماندائِنِ جي، پِري ڪيائين پيچ،
وِچون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
تنهن تو ريون نوازيون، ڏوٿان ڏيئي ڏيج،
ڀِج ڪٿي هٽ هَليا، هاري منجهان هيج،
راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.

( ۳ )

مونِي ماندائُنِ جا، پِري ڪِيائين پَرَ،
وِڇون وَسڻ آئيون، ڪوڏَنان ڪَٽي ڪَرَ،
مينهڙون پاڻ مراديون، تَڏا چرن تَرَ،
وَڏي اوهِ آئيون، ٻِئيءَ لائي ڦَرَ،
ساري آچيو سامهيون، ڏين ڪير سَچَرَ،
ساڻ وانديِنِ، وَرَ، ٻريون ٻرچڻ جون ڪيون.

( ۴ )

مونِي ماندائُنِ جِي، واري ڪِيائين وارَ،
وِڇون وَسڻ آئيون، چَڱِيءَ ٻَتَ چوڌارَ،
ڪي آئيون اِستنبولَ تي، ڪن مَڃيان مغرب پارَ،
ڪي چمڪن چِين تي، ڪي لهن سَمرقندَ سارَ،
ڪي رمي ويٺيون روم تي، ڪي ڪابلِ، ڪي قندارَ،
ڪي دِهليِ، ڪي دَکن، ڪي گرَن مٿي گرنارَ،
ڪِن جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪارَ،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍارَ،

ڪَنھِين آچِي عُمَرَڪوٽَ تان، وَسايا وَلھارَ،
سائينءَ! سَدائين، ڪَرين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ،
دوستَ! مَنا دِلدارَ! عالَمُ سَڀِ آبادُ ڪَرين.

( ٥ )

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي، سارنگ ساٿَ ڪَجَنِ،
وِڄون وَسَنَ آئيون، تَه تَه مِينھَن ٿِمَنِ،
جِنِ مُھِنگي لَئي ميڙِيو، سي ٿا ھَٿَ ھَڻَنِ،
پَنجن مَنجھان پَندرھن ٿِيا، اِيئَن ٿا وَرق وَرَنِ،
ڏُڪاريا ڏِيھَه مان، موڏي شالَ مَرَنِ!
وِڪِڻِي جِنِ وَرِهَ ٿِيا، موٽيو سي مِڙَنِ،
وَرِي وَڏِيءَ وَسَ جون، ڪيون ڪِالھيون ڳنوارَنِ،
سيدُ چَئي سَيِنِ، آءِ توهَ تَنھنجي آسَرو.

( ٦ )

واھوندان وِڄون ٿِيون، ڪِرِيون ڏُنھَن ڪَنياتَ،
ڪِنڊِيون ڪاھي ڳَسِ ڪَريو، وَڄون ڪَريو واتَ،
سَنگھارَن سُڪَ ٿِيا، لَٿِي آجَ آساتَ،
جھڙ ڦڙ ڏِيئي جھاتَ، پَسائيندو پِرِيون.

( ۷ )

ڏيٺ ڏيري ڀٽ ڀيون ھاسي ڀارڪري،
سيپٽي ڀريا سر، ڀلر جي ھالوٽ سين.

( ۸ )

ڏيٺ ڏيري ڀٽ ڀيون، آيون عمرڪوٽ،
ڀسايائون ڀلر سين، سڪا ڀٽ جي سوٽ،
چنچل ڏيئي چوٽ، سڀ سامارو سر ڪيو.

( ۹ )

ڏيٺ ڏيري ڀٽ ڀيون، آئيون ڪاھي ڪاماري،
وٺا ڀٽ ڀراڻ جا، وٺيون ساماري،
ڪڪر ۽ ڪاري، وڄڙين، ڀسوا وڀس ڪيا.

( ۱۰ )

ڏيٺ ڏيري ڀٽ ڀيون، وڄون وڀس ڪري،
مينھن وسي ملڪ جا، چڏيا تل ڀري،
قادر ڪرم ڪري، سڪا ڀٽ ساوا ڪيا.

( ۱۱ )

ڏيٺ ڏيري ڀٽ ڀيون، ٿيا ولھارن ويءَ،
سورج قمر نہ ھاڙيان، سيڻن جي شبيہ،
جي جانب آندر جيءَ، سي ڀرين ڀيھي گھر آئيا.

( ١٢ )

ڏِٺ ڏِري پَٽ پِيونِ، وِڇنِ ڪيو واڇو،
ڪَکو پَنهنجي پِرينءَ لئِي، سِڀِي ڪَرِ ساڇو،
سَڄڻ سِباجهو، پيچ ڀِنِي گهرِ آئيو.

( ١٣ )

ڏِٺ ڏِري پَٽ پِيونِ، وِڇون ڪَري وارا،
آنا وَڏي اورِ مينِ، ڪَکرَ جي ڪارا،
واحِدَ وَسِڪارا، ڇوڏاري ڇَڳان ڪِيا.

( ١٤ )

ڏِٺ ڏِري پَٽ پِيونِ، وِڇنِ ڪِيا ڏَرمَ،
واحِدَ وَڏائي ڪِيا، ڪَنڌِينِ سانُ ڪَرمَ،
سَنگهارَنِ شَرمَ، رَک مُنهنجا سُپرِين.

( ١٥ )

ڏُونگا آڇِ م تَنِ کِي، ڪاسا جَنِ جو ڪَمُ،
پِنندي پَرڏيه ۾، تَنِ سوڍِينِ ٿِئي شَرمُ،
آئِينِ گهٽِي آدَبَ مينِ، ڪالَهائِينِ نَرمُ،
قادِرَ ڪَرِ ڪَرمُ، تَنِ وَطَنِ ۾ وَسُ ٿِئي.

( ١٦ )

سچو صاف نہ آہري، سرلي وچان سچ،
منهن چڙهيو ماڻهن کي، ڏي واڍايون وچ،
هينئڙا کپ ۾ کچ، سگها ملندءِ سپرين!

( ١٧ )

سچن ساوڻ مينهن جئن، جهٽکن پاسي جهوڪ،
ڏيندا پاهه پنن کي، منجهان مينهن موڪ،
لس پيارين لوڪ، آگم کيو آکين سين.

( ١٨ )

اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر برسي بوند آپار،
وت جنين جي يار، سي اوکائين نہ آکيون.

( ١٩ )

اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر ککر نہ کوءِ،
وسائيندي وچڙي، حب جنهين کي هوءِ،
لالن جنين لوءِ، سي اوکائين نہ آکيون.

( ٢٠ )

اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر نہ برسي بوند،
سچن جنهين جي هوند، سي اوکائين نہ آکيون.

( ٢١ )

وَسِي ساري راتِ، صُبح جو ساهُ کٽِي،
سَنجهيءَ سِينهَن پِرِينِ جو، جِي تَن ۾ هُئي تاتِ،
تہ وِهاڻيءَ پِرياتِ، هوندَ بادل بَسِ ئِي نہ ڪَري.

( ٢٢ )

آگَمِجِي آئِيون، آتران ڪَري آورِ،
جي پِرين هُتَرا ڏورِ، سِي مون ڪي سِينهَنِ سِيڙِيا.

واڻي

آئِي مَندَ مَلارَ، مِينهَن مَلارَ، آئون ڪَنهنيا ڪَندِيَس ڪِپڙا.
وَسَڻ جا وِيسَ ڪِيا، آجَ مُنهِنجي يارَ،
آئِي مَندَ مَلارَ.
لارَ لائِيندي وَچِڙا، پِنڙَسِ پِنيا وارَ،
آئِي مَندَ مَلارَ.
ڪَهِڪِي آءُ پِرين تون، لَهَہ تون سِيدَ سارَ،
آئِي مَندَ مَلارَ.

# سر يراڳ

## داستان پهريون

( ١ )

مانَ پڇنئِي سِپرِين چِتان لاهِ م چر،
آنين جا آمر، ڪن، ته خالِي م ٿِيين.

( ٢ )

مانَ پڇنئِي سِپرِين، چِتان چر م لاهِ،
پرِينِ اڪِيان ٻاءِ، پاؤ مڳنهار جئَن.

( ٣ )

مانَ پڇنئِي سِپرِين، چِتاريج چِتَ،
دائما ڏورِبيءَ م، پسين وِلاتِن وتَ،
نيهَ نيڪاري نِت، مَلاح ڳنڌ مَعلِم سين.

( ٤ )

مانَ پڇنئِي سِپرِين، چِتَ م رکِج چيتَ،
سِينو ڌوئِي صاف ڪرِ، صابڻ ساڻ سپيت،
سامونڊِي سچيت، ٿِيءَ ته پهچين پار ڪي.

( ٥ )

مانَ پڇنِئي مِہرِين، ڇِتَ ۾ ڇيتاريجِ،
ڪَلِيج ڪانئي ڪَڇ ڪي، ڪُوڙَ ۾ ڪَمائيجِ،
وَٺِج وِهائيجِ، سَڀَ سوداگر سَچَ جو.

( ٦ )

مانَ پڇنِئي مِہرِين، ڇِتان لاهِ ۾ چور،
ڪَڍِي ڇَڏِ تون قلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪور،
هِن پِرِ سندو هور، مَتان تو مَعافُ ٿِئي.

( ٧ )

ڪانو ڪَمايومِ، موتِي مون نہ وِٺِيا،
سِيهي جو سيدُ چئي، وِکر وِهايومِ،
ھِھڙو حال سندومِ، توهَ تَنهنجي آبهان.

( ٨ )

ڪَڇ ڪَمايمِ ڪُوڙَ، پَکيمِ عهدَ اللهَ جا،
پِيڙو جو پاپِن جو، سو چونِيءِ تائين چور،
معلومُ آئِيئي مَذڪُورُ، کُوڙها، الهيءِ کِيالہ جو.

( ٩ )

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ، اِتي اور الله سين،
ڪَڏ تون دغا دِل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ پارج مچ،
اَن پرِ اِتي آچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

( ١٠ )

سودو جو سڦرو، سو مون پلئي پاءِ،
وس ويچاريءَ ناهِ ڪو، تون آڳا! عرض آگهاءِ،
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مورِ نہ ٿئي ڪي ماءِ،
لطف ساڻ لنگهاءِ، لاهرو لهرِن وچ مان.

( ١١ )

لڙ، لهريون، لس، ليٽ؛ جتي انت نہ آب جو،
الله! اِت مَ اوليين، پيڙا متي پيٽ،
جو ڪو ٿئي مَ جهاز ڪي، ڦرهي آچي مَ ڦيٽ،
لڳي ڪا مَ لپيٽ، هِن غاريبي غراب کي.

( ١٢ )

سِڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا سندِن عاج،
ساٿي سفرِ هليا، پِري جنگ جهاج،
حاصل ڪرِيين حاج، واحد! وڻجارِن جي.

( ١٣ )

سِرُھ سنوان، لاڇو نوان، مُهاڻا سندن مِير،
سانئي سفرِ هليا، تيا مڻاوا سِير،
جي آچنِ سانُ آڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

( ١٤ )

مَنجهان پيئي مڪڙيءَ، ڪا جا ٻاٽيءَ ٻِڪ،
وکر هِٽي ونڪ، ڪنجِي ڪارو ٽيو.

( ١٥ )

مَنجهان پيئي مڪڙيءَ، ڪا جا ٻاٽيءَ بوند،
سيئي ڏنِر رُوند، وکر جنين وِچائيو.

( ١٦ )

وِهائيندڙ وِيسرا، وکر ڏِيرئون ڏِير،
ڪنين وِهائي وَس ڪِيو، وکر وَڏيءَ وير،
ڪنين گهمندي سِير، وکر وِڪامي ويو.

وائي

سَهسين شڪرانا، ڪوڙين ڀال ڪرِيم جا.
حمد ڇِنج حڪيم کي، جورِ هِٽي جانا،
ڪوڙين ڀال ڪريم جا.

تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
متان مردا! وساريين، صاحب جي ثنا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
دوست رکيي دل ۾، پڙهه لالن لسانا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهه فنا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
ٿسي تو سين توهه ڪري، مَن آگو اِحسانا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
ڪڏ ڦون دغا دِل مان، پانهپ سين پانها،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
صاحب وٺي سچ سين، ٿيءَ دانـه ديوانا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا.
جي تسليم سين تحقيق هئا، سي ڪِئن آمانا،
ڪوڙيين پال ڪريم جا

جاڪِما جي جَبارَ لَئي، سِئي سَمانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
فَاذْ ڪُرُونِي اَذْڪُرْ ڪُمْ، ڪَهِيو قُرآنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
وَاشْڪُرُوالِي وَلا تَڪْفُرُونِ، ڪَڍِ تو ڪُفرانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
سَبِ سَنواريا سِپرِينَ، ڪَوَلَ تو ڪَنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
چَڱي چَنِجِ چاهَہ سين، مَدحَ اِيءَ مَنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، جوشان، جَوانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
تہ لَهين تون لَطِيف ڪان، آمَنَ اِيمانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.

وائي

مون ۾ تون موجود! آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ آسُونهين آهيان!

آڪِيون آڪَرڙِن ڪي، سِڪيو ڪِن سَجود،
آءُ آڪِاهِين آهِيان!
آءُ آسونهِين آهِيان!

تيلانهن رَسِيون بود ڪي، جيلانهن ٿِيون نابود،
آءُ آڪِاهِين آهِيان!
آءُ آسونهِين آهِيان!

ماڙهِن جي مونڻ جو، صاحب هَٿ سَجود،
آءُ آڪِاهِين آهِيان!
آءُ آسونهِين آهِيان!

اِنَ دَر سِيئِي آڳهِيا، جَنِ وِڃايو وَجود،
آءُ آڪِاهِين آهِيان،
آءُ آسونهِين آهِيان.

## داستان ٻيو

( ١ )

جيڪي مَنجهه جَهانَ، سو تارِيءَ تڳي تَنهِنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانَ،
عدل ڇڏيان آن نَہ، ڪو ڦيرو ڪِج فضل جو.

( ٢ )

ساري راتِ سبحانُ، جاڳي جن يادِ ڪيو،
انِ جيءَ، عبداللطيف چئي، مِڻيءَ لَڌو مانُ،
ڪوڙيين ڪَنِ سَلامُ، اچيو آڪهِ انِ جي.

( ٣ )

سيوا ڪرِ سمنڊ جي، جتِ جر وهي ٿو جالُ،
سئين سپچن سمنڊ ۾، مائڪ، موتي، لالُ؛
جي ماسو مليئي مالُ، تہ پوچارا اِرِ ٿئين.

( ٤ )

سي پوچارا پرِ ٿيا، سمنڊ سيويو جنِ،
آلدائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لَدائون لطيف چئي، لالون مان لهرنِ،
ڪانهي قيمت تنِ، مُلُ مهانڱو انِ جو.

( ٥ )

سيوئو جنِ سبحانُ، ويرِ نہ وِڙهي تنِ سين،
توبهہ جي تاثير سين، تري ويا طوفانُ،
ڏيئي توڪل تڪيو، آرُ لنگهيا آسانُ،
ڪاملُ ڪِشتيبانُ، وچ ۾ گڏين واهرو.

( ٦ )

ساري راتِ سڄاڻ، سودو ڪنِ صاحب سين،
پانهپ پَري پيڙيون، هليا جوپ جوان،
پاڻي پهلوان، لحظي سنجهه لنگهي ويا.

( ٧ )

پانهپ جو پيڙين ۾، وکر وڌائون،
موتي معرفت جا، سچا سوديائون،
اَلتائب مِن الذنب، اِيءَ ڪَتِ ڪَتيائون،
اُنين جيءَ آئون، برڪت بار لنگهائيان.

( ٨ )

جنين سودي، سچ جو، وکر وهايو،
بخرو لهم البشري جو، انهين لئي آيو،
اُنِ ڪي لالنَ لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

( ٩ )

اِيءَ ڳتِ غواصنِ، جڻن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه، پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، موتي لال هٿن سين.

( ١٠ )

آچارا عميق جا، ڳڌيا غواصنِ،
جهريون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪننِ،
سمنڊ سوجهي جنِ، آئي آسل اوليا.

( ١١ )

وِيا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تنِ سپون سوجهي ڪڍيون، ماناران پيهي،
پسندا سيئي، آسلهه آکڙينِ سين.

( ١٢ )

آڏو ڇڪڻ چاڙهه، منهنجي موج نه سهي سڪڙي،
ميڙي مٺاينِ جو، بيحد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناهه ڪو، بديون بي شمار،
ڪپر ڪارونيار، آڪارئين احسان سين.

( ١٣ )

ويرم لاهي ويهه، متي آر اوڙاهه جي،
پسي پاڙي واريون، ڪيچ آنديشو ايهه،
ويندو نه پسين ڏيهه، پتنِ هن پار متي؟

( ١٤ )

آئي پهر اوڙاهه تي، منجهه گهر ۾ گهاري،
وس نه ويچاري، ته ڪا ماڪ ڍڪندي مڪڙي.

( ١٥ )

هيڪي پانهي چت ۾، پي صاحب سنواري،
ڏنگي هن درياهه مان، هلائي هاڪاري،
ترازو تاري، سترِ سيئي ڪري.

( ١٦ )

هيڪي پانهي چت ۾، پي سيئي صاحب،
ڪيڏي آونهي ڪن مان، اِي آگي جو عجب،
اِي سائينءَ جو سبب، جنهن ٻڏا آڪاري پارِ مان.

( ١٧ )

هيڪي پانهي چت ۾، پي جا ڪري الله،
پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين آڪاري اوڙاهه،
تنهن واحد کي واهه، جو سترِ سيئي ڪري.

( ١٨ )

هيڪي پانهي من ۾، پي جا الله ڪري،
پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين ڪنڌيءَ ني،
سترِ سي ڏوني، جي ترِ تُوائي مڪڙا.

( ١٩ )

هِڪي ٻاڪي چِت ۾، ٻي ڪري جوڙ جٻار،
ڪنهِي آونهِي ڪن مان، اِيءُ آڳي جو آڌار،
جهاز جوهرين جو، تنهن کي ٻُڌ ڏي پتار،
نِنڍا وڏا مڪڙا، سڀ پسندا پار،
جيڏانهن منهن مديني جو، سچي محمد سوچار،
سپاجهو ستار، ستر سپيئي ڪري.

وائي

ڪنڌي سارِيان ڪانَ، يا آمن امانَ!

يا الاهِي! ٻاجهہ ڀلائي پائيان.

ڪٿَڙ ڪاڻيٺو ناهہ ڪو، آهر تيا عِصيانَ،

يا الاهِي! ٻاجهہ ڀلائي پائيان.

خَبَر ناهہ قبر جي، نِسورا نِسيانَ،

يا الاهِي! ٻاجهہ ڀلائي پائيان.

والِي! رسج وهلو، آرڪ تيا اِنسانَ،

يا الاهِي! ٻاجهہ ڀلائي پائيان.

سُڻ سپاجها سِپرين! نعرو، نِگهبانَ،

يا الاهِي! ٻاجهہ ڀلائي پائيان.

مَدِيون ٻَـِي مُنهنجيُون، شرمايا شيطانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

هِن مَنهِنجي حالَ تي، هُئي هُئي ڪن حيوانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

سائِين! سُڪائِي آهِيين، ساموندِيءَ سُبحانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

تَرهو چِنِم تـارِ ۾، رَسِجِ تون رَحمانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽِي مانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

وِڃو پـنـي ھِٿُو، ڪَرِ پيرو مٿي پانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

خالِقَ تان خُوبُ ڪِيا، گولَنِ جا گُذرانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

آئون ٻَڌَ آندو آنِ ۾، وِڃو ٻِنان پانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

سَپ سُوالي سَمَگَئا، داتا ڏِيئي دانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.
وِليا سَپ وَنِهيان ڪِيا، تُنھنجي جُودَ، جوانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.
مَتان مون کي ڇڏِيِين، ٻيلي سَندا ٻانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.
وِير وَسِيلو آهِيين، داڙُو ۽ دِيوانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.
لاءِ ڏُهارِينِ ڏِينهن کي، خِيمون آڏِيو خانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.
آئي عَبداللّطِيفَ چَئي، مَنٛجِ ڪا سُلطانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجھہ ٻِلائِي ٻائِيان.

## داستان ٻيون

( ١ )

پيڙي پَرائِي، وَکَرَ ٻاءِ ۾ وِترو،
تَري ۾ تَن پِيا، ٻاسَنئون ٻائِي،
هيءَ، هَڏ وِهائِي، کَرِه ڪالهونِي ڏِينهن کي.

( ٢ )

تَري تَنَ پياسِ، ڀاسِئون ڀاڻي وِهِي،
ڪُوهو جُهر جُهنو ٿِيو، لاچو سيِ لَڙِياسِ،
جيلان سَدُرُ سَڪاڻِياسِ، وِهِي تِني وِهَ ساڻُون.

( ٣ )

وِيئو تَنَ تَنِينِسِ، مَکِ ڏِيهاڻِي مَڪڙي،
سَنباهي سِيدَ ڇَپِي، مَتِي نيڙوءَ نِينِسِ،
وَتاڻي وَڏاندرا، لاچو لَڳائِينِسِ،
آخرِ آهِرائِينِسِ، تَہ جوڪو ٿِئي نہ جَهاز ڪي.

( ٤ )

تَنَ تَنِيندو آهَ، مَکِ ڏِيهاڻِي مَڪڙِي،
سانباهي سَمُونڊ جِي، مَنا مورِ م لاهَ،
اَجَ ڪِ سَنجهہ صَباح، آهِرندي آتانک تڙِين.

( ٥ )

تانگهي م تاڻِي، ڀَنڊ ڀنهنجو ترهو،
اونهي م آڻِي، ڪونہ ڏِينداءِ ڪو ڀِيو.

(٦)

وَکَرَ سو وِھاءِ، جو ھِئَي پَرائُون نَہ ٿِئَي،
وِڇِيندي وِلات ۾، ذرو ٿِئَي نَہ ضاءِ،
سا ڪا ھَڙَ ھَلاءِ، آڳهِ جِنهَن جي اُبهين.

(٧)

وَٺي وِجهہ وَکَرَ جا، دَنگِيءَ ۾ دانا،
وِير وِڙهنديئي، وِسرا، وَہ م، وِڳاڻا!
ھِيءَ نِنڊ، نَہ جاڻان، ڪَڏِھن ھَٿنديئي تار ۾.

(٨)

وَڻجارا، وِھِئي، تو نَہ سرندي شاہ ري،
مَڪِ پَنهنجي مَڪَڙي، چَڪي ڪَرِ چِيٺي،
پاسا پاکَڙِينِ جا، سَمنڊُ تو سيڪي،
جي لَنڊا ۾ ليکي، وِير وِڙهندي تِنِ سين،

(٩)

وَہ تِڪَ وَھَڪَرا، جِت نَنگر نَہ ٺهَرِن،
وَڏاندريون وَہ سامهيون، جِجهي زور جُنبن،
نيڊوءَ ۾ ناتاريون، وَڻجارا وِجهن،
مَلا مُعلمِن، مون گهري سڀئي ڳالهڙي.

( ١٠ )

جتو وانڍ، جهاز، ڪَڍيو غرابن سين،
هورينديون هن پار ڏي، سڌر ڪئِج ساز،
آچنِ ٿا آواز، سڻائي سمونڊ جا.

( ١١ )

ڪوهه ڪاله ڪٽي، اَنِ وِڌا اُتر آسري،
آلا جهري م آنِ جي، اولي جي آئي،
وِڻجارن وئي، وَڪَر وِڌو ٻيڙين.

( ١٢ )

ٻيڙي تنهنجي ٻاجهه، وَکَر تنهن وصال جو،
ڪوهه، اولا، تو ڪيا، سڀِ سونهارا ساج،
آتِ ڪا معلمنِ حاج، جتِ ٻوڙڻ وارو ٻاٽِهينِ.

( ١٣ )

جر ۾ ڦوٽو جئن، لهريون لڳندي آڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تئن، ڏليا ۾ ڪو ڏينهڙو.

## وائي

ساٿين نندا بارَ، ووا تَننِ پاندين نندا بارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
پاتا ٻاڙيواريين، پَکَهَ منجهہ پاتارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
پَتَنَ تو پورَ ڪري، آئي تهجڙي وارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
سَچيون راتيون سَمهين، ڪيو منجهہ خمارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
ڪِ تو ڪنين نہ سُئي، هَلَڻَ جي هاڪارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
تائب ٿيو تڪڙا، سَچي ايءَ سَنيارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.
ننڊَ نہ ڪِجي ايتري، سُڄِ، آدا يارَ،
توکي آرسَ آکڙينِ ٻہ.

سائينءَ مَڪئي سَچ ڪَي، تون ڪوڙو مَنجھ قطار،
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي، ڪَہر جي ڪوڪار،
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
گهِڙان نہ رِيءَ گهڙي، اِلاهي تهار.
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
هو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تِنان رَکَ، سَتارا
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
ڪُلُّ نَفسِ ذائِقَةُالموتِ، پَڙهو اِيءَ پچار،
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
شِڪارُ تون شهباز جو، تون تان مَنجھ شڪارا
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
يَومَ يَفِرُّالمَرءُ مِنْ اَخيهِ، جِت پَڄندا پار،
توکي آرَس آڪَڙين ۾.
تُرَهو چِنو تارِ ۾، آڇِج تون، اوسار.
توکي آرَس آڪَڙين ۾.

لَکَ مِڙيئي لَنيا، هُنهين وِيا هَزار،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
ڏِٺَي جي اللهَ کي، هوُندَ ٿيين پَرِيين پارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
جوٽَن سَٽان جُنکي، ڏنيِ تنهنجي دارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
جِيِئو آهِ حَديث ۾، آنڌي اِي آچارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
وَنيئي کين وِلهَن سين، کَنبي پَرِ ڦهارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
سا کِهَن هلي تو سين، جا پَکِي کان پَتارَ؟
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
جِهَن جالَ نَہ نِبهي، سَنجِ ايءَ سنيارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.
جِہ وِساريِن وِسرا، پِتِنِ جي پَلِکارَ،
توکي آرسَ آکَڙين ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

مون ٻي ڇيڙي ڪانڌ، پيتي پاڙ ۾ مڪڙي،
سڙه پراڻا پاند، لهريون سهي لڳنديون.

( ٢ )

آڳهين آتومانءِ، ته مک پنهنجي مڪڙي،
پورا شڪ ۾ پانءِ، لهريون سهي لڳنديون.

( ٣ )

اڄ سو ڏئوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ، لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪئوءِ،
غافل ٿي غراب ڪي، اوڙاهه تي آندوءِ،
سو چتر چوڻي ڪان رکين، جو ٻيو ٻراڙون پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، هاڻي ۾ پرتوءِ،
سيد! ساٿ سندوءِ، پربندر پهچائيين.

( ٤ )

هاڻ پرائو چاڙهيو؛ وکر ونجارا،
اڄ لهريون لڳيون، ٻيڙيءَ ٻپارا،
جاڳو جي يارا، ته ترڻ تواڻي نه ٿئي.

( ٥ )

لَهرينِ ليکو ناهہ کو، جتِ کپر کَن کارا،
آچارا عميق جا، آچنِ اوپارا،
اِئي آمارا، وِيرِ وِيڙهنديئي وِسرا.

( ٦ )

وِيرِ وِڙهنديئي وِسرا، اِئي توهہ طلب،
سائر کنهن سبب، کالهہ نہ وِڌئي کَن ۾.

( ٧ )

کالهہ وِڌائين کَن ۾، جاڏا جنگ جهاز،
تنهنجي اَڄ تراز، آهي آر آکينِ ۾.

( ٨ )

آهي آر آکينِ ۾، ناکئا کِجِ نِگاهہ،
وَڏا ٻيڙا ٻوڙيا، سائر ڏيئي ساهہ،
مُلاحظو ملاح، کِجِ کو انهي کَن جو.

( ٩ )

ڏنگي وِچِ دَرياهہ، کِي ٻُڏي کِي اُپڙي،
هو جي واڍِي واڻيا، سي سونهن سِيِ سڙيا،

مُعلم ماڪ نہ آڪين، ڦلنڪي منجهہ ڦريا،
ملاح، تنهنجيءَ مڪڙي، آچي چور چڙهيا،
جتي ڏينگ ڏريا، تتي تاري تنهنجي.

( ١٠ )

بيڙياتا پيئي، تو نہ ڦنبديون ڪالهڙيون،
سچيون راتيون سمهين، پر سڪاڻ ڏيئي،
صباح سپيئي، پار پڇندءِ خبرون.

( ١١ )

بندر جان پيئي، تہ سڪانيا، م سمهہ،
ڪپر تو ڪن ڪري، جئن مانجي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي، ناکئا.

( ١٢ )

سندي مُعلم آسري، متا سي پيئي،
آئين ئي سمهو ناکئا، بندر نام پيئي،
جن جي لائق لڄ رکي، سي سپ لنگهيندا لڪيون.

( ١٣ )

اوريائين آئين، سيڙيو معلم خبرون،
سا تان سڌ نہ ڏين، جتي وڃ ويڌ ڪري

( ١٤ )

ناکئو نگهبان، معلم منجهي خبرون،
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف ساڻ لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنڀاري سبحان، وڃي عادتئون آڪتا.

( ١٥ )

ملاحظو مهراڻ جو، مور م لاهه منئان،
سامونڊي سنڀال ڪي، سمهڻ آئي ساءَ،
جاڳي جر متاءَ، تاري وانءُ تراز ڪي.

( ١٦ )

تاري وانءُ تراز ڪي منجهان موج ملاح،
داهون ڪن درياهہ جيون، اونهي جا آگاهہ،
سونهن جي صلاح، وٽ تہ وير لنگهي وڃين.

( ١٧ )

سونهان سڏيون ڏين، هن ديواني درياهہ جيون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي، رکو مڇ سودين،
عجز جو آڌ رات کي، وکر وهائين،
ساٿ نباهيو نين، ثابت انهين سير مان.

( ١٨ )

تون وِسرو وير، سائِينِ سنيتِ پندَ جي،
جوڙي جنگ جهاز کي، کوڏ ھٿائج ڪير،
وهي وڻجارنِ جي، بندر ڏانهن ٻير،
گهرِ تنين جي ڪير، جنِ لاڪيدار لنگهائيا.

( ١٩ )

قرقل، قوٽا، پارچا، پائيت ھاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون،
لاچنِ منجهه، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبي؏ جام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه ۾.

( ٢٠ )

وچڙ؏ جان ويهي، جرِ هلئو ھائيان،
"ترِ ٻيڙا، گهرِ سپرين،" اوسڙ اي؏ پيئي،
جنن وڻجارو سين وکرين، سرها سيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگيا نہ سيئي،
پاڻهي آوء پيهي، ڪنڌ ڪيڙائو آئيا.

## وائي

عُمر سَپ عَبث، وِيل وِڃايم وقت وِڃايم پانهنجا.

ويٺي لِکيو لوڙيان، جيڪين ڪِنڙو مَس،

وِيل وِڃايم پانهنجا.

آچي آياڪينن ڪي رَسِجِ، آچي رَس،

وِيل وِڃايم پانهنجا.

حالُ مُنهِنجو هِهڙو جهڙو، تان تون پِرِيم پَس،

وِيل وِڃايم پانهنجا.

قَلبَ جو ڪارو ٿِيو، ڪاتِبَ لاهِين ڪَس،

وِيل وِڃايم پانهنجا.

## داستان پنجون

( ١ )

سَپيِئي سَئين ڪَرِين، ڪوم مَنجهايين واٽ،

مَهڪي ڪِجِ سَچا ڏَٽِي، سَجِي جا صِراط،

سَپيرِيان جي ساٿ، لائو لَڳو مِيڙِيين.

( ٢ )

سيپئي سبحان جي، ڪرِ حوالي ڪم،
نبيءَ تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم،
قادِر ساڻ ڪرم، حاصل ٿئي حاج تو.

( ٣ )

ڇگن ساڻ ڇگائيون، اينءَ سيڪو هوءِ،
تو جِتن ڪري نه ڪوءِ، ٻچنِ ساڻ پلائيون.

( ٤ )

ڇڳا ڪنِ ڇگائيون، ٽائيون ٽنِ،
جو وڙ جڙي جنِ سين، سو وڙ سيئي ڪنِ.

( ٥ )

مين مٿي سمرا، ڪهين سڌ ڪرين،
ساٿ نباهيو نين، ايءَ پر سندي سڄڻين.

( ٦ )

وِٽ ويهي جو جي لهين، ته پي ڪار نه ڪرين ڪا،
سا پروڙج پالهڙي، وڻجارن وٽا،
موتي جنِ هٿا، آندئي گهٽي آدب سين.

( ۷ )

آملهہ آچ ۾ آنِ ڪي، جي نہ پرو ڙنِ مٽ،
جتِ ڳڏجيئي جوهري، مائِڪ تتهين مٽ،
جنهين سون سين سٽ، تنِ هٽي ري رد ڪيو.

( ۸ )

سونا! وانءَ صراف سِينءَ، لڌو لاهہ ۾، لڌ،
سود و سوئي چڌ، جنهن ۾ جواهر ناهہ ڪو.

( ۹ )

سونا! وانءَ صراف سِينءَ، لڌو هڌ ۾ لاهہ،
آهي تنِ آونداهہ، جنِ جواهر ضايع ڪيا.

( ۱۰ )

جو صرافنِ لڌيو، تہ تون پڻ لڌج، سونَ!
قدر لهندءِ ڪونَ، نيئي ڳڏيندئي ڳڌوءَ سين.

( ۱۱ )

وجنِ ۾ وِينجهارا! پائيت جي ارڪتا،
ڪنير پايو آڪِيين، لهنِ سيڪنهن سار،
موتيءَ جي مِزاج جو، قدر منجهہ ڪنار،
صرافنئون ڌار، مائڪ ملاحظو نئي!

( ١٢ )

جي نہ سڄائني سڄ کي، وِهہ م تنين وَٽِ،
آملھ، کي آڏَ ڪري، پاٽا هَٽندا ہٽِ،
وَڃِي مُهر تنين وَٽِ مَٽِ، جي پارکو پارِس جا.

( ١٣ )

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪَٿا خريدار،
ہاٽيت جي پرکٽا، وِيا سي وِڻجھار،
عَينڪ پائي آکين، لهنِ سيڪنهن سار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ مُلا حِظو ٿئي!

( ١٤ )

آگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي!
ٻلؤ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران!

( ١٥ )

ويا سي وِڻجهارا هِيرو لعل وِنڊين جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪنين ڪٽِ لهار، هاٿي آنهين پيٽيين.

( ١٦ )

ٽا صراف سڄڻ، پاڻ ڪوٺائن جوهري،
ماڻڪ ڪري مٺ ۾، وانءُ وڃي وٺ تن،
سندس ٿي سيد چئي، ڪهڙو قدر ڪن،
هاٿيءَ ٿي ٻرڪن، ڪي ڪنچل ڳڻن ڪچ سين؟

( ١٧ )

آمل، آساري ٿئي، پوري! پڳئي جت،
ڪه نه رنئي تت، ٿئي آڏ هٿ ڪري.

( ١٨ )

آمل، آساري ٿئي، پوري! ٻگهئي جيئن،
وانءُ صرافن سيئن، ٿئي آڏ هٿ ڪري.

( ١٩ )

آمل، آساري ٿئي، پوري پڳئي جان،
ٿئي آڏ هٿ ڪري، سري صرافن وانءُ،
ته سو تنهين تان، سچو ڪرائين سيڪ ۾.

( ٢٠ )

ماڻڪ، منڌ هٿان، پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو!
سچو تان سيد چئي، لهي لڪ سوا،
پڳي پڇاڻان، پدمان ٿي پري ٿيوا

( ٢١ )

جتي مانڪ ماڪ، تتي چوران تڪيو،
سنئون تن سياڪ، آمل جن اوڀاهيو.

( ٢٢ )

چور آئيو ايئن چوءِ، ته آءٌ آهوئي آهيان،
جي آسي آڪين هوءِ، ته لڪي ڪي ڪونه لهي.

( ٢٣ )

چوريءَ پهت ڪجهه سين، پڌرِ ناهِ آرٿ،
پوءِ لڪائج وٿ، پهرين لڪائي پاڻ کي.

( ٢٤ )

جهنگ ڪاسي پت ٿيو، لٿي چوران لڪ،
ويٺي وجودان نڪري، جيڪا دڙي دڪ،
هيڪ سڄڻ پي سڪ، ٻئي پهتا پاڻ ۾.

وائي

جاڳ، يارا! جيڏيون! پاڻ پرنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون! پاڻ پرنجي.
هلندي حبيبن ڏي، ويلو وڃ نه ڪجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

مَـتَـا آهِس اَسِري، پَتنگ جـَـن پَڄِي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
عَرضَ اَحـوالُ اُنِ کي، ڇَڳيءَ پِتَ چَڄِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
ڪري نِـيـازَ نِڪَتَونَ، واحِد ڏي وِرجِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
آهي موت مِڙنِ تي، کوڙيون ڪيو کَجِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
اَجـلُ اينده اوچتو، جـو سَـدا تـو سَڄِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
اَڳيان اوندا هِيءَ جـو، سَمرَ ساڻَ ڪِجِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
ڪَڻَ تون قوتَ قَبـرَ جو، کَھٽو تو گهرجِي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!
آگــو عيبَ آنهجا، ڏِڪِيا ڪِجهه ٻجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيونَ!

جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آمن آهي آن کي، جو منجهه الله آجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

## داستان ڇهون

( ١ )

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.

( ٢ )

تارو تريو وڃن، نندا وڏا واهڙا،
هئي، ٻرا! آتارن، جنن ڳرا مڙن مولهيا.

( ٣ )

ڏوري لهہ ڏاتار، جم وهين ويسرو،
هڪئو هوج هشيار، ڪوڻ ڪوندئي اوڇتي.

( ٤ )

مڻين کهڙيءَ سار، وڃ ڪونديئي ويسرا،
تو جيڏا تو ٻار، لهرين لهوارا ڪيا.

( ٥ )

سَتين سَنجهيئي، وِچ ڪونديئي وِيسرا،
وِير وَري وِيئي، آسارَن تان اوچتي.

( ٦ )

ڪِونڻ ڪِوايو، آيَئي نِنڊَ آياڪَ جِي،
جَنين نہ پئو پانيو، ڪَري تَوائِي تَنِ ڪي.

( ٧ )

ساموندي تو سنبهين، ساڃو جهلِ سُکاڻ،
لَڳي واءُ وَڏاندرو، مُنجهائي مِهراڻ،
جَنين پانيو پاڻُ، ڪَري تَوائِي تَنِ ڪي.

( ٨ )

نَڪو سُڪ نَڪتين، نہ ويساندِ نئين،
جيڪا آچئي سامهِين، پاپين سا سئين،
موڙي ڪوهہ مَئين، جِنن سَجيون راتيون سُمهين.

( ٩ )

آهَکي راهَ اللهَ جِي، آهَکي، آهَکي پَت،
هوءِ جي ڍِهائي ڏيهہ جا، تَنِ پِنِ مُنجهي مَتِ،
آچارانِ آبتِ، کَهڙِج کَهائي لِينهَن مِين.

( ۱۰ )

مَ ڪِينَ هيچِ، مَ هوجِ، تَرسُ مَ، تانڱِ جَهازَ ڪي،
ڇَنو ڪَلِمون مُحمّدَ تي، ته آکِيان آڇيٺِي اوجِ،
سَهڪِيءَ پِٽِ، سَبوجهه، تَنهنجي مَڪِي ڏِڪِي مَڪَڙي.

( ۱۱ )

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهِٽون لَهَ گهوري،
آدَبَ ۽ اِخلاصَ جا، سِرُهَ ٻَڌِجِ سوري،
وَکَرَ وِينتِينِ جو، تِنهنِ ۾ پاءِ توري،
تَهَ عادَتِئون اوري، تَنهنجو تَوائِي نَهَ ٿِئي.

( ۱۲ )

ثابت لنگهيا مِيرَ، لَهرِنِ لوڏِيا ڪِينَ ڪي،
وَڃِي پهتا پارِ ڪي، نِرتون مَنجهان نِيرَ،
ماءِ پهتا مِيرَ، پارِ لَنگهيائون پاڄهه سين.

( ۱۳ )

وِيهه تون وِساري، چَندا جي چِلنَ جا،
جو لَڪَ لَهرِيون ڏِي، ڪَرِ ساڄاهِ تَنهنَ سَمونڊَ جِي.

( ١٤ )

سمنڊ جي سيوين، تنين مائڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانگوڙا ۽ سپيون.

( ١٥ )

توڻي توائي، توءِ تنهنجو آسرو!
سڄڻ ڪرِ لائي، ڪيرون ڏينديس جيڏيين.

واءِ

هي جي، هو جي لڪ، مون مارِيندا لڪ،
مون مارِيندا لڪ.
يا والِي، ڪيچ نہ اوڏي چڪ،
مون مارِيندا لڪ.
آنت نہ ڏِجي عامر ڪي، لوڪان ڪجي لِڪ،
مون مارِيندا لڪ.
پاڻ ۾ هارِيون ڪري، لِينهن وهائجي نِڪ،
مون مارِيندا لڪ.

# سامونڊي

## داستان پهريون

( ۱ )

ٻَگهَه پاسي گهارِ، آيلِ سامونڊِينِ جي،
وِجهي جيءَ جنجارِ، جِم وَڃِنئِي اوهري.

( ۲ )

ٻَگهَه پاسي پچُ، آيل سامونڊِينِ جي،
مَن ۾ ٻاري مچُ، جِم وَڃِنئِي اوهري.

( ۳ )

ٻَگهَه پاسي ويهُ، آيل سامونڊِينِ جي،
تُون ويسري وِڪ ڪٽين، هو پُورِيندا پَرڏيهُ،
سُمنڊُ جِنِ سارُيهُ، ڪوه نَه وِيئين تَنِ سين.

( ۴ )

جان اينديُن تان آءُ، هٿِي هٿ ٻَگهه ۾،
لَڳِي واءُ سواءُ، سِرُ هُه ساٻاهِي نَه سهي.

( ٥ )

نَنگَرَ جان نہ ڪَٽِنِ، وانءِ وَهلي نِڪري،
مَچُڻ ڏيهہ وَڃِنِ، لاڙيون ٻوري ناڪُنا.

( ٦ )

نَنگَرَ ۽ ناڙيون، پکڻ ڪَٽي پَنڌِ ٿيا،
بَندر بازاريون، مَچا سامونڊِينِ ري.

( ٧ )

نَنگَرَ نُون نيٽِين، مَنَ اولِيءَ نہ اوهري،
سپاجهين سيٽين، ٻائي ڪَنِ کِهِيو هِينئُون.

( ٨ )

سِيئي جوين ڏينهن، جَڏهِن سجڻ سفر هَلِيا،
روئان، رهنِ نہ سپرين، آيل ڪريان ڪِيئن،
مون کي چاڙهي چِيئن، وِيو وَنجارو اوهري.

( ٩ )

نہ سي ترِ هوڙاڪ، نہ وايون وَنجارنِ جون،
سُرتيون سامونڊِينَ جا، آج ٻئي چِڪِيرَ چاڪ،
مارِينهون فِراق، پاڙيچِيون پرين جا.

( ١٠ )

وِيا اوهَري اوءِ، مون کي ڇَڏي ماڳهين،
جَڳنِ جا جَڳَ ٿيا، تِنان نه مونِيو کوءِ،
ڪوڻدرَ ماريندوءِ، ويچاري وِٽن جو.

( ١١ )

آونهي ۾ اوهَري، جَڏِهن جي وِيا،
ساڻداري سَموندَ جي، نِهوڙي نِيا،
وَجي تِت پيا، جِتِ نِهايَت ناهِ ڪا.

( ١٢ )

آونهي ۾ اوهَري، جَڏِهن وِيا جي،
مونِي ماڳَ نه آئيا، ماءِ ساموندي سي،
ڪارو تَنين کي، جيڪس وَه وري وِيو.

( ١٣ )

اوڙامِ وِيا نه وَرِيا، آءٌ تِنهن ماري وِڻ،
ڪري ساموندي سيڻ، جَسي جار پِرائيو.

( ١٤ )

جي وِيڙمِ آج، سي ڪَڏهن ايندا ماڻ ڪَري،
پِريان جي هَنَ پارَ ڏي، وَهِي دؤنڪي ڏَجِ،
ساموندِيڪو ڏَجهه، ماءِ مارِيندمِ ڪَڏِهين.

( ١٥ )

اوھَرِيا جِتائين، ڏُکَنِ تَنِ تَڙَنِ تي،

سامونڊِيَنِ، سائين! واءُ مٽائو وارِيينءَ.

( ١٦ )

سامونڊي ساري، مٿي تَڙَ گُذاريان،

مون کي ٿِي ماري، اُنھين سَندي ڳالھڙي!

( ١٧ )

سامونڊي ساري، ماءُ مُنھِنجو جِندڙو،

بَنَدرِ وِيچاري، وَڃِي لايا ڏِينھڙا.

( ١٨ )

سامونڊِيَکو مَنگ، آھي گونَدرَ گاڏئون،

اُنکھن چاڙھي اَنگ، وِيو وَڻجارو اوھَري.

( ١٩ )

وڃيئي وِسري شال! جو تون سودو سِکيو،

آجا آئين ڪالھ، مونِيو سفر سَنبھين.

( ٢٠ )

ڪِريو جھَليو روءِ، مٿي مَھري ھَتَڙا،

ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا سِکيو.

( ٢١ )

اَلوڙَنِ نه ڏِئي، وَرَ وِڏائِين وَنجهه ڪي،
رَهه آچوڪي راتڙي، لالَنَ ا مون لائي،
وَڃَ م ڦوڙائي، ايڏي سفر، سپرين.

( ٢٢ )

مون جهليندي نه رَهيا، جَڪَس لِهَرَ نينهن سَندوم،
قادِرَ شال ڪندوم، وِيجهي وَنجارن سين.

( ٢٣ )

جَڪَس نِهَرَ نينهن سندوم، جِتن مون آئِي، هنِ ٿيليو،
سَعيو سامونڊين سين، آکِين تان نه ڪِيوم،
وِجهن منجهه هٿوم، ڀانءِ وَراڪي رِس سين.

( ٢٤ )

پيڙيءَ جي پٽن، نينهن نه ڪجي آن سين،
اِيون ڏَنبَ ڏِسن، جهه سِڙهه ڏيئي سِير ٿيا.

( ٢٥ )

هِينڙو پيڙيءَ جانءِ، ڏَتَرِ ٻئي ڏينهن ٿيا،
پڇيو تان نه پِريان، جهَر لاهو تي ڪڏهين.

( ٢٦ )

تن جنين جي تانگ، مي سجڻ سفر هليا،
لنج لات، لطيف چئي، ڪڏهن ايندم ڪانگ،
ڪنهن سنائي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

( ٢٧ )

تانءُ ڪين لنج ڪانگ، ڪڏهن ايندا مون گهر ٻن،
سيڻن ڪارڻ سانگ، مون تانءُ گهٽيي ڪيا.

( ٢٨ )

سر نسريا هاند، آتر لڳا، آهه پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

( ٢٩ )

سر، لوهيڙا ڪپيا، ڪسر نسريا،
تو ڪئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن آچڻ جا.

( ٣٠ )

جيڪر آچي هاڻ، ته ڪريان روح رچنديون،
آيل ڍولئي ساڻ، هوند ڪر لڳي، ڳالهيون ڪريان.

( ٣١ )

آيل ڍولئي ساڻ، آچي ته جهيڙيان،
"لائي ڏينهن گهڻان، مون سين ڪيئي ٿوريا."

( ٣٢ )

ڏوليو وڻڙو ڏور، تي ٿي سيءَ گذاريان،
مادر موں م چور، نا تہ پڌر ٿيندي پرينءَ ري.

( ٣٣ )

لاھيندا ٿي ڪن، ڳالھيون ھلن سنديون،
ڏيندا موں ڏکن، وہ وڃھندا جندڙو.

( ٣٤ )

موں ڪي چياريو، پرين جي ڳالھ ڪري،
ڏنو آڄ آڏيو، ھينڙو ڪوٽ برج جئن.

( ٣٥ )

وانءُ وڃي وانڻ، ھينڙا ماڪ پرين جو،
ڇميو، چڙ چانڻ، ھوءَ جا سندي سڄڻين.

( ٣٦ )

آئون جن آساري، سٿي تڙ گذاريان،
موں ڪي وساري، شال م ڏجن اوھري.

( ٣٧ )

آساري آھيين، سٿي تڙ گذاريين،
تون ڪئن وساريين، سنگت ساموندين جي

( ٣٨ )

سنهي لکِ، نکَ سنهن، ڪجل پِلِن نينِ،
ساموندي، مون سين، ڪ تو ڪالهه لنگهائيا؟

( ٣٩ )

هِي سچن سپِيِي، جي مون ڪوڙ نهارِيا،
اِيندمِ جانْ پِيهِي، تہ سڀ لاهيندمِ ڏکڙا.

( ٤٠ )

چمڪيون چوڌار، ڏچون ڏاڙهن جيون،
ماءِ ساموندي آئيا، سهسين ڪري سنگار،
آنهين جي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

وائي

( ١ )

ڪرهل هانئي لڳ، ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
آجارِيائون اوليون، ڏناريائون ڏڳ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
متان وِهين ويسري، آئي پورل پڳ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
سِپَنِ ساجهر لڏيو، تون آئي نِهارين آڄ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟

ڪاٺيءَ سباڻي ڪنجرو، آنڪون پاڻيءِ آڄ،
ڪه نه ويٺينءَ آن سين؟
ڪيرَ سٽَندو تنهنجيون، آدورائون آڄ،
ڪه نه ويٺينءَ آن سين؟

## وائي

( ٢ )

ويندي آئون هوتن وٽ، مون وهه وڻجارن سين.
پڳهه ڪن م، پاڻي، جاني مون اٿي جٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
وايون وڻجارن جيون، آديون آڄ نه هٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
ڳرهيان مور سفر جو، هلي پنهنجي آرٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
پوريندس پرين ڏي، ڪانهه ڪريندس ڪهٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
ڏيئي سڙهه سير ئيا، پهر نه لايئون پٽ،
مون وهه وڻجارن سين.

## داستان ٻيو

( ١ )

ٻران، مان ٻچان، بندر مون ڏور ٿيا،
نہ مون هڙ نہ هنج ڪين، جو آئون چڙهان،
ايهين ڪيج هاڻي، جنهن ٻر ٻرين مڙان،
ڪارون تي ڪريان، تو در آيي، ناڪتا۔

( ٢ )

هڙ ۾ ڪين هيون، هونئين هن نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج و يون،
جڏه سائين سبب ڪيون، تڏه سنڙ ٿيا، سيڏ جئي۔

( ٣ )

آسان آڏارا، آئي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا،
آيرن سيڪارا، ٻسيو ور ٻين جا۔

( ٤ )

مون آيي تڙ وٽ، ٻرين ٻکهہ چوڙيا،
ڪا منهين ۾ کهٽ، نات سڄڻ سهاجها گهٽون۔

( ٥ )

مون آڳي تڙ هيٺ، پرين ٻڪ ڇوڙيا،
ڪا منهين ۾ ڏيٺ، نات سڄڻ سباجها گهڻون.

( ٦ )

مون آڳي تڙ ڄهل، پرين ٻڪ ڇوڙيا،
ڪا منهين ۾ آل، نات سڄڻ سباجها گهڻون.

( ٧ )

مون آڳي تڙ پاس، پرين ٻڪ ڇوڙيا،
هو الله هارا آهريا، آءُ دمدم دعا ڪنديس،
آءُ نه لاهينديس، موني اينڊا مون گهرين.

( ٨ )

ڪيڙائن ڪارو، سنجهيئي ماريو،
آئل آمارو، آهن پرين پار جو.

( ٩ )

ڪاري ڪيڙائو، مٿي منهي سونيا،
سود و ڪن نه مون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آئيا.

( ۱۰ )

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوھريا،
سٽي سون لنڪا جو، سڪ نہ ساموندين،
پرہ پڳہ چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ڀاڳ ڀڙن، جي ڪنيا ڪارونڀار ڏي۔

( ۱۱ )

ونجارن وري، پرہ پڳہ چوڙيا،
اوليون پسي آن جيون، ٻئڙم ڳچ ڳري،
ويندیس ماءِ مري، ساري ساموندين کي۔

( ۱۲ )

ونجارن واري، پرہ پڳہ چوڙيا،
ڪيڙائو ڪاري، سنہوڙا، سيد چئي۔

( ۱۳ )

ونجاري وائي، سدا آہ سفر جي،
آيل ايھائي، مون ماريندي ڳالھڙي۔

( ۱۴ )

ونجاري جي ماءِ، ونجارو نہ پليين،
آيو بارھين ماہ، پڻ تو سفر سنبھي۔

( ١٥ )

وَڻجاري ڪانڌاءِ، مون وَرَ وڃي گهاريو،
لَڳي اُتر واءُ، ڍوليو هلڻ جيون ڪري.

( ١٦ )

جي تون وَڻجارو ڪانڌ، تہ مون هڏم لائون لَڏيون!
پَرَڏيہ مٿي سانگ، آئي پهر جِنين ڪيو.

( ١٧ )

پرڏيہ پوريائون، ساموندين سڙه سنباهيا،
مان تَنَ ماريائون، پاٽان وڃي گوندرين.

( ١٨ )

ٽيا ڏياريءَ ڏينهن، ساموندين سفر جي ڪئي،
مون سر وٺا جيڏيون، ڏکن سندا مينهن،
ڪيس نماڻي نيهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

( ١٩ )

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سيرين،
روئان رهن نہ لڪ سينءَ، جهليان جهل نہ ڏين،
وِرہ ويڌ ڪرين، آيل ساموندين جا.

(۲۰)

ڏِنِي ڏِيارِيءَ، سامونڊِين سِرُ سنباهِيا،
وِڄهيو وڙ ونجهه کي، روئي وڻجارِيءَ،
مارِينديءَ، ماريءَ! پِره سور پِرِينءَ جا.

(۲۱)

ڏِنِي ڏِيارِيءَ، سامونڊِين سِرُ سنباهِيا،
اَنِ کي مَنڊ اَتر جِي، اوڇِتي آئي،
وَڻجارنِ وائِي، آهي ہِرِين ہار جِي.

(۲۲)

ٿِي ڏِہاريءَ ڏِيہُ، ڏِوليو هَلڻُ جي ڪري،
سَکيو پنهنجي سَکڙيءَ، چيلي چگّيءَ چيٺ،
رَوئان رهنِ نہ سِپرينءَ، جانڪين جهليان ٻيٺ،
مون سِين ڪري ميٺ، سڄڻ سفر هليا.

## وائي

(۱)

آئين آڇِي ہسو، جيڏيون! ووءِ! هي جو وہ منهنجي جِندڙي.

بائي وِٽڙا ہر ہ، منجهان ڪَرِس ڪَسو،

ووءِ! هي جو وہ منهنجي جندڙي.

ڏيئي وِئڙا ڏاهِ کي، سورنِ جو سرسو،
ووء! هِي جو وه منهنجي جِندڙي.
آءٌ ڏورِيندي اُنِ کي، ڏِيئي تن تسو،
ووء! هِي جو وه منهنجي جِندڙي.
ساءُ نہ آيان سوز جو، هاڻي ٿيون هسو،
ووء! هِي جو وه منهنجي جِندڙي.
ستان وهو، ويسريون! رڙهو تي رسو،
ووء! هِي جو وه منهنجي جِندڙي.
سنڌائتي ميِنهن جڻن، ويروتار وسو،
ووء! هِي جو وه منهنجي جِندڙي.

وائي

( ٢ )

آئين مون کي، زورِ ۽ جهليو، جيڏيون،
ووء! آئون هلندي هوت ڏي.
اُونهي رنڙا اُوهري، ترازون تاري،
ووء! آئون هلندي هوت ڏي.
مري رهنديس ماڪِهين، سامونڊي ماري،
ووء! آئون هلندي هوت ڏي.

سور تنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.
هاڻ نہ جيان جيڏيون، آئون ڪنيس ڪوهياري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.

وائي

(٣)

آيل ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.
ويو وڻجارو اوهري، مون کي ڇاڙهي ڇيئن،
منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.
سامونڊين جي سگ کي، روئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.
آڌوهيءَ جئن ڏکڙا، جڙهيا چونڀيءَ سيئن،
منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.
گوندر مٽاه چندڙي، وريا ولن جيئن،
منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.
سادر پائي منديون، وڃان هاديءَ سيئن،
منهنجو نينهن آپليو نہ رهي.

## داستان ڏيون

( ١ )

جي وِيا ٻهرئين پور، آهيان گهوريؤ اُن جي،
ساموندِيڪو سور، ماءِ مارِيندم ڪڏهين.

( ٢ )

ساموندِين سعيو، سدائين سفر جو،
ڪو ڏيهه چتايو، اوڻهي وچن اوهريا.

( ٣ )

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
آئي پهر آئن، سعيو ڪنهن سفر جو.

( ٤ )

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
مون آيئي هليا، بندر جن ترن،
سرتيون سور سندن، مون مارِيندو جندڙي.

( ٥ )

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نه رهن،
آءٌ جهلِيندي ڪيترو، آيل ساموندِين،
ٻڳهه چوڙي جن، وِڌا هيڙا هار ۾.

( ٦ )

لاهِيان جي نہ چِتان، آلا! آنِ ۾ وِسران،
مَرُهيو مَنجهاران، جيءَ مُنهنجو جنِ سين.

( ۷ )

چِتان جي نہ چِرنِ، آلا! آنِ ۾ وِسران،
مون مَن آهي تَنِ، مَرُهيو منجهارا هينئين.

( ۸ )

تَڙِين تَنوارِينِ، ساھ ساموندِي آئيا،
مون کي جِيارِينِ، وايون وَنجارن جيون.

( ۹ )

اولا کَٿِي آوءَ، ھَٿِھ چوڙِي ٻَندِ ٿِيا،
آيلِ ساموندِينِ جِي، آهِ آڙانگي جوءَ،
کڏهن ڏِسنديس روءَ، وري هِنِ آکين سين.

( ۱۰ )

لَڳي آترَ هِيرَ، ساموندِينِ سِرُه سَنباهِيا،
ننگر کَٿي ناکَنا، ٿَنا سَٿاوا سِيرَ،
هينئڙِي نِت اکيرَ، کاري کيڙائن جِي.

( ١١ )

لڳي آتر آهريا، واهونڊن ورن،
آءُ گهٽوني گهوريان، سان سودو سامونڊن،
آڱڻ جن آچن، عيد ورتي ان کي.

( ١٢ )

آڱڻ آيا جان، ته سرتيون، سون سڪ ٿيا،
اسل پرين مٺان، برڪيو ٻئن ڏيان.

( ١٣ )

آئي آتر منڊ، هينئين اڌڪو نه لهي،
رنين لاچوبند، پيهر مکن پيڙيون.

( ١٤ )

لاچو ٿا لون، آچن سڙه آهنيا،
ڪارڻ تن پرين، ويئي وات نهاريان.

( ١٥ )

سڙه سڃاڻيو چوءِ، "ماءُ، سامونڊي آئيا،
سان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾".

( ١٦ )

سِرّهُ تَنِي سِپيائُون، بندرجن تَرّنَ تَپي،
سِرّهُ سِپي ماچا ڪري، ڪوهَا ڪنيائُون،
بيرقون ٻَڌن ۾، چوڙي چڙيائُون،
لَهرِيون لنگهيائُون، لطف سائِ، لطيف چئي.

( ١٧ )

سِرّهُ تَنِي سِپيائُون، بندرجن تَرّنَ تَپي،
ملا معلم خبرون، ڀڄي پوريائُون،
سَترّ سوئيائُون، آوترِ ڪنهن نه اوليا.

( ١٨ )

بندر ديسان ديسِ، مل نه مِلي وارِيين،
فقيراڻي ويس، آمل ڏينِ آتورِئا.

( ١٩ )

پَتَنِ پوءِ پچار، آن ڪي سِرّهُ ويندا ڳَڏيا؟
آکنڌ مون آهار، شال منهنجا موٽيا.

( ٢٠ )

اَپِيون تَرّ ٻُوجِينِ، وهون وَڻجارَنِ جيون،
آئيو آکا ڏِبنِ، ڪئوري سمونڊ ڪي.

( ٢١ )

جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ ٻوڇارا ٻوڇيا،
ٻنيم آميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

( ٢٢ )

وانڍيون ٿيون ورڪن، آڄ سڙه نه ٻڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

( ٢٣ )

ڪوهن سر وانڍيون، وانڍين سر ڪنڌ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڌ، ماء ساموڊي آئيا.

( ٢٤ )

جر تر ڏيا ڏي، ون ٽڻ ٻڌي وانڍيون،
"آلا! ڪانڌ آچي، آسائتي اهيان."

( ٢٥ )

جا جر جاتون نه ڏئي، ڏيا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جيون.

## وائي

( ۱ )

پرين جي پنڌان، مون کي جي جهليندين،
سي نہ پڇنديون.
پلي کري آئيو، تاڙو ڏيهان،
سي نہ پڇنديون.
پکي کٽ سڄي ٿي، لڳي جاڪ گران،
سي نہ پڇنديون.
مرتين سور پرائيا، هاڻي هن هنڌان،
سي نہ پڇنديون.
تان کين واس وهائيو، پاروچي سلان،
سي نہ پڇنديون.
تان کين ڏونگر ڏوربان، جان کڙه آندر ساه،
سي نہ پڇنديون.
متيون مون سنديون، تون هڏ آچ م ماءُ،
سي نہ پڇنديون.

## وائي

( ٢ )

ترَ نِهارِيان تَيِ، سَنهنجا بَندرِ وِنُڙا جيِ،
مان سِڙه سَجاڻان سجڻين.
آيِي اوسهِ پائيان، كارڻِ وڻجاريِ،
مان سِڙه سَجاڻان سجڻين.
گهڻون آكنڊيِ آهيان، پِرينءَ پنهنجيِ كيِ،
مان سِڙه سَجاڻان سجڻين.
آسائتيِ آهيان، آلا! كانڌ آڇيِ،
مان سِڙه سَجاڻان سجڻين.

# ڪاموڏ

## داستان پهريون

( ١ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽين.

( ٢ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي لِي لغار، متان ماڳر مٽين.

( ٣ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙِ،
پسي ڪِڪي ڪوڙِ، متان ماڳر مٽين.

( ٤ )

تون سمون، آئون گندري، عيب مون ۾ ويهه،
پسي مڻڪي ڏيهه، متان ماڳر مٽين.

( ٥ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،
ھن منھنجي حال جي، توکي سڀ ھرک،
ڪارڻ رب آلک، متان ماڳر منهين.

( ٦ )

تون تماچي، ترُ ڌڻي، آئون مهاڻي مِي،
مون ڌاڪڻ ۾ ڌِي، آئون جا نالي ميس تنهنجي.

( ٧ )

تون تماچي، ترُ ڌڻي، آئون گندري غريب،
ترسين جام قريب، ڪي ڏن چڙائي، ڏيج مون.

( ٨ )

ڪاڄ جنين جو ڪيون، مال جنين جا مڏ،
سمي ميڙي سين ڪيا، هيٺا جن جا هڏ،
جام پرتي لڏ، مانگين جي سيد چئي.

( ٩ )

جارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪي، آڇن سوارا،
جي ميءَ مڇيءَ مارا، سمي سي سين ڪيا.

( ١٠ )

ڪِڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇِڇيءَ هاٿا ڇڄ،
پاندَ جنين جي پاند سين، لَڳو ٿِيي لڄ،
سمون چام سهج، آيو ڪري آن سين.

( ١١ )

ڪارِيون، ڪوجهيون، ڪوڙِيون، سوڙ نہ سوچارِيون،
وڻي ويٺيون وانءَ تي، ڪِڪيءَ جيون ڪارِيون،
آهين جيون آريون، سمي رِيءَ ڪِيرُ سهي.

( ١٢ )

چارِيون، ڪارِيون، ڇڄ، ڇِپريون، جن جي محبت سچيءَ سانُ،
رهن، وهن سِر پاندِين، سيپي ٿيو هانُ،
نَڌرُن جئن لطيف چئي، پاٽيءَ وِجهن پانُ،
تن ملاحن جو مانُ، سمي سِرِ ڪيو پانهنجي.

( ١٣ )

ڳند جن جيءَ ڪوڏ ۾، پاٻوڙا پوشاڪ،
آنهين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

( ١٤ )

ڳنڍ ڄڻ جيءَ ڳوڙهه ۾، پاهوڙا پيغام،
آڻهين ڪي اِنعام، مڃر مِڙوئي ٿيو.

( ١٥ )

ڳنڍ ڄڻ جيءَ ڳوڙهه ۾، مٿن تي موڙيون،
آڇڻ سنهوڙيون، سمي جي سلام تي.

( ١٦ )

ٿيا تماچيءَ ڄام سين، مهاڻا محروم،
ننڍيءَ وڏيءَ ڳنڍريءَ، مٿي ماڙيءَ ڊوم،
جي ڪينجهر، جي روم؛ تہ سي اِنعامي ٿيا.

( ١٧ )

نہ وڏي، نہ وِڪڻي؛ نہ ماري، نہ ڌاري؛
ڪارو وڌائين ڪوهہ ۾، نِرتون نهاري،
سائي هر پاري، ڄا گهر سمي جي سپجي.

( ١٨ )

نہ وڏي، نہ وِڪڻي؛ نہ ڪٽي ۾ ڪاري؛
آهج، سهج، ساهميون، ڏريان نہ ڌاري،
سائي هر پاري، ڄا گهر سمي جي سپجي.

( ١٩ )

پاھوڙو پيش ڪيو، نوريءَ لئون لپئي،

حاضر ھيون ھڪيون، سڀيون سپئي،

نوازي نپئي، ڳاڏيءَ چاڙھي ڳنڌري.

( ٢٠ )

مھاڻيءَ جي من ۾، نه ڳيرب، نه ڳاءُ،

نيڻن سين ناز ڪري، ريجھايائين راءُ،

سمون سين ملاءُ، ھيريائين حرفت سين.

( ٢١ )

نوريءَ جي نياز جو، عجب آھي ھوءُ،

سمون سر مين ۾، ميءَ مورچيو موءُ،

آچيو آيين پوءُ، حجت پڳي راڻين.

( ٢٢ )

ميءَ مڇيءَ ۾ ھئڙا، وبني ڪري ورن،

راءُ آکين رکيي، مھاڻي منجھ من،

تماچيءَ جي تن، ڪالھيون چيس ڪجھيون.

( ٢٣ )

ھٿين، پيرين، لڪٿين، منهن نہ مهائي،
جڻن سڳو وچ مرنڏڙي، تڻن رائين منجھہ راٿي،
آصل ھٿي آن کي، آمل چاماٿي،
سمي سڃاڻي، ڀيڙو پڌس پانھن ۾.

( ٢٤ )

ٿهڙو ڪينجهر ۾، ڪين ڀيو، جهڙي سونهن سندياس،
مڏ، مياٿيون، مڪڙا، ٻڙئي معاف ٿياس،
مورچل مٿاس، ھٿي چام ھٿن سين.

( ٢٥ )

تڙ تماچيءَ چام جو، تماچي تڙ راءُ،
تماچي جي تڪئين، تون تماچي ڪاءُ،
تہ تون تماچياءُ، تماچي تڙ لهين.

( ٢٦ )

سڀ سميون، سڀ سومريون، سيني ڄڃيءَ ھس،
پسن ڪارڻ ڀرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڏول تن جي ڪس، هيئايون هلن جي.

( ٢٧ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي جامن جيون جايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، آڳن ٿي آيون،
ڳوندر ڳمايون، جهڙي سپ جهڙپ سين.

( ٢٨ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي آڇنِ اونچي ڳاٽ،
ور ڀي ڪينجهر جائيون، جنِ تماچيءَ جي تات،
رائينِ ملا رات، مائٽ ڀيءِ ٻرائيو.

## وائي

هيري هٿ وڏائين، ويهي سائين وِچ ٻ.
نوازش نوريءَ جي، آهي تماچيءَ تائين،
ويهي سائين وِچ ٻ.
ڳنڍڳيءَ ڳوشو ڪيو، عطر اوتيائين،
ويهي سائين وِچ ٻ.
آنڊا منڊا آئيا، سخا سڏ وڏائين،
ويهي سائين وِچ ٻ.

پسو جود جوان جو، ڪو ھند ڪون متيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
قيمت ڪميڻ سين، جھڙي وت وِتيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
موتي مچيءَ ھٿ تي، ڪوڙن جڻن ڪڍيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
سائڪ ميائين ۾، چيلرن جڻن چتيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
ڏيئي سون سوال ۾، رھي راند ڪيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
پائيت آئي پاڻ سين، لعلون سپ لتيائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
فيروزا فقيرن تان، گھوري سپ گھوريائين،
وېھي سائين وِچ ۾.
آتي عبداللطيف چئي، اچلي آمل ڏنائين،
وېھي سائين وِچ ۾.

## داستان پهريون

( ١ )

سر صلابت، سپرين! مرڪن، تون م مريج،
آهين نار آڪين جو، وتان مون م وڃيج،
تماچي تڪيج، ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌين.

( ٢ )

ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌين، تون تماچي تڪ،
آئون ٿيوم آڪ، مون ڪر ملاحن ۾.

( ٣ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وڏراء،
اچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساء،
لڳي آتر واء، ڪينجهر هندورو ٿئي.

( ٤ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، ڪنڌيءَ ڪونر ترن،
وڻي واهوندن، ڪينجهر ڪٿوري ٿئي.

( ٥ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي پرين سندام،
ڪوڙين ڪاج سدام، آڻ مڏو ڪون رهيو.

(٦)

سميون ڪري سينگار، راڻ ريجھائڻ آئيون،
جام ھٿ ۾ جار، جلي ڄيڙين وچ ۾.

(٧)

سيءَ ھٿ ۾ سڪڙي، جام ھٿ ۾ جار،
سچو ڏينھن شڪار، ڪينجھر ۾ ڪالھ ھيو.

(٨)

جيلانھن نوري نوازيئين، نيو تماچي تي،
گاڏيءَ چاڙھي گندري، ماڙھر ڪيو سي،
ڪينجھر چوندا ڪي، تہ سچ سپائي ڳالھڙي.

(٩)

پکن پوءِ پچار: "آج تماچي آئيو"؛
مرڪن ملاحن جا، متي پانڌيءَ پار،
وڏي جام جمار، جنھن سپائيون سوکيون.

(١٠)

ھکا پکاريو، جام تماچي آئيو،
گوندر لاھيو گندريون! آتڻ اجاريو،
ڪينجھر قراريو، سڀي سام بخشئي.

( ١١ )

ڪو جو ڪامڻ سيءِ، آهي آڪڙين ۾،
تن ٿماڇيءَ چام جو، ناپون پايو ني،
عِشق ايئن ڪري، جئن چارو چام ڪلهي ڪيو.

( ١٢ )

چامان آڳي جيا چائيون، تن جي نرت نوريءَ ڪي نانهه،
نه سنهن، نه مارڪي، نه وچن ڪنهن ويهانءِ،
سي ڪينجهر ڪنديون ڪانهه، جن تماچي تڪيو.

( ١٣ )

نه ڪنهن چاير چام کي، نڪو چام وياءِ،
نيڙيءَ وڏيءَ ڳنڍريءَ، مين آه سياءِ،
”لم يلد ولم يولد“ ايءَ نيابت نياءِ،
ڪبر ڪبرياءَ، تخت تماچيءَ چام جو.

وائي

تنهن کي ڪير چوندو سي؟ آڙيا ايءَ سمي جا سمنگي.
سمي جي سهاڳڻ جو، ميندو ڳِتو سي.
چارو چام ڪلهي ڪيو، عشق ائن ڪري.
جن وهڻ نه ڏٺي وٽ ۾، تيما ملاسي سي.
عالم انعامي ڪيو، نوريءَ ناز ڪري.

# سسئي آبري

## داستان پهريون

( ١ )

آول آخر آهِ، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
هورهيو سندو هورهيتين، والي! ڪيم وڃاءِ،
تڪيءَ نورو لاهه، جلن جهڙي ملي جت ڪي.

( ٢ )

ڏري ۽ ڏاري، ست سورن جي سسئي،
پيائي پنهونءَ ڏي، نرمل نهاري،
لالن جي، لطيف چئي، سونهن ستي ساري،
هريتڻون پاري، مارڪ ۽ منڌ مئي.

( ٣ )

جي سجهائي سڪ، ته پڻ سڪي سسئي،
پيتائين پنهونءَ سين، هڏ نه پڪيس هڪ،
ان تڙ منجهان تڪ، ڏني پاڻ آڇ ٿئي.

( ٤ )

پسي جھاجھ جمال جي، جنين پيتي پڪ،
آھر آڪانجھو ٿيو، سور انھين کي سڪ،
ھڏ نہ پڳين ھڪ، سدا سائر سير ۾.

( ٥ )

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو آچ جو، آچ سين آچ آتيار،
پنھون ھاڻ پيار، تہ آچ سين آچ اجھائيان.

( ٦ )

محبت سندو من ۾، پر پيالو جن،
پيڻ پرچا ناھ ڪو، ڪنھن جنھن ڏاھ ڏين،
تنھن نھايت ناھ ڪا، جنھن سچا سچ وجن،
تيلانھن آچ مرن، سدا سائر سير ۾.

( ٧ )

سدا سائر سير ۾، آندر لھي نہ آچ،
پسڻ جو پرينءَ جو، سا سيائي سچ،
تيلانھن مرن آچ، سدا سائر سير ۾.

( ٨ )

ساڃن ڪارڻ سڄ، مر قبولي سسئي،
آندر جنين آڄ، ٻاٽي آڃيو آن ڪي.

( ٩ )

ٻاٽي مٿي جهوپڙا، مورک آڄ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جڻن.

( ١٠ )

سسئي ڪين سمجهيو، اوري آريءَ ساڻ،
ڪري پيک پنهونءَ سين، ٻاڏاريائين ٻاڻ،
جت وڃايو جاڻ، ٻانهن ٻاروچن سين.

( ١١ )

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مڙوئي لهسيو،
آڻين منجهان آئيو، "هئي هئي" جو هڪاءُ،
طيورن تنواريو، پنهونءَ پڇاڻاءُ،
رسيو سور شبان کي، وحوشن وناءُ،
مروئن موت قبوليو، آپر آفسوساءُ،
بر ان ڪن بڪاءُ، اڪنڊيا آريءَ لئي گهڻون.

( ١٢ )

مھند محتاجي ڪري، اُٺيءَ ٻير ڪٽيج،
کيليائيا ڪيچ ڏي، حج ۾ ھلائيج،
ھاٿان ڏار ڀريٽون، مسئيا ساڻ ڪٽيج،
اوڏي عزازيل ڪي، ويجھي تان ۾ وڃيج،
نااميدي نيج، تہ اوڏي ٿيين اميد ڪي.

( ١٣ )

مھند محتاجي ڪري، حج وڃائي ھل،
عذرخواھيون، عاجزيون، مسئي ڪنھن ۾ مل،
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لنئون ري ڪونھي لل،
اي ٻلائيءَ جو ٻل، جڻ ھاسي ٿين ھاڻ ڪان.

( ١٤ )

وِہ ۾ منڌا پنپور ۾، ڪر ڪو واڪو وس،
ٻانھي ٻاروچن جي، ڪولي چڙ ۾ ڪس،
ڏورڻ منجھان ڏس، ھوندءِ ھوت ٻنھونءَ جو.

( ١٥ )

وِہ ۾ منڌا پنپور ۾، ھاڙھي ھڏ ۾ ھل،
ڪوڙي ڪج ۾ ڪڏھين، سچي ڳالھہ ۾ سل،
جانب لئي ۾ جل، سوڙ وسار ۾، مسئي!

( ١٦ )

سَکين نِيِي م سَنري، پسي ڏَکَ م ڏَرَ،
پَنِي کَرِ م پانهنجو، کهوري! آڏَ م گهر،
ماري! هَڏِ م مَر، مَڇُنِ جِيءَ جيارئين.

( ١٧ )

سَکين نِيِي نَ سَنري، ڏکين تان نَ ڏَري،
اوري هَڏِ نَ آپِيي، پَري تان نَ پَري،
سَرتيون! تو نَ سَري، بِنهين ريءَ ٻالپڻ کي.

وائي

( ١ )

تَنَ مَنَ مَنجهِ تَنوار، هو يارَ! سَدا آهي سِکَ جِي.
تنهن چِڻکِنِ چِتَ ۾، جِنهن ما گهنديءَ لارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِکَ جِي.
لَڳي اَڄَ آڳين کي، سِکهو سوڙ، سَتارَ!
هو يارَ! سَدا آهي سِکَ جِي.
پَسانَ ڪِينَ پَرِيتَون، ڪاڏي پَرتَ پچارَ؟
هو يارَ! سَدا آهي سِکَ جِي.

بنديائي پنهور ۾، آهيان آهيان ڏار،
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

مون کي چڏ ۾ چوربن، آريائي آڌار!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

ڏيان خيز خزان ۾، جي تو منجهه بهار،
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

سفر تان مون کي ڪيا، حڪيمن هزار،
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

دوا آهين دل جي، وارو واقف ڪارا
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

آئي ڏي عليل کي، معجونون سوچارا
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

وائي

(٢)

مون کي تان جهل ۾ پائيو، وو جيڏيون!
آئون هاندي هوت ڏي.

هي جو بار پنهور جو، لوئيءَ تان سي لاهيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

آهي عاجزن تي، پسو سندو ساعيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نه مون پؤ نه پايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

وهاري وطن ۾، شهدي ڪي م سڪايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪنل ڪجائن ۾، چاڙهي ميءَ هلايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

منهنجو هنڌ پنهونءَ ڏي، ربي تان م رهايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

## داستان پيو

( ١ )

هيج نه هوندو جن، سي ڪئن وندر وينديون،
وهو وچ رهن، سهسين سڏن واريون.

( ٢ )

سڏائتي سيڪا، ٻڪ نه باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جيءَ مٿو جا نه ڪري.

( ٣ )

ڪيچ نہ جنبڻ جاءِ، تہ ڪا هلي هوت ڏي،
مون سين هلي ساءِ، جا جيءُ منو نہ ڪري.

( ٤ )

آتڻ ۾ پرياڻ، هو سپني جيڏيين،
مون سياڪيءُ ساڻ، ڪير چلندي چيرين.

( ٥ )

سکن واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين آڳ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٦ )

پينرا آئون پوري، مون سگ سجائي نہ ڪيو،
ڏيندا مون ڏير ويا، جهجڻ ۽ جهوري،
لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٧ )

آديون آئون آجاڻ، مون سگ سجائي نہ ڪيو،
هوند نہ سنيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءُ جي رهاڻ، جي آڙايم جت سين.

( ٨ )

ڏونگر نہ ڏوري، سگھن جيون سڏون ڪري،
ويني گهر گهوري، متان پرين چنڊڙو.

( ٩ )

وريتون ورو، آئون نہ ورندي ور ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهيندين ترو،
جتن ساڻ ڏرو، لينهن نبيرو نہ ٿيو.

( ١٠ )

وجو سپ وري، آئين جي ورن واريون،
ڦوڙائي فراق جي، سڄي ڳالھ ڳري،
ٻنيان جن پري، ڏونگر سي ڏوريندين.

( ١١ )

وجو سپ سوني، آئين جي ورن واريون،
ڪانہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو م ڪوني،
ڪلهير ڪاچوني، وڌم جوڳ جتن لئي.

( ١٢ )

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌا! سيٽاني وڃ،
پريتون م پڇ، ساڻ چڙهندو لڪين.

( ١٣ )

آڄ ملنديس ماءِ، ڏاڄا کنديس ڪپڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م ماءِ،
هوت ڀاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

( ١٤ )

سنڌيون سور ڪرين، هڏ ڀڃ ڏکن هوت لئي،
ڀرين جي ڀان ڏنا، سي متي سک نه ڏين،
جي ماڙهن کي مارين، تن مورن کي سڌ ڪريان.

( ١٥ )

مون کي پائي پاڄ، ڏير ڏوراڻا هليا،
آڪيان آئي آن جي، خوب نه ڀڪر ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڪاير ڪاڄ،
سا مون هتان نه ٿئي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آئون آڪاڄ، ڀول ڀاروچي وترو.

( ١٦ )

تو جو ڀول، ڀروچ! ويهي ڪيو وڪار ء،
سوئي هارج، هوت! ولهيءَ مون معذور سين.

( ١٧ )

ڦيرين تون ڦاريج، ڦارڻ ڦوءِ ڦنهونءِ تي،
ڀول م ويساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

( ١٨ )

جانساماڻيئڻ، مستي! تان وڃ وڃڻ جو ڪر،
لاهي لڄ، لطيف چئي، ٿي بيڪارياڻي ٻر،
ته وڃندي ڀوڻي ور، آڳيان هوت حضور ۾.

( ١٩ )

توسين ڀول ڀون، سهسين ساڄن جي ڪري،
ڪنڌئين توءِ ڪهون، جي نالو ڪيڙءِ نينهن جو.

( ٢٠ )

مٺي ڀول سندان، جم سمهين مستي،
ڪنڌئين ڪيه ڪيٺان، جهه مي آن اورانگهيا.

( ٢١ )

مڃ ألتي مستي، رت ورٽون روءِ،
ڀي نه پانڌي ڪو، جنهن ڪر ڀچي لوءِ،
موڙهي وڃي توءِ، موٽن جي ڪان ڪري.

( ٢٢ )

ڇلان، منجهہ نہ ڇاڪ، ڀران ڀونءِ ڀرڪٽان؛
متان ٻڪا منڌ ڪري، موٽڻ جي مذاق،
ڇت سندو مون ڇاڪ، هاڙهي هڏ هٽي ڪيو.

( ٢٣ )

ڀرين ڀير ڀرڪٽان، رہ ء رت رنوءِ،
ٻاراتو ڀرينءِ ڪي، تہي تان نہ ڏنوءِ،
ڇڪي تہي ڇيوءِ، ”سواهرو“ سڄڻين.

( ٢٤ )

ڇڪيءَ ڪي ڇئي، ڪا جاڳائي جيڏيون،
ويڙو ساٿ وهي، تو ننڊائي نہ لهي.

( ٢٥ )

ڇڪس سپ ڇئي، ماڙهو شهر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪيئن مئي، جنهن جو جاڀ جت وٺي ويا.

( ٢٦ )

موٽڻ جا مذڪور، جان ڪي ڇيس جيڏيين،
ڀريٽ ڀهري ڀور، نيئي ڀهچائي ڀنهونءَ ڪي.

( ٢٧ )

موٽن جي مصلحت، مون کي ڏهو م جيڏيون،
نهاريندين نکري، آرياڻي آلبت،
کنديس اوٽ عيب جي، لکن ڏيئي لت،
سرتيون! شريکت، آئون ڪئن آگن سين ڪريان.

( ٢٨ )

موني مران م، ماءُ! موٽن کان آڳي مران،
تجي لالن لاءِ، شال هونديس پير تي.

## وائي

( ١ )

معلوم حال، حبيب! مون کي درد قديمي، وو!
درد جديدي، حب حبيبي.
آلودي آزار کان، تو ريءَ ٿيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
شادي ڏيين صحت جي، غمي لاءِ غريب،
درد جديدي، حب حبيبي.

آهِئان ٿي آهون ڪريان، نعرو منجهہ نصيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
ڪاهلِ آهيان ڪوڙي، رسي لاهِ رقيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
حاذق آهين هِن جو، آڇين شال عجيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
دوا آهين دلِ جي، ٻيو ٻچ رهيس طبيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.

## وائي

( ٢ )

ڪالهيون هوت ٻاروچي سانُ،
ووا منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
چلي پيئيس چيرين، مگ تنهنجي سانُ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻرزا ڪنديس هانُ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

رلي چلي چهرين، جام وڃايم جان،
منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.
هتان هڏ نه چڏيان، سندو نينهن نڏان،
منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.
نصيب ڪر مسئيءَ کي، پنهون، آڪ، وٺان،
منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.

## داستان ڏيون

( ١ )

پسي ڏونگر ڏاهِ، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ، لطيف چئي، پئيءَ ڪيچين ڪاهِ،
ٻچي هورج، مسئي بلوچاڻي باهِ،
اِن وڙائتي ور جو، آسر هڏ م لاهِ،
جو آ ڪيئون اوڏو آهِ، سو پرين پراهون م چئو.

( ٢ )

هتان ڪئي هت، جن رکيو، سي رسيون،
ساجن سولهن سرت، وِکائئي وبجهو گهٽون.

( ٣ )

جيڪس ياد ڪياس، ور وڃي وڻڪار ۾،
جلد جريدي پنڌ ۾، آديون آڄ ٿياس،
وڃي ڪيچ پنياس، ٻاروچاڻيءَ ٻاجھ سين.

( ٤ )

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جائو، جھر، جر،
ڪوسا تپن ڪڪرا، ٻي دمدم تپي ڏر،
ويچاري ڏي ور، ٻير نہ لهي ٻرينءَ جو.

( ٥ )

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڃڻ نيلا،
آتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، آت رهبر رسيج راه ۾.

( ٦ )

ويچاريءَ وڻڪار، آڪ نہ ڏٺو هو ڪڏهين،
مهر نہ هئي ماڙهئين، هو سڀ هندوڪار،
جت ڪيائون يار، سورن ڪارڻ سرتيون.

( ٧ )

واقف نہ وڻڪار جي، جت جبل جوراڻون،
آتي عبداللطيف چئي، سجي سفر سڻاڻون،
ڀهروئي پاڻون، سولو ڪرين سات جو.

( ٨ )

واقف نہ وڻڪار جي، هاري سڄڻ بر،
ور، وسيلا سپرين! تڪيس ڏوري تر،
لهج، لعل لطيف چئي، ڪانڌ مٿي جي ڪر،
ولهي ڪري ور، مڇڻ مارڪ ڇڏيين.

( ٩ )

واقف نہ وڻڪار جي، آڪ نہ ڏيهہ ڏٺوم،
ڏونگر ڏوراڻ سين، ڪاتيءَ ري ڪٺوم،
جيلانهن محب مٺوم، تي ڇلون ڪريان ڇپرين.

( ١٠ )

واقف نہ وڻڪار جي، هاڻيءَ ڪنهن نہ پاڻ،
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاڻ،
لکي لڪ، لطيف چئي، معذورن مٿاڻ،
آتي اوڏو آڻ، جت هوت! هيڪلي آهيان.

( ١١ )

مَسَئِيءَ کي مَڏَ نِيو، آسان اولائون،
پَنڌَ نہ پَڄائون، آڻ ڪُونِي ڪان ڪري.

( ١٢ )

هَسو! پِرائِن، سورَنِ آڏِي مَسَئِي،
پَرايا پُهچَنِ، وِڃهنِ وِيچاريءَ تي.

( ١٣ )

مَنڌَ نہ مَنجَهان تَنِ، پَسِي لڪ لَڏَن جي،
جا پَر ڪاهوڙِينِ، سا پَرِ سِکِي مَسَئِي.

( ١٤ )

مَنڌَ مَ مَنهَن وِيهہ، آڙِي اوسَر آسَ ۾،
تو سِيئِي سِينَ ڪِيا، ڏُورَ جَنِين جو ڏيهہ،
ہاڙِي ہِيهہ، وَتَ پَڄَندِي پِرينءَ کي.

## وائي

( ١ )

هوجي هَلِيا هوت، سونهارا، مونَ نہ وَهيڻان، پَنهونءَ سَگَيڻان.
مَسَئِي اچِي ماٿَ جا، اوطاقون اوتارا،
مونَ نہ وَهيڻان، پَنهونءَ سَگَيڻان.

آنْ کي ويندا ڳَڌِيا، آرياڻي اِه ٻارا،
مون نہ وَهيٽان، پُنهونءَ سَگَيٽان.
مون کي نيندا پاڻ سين، ڪامل ڪَر آجارا،
مون نہ وَهيٽان، پُنهونءَ سَگَيٽان.

## وائي

( ٢ )

ڪَرَها مَ ڪاهيو، ميان ڪيچي!
آئون آرياڻي عرض ڇوندي:

ڪري هوت هَلڻ جي، لوليءَ کي مَ لڄايو،
وسيلو وِلهيءَ جو، آڳانڊو آهيو،
هامي ۾ پريت جي، جهيڪي آتَ جهَڪايو،
وِلهيءَ جي وِهاڻءَ ۾، واڄٽ سڀ وَڄايو،
آگواڙيون آسڻ ۾، پنهنجيون پاڻ پَراهيو،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! صورت کي مَ سڪايو،
ساڪن ٿِيِ شهر جا، معذور کي مَرڪايو،
پنهون چام پريت سين، وِٻهي سور وِراهيو،

لاهي بار پنهور ۾، ويندو ڳيوٺ وناهيو،
پنهونءَ چاچيڙن کي، رڏي ڪين ڪارايو،
پرٿائي پنهونءَ کي، نيڪيءَ نڪرايو،
ٻيلي ٿي ٻانهڻ سين، ڏکيءَ ڏيج ڏيکاريو.

## داستان چوٿون

(١)

جدائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منگل منهنجي من ۾، پاريو هوت حمام،
آرڪ ٿيو آرام، ڪاڪل هسي ڪانڌ جو.

(٢)

درد نہ لهي دارئين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪاله ڏنوم، رخساري ٿي روپ سين.

(٣)

پنهو جو پنهور ۾، ڪاڪل ڏنم ڪالهہ،
هئي تنهين جي حال، زلف جي زاف ڪيون.

(٤)

پرينديءَ پاڻ ويو، زلف ڪيس زاف،
سندو ڪاڪل ڪاف، ماري معذورن کي.

( ٥ )

هاڻ نه جيان جيڏيون، زلف زاف ڪياس،
ڪاڪل آئون ڪياس، پنهنجو پنهور ته.

( ٦ )

ڪاڪل ڪئي جا، ڪفن تنهن ڪين ٿئي،
منجهه شهادت سا، لڏي ۽ لاڏ ڪري.

( ٧ )

ڏکا ڏونگر چام، ته ڪر معذورن تي،
تو تي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام،
مار م، چئي معذور ڪي، وهيان ڪانڌ ڪلام،
پرچج پيادين سين، الله لڳ، غلام!
جا لوازي آهنجي نام، ما هوت، ته ڇڏج هيڪلي.

( ٨ )

ڏس، ڏونگر چام! سڪر پاڻ شريڪ سين،
ڪيهي ڪلفت تذهن سين، جا گولي آهنجي گام،
ورج وير وريام، منهنجو آيو آن ڳري.

( ٩ )

ڏکا ڏونگر لاهه، آئون آڪ مٿي آهيان،
آرياڻيءَ سين آهه، ذاتي سڱ، ضعيف جو.

( ١٠ )

پير ھڻائين ڪوئڙا، ڏونگر مٿي ڏي،

ڦٽيا ڦڙ فقير جا، ميرون ٿيڙا سي،

جھڙي ٿيڙي حال سين، پري پنھونءَ ڏي؛

وڃي مان وري، پانھيءَ پنڌڻ جنھن سين.

( ١١ )

پير پٽائين ڪوئڙا، ڏونگر مٿي ڏي،

پاڻ نہ پسي ڦٽيو، ڪڙھي ڪيچين ڪي.

ھاڙھو ھوت ہري، ڪھ جاڻان، ڪٿي لنگھيا.

( ١٢ )

سمھڻان ساڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،

پرين جو پاڙو، مون سين اندہ ٿيريو.

## وائي

( ١ )

مون آنديءَ ڏي ايندا، ھوت سلامت سپرين.

پلءِ لائي پانھنجي، ني ڪي آت نيندا،

ھوت سلامت سپرين.

مَگَ نہ ڪندا مَڪ سين، مور سگيتا ٿيندا،
هوت سلامت سپرين.
رکي کَل کَلنِ تي، نينهن نياپو ڏيندا،
هوت سلامت سپرين.
پريتِ نيندا پاڻ سين، چوري تان نہ ڇڏيندا،
هوت سلامت سپرين.

## وائي

( ٢ )

ادا ڙي ڏوٿي! آئون پڇان تو ئي:
ڪيچ رمنديس ڪڏهن، ڏس مون ڏي.
نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، اوٺي،
آئون آنهين مان آهيان، جي ٻانهڻ پڙهن پوٺي،
پرت ٿينديس، پرين پڇنديس، ڇاڙينديس پوتي،
سنجهي ونڙو سپرين، ساڄن ڇڱان سو ئي،
ساجهر ساٿ ڀلاڻيو، تو ڀلاڻيو ڀوء ئي،
هتان ئي هوت ويو، جت پڇين جو ئي،

ھاڄِ ھوت پنهونءَ ڏي، منجهان نينهن نِڪو ٿِي،
آتڻ وِجهِي آڪِ ۾، منجهان جوڻِ جوءِ ٿِي،
سنجهي سات سِداريو، پنهون ھِجان ھوءِ ٿِي،
رو يو رئان رڃِ ۾، ھئي ھئي! آئون ھِت ڪوه ٿِي؟

## داستان پنجون

( ۱ )

ڏورِم ڏيھ وِيو، ھير تنهنجي ھِرِڻ جو،
وھڻ وانڱِڻ ٿِي، ڪيچِين ري ڪھو،
وِندرِ جو وِيو، سو، الله! واري آڻين.

( ۲ )

وِندرِ جي وڃڻ، ھي مر ھنڌن سندرا،
پيون ڪوه ھنڌنِ، ڇوڙي جي ڇڏِينديون.

( ۳ )

ڏيھ ڏيھائين ڏورِ، ھرڏيھان ھري ٿِيا،
سيڻِن ڪارڻ سسئِي، پيئي ھراھين ھورِ،
تون وڃين ھوت حضورِ، منهنجو جِنءُ جيلاھين ٿئي.

( ۴ )

هيڪانديءَ هوئي، آئي راتِ روان ٿيا،
ساهہ سڳي ۾ سور جي، پنهون وِيو هوئي،
رهه، قضا! دم ڪوئي، تہ هيڪر هيڪاندي ٿيان.

( ۵ )

هڏ نہ ساهہ سڌير، دل درمالدي دوس ري،
پائي وِنڙا پرت جو، زوراور زنجير،
جي، جسو جاڳير، هاٿي مِلڪ هوت جي.

( ٦ )

عمرِ سڀ عشق سين، پنهون جي پڄنِ،
ريس ريزاليون تن سين، ڪجاڙي ڪي ڪنِ،
مارڪ جي مرنِ، وڏا طالع تنِ جا.

( ۷ )

وڏو طالعَ تو، جنِ لڳين پر پنهونءَ جي،
سسئي! انَ ستون ڪي، رويو رويو رو،
ويئي هتِ م هو، هلين تہ هوت لهين.

( ٨ )

ويٺين ناھ وراڪو، متين ڪونھي مڱ،
ھوت ھلنديِن ڪئيو، جن آنڱن چاڙھيو آنڱ،
سي ٻاسي ٻئي ٻنگ، رڙھي چام رسيون.

( ٩ )

ويٺي ور نہ ٻون، متي ملن نہ سپرين،
جي متي رندن رون، ساجن مليِ تن کي.

( ١٠ )

ڪڙھي ۽ ڪڙي، ھر ھ ٻير پنھونءَ جو،
ھڪ ٻڌائين مندرو، جانب لئي جڙي،
لڪن سر، لطيف چئي، منڌ جھيڙي ۽ جھڙي،
پٺيءَ تان نہ ھڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

( ١١ )

ڪ ڪي ڪڙيان ٻير، ڪ ڪڙھان ڪيچ ڏئين لئي،
اِي ڏنٿون ڏيئي ڏير، ٻاٽان ٻراھان ويا.

( ١٢ )

ڪڙھ ٻن ڪيچ ڏئين لئي، ڪڙ ٻن ٻير سندان،
انھين ٻر آتان، ٻوندئن منڌا ٻھاڙ ٻر.

( ١٣ )

مورن سڄهائي، ڇپلهہ ٻڌيو چونئين چڙهي،
مگ ڀريان ڄي سسئي، ميڙي ملائي،
لڏائين، لطيف چئي، لالن ليلائي،
ٻانهين ٻاڏائي: ”حبيبان واريو هوت کي!“

( ١٤ )

راڻي کي رنجور، ٽکر توءِ ٽانڪيو چڙهي،
لانچي لڪ لطيف چئي، هلي ڏانهن حضور،
رهيا سڀ رهڻ ۾، سسئي جا سالور،
ساجن ميڙيس مور، سڪ نہ ميڙيس ميرين.

( ١٥ )

منجهان ٻئن پروڙ، سڀ ۾ ٻيچ، سسئي!
وٺي وڏي ڏک مان، ڏئي وجهج ڏوڙ،
تہ تون مائين موڙ، جي ٻنڌ اهائي ٻاريين،

( ١٦ )

لڄي، کين کڄي، آئي سنڌ آندوه ۾،
ڀر ۾ ڀير ڀڄي، لالن جو، لطيف چئي.

( ١٧ )

ہریائي تہ ہارِ، ڦوڪ تہ لڳي آنبرين،
ھئي جي ھٿن جيون، وٺون سي وسارِ،
سوري سرڪار، نيئي رڪج ناہ ٩.

( ١٨ )

ڦر پڌي، تون ڪين، ڀڃندئن پنهون ۾ سين،
جئن سينون ماهين، سسئي! ٿئين ٿهارون تيئن،
مٿي ٿي مسڪين، همت هوت وڃائيو.

( ١٩ )

ٻر لڳو ٻاڻ، سوا جوءِ جرا ٿيي،
سا منڌ مري نہ جئي، پيئي اچاڙي ٻاڻ،
سسئي سورن ساڻ، سنيوڙي، سيد چئي.

## وائي

( ١ )

ٻاروچان ٻاجھ ڪهئي، آن ٿي چلان چيرين،
آئون پنهنجي ٻرين ۾ سين، ويندي واڪ وڻي،
آن ٿي چلان چيرين.

مَرُ تان ڀوڳيم منهن ۾، سندي ڀي ڀٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
ڪونهي هِن ڀنڀورَ ۾، ڏاران دوس ڏٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
هُتان هَڏ نہ ڇڏيان، آريءَ جي پِ آٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
آهي هوتنِ هَٿ ۾، سندي جيءَ جٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
ڪِين وِرِيا ڪَڏهِن، ڇَليا ڇڻ هٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
مون کي ڪونيو هاڻ ڏي، هادي هَٿ ڪَٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
پنهونءَ ڏاران پَٻ ۾، ٻيلي ناهِ ٻٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.
توريءَ تيل نہ پائِيان، نَڪا سينڌ ٽٽي،
آن ٽِي ڇلان ڇڙِڻ.

## وائي

( ۲ )

ڪهڙو مَڱَ سِياڪو، هاريءَ مون هوتنِ سين.

آئون هيڪلِي حَبَ ۾، نَہ مون سَٽَ نَہ ڪاڪو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

مَنڌَ پيادي، هَنڌَ ڪهڻون، نَہ مون آٽ، نَہ ناقو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

چڙهي نَہ سَگهان چوٽِيِنِ، ڏونگر ڪونهي ڏاڪو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

پرين پڇنديس پَٻَ ۾، وَڻ وَڻ وِڃهنديس واڪو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

هوءَ جا ٻِڪَ ٻنهونءَ جي چڻيان تنهن چڱاڪو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

پسَڻ ڏاران پريَنءَ جي، فقير پوءِ م فاقو،

هاريءَ مون هوتنِ سين.

وِچ ۾ پـوءِ وِصال ۾، لِـڪَ ۾ پـوءِ لـيـاڪو،
هاريءَ مون هوتَنِ سين.
آتَـڻ وِجھي آڪَ ۾، پَچَنديس پـوءِ پـھـاڪو،
هاريءَ مون هوتَنِ سين.

## داستان ڇهون

( ١ )

آڏَرِ، نَڏَرِ، آيَري، آسونهين آهيان،
لَڙڪَ لَعل، لَطيفُ چئي، وَرَ لئي وهايان،
هيجان هَنجوُن حب ۾، هوتَنِ لئي هاريان،
جانبَ ضَعِيفيءَ سين، پُنهون پَهايان،
پيهان، پَچايان، جي مانڻ نيو ماڻ سين.

( ٢ )

آڏَرِ، نَڏَرِ، آيَري، آسونهين آئُون،
چِيٺا، چور چنجنِ ۾، بَرَ ۾ بلائون،
موٽ پُنهون پاهون، مَتان مَحبَ مَري رهان.

( ٣ )

آڏر، نڏر، آيري، آهيان آسونهين،
برڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي مونهين؛
سسئي کي سيد چئي، تنگن ۾ تونهين،
هاري! ڪئن هونهين، ري سمر سڏون ڪرين.

( ٤ )

آڏر، نڏر، آيري، اوکي، آوائي،
ڪين نهاري نڪرين، سانس سگهائي،
لاڳاپن، لطيف چئي، منڌ رائي رهائي،
جلڻ جڏائي؛ آري! لاهه آصيل تانءُ.

( ٥ )

آڏر نڏر، آيري، ڪمن گمائي،
سا ڪئن وهي ويسري، جا گهائي، گهمائي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، آسن ۾ آئي،
جا لڪن لوسائي، سا سيج چڙهندي سسئي.

( ٦ )

آڏر، نڏر، آيري، ويچاري نه وري،
لالن لاءِ لطيف چئي، اري پير پري،
ڪيني ڪري، ڪارون ڪيچ ڏئين کي.

(٧)

آچي عزرائيل، متي جاڳائي سسئي،
ٿي ڊوڙائي دليل، تہ پنھونءَ ماڙھو موڪليو.

(٨)

منڪر ۽ نڪير کي، جڏھن ڏٺائين،
آکيان آئي آن کي، پنھون پڇيائين،
آدا! اھائين، ڪو ويو سات سڄڻ جو؟

(٩)

ڏاڍائي ٿي ڏور، ھئيءَ ڪيچين ڪڪرا،
رانو مڙوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪڪور،
لانچي لڪ لطيف چئي، آئي ڏونگر ڏور،
جت وڃي ٿو زور، آھڙ تان اوڏي ٿيين.

(١٠)

ھئي ٿي ھيمال، سا منڌ مري، نہ جئي،
ٻري ھن ٻنپور سين، ھڏ نہ ڪرھي حال،
لالن جو لطيف چئي، وساري نہ وصال،
ٻري ڪجاہ ڀال، ھيءَ ڏاہ ڏوريندي ڪيترو؟

( ١١ )

جھٽ ٻنيءِ، ٻه، جهنگ، هاڙهي پچ ۾ هوت کي،
سوڙ سيلي، سسئي! لڪ تنهين سين لنگهه،
ته سپيريان جي سنگ، منڌا! ميڙانئو تو ٿئي.

( ١٢ )

ٽڪيائي، ٽر ٽيل، چڙهه چڪيائي، جوڻيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ٻؤ مڙيئي ميل،
آئي رانو ريل، وينءِ تان واري وري.

( ١٣ )

هيءَ ڪسي، هيءَ ڪسُ، هيءَ پهڻ، هيءَ ٻيجرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن ٻنيءَ وس،
ليڙن جو، لطيف چئي، ڏونگر آئي ڏس،
جڳ ۾ رهيس جس، سگر ٿي سردار جي.

( ١٤ )

ميٺن ڪارڻ، سسئي! وڃي ڪجي وس،
جم ورچي جڏيين، سندو ڪنگن ڪس،
ڏونئي ڏيندءِ ڏس، آڳيان ٻاروچڻ جو.

( ١٥ )

هل تہ هيڪاندي ٿيين، وبهي وڄهہ م وير،
دل ۾ آڻ م دور تون، ڦرڻ سندو ڦير،
توڙي اهين نہ پير، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

## وائي

( ١ )

هوت سين هلڻهار، ووا جيڏيون!
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
ڪوه پلنگ، ٻن مارِيون، ڪين سين ٿيڙم ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
سونهن سپيرين جا، آتڻ وٽ اوتار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
وينو ڏي ڏکين ڪي، پنهون چاڙم پوچار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
آهيان نہ پٺ پنهونءَ جي، ڪنديس ڪنر ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
پير م ڇڏج پرينءَ جو، هئي هئي! هٽ آسار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.

ڪيچين ڪره ہلائيا، ميا ٺيڙم مارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
آنڌين آهين آسرو، موڙيج، مُجب موچارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.

## وائي

( ٢ )

جيڏيون! آئون تان نہ چوندي، لوا
ڏک ڏوراهو سيٽنِ ڪي صريح، لوا
سگ نہ ورن سپرين، منت مونِ مان،
پينرا پيٽي حج جي، ڪوهياري سين ڪان،
سو تون صاحب آهين، جو نہ پيرايين پان،
سٿين سوالي سمڪيا، تو، داتا! ڏيئي دان.

## داستان ستون

( ١ )

آءُ اوراهون، سپرين! وڃ م آڳاهون،
نڪي ڪٿي ٺرن م، پاڪاريو پاهون،
درد جيون داهون، مون مارينديون، موٽ تون.

( ٢ )

آءٌ اوراهون، سپرين! وڃ م، ٻيءَ! ٻري،
مون ڏٺي، مون وسهو، ورڇي تلان نہ وري،
ڏاران منهن مري، ڏکيءَ جي ڏيکاريين.

( ٣ )

آءٌ اوراهون، سپرين! آري لڳ الله،
توکي ساري ساه، آکنديو آهون کري.

( ٤ )

آءٌ اوراهون، سپرين! ٻري وڃ م، ٻيءَ!
موٽ مرنديس چيرين، تون جيارا جيءَ،
هوت! م ڇڏج هيءَ، پنهون! پيادي پنڌ ۾.

( ٥ )

آءٌ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏيج م ڏاک،
وٽ ڇڏي مون واک، آري! وڃن عشق جو.

( ٦ )

آءٌ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏاک م ڏيج،
پيهي گهر ڇيج، تہ هوت! هلاکت نہ ٿئي.

( ٧ )

مڇڻ، وڙا وساريين، آري! لڳ آلله،
توکي ساري ساه، اکنديو آهون ڪري.

( ٨ )

مڇڻ وڙا وساريين، صبر نه ساريان،
توکي نهاريان، آءُ منهنجا سپرين.

( ٩ )

هٿان هڏ نه ڇڏيان، صبر شڪرانو،
ذوق زمانو، مون وڙا ويو وسري.

( ١٠ )

صبر ۽ شڪر ڪي، ڪاڏي آئون ڪندي،
آهيان جنهن منڊي، سو نه گهرجي سان مون.

( ١١ )

صبر ۽ شڪر ڪي، وٽي آئون ويٺي،
ڏکيءَ سين ڏيٺي، ڪا ڪج آچي ڪڏهين.

( ١٢ )

صبر ۽ شڪر ڪي، هٿ ڪيو مون هاٿ،
ٻريرا آچي ٻاٿ، ٻئيءَ ڪي ٻچيج تون.

( ١٣ )

ناهِ جميعت جانِ کي، هوت پنهنجا ئان هانِ،

الله! سيئي آنِ، جنِ ساڻ چکايمِ سڪ جو.

( ١٤ )

ناهِ جميعت جانِ کي، هوت پنهنجا ئان هتِ،

پنهونءَ جيءَ پرتِ، ساڻ چکايمِ سڪ جو.

( ١٥ )

ناهِ جميعت جانِ کي، پنهونءَ پنهنجا ئان،

سي مون سيباڻان، جنِ ساڻ چکايمِ سڪ جو.

## وائي

ھِتِ نہ رھي دِلِ توري، ورُ ميان خانَ بلوچا!

آڻ چاريندِيسِ آنِ جا، مَٿان تَکر توري،

ورُ ميان خانَ بلوچا!

ڏينديسِ ساھ مرن کي، مَٿان کلهنِ کوري،

ورُ ميان خانَ بلوچا!

ڪانگ ڪينم ڪيچ جا، ماس ڇنجن مان چوري،
ور ميان خان بلوچا!
ڏک لاهيندس ڏيل جا، ماڻ عجيبن اوري،
ور ميان خان بلوچا!

## داستان اٺون

( ١ )

ڪن ٿي، ڪيڇن ڪچيو، ڪڇ م، تا ڪڇن؛
اشارتون آن جيون، سڪوتان سڄن،
وتان ويهي تن، سڄڻ ته سوز پرائيين.

( ٢ )

سڄڻ ته سوز پرائيين، "آءُ" چيائون آڄ،
پولي پي نہ سکيا، "هاتان"، چوندو، "پڄ"،
واڇي وٺ م وڄ، پڌ ته پيائي لهي.

( ٣ )

پڌ ته پيائي لهي، "آئون" ات نہ آهِ،
ڪڇڻ ڪندي لاهِ، ڪن ٿي، ڪيڇن ڪچيو.

( ٤ )

ڪن ٻي ڪيچن ڪچيون ڪيچ ۾، ڪيچيائون،
رهي نه رتيءَ جيتري، انهين وٽ آئون،
ودي وڌائون، هو جو وڻ ”هڻ“ جو.

( ٥ )

ڪڏهن پنجي ڪن ٻي، ڪڏهن ٻيجي وات،
ڪڏهن ٻجي ڪات، ڪڏهن ٻجي ٻڪرو.

( ٦ )

ڪنارو ٿو ڪوس، آڳ آريءَ چام جي،
ڏيت آهي دوس، مارڪ ۾ مين جي.

( ٧ )

ڪامون ڇيجاه، ڪهيون ڪهرجن اوٺيا!
هي وڻ نه لهنداه، هو وڻ اوڏاهين ڪهٽا.

( ٨ )

آکيون لت اوراٽيون، ڪنهن پر ڪڙيان پير،
لت لاهيندو ڪير، مون جيهيءَ معذور ڪان.

( ٩ )

آکيون آريءَ جام جيون، آنذيءَ سين آھين،
ھو ٻي وڻ وندر جا، ٻي مون سولھائين،
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنھونءَ جي.

( ١٠ )

آکيون آريءَ جام جيون، آھين آنذيءَ ساڻ،
پسي کنديون ھاڻ، پيشاني پنھونءَ جي.

( ١١ )

سڏ م کر سڏن ري، ھلڻ ري م ھل،
جلڻ ري م جل، رنڻ ري متان رنين.

## وائي

( ١ )

درد مٺيءَ جا دارون، ووا موٽ، سڄاڄھا سپرين.
مون لڳيون، مون وسھو، محبت جيون مارون،
ووا موٽ، سڄاڄھا سپرين.
مائٽنتان مون سين گھٽا، کسڻ کيا کارون،
ووا موٽ، سڄاڄھا سپرين.

سڪڻ مون سين ڪين ڪيو، سونڻ لڏيم سارون،
وو! موٽ، سڄڻا سپرين.
منهنجيون شهر ڀنڀور ۾، ھلڪيل ھون ھچارون،
وو! موٽ، سڄڻا سپرين.

## وائي

( ٢ )

آتڻ ۾ ويهي، سڀ دعا ڪريجاهه، جيڏيون!
ڪانهي بس ٻهير ڪي، هل چل ٿي هيٺي،
راهه مسافر سيڪو، ڪون ڏنوسون هت ڏيهي،
ساريندا صلوات ڪي، منجهه قبر سڀ پيهي،
ڪوٺائو ڪريم جو، ڳالهه ڦچندم ڪيهي،
نوازيند و نور سين، ناقص ڪي آت نيٺي،
"الله هيڪ، محمد برحق"، شال چئان سان حرف اهيئي.

## داستان نائون

( ١ )

وه ۽ وساري، ٻچا ڪرم ٻنڌ جي،
نرمل نهاري، هلنديڻ تان هٿ ڪيو.

( ٢ )

آوجهڙ آسونهن، ڏيهہ کهٽوئي ڏوريو،
سڪر ريءَ سونهن، پهتي ڪاڏ پنڌ ڪري.

( ٣ )

واءِ! وڃاءِ م سو، پٺيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
چنا! چپر پرينءَ جو، پير پرنيان تو،
ڀر بورائو جو، سو، لڳي، متان لٽين.

( ٤ )

واءِ وڃايم ڪالهہ، پٺيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
وڃڻ مون وائي پيو، هوتن ڪارڻ حال،
جبل ڏوريان جال، ڪارڻ پير پنهونءَ جي.

( ٥ )

کهچ م، اَجها کيهہ، گرد پس گنگن جي،
ڏکيا! سنجهان ڏيهہ، نکر نانهن ڪاهي ڪري.

( ٦ )

ڏورِ م تون ڏوريج، صبر ڪر م، سسئي!
پرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سکن جا سيد چئي، لاڪاپا لاهيج،
هينئين ساڻ هليج، ته پنڌ ڀاسي پر نيري.

(٧)

وينيس، وک نہ آبڙي، تون آرياڻي آءُ،

چڪيءَ تو سين چاڪ، ھامي پر ھيٺي رڙھي.

(٨)

ڪھي جا ڪنيائين، وک تھين ويجھي ڪئي،

چڪي چنائين، پنڌ مڙوئي پھ جو.

(٩)

ڏُو ڪوہ ڪري سيڪا، تون، ڪھي ڪنج وک،

تاڻج منجھان تک، تہ پنڌ ھامي پر نبري.

(١٠)

ويو جاڳائي جت، ويري ڪنھن ولات جو،

سندو سورن خط، ڏنم ھوت ھٿن سين.

(١١)

ڍلا مون ڏينھن ٿيا، پيم، چام چيون،

ڪندي پنڌ پھاڙ ڏي، ٿيڙم روح ريون،

لڇيو ٿيان، لطيف چئي، ڪارڻ دوست ڏھيون،

پايان لڪ ليون، جي سور پريان جا ساڻ مون.

( ١٢ )

هيڪليائي هاڻ، پورينديس پنهونءَ ڏي،
ڪنديس ڪوهيارل سين، رڇي روح رهاڻ،
رلي چلي چيرين، ڪنهن ڀر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهٽون آڇاڻ، پر سور پريان جا ساڻ سون.

( ١٣ )

هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لڪيون، سوريون سڄڻ سيل،
تہ ڪر ڀيلي آهن ڀيل، جي سور پريان جا ساڻ سون.

( ١٤ )

دوست ڏنائين دل سين، ورچي تان نہ وهي،
لانچي لڪ، لطيف چئي، ڀهڻ منجهہ پهي،
سندي لينهن نهي، ڪي سرفراز سسئي.

وائي

وڃي وڃي ڏينديس ويجهي، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
آڏا ڏونگر، لڪيون، سونيج محب مجيجي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

ڀرين، ڀنڀور تو ڇڏيان ڀير آهيان ڀي جي،
پنهنجي ڪارڻ ڀرينءَ جي.
نه گهرجي نينهن جي، آهيان آئون آريجي،
پنهنجي ڪارڻ ڀرينءَ جي.
حا نه هلندي هوت ڏي، ڀي تنهين جو ڀاڄي،
پنهنجي ڪارڻ ڀرينءَ جي.

## داستان ڏهون

( ١ )

پنهون ڇڏيو ڀوءِ، تون جانب جبل ڳولهين،
تيلاهين تنڪون ڪرين، جيلاهين تون جوءِ،
ساجن سيج نهارين، ڏکي کهڙي ڏوهه،
هاڙهي هوت نه هوءِ، وڙي پڇ وينين ڪان.

( ٢ )

وڙي پڇ وينين ڪي، سندا پنهونءَ پار،
ساجن سڀ چمار، ڏکي ڏورج ڏيل ۾.

( ۳ )

ڪونهي آتِ ڪوهيار، جتِ تو پوري پانئيو،
پنڌَ ۾ ڪرِ پهاڙَ ڏي، وَجودَ‌ِي وڪار،
ڏاريا پانئِج ڏار، پيچ پِريان ڪَر پاڻَ تون.

( ۴ )

سِپُئي ساري، سسئي! گهرَ ڪَندِوَن تون گهورِ،
وَجي ڏورِ ۾ ڏورِ، ڏَران مَنجهِ دوستَ نيو.

( ۵ )

ڏَران مَنجهِ دوستَ نيو، موتِي پيچ پاهين،
عبث آڳاهين، وَڃِيو ڪوڪين ڪانڌَ کي.

( ۶ )

پَرَ گهران پاسو ڪري، پيچ پِريان ڪَر پاڻ،
سو تان تونهين ساڻَ، جنهن لئي جفائُون ڪرين.

( ۷ )

سوئي ڪَنيو ساڻَ، سوئي ڏوريين، سسئي!
ڪَڏهن ڪَهين نَہ ڪيو، جَلِ مَنجهان جاڻ،
پيچ پِريان ڪَر پاڻ، تَہ تون تِنائين لهين.

(٨)

جو تون ڏورين ڏورِ، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئي لطيف چئي، منجهي نيڻ معذورِ،
مجهان ٻاڻ ٻروڙِ، تو منجهه آهين تڪيو.

(٩)

وڃين جو ونڪارِ، هتِ نه ڳولين هوت کي،
لِکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي ٻارِ،
نيڻ متي ٻڌ سندرو، ٻرتِ پنهونءَ سين پارِ،
ٻائي ٻين نهارِ، تو ٻرِ ڏيرو دوست جو.

(١٠)

هوت تنهنجي هنج ۾، ڇڄين ڪهه ٻريانڻ،
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" تنهنجو توهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن کي.

(١١)

ڪوڙيون ڇڄن ڪيچ، هوت نه ڇڄن هتهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين ٻڌ وساريو.

( ١٢ )

ھَلَ ھِينئين سين ھوت ڏي، ٻِربن ھَنڌ وِسارِ،
قاصِدائي ڪارِ، ڪَين رسائي ڪيچ کي.

( ١٣ )

ھَلَ ھِينئين سين ھوت ڏي، ٻِرٻن ڪَر ۾ ھَنڌَ،
رائي ٻچ ۾ رَنڌ، رِڙھ، روحانِي سسئي.

( ١٤ )

ھَلَ ھِينئين سين ھوت ڏي، ڇپرِ ھَڏُ ۾ ڇَلَ،
آرِيائي آمَلَ، ڪابا ۾ ڪانڌُ ٿِيو.

( ١٥ )

ھَلَ ھِينئين سين ھوت ڏي، ڇپرِ ڇَلَ ۾ تون،
مَنجھان لَڏو مون، ڪوھِيارو ڪيچ ڏَٿِي.

( ١٦ )

ھَلَ ھِينئين سين ھوت ڏي، سِسي ڪَنُ ۾ ساٺَ،
جنين ٻانيو ھاٺُ، سي آرِياڻان اوري رَھيون.

( ١٧ )

ڪِجي ھَنڌَ، ٻچان تو، ڪيچڻِ ڪارڻ ڪيٺَن،
بيخودَ ھَلج بر ۾، آئون تو ڇٺاء اھڻَ،
سِڪَنُ ساڄن سيڻَن، مَتان مَنِي ڇَڏِيِن.

( ١٨ )

متان مٽي ڇڏيين، پريتڙون پاٽان،
جاپن جنن چاٽان، تون پڻ هوئج تن جنن.

( ١٩ )

متان مٽي ڇڏيين، پاٽان پريتڙون،
ڪٿوري ڪٿون، مڙهي مڙهج منهن ۾.

## وائي

غفلت يار گنوايو، پڙي! جيڏيون،
ڪئن ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
ستيس تان سات ويو، اٿيس تان ڏک آئيو،
ڪئن ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
ڇجان پوءِ پنهونءَ کي، عبث تان آن ڪائيو،
ڪئن ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
هوت هلندي جا ڪئي، سا مون ڪالهه سڻائيو.
ڪئن ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.

## داستان ٻارهون

( ۱ )

ڀڄي جان ڀنڀور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رهيس ڪيچ ڪي، جتي ٻاڻ پنهون،
ميت آهين تون، قضا ڪنديس ڪنهن سين۔

( ۲ )

ڏنا جتن لئي جيڏيون، ڏيرن مون کي ڏک،
ڀڳيس جان ڀنڀور ڪان، تان سور ٻڙيئي سک،
لئي مون تان لک، پنهون تيس ٻاڻهين۔

( ۳ )

ڀڄي جان ٻاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون تيس ٻاڻ، سسئي تان سور هٿا۔

( ۴ )

پنهون تيس ٻاڻهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلن جي، ڀڄي تن ڀرم،
جو وندر ۾ ورم، سو سودو سريس هٿهين۔

( ٥ )

پنهون تيس پائهين، ويو مسئيءَ جو سينگار،
"من عرف نفسه، فقد عرف ربه،" اِهوئي آچار،
جو ونڊر ۾ واپار، سو سودو سرِيس هتهين.

( ٦ )

پنهون تيس پائهين، ويٺي مسئي جي سونهن،
"خلق آدم علي صورته" ايءَ وٽن منجهه ورونهن،
چريءَ منجها چونهن، ڪٿي هوت هنج ڪيو.

( ٧ )

ويٺي سونهن مسئيءَ جي، پنهون تيس پاڻ،
تن جي سيد جٺي، آهي آن آساڻ،
پنيور جا ياڻ، آڏا عجيبن ڪي.

( ٨ )

وهم ورساياس، لاٿ پنهون آئون پاڻ هٿي،
پاڻ وڃاءِ پانهنجو، هئي پريان جي پاس،
وٽي علم نه راس، ڏاران پسن پرينءَ جي.

( ٩ )

ڦاٿون ڪاهينداس، موتان تان ڪر منهنون،
ٻانهي ٻاروچن جي، سگ نه ساهينداس،
"اَلفِراقُ اَشدُّ مِنَ المَوت"، هتي نه هونداس،
آه نه لاهينداس، جتي جت ڏسي مران.

( ١٠ )

جتي جت ڏاران، معذور جو مس ٿئي،
ڇانگن سِر چڙهي ويا، سانئي سوارا،
آڪيون اوتارا، ڀسيو رون ڀنهون جا.

( ١١ )

هيڪر هٿن ڇڏ، ته اوڏي ٿيين عجيب ڪي.
"مارَاَيتُ شيئاً اِلاّ وَرَاَيتُ الله،" نيئي آجها اوڏهين آڏ،
ته هوت تونهين ڪان هڏ، پرين پاسي نه ٿئي.

( ١٢ )

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه ٻهي،
'وَفي اَنفُسِڪُمْ' اَفَلاَ تُبصِرونَ، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانه وئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

( ١٣ )

ووزير سڀ وڻاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
اَللهُ بِڪُلِّ شيءٍ مُحيط، اِيءَ آريائيءَ اُهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهونءَ پاڻ، ڪينهين پيو پروڄ ري.

( ١٤ )

جانِي سڄانِي، وِهان ڪِئَن مات ڪري؟
اَندرِ آڳ عِشق جِي، اَهِر اُڏانِي،
"اَلعشقُ نارُ اللهِ الموقدة،" ڪوري جِئَن ڪانِي،
آهي آريائِيءَ، پيو سرتيون سڄي ڪين ڪي.

( ١٥ )

ڪَڏِ پنهونءَ ڏي ڪاهي، جانِيءَ روح چريو ڪيو،
اُنِي وِنِي اوڏهين، سَتي پڄ ساهي،
"اَلعشقُ حِجابٌ بينَ العاشقِ والمعشوقِ،" لاشڪ تِيءَ لاهي،
آريائِي آهيءَ، پيو سرتيون سڄي ڪين ڪي.

( ١٦ )

سرتيون سيوئي ٿيو، اَندرِ آريائِي،
وِنِي پسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏيهائِي،
هيسِ هوتن هانِي، تِي ڪيڇي ڪَڏيم ڪم ۾.

## وائي

ڪا جا ڳالهہ هئي، سا جي لوڪ سئي،
لو ٻاروچي جي من ۾.
سر سگهر، ٻر ايچري، تون جا لوڪ سئي،
سئي سگهر ٻڌيين، ڪير چوندو سئي؟
پنڌ ڪريندي ٻرين ڏي، ڪڏهن ڪان ڪهي،
آن ڪا ڏٺي اوٺيا، هوتن وٽ هئي.

# معذوري

## داستان پهريون

( ۱ )

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ڪهجن ڪي ڪونيون،
پانهنجي تن پٽ ٿئي، جي لئي لالن لونيون،
سڀ سهيليون سڪ ڪي، چنجهون ۽ چونيون،
پانهنجي! ٿي پونيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

( ۲ )

ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
آگهين هوند، آسونهن جي جانارن ياد پئين.

( ۳ )

تن پيئي جانارن ياد، جي پارئل پنهونءَ چام جا،
سندي لالن لاڏ، ميان پوءِ منڌ ٿئي.

( ۴ )

جاڪايس جنبور، ڪتي ڦريني جي،
ڀي ڀڪي آئيو، ڪنڌي منجهان ڪهور،
سي لاهيندو سور، ڪري ھن غريب ٿان.

( ۵ )

نڪين آهيون چوھڙا، نڪين آهيون چور،
ھانڪاما ۽ ھور، ڪتا! ڪرئين ڪن تي.

( ٦ )

ڪتو چئي ڦريب جا، آهيون ساڏ سڀي،
ڀرين ٻات ڀڄي، ڀچون ٻوء ٻانڌين ڪي.

( ۷ )

ڪهين، تان تون ڪهي ڏس م چوھڙيان،
سندا آهيڙيان، آن نہ سهندي ھتڙا.

( ۸ )

ڪتو طالب ڏونڌ جو، آسين ڪتي ڪيڙ،
ڇهڻي آهي ڇيڙ، ڪارايل جي ڪن ۾.

( ٩ )

ڪنو ڪرني هڏيون، جوانمرد جگر ڪاءِ،
"الدنيا جيفة و طلابها ڪلاب،" ايءَ هنئين سين لاءِ.

( ١٠ )

جه يار ڏٺائون بار جو، پٺيءَ پير ڪڙين،
ڦريا نه فرمان ڪان، انهيءَ ه آهين،
ڏمي نه ڏاڙهين، شبان جي سڳ ڪي.

( ١١ )

سگبان سينڌاريا، بچيا، تي بهن؛
ڦريا نه فرمان ڪان، ملهه نه موتيڙن،
ڪونهي ڏوهه ڪتن. ڏاڪاريا ڏاڙهين ٿا.

( ١٢ )

ڏڪا، نه ونڪر جا مرون، مر ٿا مون تي ڪن،
پڙندا ڪين پريت تي، هن جا سڌر ٿا سڄن،
سگائيءَ جي، سيد چئي، آهي سڌ سين،
هوند نه هت ٽرن، پر قرابت ڪم ڪيو.

( ١٣ )

ڪرِ قرابت جنِ جيِ، هتي آيمِ هيئن،
رِفاقت راڪنِ جيِ، پهتيس اهڙ سيئن،
ماڙهو ملاحظو تنهن جو، ڪيچِ نہ ڪندا ڪيئن،
ذاتِ نسوريائي نيئن، پر سڌر سين سڱ ٿيو.

( ١٤ )

سڌر سين سڱ ڪري، پرڪندين پيياسِ،
ڪير برهمڻ ڪنِ جيِ، ڪير جاٽي ڪيٽاسِ،
هوند نہ سندِ سياسِ، هنِ پرئين ڪيس پڌري.

## وائي

خوبي منجهہِ خفت، اي دوست دِقت،
آهي عبداللطيف کي.
مدح مون کان نہ ٿِئي، سندي سور صِفت،
آهي عبداللطيف کي.
هجي ڪريان هيج سين، مطالِع محبت،
آهي عبداللطيف کي.

حزن هوت پنهونءَ جو، رکيائي راحت،
آهي عبداللطيف کي.
هريان جبي بستان جو، فاقوئبي فرحت،
آهي عبداللطيف کي.

## داستان پيو

( ۱ )

ڏکيءَ ڏمر ناه، بکيءَ کل نه آڇهي،
اگهاڙيءَ وهاڻ، ويو وبچاريءَ وسري.

( ۲ )

ڏکيءَ ڏورڻ هاڻ تي، وبچاريءَ وڏو،
ڏيل تنهين جو ڏک سين، سيوئي سڏو،
هنڙس آڳ لڏو، پوءِ ٿي کري پنڌڙا.

( ۳ )

ڏکي ٿي ڏڏور، لهسي لنئون پنهونءَ جي،
ڏيئي آڳ آتور، سي نه ساڙي سسئي.

( ۴ )

ڏکيا ڏک وسار، سيج ڦٽي کر، سسئيا
پٽين پير نهار، ته آريائي آتان لهن.

( ٥ )

ڏکي! ڏک مٿي ڪري، وانءُ ڇپر پيهي،
ڳڏبٺي ڏيهي، سوڍيون ڏينديءَ خبرون.

( ٦ )

ڏکيءَ ڏيهاڻي، مٿيءَ مٿي هٿڙا،
تنهن پر نه ڪاڻي، جنهن پر جٺي، جيڏيون!

( ٧ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آمرن پون،
ڏاري جو ڏونگر کي، سو ڪين ڇيو ڇون،
آري جي آفسوس ۾، ماڙهو، مرون رون،
اِن پر سٻئي هون، هينئڙا جن هڃي ويا.

( ٨ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، پسوا پٽون پون،
مٿي پڇاڻا منڌ کي، روجهه رڃن ۾ زون،
ڀٽا ايهين ڇون، ته ”مٿيءَ آسان کي ماريو!“

( ٩ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، اوچنڪارون آڇن،
هٿي سانگ مسٿيءَ کي، ڪلو ڪٺو ڪيڇين،
جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾.

( ١٠ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون، ون ٽين وايون ڪن،
ونان وٻهي جن، وڏيءَ سي واڍوڙيا.

( ١١ )

وڏيءَ سي واڍوڙيا، رت نہ ڏنو جن،
موت قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ کي.

( ١٢ )

ڪنهن جنهن ڏکان ڏي، ٻارانيا کي ٻانڌيون،
سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين.

( ١٣ )

ڪو جو وڏي وڏ، جئن وٺ وڍيائين وڏ سين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏڏ، جن ڏٺي سي ڏکيا ٿيا.

( ١۴ )

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪوڪاري،
هن ٻن ٻنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هڏن لئي هاري.

( ١۵ )

ڏکيءَ توءِ ڏکار، توٺي وسن مينهڙا،
صاحب هٿ سڪار، هن وس آهين هٿڙا.

( ۱٦ )

ڏکيءَ تو ڏڪار، سڀَنِ ڏيهه سُڪاريو،
ٻاروچانُون ٻارَ، سيوئي سواءِ سين.

( ۱۷ )

اولاڪن اچي، معذور تي مارو ڪيو،
متان وَر وِسارئين، مَنجهان ڪَر ڪچي،
سپڪ ٿي سورن سين، ڀهچنديُن ٻچي،
لاهي لاڪاٻا لَنگهه تون، سڀَنِ ڏانهن سَچي،
مَنجهان راه رَچي، ٿيندئن لال لطيفُ چئي.

## وائي

آچي لالَنَ! لَٽ، پيانَ! مَي جو لوڙه لَکَنِ ۾.
هُو ڪان ڪَتوريءَ هيرَئون، مون ۾ صابڻ چَٽ،
مَي جو لوڙه لَکَنِ ۾
آريانيءَ! آچي ڪري، ڪا کهڙي مون وَٽ جَٽ،
مَي جو لوڙه لَکَنِ ۾.

ڪتوري ڪشبوءَ سين، هاريائون هٿ هٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ٢.
دردَ منهنجي دلِ جو، تون، ڪامل آچي ڪٽ،
مي جو لوڙهه لڪن ٢.

## داستان نيون

(١)

جهلي تان نہ رهان، پسو ڏاران پرينءَ جي،
آهي عاجز آهيان، لالن جان نہ لهان،
فردا مون قتي ڪي، وعدي ڏي نہ وهان،
صباح سينءَ نہ سهان، خواه سيڙبين خواه ماربين.

(٢)

صباح سيڻن تان مون، سهي ڪير سرتيون!
ڪهنيان رهن نہ ڪهٽ ۾، پيغامن جا پور،
مثياڻي منظور، هير هلنديس هوت ڏي.

(٣)

هير هلنديس هوت ڏي، پيون وجهي پن،
جڙو جان فدا ڪريان، بثان تن پرين،
آيا آج ڪهرجن، فردا مون قتي ڪئي.

( ۴ )

فردا منڌ ڦٽي ڪٿي، ننڌ ڪنيو نار،
ھيءَ جا واڪ ولھيءَ جي، ويرم ڏي م وار،
جيڪين مٺيءَ مار، جيڪين ميڙ مٺيءَ کي.

( ۵ )

مٺي ٺي مدعا گھري، موت ٿيو موجود،
آڇين تہ آچ ڪريان، صباح جو سجود،
جيڪين ٺي وجود، جيڪين ميڙ مٺيءَ کي.

( ٦ )

جيڪين ميڙ مٺيءَ کي، جيڪين مٺيءَ مار،
جيرو ٻنھين ڪنڊين، ٻنھين ھارين ھار،
ڏکيءَ کي ڏيکار، ھيڪر ھوت آکين سين.

( ٧ )

ڏس ڏکان آکرو، مستي! آن م شڪ،
ٿيءَ ٻانھي، پر اوٺيون، لڏ م، ھسي لڪ،
ور ٻنھونءَ سين ھلڪ! ڪوھ ھارھن ماھ ٻين سين!

( ٨ )

هردم هوت پنهونءَ جو، ڏسن پانئج ڏک،
ور پنهونءَ ساڻ پلڪ! ٻن پارهن وره پين سين!

( ٩ )

نور ونرمي نيءَ، وجن ويرم نه سهي،
ڏيٺي مرج ڏونگرين، جتن ڪارڻ جيءَ،
هڏ نه هوندو هيءَ، ساه پريان تان صدقو!

( ١٠ )

آديون! ور آڳاڙ، ونهانءَ جنهن وساريو،
جيڏيون! چڏي جاڙ، سپ ننگيون ني نڪرو.

( ١١ )

سپ ننگيون ني نڪرو، لالچ چڏي لوپ،
سپريان سين سوپ، نندن ڪندي نه ٿئي.

( ١٢ )

سپ ننگيون ني نڪرو، پرهن چڏي پوءِ،
مهند مرليان هوءِ، ڪيهي جا ڪين ڪٿي.

( ١٣ )

ڪهي جا ڪين ڪٿي، پرينءَ نهتي سا،
وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وجائيو.

( ١٤ )

وصل تنهن وڃائيو، سينڌ سرمي سين،

سا لوئي ليلان جين، مٽيون جنهن مٽ ڪيو.

( ١٥ )

هوندئان هوت پري، اوڏو آئٔ هوند ڪي.

ساڄن تن سري، 'لا' سين لڌين جي.

( ١٦ )

لائي خنجر 'لا' جو، هن خنجر ڪي هڻ،

سڌن جيون، سيد چئي، وڻون سڀ وڪڻ،

پير پروڙي ڪڻ، ته هلڻ ۾ هوري وهين.

( ١٧ )

هورن هاڙهو لنگهيو، ٿي جريدي جوه،

هوند جنين سين هوه، هوت نه هوندو تن سين.

( ١٨ )

هورن هاڙهو لنگهيو، متي! موسٽ چڏ،

'لا' سين آئي لڏ، 'ڪين' رسائي ڪيچ ڪي.

( ١٩ )

هورن هاڙهو لنگهيو، ڪوريون پاسي ڪوٽ،

ڪيچ تنهين کي ڪوٽ، "ڪين" جنهين جي ڪچ ۾.

( ٢٠ )

هورن هاڙهو لکيو، ڳوريون ٽيون ڳمن،
هاچي تنهن هڇن، ڏاران سِڪ سيد چئي.

( ٢١ )

نڪا هت، نه هت ڪا، ڳوريءَ سندي ڳالهه،
ڪين ٻهتي مال، حال ٻهتي هوت ڪي.

واڻي

هل هوتن ڪارڻ حال، شال سڱر ٿينديئن سات جي!
پير پنهنجي پرينءَ لئي، ڪونڌ رتائين ڪالهه،
شال سڱر ٿينديئن سات جي!
چڙهندي سِر چوٽيين، لڪن ڪيڙس لال،
شال سڱر ٿينديئن سات جي!
جي پايين جتن جي، ويجهي ٿيان وصال،
شال سڱر ٿينديئن سات جي!
ٻري ٻپ وٽن ۾، وجهج ڪا وڙال،
شال سڱر ٿينديئن سات جي!

ڪيچان آيو قافلو، مَينِ مٿي مال،
شال سگهر ڏيندئن، سات جي!
اينديئي بوءِ بوتن جي، تون جهلج پب پال،
شال سگهر ڏيندئن سات جي!
جتي جمازن ڪي، جبل ڏين جنجال،
شال سگهر ڏيندئن سات جي!
اجي پيادين ڪي، اَتِ آريائي آحوال،
شال سگهر ڏيندئن سات جي!

## داستان چوٿون

( ۱ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڪرڻ ڪوه ٻيار،
آرڏا آري جام ري، ڏونگر ڏُکيار،
لڪيون، لڪ لطيف چئي، اورانگهڻ آيار،
پرڻ پنهونءَ پٺ ۾، ايءَ سعادت سنديار،
مٿي ڪر وڏار، وهان تان نہ وس پيو.

( ۲ )

هلندي هاڙهو مٺي، ڏکن منهنجا ڏوه،
هو اوچن سِر آئن ٿي، هيءَ هنڌ ڀڄاڙي هوءَ،
ليڙن ري، لطيف چئي، ڪئن ڪريندس ڪوه،
اڳيان رائو سڄي روه، وهان تان نه وس پيو.

( ۳ )

هلندي هاڙهو مٺي، ڀيسي ڏينديس ساه،
لڳن تان لطيف چئي، ٻاري نير نباه،
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس پيو.

( ۴ )

هلندي هاڙهو مٺي، ڳسان تان م ڳسان،
لڪن تان، لطيف چئي، رڙهي مان رسان،
ٿنهون شال پسان، وهان تان نه وس پيو.

( ۵ )

ٻائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سور سلان،
ڪٺيو لڄ، لطيف چئي، لڪن منجهه لڇان،
ٻالڏي ڪير ٻچان، وهان تان نه وس پيو.

( ٦ )

وَڏو ڪيِر وَٽاهَ! آونچا، ڏونگر ۾ ٿيو،
نمو ۾، نيٺاهه، تَهِ پِر نِهاريان پِرينءَ جو،

( ٧ )

وارو مون وَٽاهَ، ڪا سَڌِ سونهَپ جي نَ ڏيو،
ايءَ اهائِي ڪاڙهي، شجر سٽيجاهَ،
جونيءَ چاڙهيجاهَ، تَ موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

( ٨ )

وارو مون وَٽراهَ، ڪا سَڌِ سونهَپ جي نَ ڏيو،
وِجهِي وراڪَنِ ۾، مَعذورِ ڪي ۾ مَنجهاهَ،
مَنجهان پاڻ پِيادِيونَ، هادِيَ نِي هَلاءَ،
پِريان ڪي پهچاءَ، تَ لڳي لوئو نَ ٿِين.

( ٩ )

وارو مون وَٽڪار، ڪا سَڌِ سونهَپ جي نَ ڏيو؟
آهي آسونهينَ جي، مٿي تو ميار،
وِڙهيا ويراڪنِ سين، لَڪَن جا ليار،
ڪَرِيان نِي ڪوار، ڪَنڌِن، ڪانڌيرن جي.

(۱۰)

ڪنڌا مون پيرنِ ۾، توڙي لڪ لڳنِ،
آڳر، آڱوڙي نه مڙي، ڇپون پير ڇڄنِ،
وينديءَ ڏانهن ورين، جتي جات نه پائيان.

(۱۱)

جتي مي پائينديون، جنين پير پرين،
لائيون سب هرين، مٿي سپرين کي.

وائي

جيڏيون! جا جڙ لائي، جيءَ جتن سين،
سا مون مرتيون! سيباڙيام؛ تنهن جتن جال کيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سهڙ جا سين جي، سنجهي هٿ هيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
صبح سني سڪ ۾، ويسلي ويام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!

هڪل هوت پنهونءَ جي، سگهه منجهه سيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ٿهر ٿوپ ٿيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪوڙين پال ڪريم جا، ڪنجي منجهه ڪهريام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سٽي سگهه سنڀين، سکهڙي سار لڌيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
کيهون ڪوهن پنبين، ڪوڪون جمازان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
هوتاڻي هٿ ڪٽي، پنهون پياديان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏکون، ڏکون، ڏاکڙا، ڪارڻ جن ڪيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سونهي ساءِ! سنڀور ۾، آڳ مي آيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!

## واڻي

وِهجهي وِندر جي وٽن،

اي اوڏي آيس، جان پِريان جي پيچري،
جي تو اوڏا پانڌيا، سي ڏونگر ڏوري ڏسن،
مدي نه هين من ۾، ته ڪيچان ڪوه آڇن؟
مرڻ منهنجي ڪي ڪيو، هي پهه پاروچن،
سونهن سگهر پُنين، منهن معذورن،
وِندر وائي جا وهي، سون ڪي سا نه ملن،
آئي ٻڌا اوٺين، سوتي ڪي ميَن،
لاٿائون، لطيف چئي، لڏون سر لڪن.

## داستان پنجون

(١)

هٿين پيرين، مونڙين، هلج سان عينئين،
عشق آريءَ چام جو، نباهي نئين،
جان جان ٿي جئين، تان پاڙج ڪوه پنهونءَ سين.

( ٢ )

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهج پر ڪپار،
متان، چوري! ڇڏين، پريتي پچار،
توکي سنڌ، سسئي! سندي لنئون لغار،
جي هونئي هوت هزار، ته ٻاڙج ڪوم پنهون ⁵ سين :

( ٣ )

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهج پر قدام،
وڃ وسيلو ناهه ڪو، اوري آريءَ ڄام،
هينئين لائي هام، ٻاڙج ڪوم پنهون ⁵ سين.

( ٤ )

هٿين پيرين، مونڙين، ٻري ڪج ٻرڪ،
قدم ڪيچ ڏئين ڏي، پاءِ وڏندي وڪ،
جي هونئي هوتن لک، ته ٻاڙج ڪوم پنهون ⁵ سين.

( ٥ )

هٿين، پيرين، مونڙين، سرج ساه پساه،
هوت گڏيئي حب پر، رهبر مٿي راه،
جان جان ساٺ ساه، ته ٻاڙج ڪوم پنهون ⁵ سين.

( ٦ )

جڙ جا هنيرِ جت، تنهن ڳجهي ڳاريم جندڙو،
آئي آندرِ کوڙيا، کوهياري ڪروت،
سورن ساڙي آهيان، سڪان کي صحت،
آندرِ ريلا رت، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

( ٧ )

تتي تڏي ڪاه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
آسر هڏ م لاهِ، چڻو ڳنڍڻ آن جو.

( ٨ )

تڏي تڪي نہ وهي، تتي ڪري تاڻ،
وڏائين وڻڪارِ ء، سسئي ٻاڻ سڪاڻ،
ٻچي ٻہ ٻکين کي، ٻيئي منڌ پرياڻ،
ڏنس ڏيہ وٺن جا، تن الله لڪ آهجاڻ،
مان ٻرچين ٻاڻ، اچي آرياڻي وري.

( ٩ )

توٺي ولاڙون ڪرين، توٺي هلين وڪ،
لکئي منجهان لک، ذرو ضايع نہ ٿئي.

( ۱۰ )

لِکيو جو نِراڙ، سو آنگ ڪيائي نہ ٿئي،
ھاڙيو ويٺي ھاڙ، جيڪين لالن لِکيو لوح ۾.

( ۱۱ )

جتي جيتِريون، لِکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گھڙيون کھارڻ آئيون.

( ۱۲ )

ڪيائين ڪيچين لئي، جسو جلاوت،
چڏي، ھيٺي چپراڻ، ھاري سڀ حجت،
ھئي نماڻي نست، ھنڌ وڏائين ھاڻ تي.

( ۱۳ )

ھنڌ نہ پنڌن جيترو، ڪِٿَن سجندي ڪيھ،
جيڪر ڪريان ريھ، ھر چولدا منڌ چري ٿي.

( ۱۴ )

چونم مر چري ٿيي، ھر جي منڌ مٿين،
مر منھين ڪي ڏين، ماڙھو آچيو مھٽان.

( ۱۵ )

ماڙھو ڏيئي مھٽان، مون کي ڪندا ڪوھ؟
جنھن چوري ۾ چوھ، ما ھٿون ٿيندي ٻے تي.

## وائي

توڏنِ تانَ نَ تنوارِيو، مَنهنجو لالَن واريو،
اللهَ ڪارڻ، ميان اونيا!
شَرَفَ لهي سَتِئي، ڪَنلِ ڪي ڪَم ڪاريو،
مَنهنجو لالَــن واريــو.
ميندي۽ مور مَلير جا، چانگنِ ڪي سپ چاريو،
مَنهنجو لالَــن واريــو.

## داستان ڇهون

( ١ )

آئون نَ ڳَڏي پِرين۽ کي، ڌورا ڏينهن ٿيا،
راتين روز ويا، عبث آري۽ ڄام ري!

( ٢ )

آئون نَ ڳَڏي پِرين۽ کي، سهسين سِڄ ويا،
هَلَڻ وير هِتان، ڏيکي شال ڏمَ ڏيان!

( ٣ )

آئون نَ ڳَڏي پِرين۽ کي، تون نو لهين سِڄ،
آئون جي ڏيائِن سَنيها، نيئي پِريان ڏِج،
وَجي ڪيچ چئج، تَ ”ويچاري واٽ مثي“.

( ۴ )

آئون نہ کڏي ڀرينءَ کي، ڀريون ڏيو ڀساهہ،
سِکان ڏي سَکرات ۾، رويو ڀڄان راهہ،
شال ۾ وڃيم ساهہ، ڏاران ڀسڻ ڀرينءَ جي!

( ۵ )

آئون نہ ڪڏي ڀرينءَ کي، عمر تان ويٺي،
ولهيءَ ڏينهن وڃائيا، سرتيون! سيٺي،
ٻيري ۾ ٻيٺي، آڪيون آريءَ ڏي ڪٺي.

( ٦ )

آئون نہ ڪڏي ڀرينءَ کي، جوڀن ويو جاڙ،
آڏا آريجڻ کي، چاڙهيڪا ۽ چاڙ،
مون مٺيءَ کان نہ ٿٺي، وڏيڻ منجهہ ولاڙ،
عمر سڀ آواز، وڃيم! ٿي واڪا ڪريان!

( ۷ )

آئون نہ ڪڏي ڀرينءَ کي، هيءُ ٻڻ ڏينهن ويو،
نهوڙي ناڻن سين، مون کي نيهن نيو،
مٺي موت ٿيو، ”ٻي، ٻي“ ڪندي ٻنڌ ۾!

( ٨ )

آئون نہ ڪڏهين پرينءَ کي، آيو عزرائيل،
جوراڻي سين جيڏيون، نڪو قال نہ قيل،
آيو موت دليل، ماربند و مراد کان!

( ٩ )

آئون نہ ڪڏهين پرينءَ کي، متان آيو موت،
واجهائيندي وره ٿيا، هڏ نہ ڪڏيم هوت،
جيڪس ٿيندس فوت، فنا هن فراق ۾!

( ١٠ )

ولاڙيو وڻين چڙهي، ڪِجهن ٿيندي ڳاھ،
سنئي سوريءَ چاڙهيو، پريان لڳي پساه،
هو مرون، هيءَ ماه، ڪين ڪميٽيءَ رکيو.

( ١١ )

ولاڙيو وڻين چڙهي، رڻي پسيو روءِ،
وڇان جو وچ پوءِ، سو ڪنهن پر ڪهي لاهيان!

( ١٢ )

ولاڙيو وڻين چڙهي، آنچن منهي آج،
لالن ڪارڻ لڄ، ٻاسيائين ٻردار جي.

( ١٣ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڏيو هٿولي لانگ،
ٽاريءَ ٽاريءَ ڇانگ، مستيءَ، مور ٻچن جئن.

( ١٤ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڪي جو ڏٺائين،
موت ۾ ماريائين، ٻانڌ تنهين جي ٻٽ ۾.

( ١٥ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، پسو! سکهه سندياس،
آڏيءَ وڃيو آڪڙي، لکو ٻِي نه ماس،
سوٽي سو سيٽاس، ٻري ٻڙاڏا ڪري.

( ١٦ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏور،
سپيريان جي سور، ٻري ٻڙاڏا ڪري.

( ١٧ )

ٻري ٻڙاڏا ڪري، اوري نه آهي،
ڪمتر ڪا ڪاهي، ٻهچي هن هنيءَ کي.

( ١٨ )

رڃن ۾ رڙ ٻي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، ايءَ تان آه عشق جي.

( ١٩ )

رڃنِ ۾ رڙ نِي، ڪر چتونءَ جي چانڪار،
ايءَ عِشق جي آبڪار، نعرو آهي نينهن جو.

( ٢٠ )

رڃنِ ۾ رڙ نِي، جهڙي ڪري جوءِ،
ايءَ نہ عورت هوءِ، ايءَ تان آہ عِشق جي.

( ٢١ )

رڃنِ ۾ رڙ لِي، ڪر ڪرڪي ڪونج،
نعرو منجهہ نِڪونج، اِيءَ تان آہ عِشق جِي.

( ٢٢ )

رڃنِ ۾ رڙ نِي، ڪر سارنگيءَ ساز،
اي عِشق جو آواز، ماڙهو رڪنِ ننڌ تبي.

## وائي

هيءَ گهايلِ هڏِ گهوري، وو! آلا مِيان! ڪيچي مون نہ سگهيان.

عِشق آريءَ جام جي، هيءَ جهونڙي هڏ جهوري،

وو! آلا مِيان! ڪيچي مون نہ سگهيان.

رهـِي جا رَڃَنِ ۾، سا ڇپر ڇڏيو م ڇوري،
وا آلا مِيانْ! ڪيڇِي مون نَ سگِيئان.
آديون آرِيڇنِ لئِي، ڏونگر ٽيندِيس ڏِوري،
وا آلا مِيانْ! ڪيڇِي مون نَ سگِيئان.

## داستان ستون

( ١ )

مري، جيءَ، تَ مائِين، جانب جو جمالُ،
ٽِپين هوند حلالُ، جي هَندِ اها نِي پارِين.

( ٢ )

مَرُ، تَ موچاري ٿِين، آجَلان آڪِي آچَ،
جانْ ڪِينْ هئين جِئَري، تَ مَنڌ پِنيوران پَچَ،
پَنهونءَ ساڻ پهچ، تَ ملڪالموت مائِين.

( ٣ )

مَرُ، تَ موچاري ٿِين، جِئَن آڏو جَتَ،
هاري ڪرِ همت، تَ ڏِيئِي دَمُ دوسَ لهين.

( ۴ )

مَنَ، تَہ موچاري ٿِيِنِ، وِيھِي وِجهہ ۾ وِيرَ،
دِلِ ۾ آڻِ ۾ دُورَ تونَ، ڦِرَڻَ سندو ڦِيرَ،
توڙي لهين نہ ہيرَ، توءِ راحت آهِ رِڙهڻ ۾.

( ۵ )

مَنَ، تَہ موچاري ٿِيِنِ، وِيھِي جِيءَ ۾ جوءِ،
مَنڊا مَرَڻا ہوءِ، ڀَڄَنڊَڙَنِ ڀَنھونءَ کي.

( ٦ )

آجَلانِ اکِيِ، سَسُئِي! مَنڌَ جِيرِيائِي مَرَ،
ڏولِئانِ تنهن ۾ تَرَ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهِ ۾.

( ۷ )

مَرَڻا آکِي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيِنِ نہ مات،
هوندا سي حَيات، جِيئان آکِي جي جِيا.

( ۸ )

جِيئان آکِي جي جِيا، جُڳُ جُڳُ سي جِيِنَ،
آوءِ مونِي کِين مَرِنِ، مَرَڻا اکِي جي مُئا.

( ۹ )

تو سامائِي، سَسُئِي! مَرڻُ کِيو مَردارُ،
ڪِپِرِ سِين ڪوهِيارُ، لوئِيا! تو لِڄائيو.

( ۱۰ )

آرنچو آتا هون، گهڻون، جين کي جبل،
مرڻ! مون سين هل، ته پڇيءَ تو پنڌ کريان.

( ۱۱ )

تو مگ، ساهه! گهڻن سين، جڻن! گوشي جاءِ،
مرڻ! مون سين آءِ، ته پڇيءَ تو پنڌ کريان.

( ۱۲ )

وڏا طالع تن جا، جي مارڪ منجهه مرڻ،
پيون چاڪي ڪن، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.

( ۱۳ )

مڏ سچائي پرينءَ جو، واڪي جي نه ورن،
ڪچاڙي ڪي ڪن، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.

( ۱۴ )

مين جي مارڪ هه، چپر چلي جي،
ته قدر ڪيچين کي، هولڏ هوءِ تنهنجي پنڌ جو.

( ۱۵ )

پر ۾ بچي پرينءَ کي، مري نه چاتوءِ،
"مرتوا"، منڌ نه سوءِ، ڪنڌ ڪچاڙيان ڪائين.

## وائي

وِهُ مَ واٽ وِرچِي، هوا آلا ميان!

جِئَن کَهنديُن تِئَن لَهنديُن.

ڪَنين آچِي ڪا ڪهِي، ڪَنين آچِي ڪا چِئِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

آمِلَ پانيان اَن کِي، ساڄَن مون کِي جا چِئِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

ٻيِرَ ڀَنائين ڪونشرا، رائِي ڪِيس رچِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

مَنهن ڪرِ معذورِن ڏي، پَهون چام! ٻرچِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

مَون کِي تِنهِين ساريو، جِتَن جا چِئِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

وِندَر واڙِين نِي، ڪانڌِي ڀَيندم ڪيچِي،

جِئَن کَهنديُن، تِئَن لَهنديُن.

# ڏيسي

## داستان ڦھريون

( ١ )

مَنِيسِ! جهل مهارَ، ڪنِيس! ڪاهِ م ڪرهو،
مونَ لِماڻِيءَ جي نِجهرِي، پِيرو ڪِج ڀَتار،
ساجن تومان ڏار، ڏِنمِ ڏِينهن قِيام جو.

( ٢ )

ڏاڪهن، ڏيرن، ڏونگرن، تِنهين ڏِنمِ ڏڪ،
سي سپ پائيرِ سڪ، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

( ٣ )

ڏاڪهن ، ڏيرن، ڏونگرن، تِنهين ڏڪ ڏِنام،
لَڪنِ لوسائيو هِينئون، چِپن ڀِر چِنام،
رَندين رتَ رَنام، ڀِرندي پار پنهونءَ جي.

( ۴ )

ڏاڪِھن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏُکن آئون ڏڌي،
پچان پير پنھونءَ جو، وڃان وِک وڌي،
لِکيو آئون لڌي، نات ھِن ڪير پند ڪري.

( ۵ )

ڏاکِھا ڪيم ڏرو، آچا آرِيائي آکِي ٿيو،
موڙي مچر ٿاريون، چانگا ٿا چرو،
آءٌ تان حرف ھرو، موراڻين معاف ٿيو.

( ۶ )

آڳِنِ مٿي اوپرا، جڏھن ڏاکِھا ڏٺي ڏينھن،
وِٺي مرڪ مسئي، وِيھ وِھائيءَ سيڻن،
چوٺي سين چانگن ڪِي، جڙ زنجيرن جيڻن،
تہ ھوت تنھنجو ھيڻن، پنھون نيائون نہ ھانءِ سين.

( ۷ )

آڳِنِ مٿي اوپرا، جڏھن ڏاکِھا ڏينھن ڏٺاءِ،
ڪنجون جي قفلِن جيون، تان ڪنھن لَلِ لِکاءِ،
تہ سياڻي سنڌباھ، ٿئي سارونٓي مسئي.

( ٨ )

آڳڻ مٿي اوٻرا، جڏهن ڏٺي آڪ،
ڏيئي نہ ڏاکهن کي، اوکي ساڻ آکَ،
تہ هوند نہ تنهنجي هٿ، سور ڀرايا مسئي.

( ٩ )

آڳڻ مٿي اوٻرا، جڏهن ڏٺي توڏا،
ونگيئي نہ وارن سين، تن گورن جا کوڏا،
تہ لڪن جا لوڏا، هوند نہ سٺئي مسئي.

( ١٠ )

ڏاکهڻون ڏيرڻ، جي آندا ٻرد ٻنيور ۾،
مٿي چيل چرا ڪيا، وه ٻٺي وهڙن،
ڪڙيءَ ڪڙڪو آن جو، هوند سٽي سو سين،
ڏاندن ساڻ سيد چئي، ٻاديون ٻهچن،
جن جو پير نہ لڳو ٻنيين، تن آير ساڻ آئن،
ڪنڪن ۽ جنڪن، منڌ آسونهين ميڙيين.

( ١١ )

آڪي آڪ رڙن، مون پيري ماڪ ٽِبي،
ٻلاٽيندي ٻاڻ ۾، ڪچيو ڪين ڪنن،
ڪا جا مام مٺن، هن ٻن هٺي هن مين.

( ١٢ )

ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو ۾ ٿئي،
آئين، اوڻيڙن جي، ڇا وهيٽو وير،
هيءَ ڪميٽي ڪير، جا آسر ڪي آڏو آڇي.

( ١٣ )

ديسي سين ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين،
لڏيو، لاڏوٽا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پڇاڻا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

( ١٤ )

ڏرياڻين ڏاريان، مت مٺيءَ جا نه نيا،
مدي ڏيرن من ۾، ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان، ته آئٽ نه اوطاقن ۾.

( ١٥ )

آئٽ ۾ اوري آن، ڏاگهن ڏڏي آهيان،
هٿي هٿ هين ڪي، ٻري نيئي ٻلاڻ،
هوت منهنجو هاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.

( ١٦ )

جتا! شالَ جيوا جيو تان جاڙون ڪريو،
ٻانہِ کي ہروچ ري، ہيلي لاهِ ہيو،
چنو تان نہ ہيو، هيَ مگ نہ چنن جيهڙو.

( ١٧ )

جتن جا جيلان، ني سات ہجائي مسئي،
آيس آري جام جا، ترِ توڏا تيلان،
اُن کي لاکيليون نکن ۽، ڏهريون ڏليلان،
سرِ هٿيو سيلا، لايو نينهن نندون ڪرين.

( ١٨ )

جتن ڪج جتن جو، آئيا کي اهندا،
وني پنهون ہانهنجو، وتان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سڌاريندا سائيهہ ڏي.

( ١٩ )

جت هذهين هت، مون هت هينڙي ۾ حل ٿيا،
چنگل جنين چوقرا، راحت تن جي رت،
ڳنگن جي ڳپت، چيڙي وڏيس چپرين.

( ۲۰ )

جتن وڍيس جارِ، نات هيس نمائي نڪتي،
تيرَا ٻاڻ قرار، مون من گڏي ڳوندرين.

( ۲۱ )

جي چاڻان جتن، پوءِ ٻانڌر هيترو،
آءٌ ڪئن ملا تن، سرتيون سور پرائيان.

( ۲۲ )

هي جي آيا هير، مون آڳ نہ ڏٺا ڪڏهين،
آئون ترمان، هو تڪڙا، ٻت نہ لائن ٻير،
پنهيوليس ٻرن ه، ٻسي پينڊين پير،
آءٌ آريائي آسري، ٻي واهر جي ويرِ،
هيءَ ڪميڻي ڪير، تون ٻارس رسج پٻ ه.

( ۲۳ )

جتن يارانون، ڪيچين مون سين ڪونہ ڪئو،
نالي سيس هوت جي، مٿم ٻارانون،
تيلاهين طعنون، ڏيندا سون ڏير ويا.

( ٢٤ )

ڪورا وَجنِ ڳامَ، ڏيرنِ سندا ڏيھہ تي،
توڏنِ جيون ترٽيڙ ۾، ترڻون ترڪن تانءُ ۾،
اوٺيڙا آرام، لنگھي ھَبَ ھري ٿيا.

( ٢٥ )

ڳَھ سِرِ ٿئي ۾ ڪَس، ٻئي ھوءِ ۾ ٻرينءَ تي،
جنھن سِرِ ساجن سپرين، تنھن آتَ ۾ لڳي آس،
ٻنھون ھاڪ ٻرس! ھوت نہ ڪجن ھيڏيون.

( ٢٦ )

آس ۾ لڳي اوٺين، ليڙان لَڪَ ۾ لڳ،
اَللهَ! آريچنِ ڪي، ڪوسو واءُ ۾ وڳَ،
جتَ جَجھا ۾ جڳ، منھنجي پرت ٻنھونءَ سين.

( ٢٧ )

لَڏيندي لِباس، جَتن جيڏو ٿي ڪيو،
آچي آريءَ جامَ جو، وَڻَ وڻَ منجھان واس،
مرون ڪِينم ماس، ھَڏَ ھَلندا ھوتَ ڏي.

( ۲۸ )

آٺ ويري اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهون⁴ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن الهي ڪي آوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سوان نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نہ وڏي⁵ وير،
واهيري جي وير، ڇاون ڪريان ڇيرين.

## وائي

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيڇين ساڻ،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
آئون ستي، هو هليا، ونڙا ڪرهل ڪاهي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
اسان آکيان آن جي، "ہر ہرا" ڪيو باڏائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
چتر ڏيئي چت ڪي، ونڙا هوت ڇپائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
جيڪا هين سن ”، ونڙا پنهنجي پڇائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!

## داستان پيو

( ١ )

آج ته وساڻي اوڻين، مٿي مارڪ ماڪ،
پنهون نياڻون پاڻ سين، تاڙيون پڇي طاق،
"هيهات هيهات لما توعدون،" سڄي ٿي اوطاق،
ڇڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

( ٢ )

ٻڙي منڌ ڏي آئيون، ساهيڙيون سهڄان،
"السفر قطعة من النار"، هاري! موٽ هتان،
سڳ صراط المستقيم جو، اٿي تان آکيان،
سي ڪيچي نينڌءَ ڪئان، تنهنجو نينهن نفاق سين.

( ٣ )

جڏان ڪن فيڪون ٿيي، نيو آرياڻيءَ آرواح،
آنگ آکين لکيو، منهنجو ميثاقاء،
"من طلب شيئا وجد وجد"، آتو علي شاه،
آڄا هن حديث جو، موڻ آسرو آه،
پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موت مباح،
سرتيون! دعا ڪجاه، ته ميڙائو موڻ ٿئي.

( ٤ )

صبح سياهي، آهي آريءَ ڄام ري،
ڪڏهن پسي ڪا ڪا، ري لالن لالائي،
دود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي،
”من لا شيخ له فشيخه الشيطان“، اِنَ ري آونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي، سا ڪيرب ڳمائي،
”بلا شيخ من يمشي في الطريق“، اهڙي آوائي،
تنهن ري توائي، ڪوڙين ٿيون ڪيتريون.

( ٥ )

برَ وڏو، بارَ ڳهٽون، ويجهو نہ وٽڪار،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪنيو منڌ مدار،
وٽندن تہ وڙ ڪندا، نات آڪين جي اِختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هٿ ڪٿي.

( ٦ )

ڪيڙي ڪيچاين، ڳوُرا ڳس هلائيا،
لڙيو، چڙهيو چوٽيين، ڪريو ڪوه ڪڙن،
سونهن جي سردار سين، سي توڏ م ترنجن،
لطف ساڻ لطيف چئي، لنگهيو بر بوتن،
تن کهڙو غم ڳنڪن، هوت حماتي جن جو.

( ٧ )

جاکائي جتن، گورا گس هلائيا،
ڀِنيءِ ري ڀهاڙ ۾، اُٺ ۾ آگهنجن،
لتاڙي لطيف چئي، لنگهيو بر بوٽن،
تن کهوڙي چڪ چانگن، هوت حماتي جن جو.

( ٨ )

پني ٽا پرين، سائين سنڌ هٽن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مون کي منجهه نه ڏين،
هوت پنهون ٽا نين، آسونهيءَ جو آجڪو.

( ٩ )

اوکارين نه آنرا، ڀڏا چرن نه پور،
ليڙن کي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور،
مين ڪسي ماموڙ، آهي آتڻ اڳين پنڌ جي.

( ١٠ )

دوک ڏهليا جت، گورا هلڻ نه گس ۾،
چؤ سال ٿي نه چلنا، ٿي تنگ نهاري تت،
سوڏي آنهين سيد چئي، پوءِ ڀانچارڻن پرت،
اِن آڙالگي پنڌ جي، ڪا ليشن پوءِ نرت،
سيئي وڏي ست، جا اهڙيءَ پر پنڌ ڪري.

(۱۱)

ٻنِ تا ٻَلائينِ، اوئي آجَ آيـِڪَڙا،
پَهَ، پارسيوُن پاڻَ ۾، ڏِيرَ ڏيهائي ڏِينِ،
هوت پُنهوُن تا نينِ، پاروچي ٻولي ڪيو.

(۱۲)

ٻنِ تا ٻَلائينِ، اوئي گهَٽوُن آباهرا،
ٻوءِ جي هَلَڻَ سَنديوُن، ڪاهوُن ڪالهائينِ،
ٻوُن کي تا مارينِ، سَجَڻَ سانباهي ڪيو.

(۱۳)

"هَٽِي هَٽِيا" ڪيو "هاءِا" تي پاڻَ هٽِي سِرِ ڀاهَٽِين،
لَڏائين لَطيفَ چئي، جَتَنِ سندي جاءِ،
شڪر ٻارِ سنداءِ، جَتَنَ سَٽائي سانگِ مِڙئي.

## وائي

لالــنَ آيــڙو ٻيهي، وِنَــڙا ســوُر سيئي،
جيَسِ جيَسِ ا وو جيڏِيوُن، مُنهنجو لالَنَ آيو ٻيهي.
ڪالهيوُن ڪنديسِ ڪَجهيوُن، مُنهن مُقابِلِ ويهي،
جيَسِ جيَسِ ا وو جيڏِيوُن.

ڪتوريءَ بار پري، آيو ڏونگر ڏيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
سرڪشي سردار سين، سون ڪميٽي ڪيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
هٿي شڪستي سٿي، راز ٻنهونءَ جي ريهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.

## داستان ڏيون

( ۱ )

آلله ڪارڻ اولیا، ڪرها م ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، آڳاندو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، متان منهنجو سرين.

( ۲ )

آلله ڪارڻ اوليا، ليڙا نيو م لڙ،
نيو نماڻي ھاڻ سين، ٻانهيءَ جهلي ٻر،
مون کي ماري منجهه ٻي، سندي هوتن هر،
ڪچو لائيان ڪر، ڪيچان اوري جي وران.

( ۳ )

ڪيچان اوري ڪَنهين، وڻ نہ ويساهين،
ڪَميڻي ڪيچين لَئي، پورج پراهين،
تانئيج تيڏاهين، وارج ڪام ورڻ جي.

( ۴ )

ڪيچان اوري ڪيترِيون، معذوريون ميون،
وانئون ويه ٿيون، ڪه چاڻان ڪيهي ويا.

( ۵ )

الا! آچِن اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پرِ ڪهين، جتن سندي جوءِ،
انکهي لَڪ، لطيف چئي، سٽيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ، جي سَچاڻان مات ڏئي.

( ٦ )

ڪيچان آيو قافلو، عطر آنداٺون،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسياٺون،
پسنديئي پنهونءَ چام ڪي، وِسريون وچاٺون، ✽
خيما ڪوڙياٺون، وريو بخت پنهور جو.

( ۷ )

ڪيچان آيو قافلو، ماڻ ڏٺي سروان،
وار وڏي واڪون ڪريان، پنهان هوند پلاڻ،
جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سنا ماڻ جي.

( ۸ )

ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاريءَ توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ،
لڪ لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

( ۹ )

ڪيچان آيو قافلو، جنگ سونهاريءَ جوڙ،
تلیارا توڏن ڪي، ڪڇيءَ سولهن موڙ،
دولت چابان دوڙ، جي مون نيو پاڻ سين.

( ۱۰ )

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاريءَ روءِ،
ٻوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي پسان روءِ،
لنگهي لڪ لطيف چئي، پڇان ڪيچين ڪوءِ،
ڪولي ٿيان گلبوءِ، جي مون نيو پاڻ سين.

( ١١ )

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پايان،
پٽي جا پيرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون ليو هاڻ سين.

( ١٢ )

ڪيچان آيو قافلو، چامن سندءِ چام،
پسندي پنهونءَ کي، آکن ڪيو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نيو هاڻ سين.

( ١٣ )

مزمانن مهري، آئي جهوڪيا جهوڪ ۾،
چاڻي چنبن ۾ ويا، جڻ باز سڻي بحري،
ڪوهيارو قهري، ويو نهوڙي ننڊ ۾.

( ١٤ )

ڪيچي ڪالهہ ڪهي ويا، آديون آڌيءَ رات،
جاڳان تان جيڪين ٿيو، وهاڻيءَ پريات،
قوڙائو فقير کي، ذنو جتن ذات،
رفيع الدرجات، پرمل پنهون ميڙيين.

( ۱۵ )

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ڀري ويا ڀٽ،
ساهه جنهين جي سٽ، وڪيم ني وڻڪار ۾.

( ۱٦ )

مون پانيو مزمان، هميشه هوندا پرين،
ڪهي ڪيئي هليا، ڪهل ڪيائون ڪان،
ڏيئي ويا ڏاهه ڪي، سورن جا سامان،
جورو رات جوان، جيڏيون جت ڪري ويا.

( ۱۷ )

پانئم جي سروان، چلائيندم چپرين،
ڪانئم هرند پلاڻ، آءٌ گڏايم اُن جا.

( ۱۸ )

سانيڙن سوير، آئي آءٌ جهڪائيا،
هينئن نه پانئم جيڏيون، نه ڏاڍي ڪندا ڏير،
آئيس آئون آوير، ڪري سج سنجهي ويا.

( ۱۹ )

جهوڙا جن جهانَ ۾، هيري لک هزار،
لڳا واٽ وٽن جا، ننهونءَ کي ٻالار،
آن کي ويندا گڏيا، اهڙيءَ سٽ سوار،
لنگهي کاله قطار، تون، آئي اَڄ نِهارين.

( ۲۰ )

ڪاڏي منهن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ڏيو،
هڙو ساٿ پنهور تان، ڪڏهين ڪونه هيو،
ڪوهيارو ڪام هٿي، چوري چِت ويو،
جنين جت نيو، تن آئن گهوري آهيان.

( ۲۱ )

برهه ماڻيس بر، نات سگهي ڪير سڏون ڪري،
گهٽون ڏوريان ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آبس ور، سفر سي جا ساب پيا.

( ۲۲ )

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو،
نهاريندس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بر،
اڏو نڪر نر، متان روه رتيون ٿيين.

( ۲۳ )

وَرَ وَراڪا وِچ ۾، لَڪين آڏا لَڪَ،
هو جي آڏا حَق، مي ڪَندا ڪوهُ ڪَنِي ڪَي.

## وائي

هوتَ! نَہ ياڻيمِ هينئڻ، آئون جا ماري، سَڄڻ تنهنجي نينهن،
ووا! چڏي تون ڪو چپر وِيندين.
لَڪون لَڪِن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
ووا! چڏي تون ڪو چپر وِيندين.
عِشق آريءَ چام جي، ڪِيس لِمائي نِينهن،
ووا چڏي تون ڪو چپر وِيندين.
جهونڪارِيندي جهنگ ۾، ڏوتِين ڏنري ڏينهن،
ووا! چڏي تون ڪو چپر وِيندين.
آنْ جا چڏي چپرين، ڪيچ رَسندي ڪيئن،
ووا چڏي تون ڪو چپر وِيندين.
وِلهيءَ هِتِ وسائيا، سَندا محبت مِينهن،
ووا چڏي تون ڪو چپر وِيندين.

## داستان چوٿون

( ۱ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، آرِيچا آطلام،
آندائون آريءَ جا، پنھونءَ ڏي پيغام،
پھَ ڪيائون پاڻ ۾، موٽھان مخفي مام،
سنيوڙا سات ڪٿي، وِيساھي وَرِيام،
ڪاڪيون! رات قيام، جيڏيون! جت ڪري وِيا.

( ۲ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ڪَري ڏير ڏِنڪِي،
مون وِلھيءَ ڪِين وِنڪِي، مام پروڙي منجھِ جِي.

( ۳ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ھاجون ھوت ڪري،
آڏيءَ آئِي ھلِيا، سجون شھر ڏري،
ھيءَ ڏڪي ھتِ ڏري، ھوء وَجي ڪيچِ قرارِيا.

( ۴ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، جابر ڪري جور،
بيدي ٿيو پنيور، حشر ڪري ھليا.

( ٥ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏمَرَ،
هاڻي ٿيو حَشرُ، پَنان قولَ قِيام جا!

( ٦ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، ڏيرَ ڪَري ڏورو،
ساجَنَ ري، سَرتيون! آتڻ آڏورو،
ني سين نِسورو، حَشرُ ڪَري هَليا.

( ٧ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، جوري سين جابِرِ،
صبرَ ڪِئَن صابِر، آهي عجيبنِ ري.

( ٨ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، ڏاڙهي ۽ پنيا ڏيرَ،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، اُنهين لِئِ آليرَ،
ڪيچ پهچي ڪير، وڃڻ سين وس ڪريان.

( ٩ )

مَنجهي مون نه سَنپاليو، ته ڪي اوڻي ڪندا ايئن،
ڪهي ڪميڻي ڪِئَن، جڏهي رات جتن ڪي!

(١٠)

سنجهي مون نہ سنڀاليو، صبح ماريم سور،
جتن لاءِ ضرور، گهٽا گهاريم ڏينهڙا.

(١١)

سنجهي مون نہ سنڀاليو، صبح ماريم سور،
آڏيءَ رات آڏيو، ڏين ڀلتيو پور،
جتن جي ضرور، سادرا ماري آهيان!

(١٢)

سنجهي مون نہ سنڀاليو، ماريس سور صبوح،
نيڻ هيرائي نند سين، جتن لنگهي جوءِ،
هاجو ڪري هوءِ، آڏيءَ رات آئي ويا.

(١٣)

آڏيءَ اوءِ آئي ويا، ڪر رکيائون ڪيچ،
ڀاروچاڻي پيچ، منهنجو من منجهائيو!

(١٤)

جڏيءَ وٽ جالي، مان الله ڪارڻ لڪ سين،
آهي آريءَ ڄام جي، هٿ هٿ حوالي،
عيب مون ۾ آگرا، مان نرمل نڪالي!
ڀرڻيائي ڀالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي:

(١٥)

پرينءَ پالياس، پاڻهين پيٺي آهيان،
حسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڌياس،
جانڪين تان جيندياس، پس ور وصال جي.

(١٦)

پرين جي پاڙي، جاڙ گذاريم، جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو، سورن سين ساڙي،
ارادي آڻي، سانگين سين سڱ ڪيو.

(١٧)

آسين پاڻ پرت، پورهيت پنهونءَ چام جا،
هوت ڪڇوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ چٽ،
آتڻ منجهه آکٽ، ڪانڌ ڪهڻ جي ۾ ڪري!

(١٨)

ڳڏيو ڏوهين ڏوهه، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
آڻي آريءَ چام جو، قاصد آيس ڪوهه،
”اِيءَ ڪامل ڪم نه سندوهه، جئن پهس پچاڙيئن پوتيين.“

( ١٩ )

نکو کيچ پنهور، نکو مائٽ منڌ جو،
هور ميڙوئي هن کي، هوتن کونهي هور،
زاريءَ ڌاران زور، هلي کونہ حبيب سين.

( ٢٠ )

چوري، ندوري، نکو مائٽ منڌ جو،
سوبن هلن ساٿ ۾، کمي ۽ کوري،
آئون پڻ آهيان آن ۾، لنگهي ۽ لوري،
لنگهائيين، لطيف چئي، ترن جا توري،
آهيان آزوري، تنهنجي جوري جبل لنگهيان.

واتي

ڇا کي تا کره قطاريو، ووا! مون نمائيءَ تان کي نہ ڇيو.
الله کارڻ اوٺيا، آئين واڳ وٺي ور واريو،
ووا مون نمائيءَ تان کي نہ ڇيو.
رهو رات پنهور ۾، تان کا گهڙي هت گهاريو،
ووا! مون نمائيءَ تان کي نہ ڇيو.

ٻڌي جنهن سڳ ڪيو، تنهن معذور کي م ماريو،
وڃ مون نمائيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! دوست درسن ڪاريو،
وڃ مون نمائيءَ تان ڪي نہ ڇيو
موڙي مهجر ناريون، چانگن کي آئين چاريو،
وڃ مون نمائيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
آيري عبداللطيف ذي، واڳ ونهيل آئين واريو،
وڃ مون نمائيءَ تان ڪي نہ ڇيو.

## داستان پنجون

( ١ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، متي واٽڙين،
ايندا مان هسن، اوني آريءَ جام جا.

( ٢ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، ڪيچين ڪارڻ ڪالھ،
ايندا هسان شال، اوني آريءَ جام جا.

( ٣ )

لِڱڻ نِهارا مون ڪيا، اُونِ ڪارڻ اَڄ،
ڀِنهون چاڙا پهڄ، تہ، آري! اولون نہ ڏِيان.

( ٤ )

لِڱڻ جي نِهارِينِ، سي اَڄ نہ اوٺي آئيا،
هنجون نہ وَسائينِ، ڀاٽي ڀِنهون چاڙ ري.

( ٥ )

نيڻ نِهاري مُنهنجا، روئي ڏِيا رتَ،
ڀِنهون هوءِ ڀهتَ، تہ ڀاري نينِ ڀاڻ سين.

( ٦ )

نيڻ نِهاري مُنهنجا، رَتَ ڏِيا روئي،
ڏُکَنِ جي ڏوئي، آهي هَٿِ آسونهنِ جي.

( ٧ )

اَڄ اَڳڻِ ڪيٽانِ، آسَر لڳي سوريان،
ڏونگر ڏِينهن لڳانِ، مانَ وَرِڪنِ سپرين.

( ٨ )

ڏونگر لڳن ڏِينهن، مانَ وَرِڪنِ سپرين،
ڪيسِ نِماڻي نينهن، آيل! ڀاروچنِ جي.

( ۹ )

نیڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿيا،
جي هٿان هوت ويا، سي آڇن ته آڇي ٿيان.

( ۱۰ )

جڻن سو هرڻ هماءِ، سرگردان سنسار ۾،
هيءُ هڪ نه ڪوڙي ٿيين، هو ڏڙ سر ڏري نه ساه،
جيڪس تن ملاءِ، مسئيءَ سور پرائيا.

( ۱۱ )

رات ڏٺائين روجهه، پانءَ ڪ اوئي آئيا،
پريتئي پرين جي، سکڻ ڪي سوجهه،
هئي ڪهئون آهوجهه، سورن سونهائي مسئي.

( ۱۲ )

روجهه ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توه تنين جي تات،
باروچاڻي ذات، منان مي نه وسري.

( ۱۳ )

جبل ۾ جانار، سره گذيئي مسئي،
پنيءَ هوءَ پوارئي، بانهڻ جي باڪار،
هوتاڻي هيڪار، مؤلا! مون کي ميڙيين.

( ١۴ )

سِرہ ڳَنڍِيُنِ سَسُئِيءَ، سوڙهي مَنجهہ سبِيل،
ڪاهي رَسَندا ٿَهرِيا، جت تَڪڙا سين تعجيل،
آرِياڻي آصِيل، اَتِ پِيادي ڪي پُڄ تُون.

( ١٥ )

سَمَرُ جَنهِين نہ سانڍِ، هوتَ حِماتِي تِن جو،
ڪَري ڇيڄ ڇپر ۾، ٻنهون ايندو ٻانڍِ،
ڏيندي رِيجهہ رِهاڻِ، لحظي مَنجهہ لَطيف چئي.

( ١٦ )

ڀِيَنِ سڀ سَرهي ٿِئِي، جي مِينَ لَنگهيا مَس،
تِنَ تنهن کي ناہ ڪو، لَڪَ مِڙئِي لَس،
حَب جِنهين کي هوتَ جِي، وِندُرَ تنهن کي وَس،
سَندي چانگُنِ چَس، ڀِير ڦُرندءُ ڀَپَ ۾.

( ١٧ )

سسئِي لَنگهيو سو، مَردَ جنهن ماتَ ڪيا،
جبلَ وَڏو جو، اوڻِ مِڙوئِي نينهن کي.

( ١٨ )

جَبَلَ ماري جَکَ، جو آڏو آرِيچَنِ کي،
توٽي لَکَنِ لَکَ، سَپِ لَنگهينديس سِک سين.

( ١٩ )

جَبَلَ جيڏو ٿِي، جو آڏو آرِيچَنِ کي،
وٽِي وَرَ واٽَ وِيا، بَرفَت بِروهِي،
رَچنِ ۾ روئِي، پَسان شالَ پَنهونءَ کي.

( ٢٠ )

جَبَلَ سَچَنِ جالَ، آڏا آرِيچَنِ کي،
هاڙهي ڏانهن هَٿَ کَئيو، چِپر مِڙان شالَ!
کيچِي وِنڙِمِ کالهه، تي ٿِي ڏو ڏکر ڏورِيان.

( ٢١ )

چِپر چمر پاٽِيان، کانيو ۾ کارو،
ٻَپ وِجهنديس ٻَٽ تي، صُبح سوارو،
وَڃَڻ سون وارو، کين وِهنديس وِچ ۾.

( ٢٢ )

کين وِهنديس وِچ ۾، هَلنديس کري هاءِ،
ساڄَنِ سَندي ساءِ، ڏونگر ڏورَڻ مون پِيا.

( ۲۳ )

چِپر ۽ چِمر، تا لَڳَهہ لَڳَنِ پانءِ،
آڏا ڏونگر ڪَرَڪرا، ويڙا وِنڪايون وَرَ،
آئون پيادي پنڌ، نماڻي، نڌر،
سوريون جتِ سَگَرَ، اَتِ پاتاڙيءَ پيلي ٿيِن!

## وائي

هِينڙو تو هِنِ ساري، منهنجو ساهہ سيڌ ڪي تو ساري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي.
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
هوتَنِ هَلَنَ مَنَ ۾، ڪير ڪهڙي هتِ ڪهاري؟
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
آسَرَ پَري آهيان، مان واحد آئينِ واري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
پنڌ آڙانگا پنيِن، مون کي ڪوهيارو تو ڪاري،

جيڏيون! آئون هلندي، وِندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِندي ڪيچ ڏي.
سچو سخن سپرين، مان پنهل منهنجو ياري!
جيڏيون! آئون هلندي، وِندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِندي ڪيچ ڏي.
چيرو آندر چندڙي، وِيو ياروچل ياري،
جيڏيون! آئون هلندي، وِندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِندي ڪيچ ڏي.
وِڏا ڪم ڪريم تي، هن ويچاريءَ واري،
جيڏيون! آئون هلندي، وِندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِندي ڪيچ ڏي.

## داستان ڇهون

( ١ )

آڏ ِتراڇا، آهڙا، ڏاڪا ڏونگر ڪي،
هو جي وَر وِندر جا، مارِيندا مون کي،
ماڙهو مِيٺيءَ ڪي، لنگهائِج، لَطيف چئي.

( ۲ )

آڏ تراچا، آھڙا، ڏونگر کي ڏاکا،
ڪير آھ عجيب کي، سِڪ منجھان ساڪا،
پيئي ھٿيڪي ھوت کي، ڪوڪ وڃي ڪِنِ ڪا،
منھنجو وَسُ واڪا، ٻَڌَنُ ڪم ٻروچ جو.

( ۳ )

آڏتراچا، آھڙا، ڏونگر کي ڏاکا،
وئي ور واتَ ٿيا، ٻرِ چڙھي بانڪا،
ڦَٿيا ٻير فقير جا، چڙھندي چڙھاڪا،
ھينِ جيءَ آندرِ جاڪا، وِيا ڀڄائي ڀانھنجي.

( ۴ )

آڏتراچا، آھڙا، وِندر وراڪا، ور،
حب جنھين کي ھوت جي، سا ڏوريندي ڏونگر،
ڀڄايِنِ، ٻروَرا! لطف سانُ، لطيف چئي.

( ۵ )

آڏتراچا، آھڙا، وِندر وراڪا، واڪ،
آجھايسِ اُنِ جي، ڦوڙائي فراق،
ٿھون ٻرمل ڀاڪا! واحد لڳي، وربع تون.

( ٦ )

اڌّتراچا، آهڙّا، وِنگا وَر واٽّنِ،
جيرا، جِگر، ٻَکيوُن، آري لـئِ آٽّنِ،
ڪسي ڪَنواٽّنِ، سَنيوڙّا سَيدَّ چئي.

( ٧ )

ڪوڏرِ نہ ڪاتي، جنهن سان ٽَڪَر ٽانڪيان،
جيڪو جبلُ لنگهيان، سو هيبت جو هاٿي،
پرين جا ڀاتي، سا جڙ جِٽري نہ لهي.

( ٨ )

ڪَرڙّا ڏونگَر، ڪَهَ ڪَهِڻي، جِتِ برپٽ، پيران،
ڏاهنِ ڏاهپَ وِسري، ٿيا حريف ٿي حيران،
سَسئي لَنگهيو، سَيدَّ چئي، محبت سين ميدان،
جنهن جو آرياڻي اڳوان، تنهن جي ڪانهي ڀاڪ ڀِير ۾.

( ٩ )

ڪَرڙّا ڏونگَر، ڪَهَ ڪَهِڻي، جِتِ واٽّنِ تي واري،
آڏا لڪَ، لَطيفَ چئي، بر سڃنِ باري،
جا منزلن ماري، سا، نادرا! ڪيچِ رسائيين

( ١٠ )

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَهه گَهٽِي، جِتِ جَبل گُونا گُونِ،
ليڙَنِ جِيونِ، لَطِيفُ چئِي، تَنگ تنوارُون ہُونِ،
جِنِ ڏِئو پير پُنهونءَ جو، سي نہ ڪي رونِ نہ چُونِ،
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاکَاپا هِنَ لوڪَ جا.

( ١١ )

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَهه گَهٽِي، جِتِ ماترِ مَٿاهين،
سَجَنِ ٿا، سيد چئِي، آتِ مِرون مهائين،
تون آرِيانِي آهين، مَنهن مَعذُورِنِ جِي.

( ١٢ )

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَهه گَهٽِي، جِتِ وِيا روڏا رِنڪائي،
ساڳاہي سيڻَنِ جِي، ٿِي وِلَدرِ واجهائي،
رَهيس، رس، لَطِيفُ چئِي، تِنهن ڪَميٽيءَ ڪاهي،
آرِيانِي آهي، مَنهن مَعذُورِنِ جِي.

( ١٣ )

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَهه گَهٽِي، جِتِ رِڻُ تنو رائو،
تِترِ ٿِئي م تَنِ کي، ڏُونگر ۾ ڏائو،
جڏهن جام پُنهونُ جائو، تَڏهن ٿِي وَس وِنڪار ۾.

( ١٤ )

ماڪ مٿ سندوم، آونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏئي.

## وائي

( ١ )

ويندِيس ڪيچ ڪهي، سيٽن سان سهي،
وا پينرا! آئون جيندِيس تان نہ جتن ري.
وهان ڪئن ماڪ ڪري، هيڏو سور سهي،
وا پينرا! آئون جيندِيس تان نہ جتن ري.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، سارِيان ڪونہ سهي،
وا پينرا! آئون جيندِيس تان نہ جتن ري.
صبح ڏونگر ڏورِيان، ڪنهن ۾ رات رهي،
وا پينرا! آئون جيندِيس تان نہ جتن ري.

## وائي

( ٢ )

ڪُهمان جبال جبل، ميان، جيڏيون جانب جت لئي،
ڏورِبندِيس ۾ ڏونگرين، ڪنديس آئون اُجل،
جيڏيون جانب جت لئي.

هيڏي شهر ڀنڀور ۾، رهان نا هڪ پل،
جيڏيون جانب جت لئي.
پنهون پاڻ نہ وڃڻو، ڪو مولهين ۾ ول،
جيڏيون جانب جت لئي.
اوڏي ٿيي، عبداللطيف چئي، هوت ڪارڻ هل،
جيڏيون جانب جت لئي.

## داستان ستون

( ١ )

پنهونءَ مين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
ڀني هن ڀنڀور ۾، وهن وه ٿيوم،
متيون موڻ سنديون، ڪاڪيون ڪير ڏيوم،
سرتيون ساه سندوم، ليو حوالي هوت جي.

( ٢ )

پنهونءَ ساڻ پريت جو، ڪو جو پڙم پيچ،
ڪنديس ڪشالا ڪاف جا، هاڙهو پائيان هيچ،
ڪاهي منديس ڪيچ، دبرو دوست پنهونءَ جو.

( ٣ )

ڪجاڙنان ڪاهي، شتر آن سينگاريا،
ٿليون، ٽونر، هلويون، ويا چيرون چمڪائي،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، ويا ڪرهل ڪڏائي،
ٻانيڻ ڪي ٻروچ جو، آسرو آهي،
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير تئي.

( ۴ )

ڪو منهن ڪٿل آئيو، وس نہ ويچاري،
هوت تنهنجي هٿ ري، ٻچي نہ ٻاري،
آچين جي آري، تہ ٻاند ٻچي، لڪ لنگهيان.

( ٥ )

ڪڏهن تان ٻاجهہ ٿئي، ساجن مڃ سلام،
سڪ تنهنجي سپرين، ڪيو تن تمام،
هٿين حاج وہ ٿيي، نيٽين ننڊ حرام،
د وس نہ سهان دام، تون ولڊر تو ويلا ڪرين؟

( ٦ )

ڪو منهن ڪٿل آئيو، ناهہ ويچاري وس،
هوت! تنهنجي هٿ ري، گولي ٿئي م ڪس،
ڏک ڏکيءَ کي ڏس، تہ موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

(٧)

سرهي منجهان ساٿ، آئي بوءِ ٻنڀور کي،
ٻيئا بازارن ۾، لائي جت جبات،
سنڌيءَ هوت حبات، ڪيچ ٻهتو قافلو.

(٨)

بر مڙوئي بوءِ، ڇپر ڇانئون مکيون،
ٻهه ٻهه ٿي ٻنڀور ۾، هنڌ مڙيئي هوءِ،
راڻين وري روءِ، گونڌر لتا گوليين.

(٩)

جڏهن ٻيئي ڇٽ، ڇپر هوت ٻنهون‌ءَ جي،
ٻرهي وٺيون ٻٽ، گونڌر لتا گوليين.

(١٠)

جڏهن ٻيئي ٻاس، ڇپر هوت ٻنهون‌ءَ جي،
آديون آريچن جا، وٽن مڪا واس،
آيل! ٻني آس، ٻنهون آيو ڪيچ ۾.

(١١)

آيل! اوطاقون، ڪري ڪيچي هليا،
سکيون نہ سيٽن جي، ماڪين تان ماڪون،
نسوريون ناڪون، سچي هليا سور جيون.

( ١٢ )

جتن سان جانڪون، سرتيون! مون سڳ نيو،
ڪري ڪوهيارو ويو، تن چني تانڪون،
آن ۾ تذاڪون، آڏ ڏڪوئي آهيان.

( ١٣ )

متان ڪا ٻڙي، ٻول ٻاروچي وسهي،
هوند نه متيس سرتيون، وٻهي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوء ۾، ڳهارن مان گهڙي،
ڪيچين آن نه ڪڙي، ڪنهن ڏڪيء ڏاوڻ ڏائيو.

( ١٤ )

سڪي جان متياس، تان سڪ سمهن نه ڏئي،
جاڳي متيس جن لئي، سي آيا تان نه اٿياس،
پينر آئون پلياس، نت سڪ سمهن چا لڳي.

( ١٥ )

ڏيرن ڏوه نه جيڏيون، ماء، مڙيوئي مون،
آئون آسونهين، او سونهان، پرين سندا پريون،
آصل آريء چام جو، ٻاند نه ڇتوسون،
جنهن جو تونهين تون، سي پياديون پهچائيين.

( ١٦ )

اِديون آئون نہ تِنِ، جِنِ پِريتون پرين سين،
ڀڏي سٿيس سوگهو، چلور چاتيءَ سين،
تہ ڪيرِي ڪاهي ڪرها، مونهان وَڃِن ڪيٿ،
ڏوهہ منهنجي ڏينهن، پنهونءَ کي ڪا مَ ڇئي.

## وائي

( ١ )

لَڳڙي آہ لغار، وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي،
سَنڌ سَنڌ ۾ ساجَن جِي،
آئون سَتي، هُو هَليا، منجهي اُٺڙا سَوار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جي.
جيڪين اورڻ پرينءَ سين، جيڪين پرينءَ پچار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جي.
ڪوہ سي جيڻ ڏينهڙا، جي هون پرينئان ڌار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جي.

لَڳِي آهي، نہ لَهي، سَندي عِشق ٻچار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

ڪَهڙون اَکنڊي آهيان، تَنِ جَتنِ جي جِنسار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

ڳَڏي وِينديس ڳَس ۾، ڪاڪيون! سانُ قَطار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

ميخون مَحبت سَنديون، هِينڙي مَنجهِ هَزار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

ڪانگَنِ قَطارون ڪِيون، ڇِڪيءَ ڪي چوڏار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

آئون نِماڻي نِڪتي، ڏِسج تون دِلدار،

وو يارا لَڏِءَ لَڏِءَ ۾ لالَنِ جِي.

## وائي

( ۲ )

هوتَنِ بِنا نِي، مِيان! دَرد فِراق نِي، مِيان!

پنهونءَ سائينءَ، جيڏيون! آلولا ماري آهيان!

آديون! آريچن جي، آئون نهوڙيس نفاق،
هوتن بنا ني، ميان!
ڏونگر ڏوريون ٿي، مون ولهيءَ ڪان واڪ،
هوتن بنا ني، ميان!

## وائي

( ۳ )

تن ٻرين کي اڪنڊي آئون، لک لکيائون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾، تن اتن کوري آئون.
جڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻانهن آچلي ٻانهون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾.
هيس هاس هرت جي، ٻانهن ڏيءَ نائون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾.

## وائي

( ۴ )

چوري چڏ ۾ چيرين، ٻاروچل! ٻانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
چوري چڏ ۾ چيرين.

ٿَڪَل لِيو ڀاڻَ سين، ڀورِهيتَ ڀِرِياڻِي،

ڇوري ڇڏِ م ڇيڙِين ۔

ڀورِهيو ڪَنديسِ ڀِرَ جو، ڀِرِينديسِ ٻاٽِي،

ڇوري ڇڏِ م ڇيڙِين ۔

هوت! مَ ڇَڏِيو هيڪلي، هيءَ وِندرِ وڪاڻِي،

ڇوري ڇڏِ م ڇيڙِين ۔

# ڪوهياري

## داستان پهريون

( ١ )

لَيلَ نہ جاڳِئن لِڪَ سِيئن، ڪَلِي نوم ڪياءِ!
ڦَم نِي ڀَهچ قَرِيبَ ڪي، اُجلس تو نہ جڳاءِ،
مَنِيا مِهمانن سِين، وِيهِي راتِ وِهاءِ،
جيلا لهن لِنڊ ڪياءِ، تي روز رهين نِي راه ۾.

( ٢ )

لَيلَ نہ جاڳِئن لِڪَ سِيئن، شامَ سَتيئَن سڀ رات،
اوڪِي اوئِيَن جا، نِي ڀهہ ڀَچين ڀَريات،
نِي سَڪَرِ تَنِ جي سات، تہ پوري ڪنهن پالَ مرِّبن.

( ٣ )

لَيلَ نہ جاڳِئن لِڪَ سِيئن، سَتيئن رات سَجِي،
هِتان هوتائين جيوَن، وِيون خرزينون ڪَجِي،
پوري تون پَجِي، سَڪَرِ ٿِيئن نہ سات جي.

( ۴ )

اِجلس ڪري آئيا، تنواريو توڏن،
نوم نوازئن؛ آن کي؛ مرحبا موڏن،
رڙهي رس روڏن، اليوم ميروا، سبئي!

( ۵ )

غافل! غفلت ڇوڙ، تون ڪئن، آٿاءِ اوجهرين؟
ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ،
نيٺين ننڊ آکوڙ، جم ورن ۾ واڪا ڪرين.

( ٦ )

ننڊ ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جم سمهو،
متان مون جئن پوءِ، ورن ۾ واڪا ڪريو.

( ۷ )

الوڙو آڪين، آير ننڊ آياک کي،
هاٿي هن پنيور ۾، گهاريان ڪارڻ ڪن،
آديون! اونيڙن، هينئين سين هاجو ڪيو.

( ۸ )

جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏکها ڪري،
تڏهن تنين کي، ساٿ ستيئي ڇڏيو.

( ٩ )

ستیئن پیرَ ڏِکَھا ڪري، وڏي جاڙ ڪياءِ،
ڏَرَ پِرِ آيئن دوس جي، تہ سَرِ اِر هوند سَياءِ،
آصل آريءَ جام جي، سگهي تون نہ سياءِ،
پنهونءَ سين پياءِ، ني نياڪِي ننڊون ڪرين!

( ١٠ )

اَيَ ڪَرَ ڪيئن، جئن سَمهِن پير ڏِکها ڪري،
لوچين چو نہ، لطيف چئي، هاري لئي هوتن،
ننڊان نياڪن ڪي، اوپالا آچن،
سي پنهون ڪوه پچن، جي سَنجهي ئي رهن سَمهي.

( ١١ )

ستيئن سواري، منهن ويڙهي مٿن جئن،
اوجاڳو آڪين ڪي، جاتوءَ نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ني ڪچو ڪيچين ڪي ڪرين.

( ١٢ )

ستيئن سواري، منهن ويڙهي مٿن جئن،
ڏئي نہ ڏيرن جا، چوڌاري چاري،
تيلان ويچاري، سات ستيئي لڏيو.

( ۱۳ )

اوجاڳو، آجاڻ! ڪيئي نہ ڪميڻين جڻن،
آساري آهڙيءَ ۾، پيئي ڪيچين سين ڪاڻ،
پانهي چايو پاڻ، ٿي سچيون راتيون سمهين!

وائي

ڪلا ڪام ڪري، ليکيو تان نہ تري،
پڙي! جيڏيون! منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
جو سينگار مرتيين، سو مون ناهہ ڪري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير ڀري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
جنهن وڻ هيئان هليا، سڄڻ سانگ ڪري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
لاءون تنهن وڻ منديون، لوڏيان، لايان ڳري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.

قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پوڙي؛
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.

## داستان ٻيو

( ۱ )

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن آندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات ھتر ڪير پنڌ ڪري.

( ۲ )

ڏونگر ڏک سنداءِ، پرينءَ ڳڏجان ته چوان،
پنيءَ ٽيين پوارئون، پيا ونگا ور سنداءِ،
ڇگي ڪان ڪياءِ، پير وڇائي پرينءَ جو.

( ۳ )

ڏونگر ڏس پرين جو، ڦاف ته ڏيين ڪو،
قطاريا ڪالهه ويا، توڏا وڻان تو،
هوت مٺي جو هو، ڪو ساجن آنهيءَ سات ۾.

( ۴ )

ڏونگر ڏس پرين جو، ڪاف نہ ڏين ڪل،
قطارياً ڪالهہ ويا، توڏا توهين جهل،
مٿي هوت هڪل، مان پڏي پاروچو وري.

( ۵ )

ڏونگر ڏوراهو، پهرين چوندس پرين⁴ کي:
"پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪندس، وو، مون سين جبل توجاڙون ڪري."

( ٦ )

ڏونگر مون نہ ڏڪوءِ، آنءُ آڪ ڏڪوئي آهيان.
سارِيان ڪون سڪوءِ، سور گهٽيئي سنپران.

( ۷ )

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
کهٽون ٻچڙي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪئن سندا تن، پهڻ پير ڏڪوئين.

( ۸ )

ڏونگر ڏک ٿئي، ڪيم تو سين ڪالهڙي.
پاٿان آئون مٿي، سور سٽائي پرينءَ جوا

( ۹ )

ڏونگر مون سين رو، ڪڏي ٻار ٻنهونءَ جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ٿوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوه، مون سين ايرادي ايئن ڪيو.

( ۱۰ )

ڏونگر ڏکويون، تو ۾ اورڻ آئيون،
جي آڇن ٿوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

( ۱۱ )

ڏونگر ڏکوين کي، ڳلن نه سڪا ڳوڙها،
هو جي ٻهڻ ٻپ جا، ٻجي ٿيا ٻورا،
ڪولڊر جا ڪهوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.

( ۱۲ )

ڏونگر ڏيهاٽي، ٻاڻ مٿان تو ڳهوريان،
تو منجهه رهاٽي، سدا ٻاروچن جي.

( ١٣ )

ڪي جي ڪڍيا ھار، ڏکيءَ ڏونگر ھاڻ ھ،
سٽي ما تنوار، مرون پيا ماسري.

( ١٤ )

ٻئي ويٺا رون، ڏکي ڏونگر ھاڻ ھ،
ڪنھن کي ڪين چون، منجھن جو پريتون.

( ١٥ )

آڄ ٻن وينو روءِ، ڏکي ڏونگر ھاڻ ھ،
ڪوھياري جو ڪوءِ، آڇي سور آڏميو.

( ١٦ )

ڏونگر پونئين ڪير، سڄڻ ميخون ڏونگرين،
ھھڙا سين سڏير، ڪين لھنديئن ڪي ٻيا.

( ١٧ )

تپي ڪندين ڪوه، ڏونگر ڏکوين ڪي،
تون جي ٻھن ٻب جا، ته لڳ منھنجا لوھ،
ڪنھن جو ڪونھي ڏوه، آمر مون سين ائين ڪيو.

( ۱۸ )

ڏونگر، ته ٻيلي، ڏجي ٻنِ ٻيلينِ ري،
ڪان ڇلندي ڇپرين، سانُس سهيلي،
چوليون چنبيلي، جِنُن تِنُن جهاڳي آڪتي.

( ۱۹ )

ٻڙي! ته ٻيلي گهڻان، سانِي اُچي سڪ،
رفاقت رَچنِ ء، ڏونگر ڪاري ڏڪ،
آريءَ جو آهڪ، مون رهنما راهه ٿيو.

## وائي

آهيان جنِ سندي، ڙي آڙي مِيان!
مون ڪي تان، سي نه ڇڏيندا هوتا.
ڀائينديس ٻنهونءَ ڪي، آئون ڪِڇيءَ پائي گندي،
مون ڪي تان، سي نه ڇڏيندا هوتا.
ويني آهيان واٽ تي، آهيان آسروندي،
مون ڪي تان، سي نه ڇڏيندا هوتا.

پرينءَ پچاڻان هتهين، آئون رتي تان نہ رهندي،
مون کي تان، سپي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، آئون پرينءَ ملندي،
مون کي تان، سپي نہ ڇڏيندا هوتا.

## داستان ٽيون

( ۱ )

رويو ويٺي راڪ، آمڙ اوريان نجهري،
لاٿو مون ڏيهہ، وٺن سان، لاڳاپو ۾ لاڪ،
ڏونگر سي ڏوريندي، جن آندر پري آڪ،
هوتاڻي هن ماڪ، مون کي ڇڏ ۾ ڇپرين.

( ۲ )

مون کي ڇڏ ۾ ڇپرين، هت، هوتاڻي هاڻ،
اوڏي منڊ آئن کي، الله ڪارڻ آڻ،
پورهيو ڪنديس پاڻ، آڪيان اريجن جي.

( ۳ )

مون کي ڇڏ ۾ ڇپرين، هوتاڻي هن هنڌ،
تو مين پوندس پنڌ، ڏينديس ٻاهہ ٻنپور کي.

(۴)

مون کي ڇڏِ م ڇپرين، هاٿڪ هوتاڻي،
توهين لءِ ڪاڻي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

(۵)

مون کي ڇڏيائون ڇپرين، پوءِ رهايس ’پاڻ‘،
جي پلايون پاڻ، تن کي رس رسيلا راهه.

(۶)

ستي هون ڇرڪ، آيل، پاروچن جا،
وڃ وهاڻي، ووءِ ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوڙيو تنهن ڏڪ، جڏيءَ جيءُ نه ٽئي.

(۷)

ستي هون ڇرڪ، آيل! پاروچن جا،
پنهونءَ جي پيڪاڻ جيون، راسيون منجهان رڪ،
هنيم هوت ڪرڪ، لوچان، لوءِ نه نڪري.

(۸)

جيهي جي تيهي، تپ پانهي پاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،

آصلِ آريءَ جامَ جي، ڀلءَ آئون ڀيٺي،
هوءَ جا ڀائِن ڀير ۾، تنهن جتيءَ نہ جيٺي،
وِساري وٺي، تنِ ڪيچينِ کي ڪِٿِن رهان.

( ٩ )

هٿي، جي نہ هٿي، تپ ڀانئي ڀاروچن جي،
اِن سگ مقابلِ مسٽي، سندينِ ٽي سٽي،
هنِ تان لج لٽي، هن جو ملڻ هوت ڏي.

( ١٠ )

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ڀانئي، ڀانهوڻي،
ٻئي ڀاروچي هٿ ۾، چڱن مِر چوڻي،
ڀانيمِ کي موڻي، ڀانئي پچندو ٻپ ڏني.

( ١١ )

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ڀانهوڻي، ڀانئي،
مي ڪِٿن وڃن وِسري، جي جيءَ آندرِ جاني،
اڳئين آماني، شال ڪيچينِ جي ڪام ٿئي!

( ١٢ )

صدا وِڏيم سور جي، اڳنان ڪوهياري،
جو نِجس نِڪاري، سو ڀنهون وڏم ڀانڊ ۾.

وائي

موٽن کي نيندا ماڻ، ٻاروچا ٻاجھ ڀئي، آلوا آلوا
ڏيندا موٽن ڏکيءَ کي، الله لڳ آهياڻ،
ٻاروچا ٻاجھ ڀئي.
لاتقنطوا من رحمة الله، ٻريءَن ڇيو ٻاڻ،
ٻاروچا ٻاجھ ڀئي.
إنّ الله يغفر الذنوب جميعاً، سچو اي ٻرياڻ،
ٻاروچا ٻاجھ ڀئي.

## داستان چوٿون

( ۱ )

ڪاٺو، نہ واٺو، آديون! آريچن جو،
لنگهي ٻپ ٻري ٿيا، ڇڏي رڻ راٺو،
ڏيئي ٿوڙاٺو، ويا ويچاريءَ سيرين.

( ۲ )

ڪاٺي، نہ واٺي، آديون آريچن جي،
ڪنهن ٻر ڪهي لنگهيان، جبل جهاجهائي،
جيڪس واجهائي، هاٺي مرنديس هوت لئي.

( ٣ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ آئون کھوريان،
هون هميشہ هتهين، تہ ڏونگر کہ ڏوريان؟
آکين سين اوريان، پسان شال پنهون کي!

( ۴ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ مون نہ وس،
الله! اريچن جي، کولي ميڙيين کس،
پرين، پنوار تو پڇان، ڏونگريا مون ڏس،
آکين جي آرس، منڍ جيهائي جوڙ کي!

( ٥ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ ۾ واريو،
رهو رات پنيور ۾، کا گھڙي هت گھاريو،
معذور کي ۾ ماريو، سگي جنهن سگ کيو.

( ٦ )

مون کي جنهين ماريو، آنءَ کي گڏيا سي،
تن ۾ طاقت ناه کا، آدا آنهين ري،
سور سلتو تبي، جيلانهن ڳالهہ ڳري ٿئي.

( ۷ )

مون کي جنين ماريو، سجاڻ سيئي،
پنهونءَ پيڪان پچنديا، پلن تان پيئي،
وڃنئون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين.

( ۸ )

مون کي جنهين ماريو، سڄاڻ پاڻان،
لوهو لڳن ناهه کي، سنڌ پڙني ماڻان،
دازونءَ جا داڻان، ڏنم هوت هٿن سين.

( ۹ )

پرتوو پنهونءَ جو، کي چاڻين کي آس،
قربانيءِ ڪس، آهي ڪر پڪرڙي.

( ۱۰ )

پرتوو پنهونءَ جو، مهائي، مياه،
منهن ڏيئي مون آئيو، رنگارنگي راه،
پهرين ڏيندا پاه، پوءِ رڱيندا رڱ سين.

( ۱۱ )

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جڻن جهالا ڏي،
آئون تنهن آريءَ کي، ونيو راه، رناڻ گهڻون.

( ١٢ )

ڀرتوو ڀنھونءَ جو، رکيائي راحت،
پايان ڏينھن ڀوارئون، ساجن لاءِ صحت،
مٿي مصيبت، آھي آريءَ ڄام جي.

## وائي

پاروچي ساڻ، پرين! اي جيڏيون! ھيڪر ڻيان، ھيڪاندي.
چڙھي نہ سگھان چوٽين، يار ٻنان، دل ماندي!
ھيڪر ڻيان ھيڪاندي.
ڀڄائيج ڀنھونءَ کي، ھيءَ ڀاد ڙي، ٻانڌي،
ھيڪر ڻيان ھيڪاندي.
پيمنر ھن ڀنيور ۾، آئون ايرادي آندي،
ھيڪر ڻيان ھيڪاندي.
ٻورھيت ڀنھونءَ ڄام جي، ٻاندين جي ٻاندي،
ھيڪر ڻيان ھيڪاندي.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، ڪيچي ڻيندم ڪانڌي،
ھيڪر ڻيان ھيڪاندي.

# داستان پنجون

( ١ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، ويئي وره چران،
اُن عذابان آڳهين، مادر چو نہ مران،
آديون! جو نہ اوهان، سو مان سور سرتيون.

( ٢ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، وره چران ويئي،
هانيِن کي هروج ري، ٿي ڏکن سين ڏيئي،
تو پچاڻان، سپرين، آئون سورن سانيئي،
جا مرض مروئي، سا سرتيون ڪئن سکي ٿئي.

( ٣ )

سرتيون! ڪئن سکي ٿئي، ويڙهي جا ورهن،
چت جنهن جو چور ڪيو، ڏکويو ڏکن،
پچاڻان پرين، آديون آگهي آهيان.

( ٤ )

آديون آگهي آهيان، پرين پچاڻان،
سي ڪوهيارا ڪيڏ ويا، ساجن سياڻان،
جي مسئي سيباڻان، سي وڃي ڪيچ قراريا.

( ٥ )

حَقيقت ۾ حالَ جي، جي ظاهِر ڪَريان ذَري،
لَڳي ماٺ مِرن کي، ڏونگر پون ڏَري،
وِڃن وڻ ٻري، اوڙ آيڙي ڪِين ڪي.

( ٦ )

حَقيقت ۾ حالَ جي، جي ظاهِر ڪَريان زبان،
لَڳي ماٺ مِرن کي، رمي مور شبان،
ٿاڪِر ٽِڪي ڪانَ، جبلَ سڀِ جلي وڃي.

( ٧ )

جي حب نہ هَلڻ سِڪيا، سي جڏا ميڙ جَليل،
لنگهائي لِطيف چئي، نِجن ڪيچ قليل،
وساري وَسيلَ، مَتان مارڪِ ڇڏين!

( ٨ )

سارِيان ٿِي سَبيلَ، ٻرِ تقصيرون ٻانَ ڏي،
مَتان مون کي ڇڏين، آري جام آصيلَ،
وَر، وِلهن جا وَسيلَ، رَس رهبر راهہ ۾.

( ٩ )

آچيو آچيو چوَن: "وِهُ، وِيا تان گھورِيا،"
سرتين سانگ سکن سين، مون جِئن رت نہ روَنِ،
او مر وِيئيون هونِ، مون ساڱاتو سور ٿِيا.

( ١٠ )

سرتيون سوراتين جي، ڪوهُ ٿِيون ھِرِ ھِرنِ،
گھاءُ نہ لڳن گھٽ جو، ريا مان ٿِيون روَنِ،
چيتارِيو نہ چوَن، ھارِ منھجي ھِرِنءُ جا.

( ١١ )

ڪڏھن ڏيِر ڪانڪا، سرتيون! سراھي،
ڏيھاڙي ڏيرنِ ۾، وچڙ جي وائي،
جي آئون نہ جائي، تہ عيب نہ لڳو هوند اوٺين.

وائي

توڻي نين، نہ نينِ، آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
زورو ھن ضعيف سين، ڪامل ڪوهُ ڪرينِ،
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.

جت ٻنھنجي جوءِ ۾، جانب سان جمّين!

آلوا ميان! آئون آنھين جي آھيان.

ھِڪ پدمنيا آڳري، سرڪي سان سجين!

آلوا ميان! آئون آنھين جي آھيان.

ٻانھي ٻاروچا ٻانھنجي، سگهر سان سڏين!

آلوا ميان! آئون آنھين جي آھيان.

پيرين آئون نہ پڄَني، ڪرھل ھو نہ جھلين،

آلوا ميان! آئون آنھين جي آھيان.

## داستان ڇھون

( ١ )

ڪنھن پر رنّان پرينءَ ڪي، روئي نہ جاتان،

متي ڪيو پٽان، ھنجن ھاٿان ھترا.

( ٢ )

ڪنھن پر رنّان پرينءَ ڪي، آندر ناہ امات،

لوھو ڪا لڪن ۾، وِيري متي وات،

ڇپر ۾ ڇونڇات، ڏاڍم ڏکوين جاہ

( ٣ )

ڪنهن پر رڻان پرينءَ کي، ڀڄڻ ناهه ڀچار،
اندر ٿي آهون ڪريان، ڪاٺي منجهه خمار،
ڪڙٺي جي گفتار، ٻيءَ پٽ پاروچن ٥.

( ٤ )

ڪنهن پر رڻان پرينءَ کي، ٻار نه جاڻان ٻنڌ،
ڪيچين ڪارڻ ڪنڌ، نابر ٿي، نرو مٿان.

( ٥ )

ڪنهن پر رڏان پرينءَ کي، ٻار نه جاڻان پير،
پنڻ مون پڙو ٿيو، سورڻ لاٿو سير،
آريءَ لئي آئير، رتس ڀاڳي رن جي.

( ٦ )

ڪنهن پر رڻان پرينءَ کي، رڻڻ مون رياهه،
ٻرڻ منجهه ٻڪاهه، ٻيءَ پٽ ٻڌم جيڏيون.

( ٧ )

سچ وسندي تن کي، جوش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نينهن تنهين وٽ ني،
ڏيڏي ٻسي ٻي، هو تان آهي هيڪڙو.

( ٨ )

پيون ڏيئي ٻنِ ڪنيءِ، هلجِ پاسي هيڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون نيڏي نثايون ڪرين.

( ٩ )

آچان تون آواٽ، واٽان پاسي ويسري،
سونهين تِي سواٽ، تہ منجهان دلِ دڪ لهين.

( ١٠ )

ٻانهين، پسي پٻ، مَتان ڪڪا، منڌ ڏيين،
آکِيان ڪؤ م ڪڪ، اِي قالي آڏو ڪيچ ڪي.

( ١١ )

ڏاڍي لڪ لڪن جي، پُنّ هوءِ پڄاءِ،
چپرِ ڪوسو واءُ، هريا تو نيڻ ڪِيا.

## وائي

( ١ )

زاري سا زاري، آلوا ڀلو! ڪوهياري سانَ،
آئون جا ڪنديس زاري.
ڪين جيئنديس، جيڏيون! سور پريان جي آئون ماري،
آئون جا ڪنديس زاري.

آڻ ٽنگائي هليا، بوتا هڙون ساري،
آئون جا ڪنديس زاري.
ڪري ڪوهيارو هليو، مون سين قيامت ڪاري،
آئون جا ڪنديس زاري.
مان ورمن وچ ۾، اولاڻي، آري،
آئون جا ڪنديس زاري.
هندوئن جئن هولي ڪري، مون ڏونرَ متي تان واري،
آئون جا ڪنديس زاري.
لالن لڳ، لطيف چئي، واجهائي ٿي ويچاري،
آئون جا ڪنديس زاري.

## وائي

( ٢ )

جنهن جي آهيان ڏونگر ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!
آئون تان کوري کوٽ جي، ماڙهو چونم پوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

ليو نماڻي ٻانَ سين، ڇپر ڇڏيوم ڇوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

روئي وڳينديس رت سين، ساڻ ڇناڪن ڇوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

آديون! آريجن جو، لئه لڳو سون لوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

ڪشي ڪان ڪمان سان، لائي وٽڙا لوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

# حسيني

## داستان پهريون

( ۱ )

لَڙَ مَ لاڙائو ڀِيو، کهتون کومِيون چڊِ،
لاهِ مَ لَڏو لَڏِ، تہ ڪاڙهي سج ڪالهہ مِڙئين.

( ۲ )

اڙَ مَ لاڙائو ڀِيو، هلي ڪرِ همت،
سجَ سامهون منهن ڪر، متان ڪرِين ڪَتَ،
سپيريان جي سَٽ، ڪاڙهي سجِ ڪالهہ مِڙئين.

( ۳ )

لَڙَ مَ لاڙائو ڀِيو، وَرَ جونڊيندي وڄ،
آهي اِيءَ اهڃ، هاڙهي هلندين جو.

( ۴ )

لَڙِيو سجَ لڪن تان، راسيون رَتائين،
مون کي مارِيائين، آڏيون آونداهي ڪري.

(٥)

وِيو مِڄ وَڻَنِ تان، راسِيون ڏِيئي رَنگ،
مُون جنهِين سين سَنگُ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

(٦)

اَلهي مِڄ آوير ڪي، ڏِنائين ڏونگر،
سسئي ڪي، سيد چئي، سورنِ جو سمر،
ڪنهن رکيو ڪر، ويچاريءَ[٤] وِڻڪار تي.

(٧)

اَلهي مِڄ آوير، [٣] ڪِرِ مَعذُورِينِ تي،
پَسي مَران پير، ڏونگر ڀاروچن جا.

(٨)

وِيو ڀاروچو نِڪري، هائي ڪريان ڪيئن؟
مِڄ الٿي سيئن، سُون ڏِينديس سڄ [٥].

(٩)

لَڙي مِڄ لَڪنِ تان، وِيئي مُون وِيو،
آنُون ڏورِينديس ڪيترو، ڀُٽنِ ڀِر ڀِيو؟
سُورَنِ ماڻ سِهو، آڇي تير اوچتو.

( ١٠ )

سَرتيون سَڄي سَڄ، مَتان ڪا مون سين هلي،
ٻاڻي ناهه، پَنڌ ڪَهڻون، آکيان رائو سڄي رَخ،
مَتان مري اَڄ، ڪا ڏِٺي ٻاراتو ٻِرِبنءِ ڪي.

## وائي

جي هوندَ ڏِنائون، وو جيڏِيون، حالُ مُنهِنجو هِيرو،
جڙهِي نه سَگهان چوڻِين، مارَڪ مَتاهون،
حالُ مُنهِنجو هِيرو.
ڏڪيءَ سَندي ڏيج ۾، ڏونگر ڏِنائون،
حالُ مُنهِنجو هِيرو.
وِيندي ڪيون وٽِ سين، سَسُئي سَڪائون،
حالُ مُنهِنجو هِيرو.
وٽي پَنهون ٻاڻ سين، اَچان جي آئون،
حالُ مُنهِنجو هِيرو.
ڏِينديِس شاخ سَپَڪَنهِين، وَٽِ وَٽِ واچائون،
حالُ مُنهِنجو هِيرو.

ھِينڙو ڏندڻ ھارَ جِنِ، ڇِڪِي ڇنائُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھِينڙو ڏاڙھونءَ گُلَ جِنِ، رِبھِي رَتائُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھو جِي ھَمَٿَ ھَٻَ جا، مَٿيان مَڪائُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھُونِ سَلامَتَ سِپِرِيَنِ، گھوري سا آئُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
سو جِي سُومِ ڪَنَنِ سِين، ھُہ جو ڪيائُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ٻانھونَ پِيلِ لَـ لاھِيان، ٻَنھَلَ ڪِـي آئُونَ،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.

## داستان پيو

( ١ )

ڪِين ڏِرَتِي ماھ، ڪِين چر سَندِي سَجَڻين،
ھَلِي ۽ واجھاءِ، ٻِنھِين چِيرنَ وِچ ۾.

( ٢ )

مٿان مٿي مچ، پريم پاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏين، جن نه پروڙين سچ،
آمرَ اوري آچ، ته سٽ سٽايئين سور جي.

( ٣ )

مٿي منجهان مينهن، پسو پائي جن وهي،
مون پانيون نينهن، جيئن جيري سنديون.

( ۴ )

جي وڃي ساجن وسري، منجهان منهنجي روح،
ته مر لڳي لوه، ته پاپهو ٿي مران.

( ٥ )

لڳي مون کي لوه، وره واٽون لائيون،
راز جنهن سين روح، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٦ )

نمن نين، رت وهي، ڇاڪاڻ ڪيو،
مون کي ڏنئن ڏيو، آئين ٿا وڃو اوٺيا.

( ٧ )

آمرَ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٨ )

ڀِي ڪامَ ٻِچاھ، آمَڙ مُنهِنجي آسري،
ڏِٻِي لَتَ چَرخي کي، ھوتِيون پاڻِيءَ ٻاھ،
کِنَ جِنھِين لاءِ، سو کوھيارو ڪيچ وِيو.

( ٩ )

ڀِي ڪامَ ٻِچاءِ، آمَڙ مُنهِنجي آسري،
ڏِٻِي تون ڪتاءِ، مون کي نينهن لِهوڙِيو.

( ١٠ )

ڪَتَڻ ٻِنِ ڪَپاھ، کوءِ آتَڻ ٻِنِ جيڏِيون،
ساجَنُ مُنهِنجو ساھ، ھاڃي مَنجهه ھَٽي وِيو.

( ١١ )

آتَڻ چونِ ڪَتَ، تاڻيان، تَنَدَ نَہ نِڪَري،
ھاڻان روئِي رَتَ، چَرخو مون ڇِڪَ ڪيو.

( ١٢ )

تاڻِيان تَنَدَ نَہ نِڪَري، جيءُ نَہ مُنهِنجو جاءِ،
ساجَنَ ڏاران سَرتِيون، سِپِي مون نَہ سھاءِ،
جِنْھَن کين جَڳاءِ، آيلِ ٻاروچَنِ ري.

( ١٣ )

ڪوءِ هاڙهو، پن هوت، ڪوءِ ننهون، پن پرينءُون،
مادر مون موت، پسڻان پرائيو.

( ١٤ )

ڪوءِ پولي، پن پروچ، ڪهوري ذات جتن جي،
مون ڪي چٽي ”لوچ“، پيهي ويا چيرين.

( ١٥ )

جڏن جنن تپي ڏينهن، تڏن تڏن تائي هنڌ ھ،
ڪو آڪانجهو نينهن، پانهنجي پروچن سين.

( ١٦ )

جڏن جنن پڇي رات، تڏن تڏن تائي هنڌ ھ،
پوريءَ پي نه تات، جيڪا سا جتن جي.

( ١٧ )

نڪو ليکوئي ٿيو، لکو تتو ڏينهن،
تهان اوري نينهن، جنو آتڻ واريين.

( ١٨ )

جان جئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تنيءَ نڏيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

( ١٩ )

تتيءَ ٹڏيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
متان ٿِئي اونداهِ، پر نہ لهين پرينءَ جو.

وائي

شاديءَ جو سينگار، آيلِ، آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

آهي ڪَنہ ڪِجيءَ جو، ڏي هالورا هارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

آهي اکهاڙين ڪي، جانبَ جو جِنسارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

آهين ڪاڄ ڪِبڻ جو، تون تان طعام تيارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

آعلي آچو عيدڙ، دوستاڻون ديدارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

حسن هوت پنهونءَ جي، ڪکوريو ڪوميارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

سچ ڪياڻين سرهيي، واسيائين وِنڪارَ،
آيلِ مرڪ منهنجو مون پرين.

چپر چاڙهون مڪيون، عطر ٿيو آرار،
آئِل مرڪ منهنجو مون پرين.
ڪوڙين ٿيا ڪيترا، نالي تان نثار،
آئِل مرڪ منهنجو مون پرين.
سدا صلابت جي، گولي گرفتار،
آئِل مرڪ منهنجو مون پرين.
کهوريان کهر کهڻيءَ تان، آڇي جتان آذار،
آئِل مرڪ منهنجو مون پرين.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪو جو کهندي کهور، آير پاروچن جو،
ڇڏيندين پنهور، هينئون هت نہ ولدري.

( ٢ )

مون کي ماڻان ڪاريو، پنهور جن سکن،
هاڻي ماڻ ڏکن، تان ڪيئن ڏونگر ڏوريان،

( ٣ )

پنھر پنھوران، پڇو تان آبھو،
آڳي اِن ماڳان، مَرتين سور پرائيا.

( ٤ )

پنھر ھِن پنھور ۾، دوزخ جو دولھون،
سارو سونھون، ڄڃي ھورج سٿي.

( ٥ )

پنھر ھِن پنھور ۾، کھاڻ ٿي کھارِيان،
سڄڻ جي سانگ ويا، سيثي ٿِي ماريان،
سي ڪئن وِساريان، جي وڙان مون واٽ ٿيا.

( ٦ )

پنھوران آجاڙ، مرتيون سکر پائيان،
مون سين تنھن ڀھار، ڏکان ھڏ نہ ڏوريو.

( ٧ )

آجاڙان پنھور، مرتيون سکر پائيان،
آريائي آتون، ڏِٺم جت آکين سين.

( ٨ )

لَکِي لاکاہِي، پوري مَنڊَ پنہور جي،
پِرينءَ وِڇايو تِي، ڏَکِي ڏوري ڏونگرين.

( ٩ )

بَرو ھو پنہورَ، آرِياڻيءَ آجاريو،
لاٽو سَپ لوڪَ تان، ھاڙھِي ڏَٽيءَ دورَ،
ڇوريون ڇَرڻَ سَکيونَ، نِھون ڪياڻون پورَ،
آھو سو آتورَ، جِنھن ڏَکيونَ ڏَکَ وِھاريونَ.

( ١٠ )

پَليو سَپ پنہورَ، جو ہَٿيءَ ھوتَ نَہ ھليو،
شَھر سَچاتو ڪينکي، آرِياڻي آتورَ،
ماڻيو تنھِين مورَ، ديکيو جنھين دِل سين.

( ١١ )

جنھين ديکيو دِل سين، ہَٿيءَ سي ہيونَ،
تَہ پنِ ٿي ويہونَ، جي نِھونءَ ہاڻَ لِڪائيو.

( ١٢ )

ڏَکَن ہَنيان سَکَ، سکھا تيندي سَئي،
پِر مَ ڇَڏج پِرينءَ جو، توٽي لَکون لَکَ،
ڏورج ہامي ڏَکَ، تَہ ہوي پاڇھ پروچ کي.

## وائي

رڳو منجهه لڪن، آيل، آيل، تازو پير پنهونءَ جو.

نه ڪنهن واءَ وڃائيو، جهوريو تان نه جهڪن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

ڪه ڪتوريان آڳري، هاڻي جا هوتن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

ٻوراٽو ٻرن جو، رڙهيو منجهه رندن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

لطف سان، لطيف چئي، ڪندو ور ولهن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

## داستان چوٿون

( ۱ )

اچايا مونهان، ماجهر تي سيئ ويا،

ٻيئن ٻنيوران، سڏ منهنجيءَ ذات جي.

( ۲ )

هيس جي آئون، ٻانهي ٻاروچن جي،

هوند نه ڇڏيائون، ڏکيءَ کي ڏکن ۾.

( ٣ )

آئون جي هيس هتِ، آديون آريچن جو،
سات لڏيندي سڌِ، مان ڪوهيارا ڪرين مون.

( ٤ )

هيس جي سياءَ، تہ ڪير ڏک ڏيرن تي،
آڏب وڃان آن سين، ڳالھہ نہ ڪير ڪاءَ،
ذات منهنجي ماءَ، ڪڇي ني ڪيچين ڪي.

( ٥ )

اوٺين اماروءِ، مون جهلِيندي نہ رهيا،
سائين سواروءِ، ڪيو ڪيچ آڪين ۾.

( ٦ )

سائي توءِ هلن، ھٿ جي وار ڪريان،
جيڪس ٻاروچن، ڪو ڏنو عيب آڪين سين.

( ٧ )

سائين سئين نہ جاڳيين، ھوءِ ڪچاڙنا روءِ،
ايءَ ھر ڪپر ھوءِ، جئن ھو سانگي، تون سمهين.

( ٨ )

سائي نہ ھمان ھي، جي ھئر ھينئين نوڻيون،
هاٿي ڪنهين جي، وڃيو آڳن آيان.

( ٩ )

آن ڪي سائي ڏٿ، جي مون ويڙهه وڃائيا،
رُثان رت مڃت، هاڻي تن ڀرين کي.

( ١٠ )

مون سڏيندي سڏڙا، سائي سڏ نه ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نه تنوارين،
هيڏا هاچا ٿين، ٻري هن ڀنيور ۾.

( ١١ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، وهان، تان وٽ مون،
ڀلي ڏوريرٻون، عبث آريءَ جام کي.

( ١٢ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، سمهان، تان سر هيٺ،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيهيءَ ٻر ٿي جيڏيون.

## وائي

( ١ )

هوت، هوت، اي هوتا، ڏينديس ماهه مرن کي،
آئون جرا جيءَ ڪري.
ڏيتي باهه ڀنيور کي، آئون آيس تو ڳري،
ڏينديس ماهه مرن کي.

آريانِي نِهونءِ ري، سون کي سرتيون تان نہ سري،

ڏينديس ماه مرن کي.

جـنـدي ھـايـو جان ۾، ڏکي ڏک ڏري،

ڏينديس ماه مرن کي.

آءٌ اوراڻ سـپـريـن، وَڃ ۾ پِي ڀري،

ڏينديس ماه مرن کي.

سون ڏِنِي، سون وِسهو، وِرچِي تان نہ وري،

ڏينديس ماه مرن کي.

ڏکيءَ جي ڏيکارِيِين، ڏاران مَنهن مـري،

ڏينديس ماه مرن کي.

ڀالي پرين جـي، سـوهـيـس مِيٺ ڪري،

ڏينديس ماه مرن کي.

آريءَ جي عِشق جي، سون کي آندر آڳ ٻري،

ڏينديس ماه مرن کي.

توکي توءِ نہ ڇڏيان، جي وِچان پونءِ تري،

ڏينديس ماه مرن کي.

ڏَڙ وِجهندِيس ڏوڙ ۾، مَٿو ڌار ڌَري،
ڏِينديس ماهہ مِرَن کي.
هَلَڻ مَٿي هوت جو، ڏَکي، پَس ڌَري،
ڏِينديس ماهہ مِرَن کي.
پَرين کَڄِ پانهنجيُون، آکيُون پاڄهہ پَري،
ڏِينديس ماهہ مِرَن کي.

وائي

(٢)

ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري، وِندرِ ٿِي وڙي،
جَتَنِ لئِ جِيڏِيُون، ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري.
سُورَ پائِي پِيس سِج ۾، جام پَنَهلَ کان اوري،
جَتَنِ لئِ جِيڏِيُون، ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري.
اَکَ چارِينديس اَنِ جا، نَکَرَ هِناس نوري،
جَتَنِ لئِ جِيڏِيُون، ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري.
مُهارُون تَنِ مِينِ جيُون، خُوبَ خُوشيءَ مان جوڙي،
جَتَنِ لئِ جِيڏِيُون، ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري.
ڪاهي ڪلہ ڪِڇِينِ جي، ڪين اچي، تَڙ توڙي،
جَتَنِ لئِ جِيڏِيُون، ڏُونگَرِ ٿِي ڏوري.

## داستان پنجون

( ١ )

لبڙن لنگهي لس، مانباڻنان مٿي ويا،
وٺي ور واٽ ٿيا، پنهون جام پهس،
هنا وڃي وس، پاروچا پنهور ۾.

( ٢ )

وڃي وس هنا، پاروچا پنهور ۾،
وجي ڏور ڀيا، سانگين پنهنجي سيرين.

( ٣ )

سانڍ پنهنجي ساه، پانهين ٿي پورا ڪريان،
واڪيون جي ورن سين، تن سرتين سيج سهاء،
مون ڪي طعنا تي ڏيين، مون جئن سٺن نه ماء،
آريءَ جي آڪاء، رلايس روهن ۾.

( ٤ )

ماء وهاڻون وار، ڪن ٽڙاٽي پانهنجي،
جيڪين ڏٺي ڏيج ۾، سو سهوڻي سار،
وجان ٿي وڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.

( ٥ )

ڇپون ڇپر ڪٿ، ڀڄ ڀڙائيون پانڌيان،
جتي رهان راتڙي، مرون منهنجا ست،
سيٺن جيءَ سهت، ڏونگر ڏولي مون ڏيو.

( ٦ )

ڏني سک سسئيءَ کي، ڀليائي ڀروچ،
لوڪ وڃان ٿي لوچ، ٻيئي ڀڃائي ڀنڀورءَ کي.

( ٧ )

مسافر نئون ماءِ، وره وهاير وترو،
آچي ٿير اوچتي، تن سانگين سين ساجاءِ،
جيجان جهل م پاءِ، هينئون هوت هٿي ويا.

( ٨ )

ڪنن آڙائي پانڌ، هلو ڀرڏيهين سين،
متيون موڙهيئي سسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رلي پانيئي راند، پانيڻ عشق ڀروچ جو.

( ٩ )

منهنجو ٻاڙيچن، ڪجهو ڪون ڏکيو،
ٻاسي چڙهي ڀنڀورءَ جي، ذات سلتي جن،
ٿيلان پاروچن، نڌر چڏي نند ۾.

( ١٠ )

حسينيءَ جيءَ هاڪ، مادر ماري آهيان،
ڏيهان ڏورڻ ڏک سين، راتيان ڇڪن ڇاڪ،
ڏجان ٻر فراق، متان ٻوئم ٻرينءَ سين.

( ١١ )

جيڪين فراقان، سو وصالان نه ٿئي،
آڇي اوطاقان، مون کي ٻرين ٻري ڪيو.

( ١٢ )

ڦري آءٌ فراق، مون کي وصالان وچ ٻيو،
جي ٿي ڇڪيم ڇاڪ، سي ٻرين ڳڌجي ٻوريا.

## وائي

( ١ )

ٻنهون ٻريشان، ٻر ٻر، لڪو خان نه مان،
هئي هئي! حال منهنجو.
مون کي ٻک ٻوتن جي، ناٿي ٻانيان نان،
هئي هئي! حال منهنجو.
شهر صحرا ٻائيان، سون ليکي ميدان،
هئي هئي! حال منهنجو.

رُئان تہ رڙن ۾، آريءَ لئي عريان،

هئي هئي! حال منهنجو.

ٻڌيان منهن ٻَسَنَ لئي، هتي تہ حيران،

هئي هئي! حال منهنجو.

آهي آريءَ ڄامَ جو، مون کي ڪاري ڪان،

هئي هئي! حال منهنجو.

ديوانيءَ کي دلِ ۾، سورنِ جو سامان،

هئي هئي! حال منهنجو.

وِڄهج ٻڪ ٻنارِ تہ، ٻرِڊمر ڪاڻي ٻان،

هئي هئي! حال منهنجو.

ڪڏهن ٿيندو ڪيچ ۾، مٺيءَ جو مڪان،

هئي هئي! حال منهنجو.

وائي

( ٢ )

ٻاڙيچيون ڪا ٻچار، منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه وِيا.

ونئي کوڙها ڪاڙيان، تن جاسن لاءِ ڄمار،

منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه وِيا.

ڪرڪا ڪانگ، آچن جي، تن جي ڪا تنوار،
منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.
مٿي ساري هليا، ڪيچي ڪاهي قطار،
منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.

## داستان ڇهون

(١)

ٻاروچا ٻنيور ۾، آيا آس ٿيام،
ٻسي ٻهر ٻنهونءَ جي، تهن سيئن ليئن لُريام،
ڳوندر وسريام، سڪن شاخون مڪيون.

(٢)

ڏيکاريس ڏکن، ڳوندر ڳس ٻرين جو،
سونهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

(٣)

ڪنهين ڪنهين مارهئين، ڳوندر وڏي وٺ،
ٻڌي ڳوڏ ڳرٺ، سانو ڪجي سور جو.

(٤)

سؤ سکن ساني ڏيان، سر ٻن ڏيان سٺ،
جي سون مڙي مٺ، ته وره وهايان هيڪڙو.

( ٥ )

سؤ سکن ڏيئي، وره وهاير هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پر ڏيکاريو پرينءَ جو.

( ٦ )

سور م ڏي ڏوڻ، آئون آهيان آڳهين ڪاهري،
جا پر پائيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي.

( ٧ )

سور م وڃيجا، سڄڻ جڻن سانگ ويا،
پرين پڇاڻا، آئون اوهان سين اوريان.

( ٨ )

سورن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪون ڪيو،
آيل اويارو، پائڙ پڏو پورڙ وهي.

( ٩ )

سانگهارو سورن، ڪڏهن تان ڪون ڏنو،
پائڙ پورڙ وهن، ڪالهوڻان آڄ گهڻان.

( ١٠ )

سور نہ ساڳاهين، ڏين آڏمان اوچتا،
مون کي مون پرين جا، آميا آهين،
لڄون جي لاهين، سيئي نيم سامهان.

( ۱۱ )

سورن لڏو سڄھ، پاڻھي پيھي آئيا،
ڪنھن کي ڏيان منجھ، سر تان ڇڏڪن ڇت ۔

( ۱۲ )

سور م منج ماءِ، آئون نہ وکني آھيان،
وڄ م ويل ڪنھين، ويرہ مون ونءَ،
تون ھن تڏھن جاءِ، جڏھن ٿيان ھيڪاندي ھوت سين۔

( ۱۳ )

سور ٻہ پيتون پيٽ، ھڪ چڳيو کي پيو،
ھريئي ھرڻ جي، ماءِ منجھايم مت،
پينر پليءَ پيٽ، لکيم ياڻ ٻروچ جو۔

( ۱۴ )

لکيم ياڻ ٻروچ جو، آمرُ پل م مون،
سپ رگنديس رت سين، ڪيچان اوري پون،
مادر مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪڏھين۔

( ۱۵ )

لکيم ياڻ ٻروچ جو، ڪرھا ٿيا تڙاق،
آھکي جا آئي کي، سا مين ھوءِ م ماڪ،
آکڙين خوراڪ، پسڻ ٻرڏيھين جو۔

( ١٦ )

سُور وِراھِيان سَرتِيون، جي وِراھِيا وڄن،
پيون ڪوھ پڄھن، جن سندا تن سامھان.

( ١٧ )

مَٽ مَٽ سُورَن سِيڪَھِين، سُون وَٽ وَٿاڻان،
پِرِيُون ڪِيو پٽان، وِيا وِھائُو نِڪري.

( ١٨ )

ڏُک سُکَن جي سُونهَن، گھوريا سُک ڏُکَن ري،
جنين جيءَ وِرُونهَن، سَجَڻُ آيو مان گهري.

( ١٩ )

ڏُک لَکُو، ڏُونگَر ڀرِيو، پيئَڙ ڪاٽي پُون،
مَنان لائُو مُون، سندو جِنِّ آسرو.

( ٢٠ )

ڏُکويُون ڏيھان، جيڪَس لَڌِي وِيئيُون،
ھاٿِي ڪِن مَلا، پِڇان پِرين خبرون.

( ٢١ )

ڏِکيُون جان نَہ مِرُّن، تان تان پِتَڻُ نَہ ٿِئي،
پِيُون ھونھين ھَٿ ھُٿَن، رُوَنديُون رُوئَنِ وارِيُون.

( ٢٢ )

نَڪي رُوئَڻ وارِيُون، لَڪي اوسارِين،
مُونهِين ڪي مارِين، مُونهِين سَندا ڏَکڙا.

( ٢٣ )

پيڙي پيڙي پَنڌَ، سُورائِتي سَندرو،
ڪيچ آڪاهُون پَنڌَ، مَتان لَکَنِ سين لَکِي مرِين.

( ٢٤ )

پيڙي پَنڌَ پهار، سُورائِتِي سَندرو،
ڏُونگر توهان ڏار، ڪانَ ڏورِيندي ڏک سين.

واٗي

ڪوهيارِي جي ڪاءِ، مارِينديِم ماءِ، مُون ڪي مَن آندرِ جا ڪالهڙِي.

چڙهان ڏُونگر چوٽِين، سيِريان جي ساءِ،
مُون ڪي مَن آندرِ جا ڪالهڙِي.

نهارِينديس نِڪرِي، هـاڙهـو هـوتـنِ لاءِ،
مُون ڪي مَن آندرِ جا ڪالهڙِي.

ٻانديڙا ٻيـر پـرِي، ٻريان ڪـي ٻهچاءِ،
مُون ڪي مَن آندرِ جا ڪالهڙِي.

مولي! مون کي ميڙين، سنديءَ جانب جاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالھڙي.
هوت هلن، آئون وهان، ته ڪا ايئن جڳاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالھڙي.
مستيءَ جي سريءَ کي، اوڏاهين آئاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالھڙي.
پرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙه لئاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالھڙي.
آلا! عبداللطيف چئي، ايها آس پڄاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالھڙي.

## داستان ستون

( ١ )

پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندڙيون ڏسن، آڳڻ عجيبن جا.

( ٢ )

پڇيوءِ تان پور، نات پڇڻ هوءِ م پرينءَ کي،
ڏورڻ واريون ڏور، هڏ نه آهين هوت کي.

( ٣ )

ڏورِيان، ڏورِيان، ۽ لَهان، شال ۽ مِلان هوت،
مَنَ آندَرِ جا لوچ، مچِن سا ماٺِي ٿِئِي.

( ٤ )

ڏورِيان، ڏورِيان، ۽ لَهان، سانِي ڪالهوٺا،
لاهِي لاڏوٺا، سَفَرِ ڪنهن مانگ وِيا.

( ٥ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لَهئين، پِرين هئين پري،
هِڏ نَ سَاهَ سرِي، تَن تَسلي نہ ٿِئِي.

( ٦ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لَهئين، تَن ۽ ملين تون،
لَنءِ لَنءِ منجهان مون، لوچ تنهنجِي نہ لهِي.

( ٧ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لَهئين، ساڄن سچ سوال،
سِڪ تنهنجِيءَ، سِپرين ٿِئِي جان زوال،
وهاٽِيءَ وِصال، آئيان آرامِي ڪري.

( ٨ )

ڇڏيم ڇج هلڻ جي، چاڙهيڪا چڪام،
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڪام،
هيج، ٻرين سندام، وهنيس، وک نه اُهڙي.

( ٩ )

ڇڏيم ڇج هلڻ جي، چاڙهيڪن چڙهي،
آڙيڪن آڙي، پيس هوت پنهونءَ سين.

( ١٠ )

ڇڏيم ڇج هلڻ جي، چڪيم چاڙهيڪا،
آڏيون آڙيڪا، هينئڙي پيم هوت سين.

( ١١ )

وهنيس، وک نه اُهڙي، اَڄ آرياڻي تون آهه،
چڪيءَ تو سين چاههَ، ٻامي ٻر ٻيئي رڙهي.

( ١٢ )

جيڪا ڪندي نينهن، مون جڻن ٻاروچن سين،
سِڪن سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙهيڪن تي.

( ١٣ )

جيڪا ڪندي سڳ، مون جِنَ پاروچِن سين،
آنڱنِ چاڙهي انڪ، روئندي سا رت ڦڙا.

( ١٤ )

جيڪا ڪندي لاڳ، مون جِنَ پاروچِن سين،
آلدرِ تنهين آڳ، لڳندي لائون ڪري.

( ١٥ )

جيڪا ڏيندي منجهه، مون جنن پاروچن ڪي،
مٿان ڳلنِ هنج، ڪين لاهيندي ڪڏهين.

## وائي

منهنجي حجت ناهي وٽ، ڪانهي وٽ،
جيجان تنِ جتنِ سين.
ڪائيءَ ڪي ڪاٺي ٿي، جيري جي جرات،
جيجان تنِ جتنِ سين.
ڪنديس ڪيچ ڏئينِ لئي، لڪن ۾ لولاٽ،
جيجان تنِ جتنِ سين.

تازو ہیر پنھونءَ جو، لڙيو منجھہ لڙاٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.
آھيو آريءَ جام جي، آلدر منجھہ آماٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.
مارِيو ڪيم مٺيءَ ڪي، ڪيچي ڪاھي ڪنواٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.
ڪَٽيو نيڻ نِھارِيان، ڪوڙھن ڀريو ڪپاٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.
سَبب تنھن سَتي وِيا، جھونپي ڏِينم جھاٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.
ڏِنم ڏکوين جا، ڇپر ۾ ڇونڇاٽ،
جيجان تَنِ جَتَنِ سين.

## داستان اٺون

( ١ )

آتڻ اورانگھي وِيا، آئون ٿِي مَران ماءِ،
ھِتون ٿِيندِيس ھير تي، "ھَئي ھَئي! ڪري، "ھاءِ!"
جيڻ مون نہ جڳاءِ، ھِرين تان ھاسو ڪيو.

(٢)

آتڻ اورانگهي ويا، آڳڻ مون آفسوس،
ديوانيءَ مين دوس، سانئي آهي سڄ ۾.

(٣)

آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميٽي ڪيئن،
هاڻ گهرجي هيئن، ته ڏجي ٻاهه ٻنڀور کي.

(٤)

آتڻ اورانگهي ويا، پنهنجيءَ توڏن تاڻ،
ويٺي ۾، منڊ ٻنڀور ۾، هڻ پڇنديئن هاڻ،
راتي منجهه رهاڻ، هل ته نيئي هوت مين.

(٥)

آتڻ اورانگهي ويا، پاري چڏي پوءِ،
آريچا آئي تي، هيءَ تان جڏي جوءِ،
ڪين هلي، ڪين هٿ ڪئي، ڪين رڙهي، ڪين روءِ؛
کو پنهونءَ کي چوءِ، ته منهنجيءَ ماتم آئيو.

(٦)

جاڻي مڃائيه مون کي چڏي هليا،
آديون آريچڻ آئي، آئون ڪوري جئن ڪاٽي،
ٻاهڻ ۾ پاڻي، هاريون! هارڻ آئيو.

( ٧ )

جاڻي سڃاڻي، مون کي ڇڏي هليا،
آئون ڪئن ڇڏيان پانهجو، آديون آرياڻي،
پرين جو پاڻي، سو ڪيچين ڪم نہ آئيو.

( ٨ )

جاڻي جي جاتوم، تہ پوندو فلق فراق جو،
آڪر ارادت جو، ڏرياڻين ڏوتوم،
پوءِ تان ڪون ڪيوم، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

( ٩ )

وارو، وڃن تا، سيڻ تنهنجا سسئي،
هوڙا پاروچا، ڪين لهندئن ڪي پيا.

( ١٠ )

واري ورائي، تو پنهنجا نہ ڪيا،
پوري رنجائي، هوند نہ ڀيڻءِ هيتري.

( ١١ )

جئان واري وڳ، اوٺي ٽيا ڇلنگيون،
متي تنهن مارڳ، پٺي پرزا نہ ٿيين.

( ١٢ )

ڏ ڪائيندي ڏونهڙا، منڌ ميٺالي وڃ،
ڀرياتون ۾ ٻج، ساٿ چڙهندو لڪين.

( ١٣ )

ڇڄ ۾ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪين،
مڃون نيين ٺان، وَڪ واٽ ني نه لهين.

( ١٤ )

ڪا جا ڪيائون، وائي واري ونگڙي،
آيل تنهن آئون، ٻولي ڀاتاڙي ڪئي.

( ١٥ )

وائي واري ونگڙي، ٻولي ٻي نه ڪن،
آلا، ڪيچ ڏٺين، مون سين ٻوه ۾ ماسرو.

( ١٦ )

ڪا جا آندي ڪيچين، وٺڪاران وائي،
سٽي مون سائي، ٺين لنڊڙي وه ٿي.

( ١٧ )

ٻچيوئي جان دوست، تان ٻاسي ڪر پرهيز ڪيه
ڪڏيئي جي هوت، ته ڏين سپ دور ٿيا.

(۱۸۰)

هلوءِ ملھو، ڏک ۾ پسو ڏونٽيا،
سونھون جو ساٿ جو، سو مون ھوت سلو،
آن ھڻ نٽي پلو، آئون پ گڏجان ھرين کي.

## وائي

مون کي چپر ۾ چڏيجا، ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.
چوري چني آھيان، نينھن نباھي نيجا،
ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.
چوري چڏي چپرين، ڪيچي ڪير وجيجا،
ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.
پنھون منھنجر آن سين، ساٿ سلامت نيجا،
ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.
مون تاڻ وڙ وجائيو، آئين پنھنجو وڙ ڪريجا،
ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.
جو ڪنڪو وس ڪري، سگھڙي سار لھيجا،
ٻاروچا ھلي لڳي آھيان.

## داستان نائون

( ۱ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪهين، من وِڄهان وڍيو،
ماريس سور تهين، جو نہ جياري جيڏيون.

( ۲ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪٺو، ماءُ منهنجو جندڙو،
جنهين ماءُ مٺو، سي جت نہ پسان جوءِ ۾.

( ۳ )

جيءَ منهنجو جن، آلڪڙيارو وڍيو،
ٻچاڻا ٻرينِ، ميان سچو نہ ٿئي.

( ۴ )

اَچيو مر آچن، پارو ڇا پنيور ۾،
ٻئيءَ لڳي جن، ڪيئي ماڙهو ٿئي.

( ۵ )

رو، وِسانئي رالڊِ، ٻه ٻروڙجِ سات جا،
هوتنِ سين هيڪاند، هيرِ ٻانئي ڏينهڙا.

( ٦ )

رڻ ۾ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري،
ڪنل ڪي قلب ۾، ڦرب جو ڪاڙهو،
هوتن لئي هاڙهو، رجائيندين رت سين.

( ٧ )

روئي ڪنڌين ڪوهه، هاڻي ڪو هوت وري،
جيڏيون جيڏوئي ڪيو، سانس سڀ ستوهه،
ڏوهي آئيان، ڏوهه، متان ڪا مون سين ڪري.

( ٨ )

رڻان تان راند، ڪلان تان ڪامي هيئڙون،
آڪڙيون ويساند، پرينءَ ڳڏجي ڪنديون.

( ٩ )

آڪين ڪين ڪيو، رت نه رنائون!
اپي ڏنائون، ڦوڙائبا سپرين.

( ١٠ )

ڪاٺيون، لونيون آڪيون، ڪنيون ڪين ڪجن،
ملپون مات نه ڪن، هنيون رهن نه هوت ري.

( ١١ )

وَسي، وِسائِيون، رَتو روئي ڀِرينءَ کي،
ڀيون ڪَٿَن ڀَپَ ڏي، نَظر نِماليونَ،
سي ڪِٿَن ڀيلائيونَ، جِن ويندو هوتَ نہ واريو.

( ١٢ )

وَسي وِسي ميٺهن، جِنَن لئي وَيس ڪيه،
توءِ ڀِريان جي ڏيه، ڀئي ڀَجي خَبرونَ.

( ١٣ )

ڪائِيءَ م ڪانيو، مَئيءَ مَنڪَر م ڏيو،
هيڪَر آجهايو، ڏيئي ڀِر لَهار جِنَن.

( ١٤ )

ڪائي ڪيرن هيٺ، ويئي روئي رَتَ ڦَڙا،
ڪا مون نيندي ڏيٺ، ڀِهر ڀاروچن سين.

( ١٥ )

پَنهونءَ ڀِرڙيونَ، ڪَهر ڪَهمَندي جي ڏِنيونَ،
سي مون سيرڙيونَ، نِتَ نِهارَڻ ڀيئيونَ.

( ١٦ )

ميں، مر مران، ميں وچ سرتيين،
هورهيت ني هران، هاڙي چاه پنهونءَ جي.

( ١٧ )

ماريو جي معذور، ته هيڪاري هور لهي،
ساڄن آهنجي سور، ڪين جيان ني ڪيچيا.

( ١٨ )

نڪي مٿي آهيان، نڪي ني جيان،
ساڄن ساه ڏيان، توکي ماريو مپرين.

( ١٩ )

تون جي ڪالهه مٿي، ته ڪالهه ني گڏي پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪان مٿي، ته ڪا مکهي گڏي سڄڻين.

( ٢٠ )

آکي پوءِ مران، مر مران مارڪ ۾،
مٿي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون.

( ٢١ )

پنهونءَ ڪارڻ هپ ۾، مر مٿا ڏيئي،
ته سرتيون سپيئي، واڪاڻيني ويئيون.

( ۲۲ )

تنهين تون نہ مياءُ، جي ڪوهيارا ڪيچ ڏي،
آلڪني چڙهيو آهه، جان لالو ڪيڙءِ نينهن جو.

( ۲۳ )

متان جيءَ جتن، کهوريو کهوري مستيءِ،
ٻاري جي ٻنهونءَ جا، ڪارون ڪري تن،
ڪيچ متان ڪا ڪني، بي شڪري ٻنهور جي.

## وائي

هتان ني هلنديس، ميان! سامهين سائيهه ڏي.
وڏا ٻينڊا ٻنڌ جا، ميزل مائينديس، ميان!
سامهين سائيهه ڏي.
آلاهر عجيب ڪي، لڪن مان لهنديس، ميان!
سامهين سائيهه ڏي.
جيڏيون جوڙ جتن جو، جڏهن آئون ٿينديس، ميان!
سامهين سائيهه ڏي.

حجائتا هوت کي، ڏوراها ڏينديس، ميان!

سامهين سائيهہ ڏي.

فرياديون فراق جيون، پنهل کي چونديس، ميان!

سامهين سائيهہ ڏي.

## داستان ڏهون

(۱)

سيرڀان جي ڪالهڙي، رڳو رنجائون،

ڏونگر ڏولائون، ڏيندا مون ڏير ويا.

(۲)

آريءَ آئين جيئن، ايئن تان اوئين نہ ڪيو،

ڪيچ پهچبو ڪيئن، اهڙن آباڻهن سين.

(۳)

جئن آئين آريءَ جام، آئن تان اوئين نہ ڪيو،

ٻڙڪي ٻاهر نڪتي، ڪاذر منجهان ڪام،

ساه ڏنائين سام، سٽي سگهر پهچين.

( ۴ )

لَڪيُون آن پرِ لِڪَ، ڪِينَ ڪوهيارا وِرِميا،
جنين سنڌيءَ سِڪَ، رَنِ راتِ رَتَ ڦُڙا.

( ۵ )

لَڪيُون آن لَڳا، ڪي ٻَلُو ٻانڌيُنِ جا،
توهان ڳهٽيرو ماءُ، رُوندا آوءَ رَتَ وِيا.

( ٦ )

ڪو جو لَڳُسِ ڪانُ، ڪيچَين جي ڦَرِبَ جو،
ٿي نماٽي نِيشانُ، چڏي سانگو ساه جو.

( ۷ )

ڏونين چيس "ڏورِ، ڪيچ آڳاهُون ٻَنڌ ٿيو،"
ٻاٽا چڙهي ٻورِ، وِڪ وڏائين وِتري.

( ۸ )

ڏونيا ڪو اوٺين جو، مون ڪي آهجَ ڏيو،
سَچَ ڪِ ساڻ نِيو، ٻَنهون مُنهنجو ٻاڻ سين.

( ۹ )

ڪو جو آنسِ مينهَن، آريءَ جي آڪير جو،
ٻاروچاٽُون نينهَن، مَتان مانو نہ ٿيي.

( ۱۰ )

جيڏيون ڏسو ڪيچ، جو ڏيہ ٻاروچن جو،

پنهونءَ وِڌم پيچ، نِسورو ئي نينهن جو.

( ۱۱ )

لڪ چڙهيو رڻ روهہ، ڪري سماجها سڏڙا،

اِيندن ٻچي خبرون، وِيندن پيرين پوهہ،

ڏيرن ۽ ڏاگهن جو، مون کي ڏس ڏيو،

مون ڪان سائُ ويو، پٽي ڏونگر ڏورِيان.

( ۱۲ )

کهوڙن هنيون کهٽيون، آئن هنئي آنءَ،

جا نينهن ڪنندي نانءَ، سا مون جتن پولدي مامري.

( ۱۳ )

لڪڙياريون آڳريون، ٻاروچاڻون پير،

آچي ڀسو جيڏيون، تازو پنهونءَ پير،

ويچاريءَ مين وير، جتن جيڏوئي ڪيو.

( ۱۴ )

لجن نہ لاهين، گوندر هن غريب تان،

ٻر ٻر ٻچائين، جيجان جوش جتن جا.

( ١٥ )

هٿي! تو وَڃي هوت، آئون کي آڳيري ٿيان،
مَتان چوي بلوچ، "ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو."

( ١٦ )

ڪميڻين هتان، ٿين مورائين مديون،
تون ڪر ھاڻ وڙان، سوٽ سپاجها سپرين.

( ١٧ )

نڪين ٿيان مڱڻ، نڪين مڱيڻي،
آهيان ڪميڻي، ذات ھاروچي نہ جڙان.

( ١٨ )

ڪيچ م خبر هوءِ، هن منهنجيءَ ذات جي،
متان مهونءَ پوءِ، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

( ١٩ )

لئو ڪم ڪيچين جو، ڇڏي هليا سون،
آلا! آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.

## وائي

( ١ )

مُنھنجو ساھُ نِيو سيٽان، آيلِ، آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

مون کي وِيا نہ وِسرِي، نينھن ڀرِيا نيٽان،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

سو ڪِئن هينڙو جھليان، جِھجِي جو ڪيٽان،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

مادرِ ڀايو منڊيون، ڪوڪيان وَرَ ڪِيٽان،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

## وائي

( ٢ )

وَسان ٿي وِپياسِ، آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

ڀرزا ڀَپ وَرنِ ۾، ڀِٽُون ٿِيي پِپياسِ،

آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

تہ ڀَنِ ڪادو ڪيچ ڏي، توٽِي ماھ مِياسِ،

آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

ڀاڻ وِجايمِ ڀيرَ تي، ڇٽي آئون، ڇيّاسِ،

آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

آيمِ آندي لوڪ سين، متي آئون مَتياس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، لڪو ڀيءَ نه ماس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيمِ وچ وصال ۾، سنجهي آئون ستياس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيمِ مُنهون جام سين، ڪتيءَ آئون ڪتياس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.
آلا! آنِ م وِسران، ڏني جنِ جياس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيسِ ورِ وصال جي، جانڪين تان جنڊياس،
آيلِ لڳمِ ٻاڻ ٻروچ جو.

## وائي

( ٣ )

تـه ڪـو هـوت سجڻ نيندا، هـوا ڏيرا،
ڪلَ نه ٻيمِ ڪا، مون نه ٻروڙيا ماءَ،
ڪهي ڪميٽي هليا، ٻـانـيـڻِ ڪري ٻيرا،
ڪل نه ٻيمِ ڪا.

ٻَسان شالَ آکِينِ سين، دوستَ سَندا ديرا،
ڪَل نہ ٻيمرِ ڪا.
سيڻِن ساڄهرِ لَڌِيو، ٻوءِ تِـي ٻجِين ٻيرا،
ڪَل نہ ٻيمرِ ڪا.
ذاتِ وِجهي ذاکَڻِ کي، وَنـکِيئي نہ تنهن وِيرا،
ڪَل نہ ٻيمرِ ڪا.
ٻِرڪَنِ تـا ٻانيئِ جا، جـيءَ آنـدرِ جيرا،
ڪَل نہ ٻيمرِ ڪا.

## داستان ٻارهون

( ١ )

واڪِيو واڪِيو وِکَ، ٻاٻوهيو ٻير کَٽي،
سي نہ چَڙهندِيون ڏِکَ، موڙي ٻير مَرن جي.

( ٢ )

وِجهہ وَڏندي وِکَ، مَچُو لِـکَ لَکائِيين،
ڏَکَ تَنهِين کي ڏِکَ، حَبَ جَنهِين کي هوتَ جي.

( ٣ )

واڪو هڏ ۾ لاهه، سڏن مٿي سڏڙا،
مانَ تنهنجي ڪا، سگهه سار ٿئي.

( ٤ )

سڏن ٿئي سڏڙا، واڪو منجهه وڻين،
سڄڻ پنڌ گهٽي، مان ڪوهيارو ڪوڪ سڻي.

( ٥ )

ڪوهيارو ٿي ڪات، ميون مارڻ آئيو،
هوءَ مر هوت حيات، آئون ميائي گهوريي.

( ٦ )

وهين ۾ ويلا ڪرين، ٻچين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر ٿيندئن هوت سين.

( ٧ )

وهين ۾ ويلا ڪرين، ايءَ نه آڪنڍ آهه،
سي لاڪاها سڀ لاهه، اوريان آپارين جي.

( ٨ )

وهين ۾ ويلا ڪرين، سڏين ساٿاتو،
هاري آهاتو، تو سين سولهن نه سسئي.

(٩)

ڪِجي جِتَّن ڪِيچِينِ لِءِ، تو تان ڪِين ڪِيو،
وِيجهائي وِڌوءِ، وِڪ نہ ڪنيئِي هيڪڙي.

(١٠)

ٻاڙي ناهِ ٻروڙ، تہ ڪا راتِ رنجائي گذري،
ٻاليِنِ ٻاروچِنِ جي، کاڌي وِڌي کهوڙ،
هِڪ سسئي ٻيا سور، وِيا ٻيندا ٻاٽ ٻر.

(١١)

ٻاڙيچِيءَ روئي، چاڪ منهنجا چورِيا،
ڦکهر وِجهنديِس ٻرينءَ جو، ڏڪن ٻر ڏوئي،
ساجن سيوئي، ساهہ اوهان تان صدقو.

(١٢)

آڄ نہ مون قرار، ڏِٺم سنڃو ساٿ ٻر،
نهي وِيئا ٻار، متي ساٿيهہ سِپرين.

(١٣)

ڪِيا وِيچاريءَ وس، ڪارڻ ڪوهيارِي کهٽان،
کهٽون ٻچي ٻانڊين، سندا ڏيرن ڏس،
لڌون ڏورِي لس، متي سگر ٻيين.

( ١۴ )

تان ڪا ورَ ڪجا، ڪميڻيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، ٻالهي ٻاروچا،
دِلاسي دوسا، متان مون کي ڇڏيو.

( ١٥ )

تان ڪا ڪجا ور، ڪميڻيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، بندي بي سمر،
آجي کوهيارا ڪر، دِلاسو دِلگير کي.

( ١٦ )

هوءَ جي سور سڄڻ، سي مون پينگهي ۾ پرائيا،
سانڍِيياس سِڪن، سورن ڪارڻ سِرتيون.

( ١٧ )

سرجي، تان سور، ساماڻي، تان سڪ وِيا،
اهي ٻئي ٻور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

( ١٨ )

سورن سانڍِيياس، ٻورن پالي آهيان،
سڪن جي سيد چئي، ٻکي نہ ٻيياس،
جيڪس آئون هياس، ڳري گوندر ول جي.

( ۱۹ )

سورن ٻڌو سندرو، مونهان مهند ٿيا،
هلو تہ ڏوريون آن کي، ولڙ جي ويا،
ڪنديس ڪين ٻيا، هوت مٺائي آڪيان.

( ۲۰ )

ٻن وهائيس رات، هلي هاڙهي سامهين،
ٻنهون جا ٻريات، اڄي ٻچي ٻهيڙا.

( ۲۱ )

نہ ڪا تات، نہ توت ڪا، نہ ڪا تات تنوار،
ڪانهي ٻرت ٻچار، لنئون ويچاري لڌيو.

( ۲۲ )

ڪينهين طالب تات جا، نہ تہ آهي تات تيار،
ڏوريان، ٻيو ڏڪار، گهوريندڙ ڪِنِي ويا.

( ۲۳ )

جيڪي طالب تات جا، تات ٻہ تنهين وٽ،
هڏهين ڪانهين هٽ، گهور، تہ گهران ني لهين.

( ٢٤ )

آنْ جي ڏِناهوَنِ، اَللهَ ڪارڻ ڳالهه ڪَريو،
نيڻ مَنهِنجا رُونِ، راتو ڏِينهان اَن ڪي.

( ٢٥ )

آچيا راتِ رَتومِ، ڪوڏِ ڪوهِياري ڪَنجَرو،
پيڙ پِچايومِ، صُبح سان، سورَنِ سين.

( ٢٦ )

سرتِينِ مهج مَنجهاءَ، ٿي ڪوڏِ وِراهيا ڪپڙا،
تَڏهِن مَنهنجِي ماءَ، ٿي ٻَهڙ آچيا پَٻ جا.

( ٢٧ )

ڪَڏهِن ڪَڏهِن جيڏيون، ڪو ٻَهڙ آچيو پوءِ،
سو ٻِڻ سارُو هوءِ، هِيءُ جو ساهه سَرِير ۾.

( ٢٨ )

ڪنهن جنهن نِينهن نِنڌاءِ، جِئن مون واجهائيندي نَه وَرو،
جيڪين مٿي ڪَنداءِ، سو جانِبَ ڪَرِهو جِيڙي.

( ٢٩ )

مَتان تِيين مَلُوڙ، ڪِين آڳاهون آهيان،
ڏِسڻ ۾ ڪَر ڏورِ، حد پِنهين جي هيڪڙي.

## وائي

( ١ )

هو آرماڻ آنِ، ميان! سَسُئيءَ جي سورن لئي.

ڪجاوا ڪَرهن تي، جوڙيا جال جتن، ميان!

سَسُئيءَ جي سورن لئي.

پِر نہ ڏِکن ہوتي، ٿا ڪاٿن سان ڪَنجن، ميان!

سَسُئيءَ جي سورن لئي.

مُهارون مين جيوفي، واڳون وَس ڏئين، ميان!

سَسُئيءَ جي سورن لئي.

ڏکَر ۾ ٽونڪار ٿـي، صبح سانيڙن، ميان!

سَسُئيءَ جي سورن لئي.

سانگ تہ تنهنجو سسئي، هاٿي هوت نہ ڪن، ميان!

سَسُئيءَ جي سورن لئي.

## وائي

( ٢ )

ڪارون وَس ڪيام، ڙي! هَئي هَئي! ووا لَڏي ڏوَرِ ويام!

مُنهنجو هوتَ نَہ موٽيو، ووا ڪارون وَس ڪيام.

ٻَنڌَڻَ ٻاروچَنِ جا، ٻينگهي مُنجهہ ٻيام،

ووا! مُنهنجو هوتَ نَہ موٽيو.

ڪَئين قاصِدَ ڪيچَ ڏي، مُحبَنِ لاءِ مُڪامِ،

ووا! مُنهنجو هوتَ نَہ موٽيو.

سَدا سِپيرينِ جا، سانَڍَڻَ سُورَ پيامِ،

ووا! مُنهنجو هوتَ نَہ موٽيو.

هوتَ هَلندي جي ڪيا، نہ سي سَڌَ سِيامِ،

ووا! مُنهنجو هوتَ نَہ موٽيو،

## داستان ٻارهون

( ١ )

ڏِٺان جي ٻروچ، سون جَنِ هوتَ آڪين سين،

سون ڪي چيان ”لوچَ“، پاٿان پيئيون چَپرِين.

( ٢ )

جيڪس ڏٺو جيڏيون، پاروچو پيءُ پٽ،
مون جنہن موڙهين مٽ، پسنديئي پنهونءَ کي.

( ٣ )

جيڪس ڏٺو جيڏيون، پاروچو پيءُ روءِ،
سنجهي ۽ صبوح، هوند نہ وڃان وسري.

( ٤ )

آن جي ڏٺي جيڏيون، پنهونءَ جي پاپوهہ،
سنجهي ۽ صبوح، سورن ٿي سڄڪيون.

( ٥ )

جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جنہن ملاقات،
پانهن وجهي وات، ريهون ڪيان رڃن ۾.

( ٦ )

جي تو ڪالهائي، ماءِ پاروچا پڃيا،
آنهين جي وائي، هوند نہ وييان وسري.

( ٧ )

آچ معذور هتان، آلا! چڱي م ٿيان،
رڙهان ۾ رٿان، پٺيءَ سگهر سات جي.

( ٨ )

سِڪِي مون مَگَ ڪيو، لِڪي وِڃان لوڪ،
مَتان مون کي ڇڏِين، هِتي هِتي هوت،
نالي تو بلوچ، ميس مَنجهِ مَرَتِين.

( ٩ )

جي ڏونگر مون ۾ ڏک، سي پَڌرِ پونِ ۾ پرينءَ ري،
وِهن مون وِهِ ٿيو، ڪير ساڻيندي سَک،
هَيِ هوتنِ سين ڇڪ، سجو سگ نہ ساريان.

( ١٠ )

"ووءِ ا ووءِ ا" ڪندي وت، مَچِنِ "ووءِ ا" وساريين،
هاڻي هارِ ۾ پڌرو، رو منجهائين رت،
صبر وڏو ست، سِکها ميڙي سپرين.

( ١١ )

ووءِ! ووءِ! وڏوڙا، ووءِ! ووءِ! وَڃن نِڪيا،
مون ساڻيکيائيءَ جا سپرين، سچ ڪي سنبوڙا،
لاٿِم نہ توڙا، ماه اوسيڙو آن جو.

( ١٢ )

کھوڙا گھٽيءَ پون، ووءِ! ووءَ! وڃن نڱيا،
مادرِ متان مون، ڪانگ لوندا ڪڍهين.

( ١٣ )

ووءَ! ووءَ! پنِ وڻي، رَنِ ڪارڻِ جا هڻي،
پنهونءَ ڪي پڻي، روندي ڪير رت ڦڙا.

( ١٤ )

ماٺ مارينديئي پرينءَ جي، مچڻ رُنين رت،
چوري چڏِ م ست، همت هوت وڃائيو.

( ١٥ )

ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻِ، هينڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پس ڪاڻِ، نبيريانس، نہ نبري.

( ١٦ )

ڪہ جاڻان، ڪہ ٿيو، ڪيڏانهن ٿي وڃان،
هٿ، ڪرايون، آڱريون، موڙيو سڀ پچان،
پنِ گهرِ گهجان، مون هاريءَ هوت وڃائيو.

( ١٧ )

چان ڪ آيسِ آگاهين، تان اُتهين اُيي آهيان،
پِرتِ پراهين، هالي مران، ۾ جيان!

( ١٨ )

سَرتيوڦ سوز پِرينِ جو، سَجڻِ ۾ شامِل،
ڪوهيارو ڪامِلُ، مون کي ڏَک ڏيکاريو.

( ١٩ )

ڏونگَر، ڏنا، نوڙِ، مون ٻارَکو ٻَچيا،
هيڪَلِيون هَلَنِ جي، مِي تاڪَنِ سَندي توڙِ،
اِي آهَکِي پوڙِ، سونهَنِ ري ۽ نَه سَتِري.

( ٢٠ )

لَکين لوڙائو، سَهسين آهنِ سَج ۾،
بَر ۾ بورائو، کَنِ، پادي پانُ سين.

( ٢١ )

پاروچا پيا گَهٽان، مَنهنجو آجهو آرِياڻي،
ڇَوندي زَکَيرِ چِتَ ۾، ساڄنَ سَجاڻِي،
جا وِلدرِ وِڪاڻِي، تِنهن جو مولَق مَس ٿِئي،

( ٢٢ )

ٻاروچا ٻيا ڳُهٽا، مُنهنجو ٻَهُون سِر سَين،
ڄانڳي تي ڄِڙهي ڪري، ڪَندو وَر وِلهين،
مَٿي مَعذورين، هوت ڌَرِيندو هَٿڙا.

( ٢٣ )

هُوءِ ڄيا ڳهوري گهوٽ جي، تنهن کي جِري چوڻ،
آڳهاڙيون آئَه ٻي، هوت پُچاڻان هُون،
ٻرا تَنهِين ٻُونِ، ڏِنو جَن آکين سِين.

( ٢٤ )

ڏِٺم آتَ آکِن سِين، مانَ ٻاروچا هُونِ،
جِنِين ڏاران پُونِ، مورِيسر آکِين ٻ.

( ٢٥ )

سَجڻ ڏِنو جَنِ، مُوتَه تَنهِين مِنهِئُونِ،
اِي مرڪ مَعذُورين، جِئَن مَرڻ ٻريان جي ٻِر تي.

( ٢٦ )

وَرَ لڪَنِ جي لوڏَ، گهوڙيا سَک ڀَنِيور جاءِ
آمرِ جي تون آڇِين، سي ڪرِ نَه آچَنِ ڪوڏَ،
هيئَين مُنهنجي هوڏَ، ٻَڌي ٻاروچَنِ سين.

( ٢٧ )

ڪو جو آهِي ڪوڏ، ٻاروچاڻيءَ ذاتِ سين،
جي هو چونس ”ٻوڏ“، تہ ”جي“ مڃائي جڳ ڪي.

( ٢٨ )

ٻلي ڪري ٽيومِ، هيءَ سڱ ٻاروچنِ سين،
وڃي ڪيچ ڏئومِ، ٻنيءَ لڳي جنِ جي.

( ٢٩ )

آديون ڪا ايندي، چيرِ مون سڱ ٿيو،
لائيندِيس لڱنِ کي، ملِيران ميندي،
وِندرِ آئون ويندي، آريءَ جام آجهو ڪري.

( ٣٠ )

ڪتي لٽي ڪاڻي، وِڪيڙي ٻرت ٿهون سين،
سِهيو سَکيو چندڙو، وڏهءَ جيري ۾ جاڻي،
تو سين هاڃو هوتاڻيءَ، صباح ڪندا سسئي.

( ٣١ )

مون کي لٽا نين، جت ملڪ پانهجي،
جي ڳهڪهيرين ڳڏين، تہ پينِ ڪان ٻيٽون ڪريان.

( ٣٢ )

آڳي ايئن هياس، جئن ٿهون ٿي ڏوتر ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جئن جت نه نينم پاڻ سين.

( ٣٣ )

کوهيارو ڪيئان، ڪين وڃي، ڪاڏي وڃان،
مون پانيو سيئان، ڇپر، ڪنديس پنڌڙا.

( ٣٤ )

کوهيارو ڪاري، پنڌ آڙانڪا ٿيين،
سي ڏيهه ڏيکاري، جي آڳ نه ڏٺا ڪڏهين.

( ٣٥ )

ڏکوين آهيان، ڪلهي ڦانو ڪنجرو،
وڃن ڪوندر ڪڏيون، لوڪ نه آڇن پاڻ،
سورن آسان ساڻ، نڏيئي نينهن ڪيو.

( ٣٦ )

ڪلهي ڦانو ڪنجرو، مٿو آڪهاڙو،
منهنجو ڪجاڙو، پيٽر هاڻ پنيور ۾.

( ٣٧ )

پنهوارن ڀَرَ نِيَ، آمَرَ مون آمانَ،

مَڇِنِ ڪا رِهاڻِ، مون تو موٽي مَس نِيِي.

( ٣٨ )

ڇِپنِ ڇِنا پيرَ، هَلي هَلي ماءِ،

ڪوهياري جي ڪاءِ، ڳِنهيو پٿان ڳالهڙي.

( ٣٩ )

جِنَن جِنَن جهلي جڳَ، تِنَن تِنَن مون تاڪيد ٿِئي،

ڳهريو تو ڳالهيون ڪري، وِهَسي پٿو وڳَ،

لوڪ لتاڙي نندَ ۾، ٿِئِي لالَن لڳَ،

آرِياڻِي اورڳَ، پنهوارن ڀرِ نِيِي.

( ٤٠ )

نينهن ۾ نالو ڳِنهه، پرِيتِي پير پِيا،

سورن ساڻ ۾ ڇِنَ، وِره وِهائِج وِترو.

( ٤١ )

هاري هِينئون ۾ لوڏِ، سَکِنِ هوندين سسئي،

ڪوهيارو تو ڪوڏِ، آڇي ڪره قطارِيو.

( ٤٢ )

سڄڻ ڏٺو جن، تن ڪڇي سرڪيه ڪيو،
پيون ڪوه پڇهن، قدر ڪيميا اِن جو.

( ٤٣ )

جس جفاري نہ ٿئي، جفا وارين جس،
ستي مات وڃائيو، گولي ڇڏ م ڪس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏيندئي ڏس،
پنهون آچي ٻس، سر پر هلي مسئي.

( ٤٤ )

پنيوران ڀهر ٿئي، مون جي ڪيا سڌ،
ٻاروچائيءَ لڌ، لڪ سويلا لنگهيا.

( ٤٥ )

اوجهڙ وتان آنءُ، پيون سپ سڪر ساٿ جي،
جا نينهن ڪنهندي لانءُ، سا مون جئن پوندي مامري.

( ٤٦ )

ماکين جي مٿي، تہ هوند نہ پيئي مامري،
ڇڏيو جي ڪهي، تہ هيڪاري هور لهي.

( ۴٧ )

سسئيءَ جيءَ سريءَ سان، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، منڌ هٿين ماندي،
لڪن تان لطيف چئي، آرياڻيءَ آندي،
نهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿي.

( ۴٨ )

جڙ جڙي جن سين، مٿي پڻ سين تن،
جي هت نه هوت پسن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون؟

( ۴٩ )

سرتيون سيوئي ٿيو، آندر آرياڻي،
ويئي پسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏهاڻي،
هيس جن هاڻي، سي ڪيچي ڪنديم ڪوه ۾.

وائي

وڃي ويئڙي تني، جت، پير سڄاتائين پرين جو،
پير سڃاتائين پرين جو، منجهان نينهن نرتپي،
پير سڃاتائين پرين جو.

هوء وِيا وَڻڪارِ ڏي، هِنَ ڀوريءَ ڀاليا هِتِي،
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.
جِنهن چِيڙِي وِڏِيسِ چِيرَنِ، سو ڪوهيارو ڪِتي؟
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.
آما، ليما، ڦَلَ، ڦاروها، ڪِباڳا، راڳا جِتِي،
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.
مَري رَهنديس ماڪِهين، نہ تہ، هادي آچِج هِتِي،
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.
مون ڪي چِڏي هَليا، ڪا ڀِين مٿي ڀِتِي،
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.
لَڪِنَ مَنجهِہ لَطِيفَ چَئِيَ، مِلِي تان سَرتِي،
ڀِرَ سَچاتائِين ڀِرِين جو.

# ليلا چنيسر

## داستان پهريون

( ١ )

داغ تنهنجو داسڙا، جيري مٿي جن،
تون ڪٿن مٿان تن، چنيسر! چت ڪٿين.

( ٢ )

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! وڃج م ڏورين،
آءٌ تو حضورين، مٿيون وجهان مڇ ۾.

( ٣ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٽان هار،
پري جي پتار، تہ ميربائي مان لهان.

( ٤ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٽي هار،
سو پي! سک، سيد چئي، ڪرين ڪوہ قرار؟

راجا رِيسائون ڪهڻون، سَنائون سردار،
ڇوڏس چنيسر چام جو، ڏيهان ڏيهہ ڏڪار،
تاڪَر آکيين تار، مٺيي تبي ٿِي مٺيين!

( ٥ )

چنيسر ڇورنگ، پرنگو لوڪ پيو،
تنهن سين چِنيو سنگ، وَجيو هار هٿ ڇهين.

( ٦ )

مٺيي تبي موهجِي، موڙهي ڪيٺِي مرڪ،
چِٺي چنيسر چام سين، وِڏو تو فرق،
وَرِي وِيو وَرق، آئِي ڏنؤن ڏهاڪ جو.

( ٧ )

مٺيي تبي موهجِي، هارِي! ڪِيڙهَ هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، اِنهين خَر خوار،
پِري وِيو پِتار، آئِي ڏنؤن ڏهاڪ جو!

( ٨ )

مٺيي مٺِي جي هٿا، تن ڇِنِ ڦيرِيم چِت،
هار ڪنيندِيس هوڏ ۾، نيبه ڦيندم نت،
ڪَونروءَ جو ڪِرت، سونهان مٺاهون ڦيو.

( ٩ )

سَٽيون ناهِ مَٽيون، جو تون ٻسي هار ھِرِڪيِن،
اَصُل آهي آکِين، سَندو ڪَوڙ ڪَٽيون،
اِنَ ڳهوڙَنِ هنئي ڳهٽيون، دوسَنِنا ڏور ڪيون.

( ١٠ )

تو جو پانيو هار، سو سُورَنِ جو سڳڙو،
چنيسرَ چِتَ ڪَٽيِ، تيو پورِهيتِ جو ٻار،
آوَٽِ جو آچارَ، ڪانڌَ ڪهين سين م ڪري.

( ١١ )

نه ڪِينْ ٻانيڙِينِ ۾، نه ڪِينْ ڳِرِ هيوم،
نه مون سِيندِ، نه مُرسُون، نه سينگارَ ڪيوم،
تيلانهن ڪانڌَ منَدوم، رَڪوئي ري ڳِڙي.

( ١٢ )

سونا ڪَرَ ڪَنِن ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهونا ٻاهنِ ۾، سينڌ سَٽيا وار،
تيلانهن ٻِي ٻچار، ڪانڌَ مَنهنجي چَڏِيي.

( ١٣ )

چنيسر جي چت ۾، ڪين جو آڳ هئو،

تهان پوءِ ٿيو، مٿي تي ٿي مامرو.

( ١٤ )

جڙ هاريو ٿي جڪري، جڏهن رنو ڏيريدار،

ڏولي تڏهن ڏيليين؛ سوڍي، ٿئي نہ سار،

چنيسر پتار، حيلو ڪيو هار جو.

( ١٥ )

آءُ ڏمريو ڏس، حيلو هونهئين هار جو،

سٿهو، سڀ سرتيون، ور نہ ڪهين وس،

دعوي ڀهرئين ڏس، پڇيو ٿو پورا ڪري.

( ١٦ )

ڀوچا ڏنم ڀير، ڏکن مٿي ڏول جا،

مون پانئيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو ورتري.

( ١٧ )

سوڙبين سترباءَ، پڪو سهو ولاريو،

چنيسر ڪانڌاءَ، تان مون هئن نہ پانئيو.

( ١٨ )

ڏولا ڪڄاڙيان، ٻولائيو ٻوڏ چئين،
آئون تو پيرالديان، ڪر موڙيو، ورا آئيان.

( ١٩ )

نئون، ٻڌيون، روءِ، آڳن جهوڪيو ڪرهو،
ڪو چنيسر چوءِ: ته ليلا وڃي لڏيو.

وائي

آءُ، پرين، گهر پيهي، ميان چنيسر!
هار هٿان مون ڇڏيو.
پڇن ليلا، هو ڪن حيلا، ٻهران آچيو ٻيٺي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
دوس ليائون داسڙو، ويساهي ور ويهي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
آوڳڻ، عيب، مٺائيون، ڏولا، ڏيڪ سيٺي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
تو در آچي، داسڙا، آر ڪريندين ڪيهي؟
هار هٿان مون ڇڏيو.

# داستان پيو

( ١ )

ٽڙڪي، ٻسي ٽوڪ؛ ٽوڪي، تڪبر ۾ ٻٽي،
آچيو آچيو، "آڳلي"، ڇٽي ليلا کي لوڪ،
آندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو وچاريءَ وسري.

( ٢ )

جيڪس ڪم سندام، جوٺا ڏٺا جيڏيين،
ڪلن سڀ مٽام، ماهيڙيون ۽ سرتيون.

( ٣ )

هئينءَ نہ گهٽون هشيار، ڪل پ هيئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڪچي هاٿي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نہ وٺي، سئين پٽين سينگار،
وهم لهي وينجهار، ڏليون ٻرکي داسڙو.

( ٤ )

چان کي چڙهنديس ڪٽ تي، ريجهائينديس راڻ،
اهڙوٺي الله، جو ٻوريتون ٻٽش ڪري.

( ٥ )

ڏاهي هيءِ ڏيھ ۾، سرتين منجھ سڃاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جئن منهن متاهون نہ ڪڍان.

( ٦ )

آلا، ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

( ٧ )

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتيين،
هٿ چهن هار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياس،
ڏولي ڏيلياس، آيم ڏئون ڏهاڪ جو!

( ٨ )

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڏهلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پڇياس،
ڏولي ڏيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيھ ۾.

( ٩ )

هيس هندورن ۾، پيم ڪانہ پروڙ،
مٿيي سندي مامري، ڪوجهي وڌيس ڪوڙ،
سامهان ٿيم سور، ويو ولڙي ولهو.

( ١٠ )

ڏَهاڳَان مُهاڳِيُون، ڪِهڙِي ڏوهِ ڪَنِن،
وَرُ وِڏُوَٽُون اِينهَئِين، جِئَن جِئَن پاڻ پَسَن.

( ١١ )

گهوريو سو مُهاڳُ، جِنهن ۾ پَسين پاڻ کي!
ڏوري لَهَه ڏُهاڳُ، جِنهن ڪَرلاهو داسڙو.

( ١٢ )

مارِج مَيِيئي، لِيلا، لَکَڻ پانهنجا،
وَرُ سين وِڙهيو آئِيين، ڏورايا ڏِيئي،
نَہ جاڻان ڪِيهِي، چنيسر جي چِت ۾.

( ١٣ )

چئي چنيسرَ چامَ سين، لِيلا، لَکايوءِ،
تو جو پانيو پانهنجو، تنهنجو هُرو ڪونہ پيوءِ،
ڪُونِرُوءِ ڪانڌ مَندوءِ، دَستِ ڪيو داسڙو.

( ١٤ )

لِيلا، جِمَ لَکائِيين، چئي چنيسر ساڻ،
وَرُ سين وِڙهيو آئِيين، موڙهِي! مَنِئِي پاڻ،
پوري، ڪَيئي پاڻ؛ تِي آيئِي ڏُنُون ڏهاڳُ جو

( ١٥ )

لِيلا، جَرَ لَڪائِيين، سو ڀِي، ماڻ مَجاڻ،
آهِين کهٽون آڇاڻ، مَڃِڻ پوري نہ پَئين.

( ١٦ )

لِيلا، پوري نہ پَئين، چَئِي چَنيسَر ساڻ،
تو جو پانيو پاڻهنجو، سو رِيساڻو راڄاڻ،
ٻاٽان ڌار پِرِياڻ، ڪانڌَ ڪِنهنجو نہ وَٽِي.

( ١٧ )

چَئِي چَنيسَر چامَ مين، لِيلا، تون مَ لَڪاءِ،
دوسِ تَنهِنجو داسڙو، ڪانڌِ وَڏِيائِي ڪاءِ،
تہ ڍِولو ڍَڪ سَندِياءِ، عيبَن کي آڏو پَئِي.

( ١٨ )

چَئِي چَنيسَر چامَ مين، لِيلا! لَڪاءِ مَ تون،
اِيَ ڪانڌَ ڪِنهنجو نہ ٿِئِي، نَہ ڪا مون نہ تون،
روُنديون ڏِليون مون، اِنَ دَرَ مَٿِي دادَليون.

( ١٩ )

ليلا ڇيلا ڇڏ، جي تون سو پِي سڪيِن،
پائي پاند پڇيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ گڏ،
هڏ نہ ڇوندءِ لڏ، جي ڪارون آئين ڪاند ڪي.

( ٢٠ )

جي ڪارون آئين ڪاند ڪي، تہ روئي ريجهائيج،
ليلا، ليلائيج، آئي ماڪ منٿ جو.

( ٢١ )

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسر م لاهيج، سڄڻ سپاجها گهڻون.

وائي

مون تي وهر وري، وارو ڏيندم ولهو.
توکي ماري، سپرين، آئون پونديس ماڪ مري،
وارو ڏيندم ولهو.
توکي سري سپرين، آسان تان نہ سري،
وارو ڏيندم ولهو.
آسان توري نساهہ ڪا، ڪجهاندر ڪري،
وارو ڏيندم ولهو.

## داستان ٽيون

( ١ )

چنيسر مين چاڳ، مَتان ڪا منڌ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، تہ هي نہ ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سکهو ڏئي سهاڳڻين.

( ٢ )

چنيسر مين چاءُ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهين جو نہ وٺي، ڪيرب ۽ ڪاءُ،
جي ٽڙي ٽورڙياءِ، تہ دوس ڏسائي دامڙو.

( ٣ )

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڪڇيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڍول تنين جي ڍار، هيناهيون هلن جي.

( ٤ )

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڪڇيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيانون وس،
ڍول تنين جي ڪس، هيناهيون هلڻ جي.

( ٥ )

سيپئي سھاڳڻيون، سيئي مُنھن جڙاءُ،
سيڪنھن پانيو پاڻ کي، ايندو مون ڪِرِ راءُ،
پينو تنِ دراءُ، جي ھيسي پاڻ لڄائيون.

( ٦ )

آوڳڻ ڪري آھار، تو دَرِ آيس، داسڙا!
جڻ تو رسڻ سنديون روح ۾، تڻ مون پيٽي ناهِ، پتارا
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون منھنجيون.

( ٧ )

جي مون موڙهي متِ، تہ پاڻ سڃاڻج، سپرين!
اَصلِ آواڻِ جا، عيب ڏڪيين تون آت،
اِي، ٻرا تنھنجِي ٻتِ، جڻ ولهيون ڏڪيين، ولها!

( ٨ )

لڪن ڪيم لڪيج، جي موراھين ناہ مون،
مون کي ملھائيج، وارو ڏيئي، ولها!

( ٩ )

تان ڪا وائي وار، دِلامي جي، داسڙا،
تون منھنجو ولھو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏڪي، ڏول! گذار، لڄ منھنجي لوڪ ۾.

( ١٠ )

ڍولا! ڏيلِ ۾ مون، ڪانڌا ڪميٺي آهيان،
سڪ تنهنجيءَ، سپرين! پيري وڌيس پون،
مون ور تونهين تون، تو، ور وهون ڪيترِيون.

( ١١ )

تو، ورا وهون ڪيترِيون، مون ور تون وريجِ،
سو پيي اِن مهاڳ کي، پوري، پر ۾ ڏيجِ،
پرتان پير پريجِ، ملهائج مِسڪين کي.

( ١٢ )

ڪوڙئين تنهنجيون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مون کي چڏ ۾ دامڙا، تہ وڃان نہ وِٽواند،
مون ڪِڇيءَ ۾ هاند، تو چنيسر! هٿ ۾.

( ١٣ )

ڍولا! اولا نہ سهان، آڏا آڏيٺي جي،
تو، ورا وهون ڪيترِيون، مون ور تون وري،
پرتان پير پري، ملهائج مِسڪين کي.

( ١٤ )

ناتو نمائيءَ سين، م ڪرِ ڏول ڏِلو،
ڪونهي ڪميٽيءَ جو، بِڪرُ تو بِلو،
تنهنجو نام نِلو، وٺيو ويٺي آهيان.

( ١٥ )

لِيلا، لَڄَ م ايترو، اِئي آڳَهِ سورِ،
آبو ڏاڏو کهورِ، پاڻ سوڌو ٻرينءَ تان.

( ١٦ )

لِيلا، لَڄَ م ايترو، اِئي، سورِ ٻهارِ،
ڏوليو آڳهِ ٻارِ، ڪانڌ ڪميٽيءَ آئيو.

## وائي

جِيري زِيارَت، جي مان هوءِ ٻرينِ سين!
سَڌَر منهنجا سپرين! مون تان لاهِ م هَٿ،
جي مان هوءِ ٻرينِ سين!
مَولا! مون کي ميڙِبين، سپرِيان جي سَٿ!
جي مان هوءِ ٻرينِ سين!

چَنڊِيان ڪَہ آڪِيوِ سِينِ، پِرِين وِجهان هَٿَ،

جي مان هوءِ پِرِينِ سِينِ!

ڏُوران ڏِنَمِ سَپِرِينَ، سَچِي جَنِ صِفَتَ،

جي مان هوءِ پِرِينِ سِينِ!

مِلَڻَ ۾ مَشتاقِ سِينِ، ڪانَ ڪِيائُون ڪَٿَ،

جي مان هوءِ پِرِينِ سِينِ!

# مومل راڻو

## داستان پهريون

(۱)

ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
ساميءَ سيلو سر تي، مالها موچاري،
ڏيئي ڏيکاري، ٿئي دل فقير ويو.

(۲)

ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي، چهرو ماهه منير،
فيض، فراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو.

(۳)

ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي، پهر سج ڪان پوءِ،
پسيو سونهن ساميءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو منهن مومل جي پوءِ، موٽڻ تنهن مس ٿئي.

(۴)

ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي، بابو بان بري،
سائي سال ڪلهن ۾، ساميءَ سون سري،
خبر ڏي ڪري، ڪا مومل جي مجاز جي.

( ٥ )

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت،
سريو سون سڪوت، جوڳيءَ سنديءَ ذات ڪان.

( ٦ )

بيکاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڪالهيون ڪندي ڪاڪِ جيون، ڳوڙها پس ڳڙي،
ڪا جا آنگ آڙي، جِنِ چِتا ڦَٽ چڙي پيا.

( ٧ )

سِڄ اڀرندي جا ڪري، ساميءَ سائي روهہ
آڇي تِي عطر جي، منجهان مڪٽ بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جِتان لاهوتي لال ٿيو.

( ٨ )

سِڄ اڀرندي جا ڪري، ساميءَ سائي ونڪ،
سهي نہ سگهان سات سِئن، تِنهن جي راسِ جي رونق،
ڪِ رتائين لاک ۾، ڪِ ڏنائين هانن ٻڪ،
سنديءَ سوڌِل سِڪ، ڪپڙ ڪهو ون جهليون.

( ۹ )

جو ڪِيءَ تي جڙاءُ، نِسوروئي نينهن جو،
پَتنگ جِتَن پيدا ٿيو، سامِي سِج وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءَ، ڪَنڌارنِ ڪڪورِيو.

( ۱۰ )

آءَ، لانڪوٽيا لال! ڪِنهن پرِ ڏٺي ڳجريون،
آبَ آرتو آ ڪِين، لڙڪ وهائيين لالَ،
ڏِٺي جي جمالَ، سامي، ڪَهه نه ستلائيين.

( ۱۱ )

آئون آتاهين آئيو، جِتِ ٻي جي ناهِ مجالَ،
مومَل جيءَ ماڙيءَ کي، طرح طرح جا تالَ،
لَڪ مارايو لال، موٽيو آچان مينڌرا.

( ۱۲ )

”ڳجرِ کي ڳجميل جيونَ، تارنِ ۾ تبرونَ،
هٿي حاڪمن کي، زور پريون زبرونَ،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تبرونَ، پسو پرڏيهينِ جيونَ!“

( ۱۳ )

”گجر گاروڙين، آڇو آڏي آپي،

مٿان پيئي تن، ٻڌا ٻاڻ هٿن جي.“

( ۱۴ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ الماس،

نہ ڪا عام نہ خاص، جي وِيا سي وِڍِيا.“

( ۱۵ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ آنبور،

هٿي حاڪمن کي، ٻڌ نهاري ٻور،

کهوٽ ڀرين کهور، جي وِيا سي وِڍِيا.“

( ۱۶ )

”مومل ماري مير، آهيڙين کي آکري،

سوديءَ گهٽا سڪائيا، پڙهيا، پٽت، پير،

هٿي تن کي تير، مٽيون جن مٿن ۾.“

( ۱۷ )

سيني سمن ڪاڪ تي، راڻن حميرن،

هٿان آيو ڪونہ ڪو، هٿان لک وڃن،

ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نہ ڪيو.

## وائي

تان تون وه منبهي، سائي ميان! پانڌي ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڌهين؟
لڪين لڏائيان مٽي، متي وات ويا تي، ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڌهين؟
جنهن کي پڇان، سوچوي: "آئيو ڪونه آتان ٿي، ميان!"
ڪاڪ هلبو ڪڌهين؟
ڪوڻائو ڪريم جو، آئيو پهي ۾ ريان ٿي، ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڌهين؟
حڪم ڏيندءِ هٿ ۾: "هاڻي هل هتان ٿي، ميان!"
ڪاڪ هلبو ڪڌهين؟

## داستان پيو

( ١ )

جوڳيءَ جا ڳائي، ماري، وڏو مامري،
لڏون لڏائي ڪنڌين، آميو آهي،
وڃو جي ڪاهي، ته نوڪون پسو نينهن جيون.

( ۲ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّبن، جتي نينهن اُچل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو ٻسي ٻرينءَ کي.

( ۳ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّبن، جتي نينهن ٻچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا ٻسي ٻرينءَ کي.

( ۴ )

هلو هلو ڪاڪ ترِّبن، جتي گهڙجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو ٻسي ٻرينءَ کي.

( ۵ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّبن، چرو جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن، پانوڙيءَ ٻڪ سين.

( ۶ )

ڪرها! ڪارڻ ڪاهہ، توکي ڏئين ڏاريو،
ساري ڏيج، سيد چئي، لڏائي تان لاهہ،
مقابلو مومل سين، ٿيندو منجهہ صباح،
سودي جيءَ صلاح، ڪوڙ چرنديں ڪاڪ جا.

( ٧ )

آکون، ڏاکون، سرڪنڊ شاخون، جت چوڪا چندن ڪؤنر،
ميي ميٺي ماليا، جت ا، پرن پؤنر،
ڪنڌاريون ۾ ڪؤنر، ڪاهِ تہ ھمون ڪاڪ جا.

( ٨ )

نِنڊو، تان ڪوهُ، پر وِڪين آهي وِترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس هڪيءَ جمن پوءِ،
اِن ڪر سندو ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي.

( ٩ )

ڪرها! ڪاڪ چڙهي، وڻءَ وٺائون نڪري،
لڏاٺان لطيف چئي، آيو ڪونہ وري،
گهٽا ات گهڙي، وَبَ وساري هليا.

( ١٠ )

چڙهيا چارئي يار، سوڍا شڪاري،
فڪر ساڻ ڦٽي ڪي، سوڍي سوباري،
وِيا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري،
مونيا نہ ماري، ڪؤنر لتاڙي ڪاڪ جا.

( ١١ )

ڪاهي آئيا ڪاڪ تي، ڏنائون ناتر،
گهوٽنِ وسريا گهرَ، گهور ٻهرئين گهائيا.

## وائي

راڻا جي رجپوت، سومل سهي ٻسندا،
ٻڙهيا، ٻٽ، پير، توڻي مير، همير، مرندا،
سومل سهي ٻسندا.
مڄي رضا رب جي، هتان سڀ هلندا،
سومل سهي ٻسندا.
ڪلمي ساڻ لڏائيين، هادي! هن هنڌا.
سومل سهي ٻسندا.
سهڪي سڪرات ڪرين، والي! وير وداع،
سومل سهي ٻسندا.
آهڪيءَ وير آچيج تون، آتي، آحمدا!!
سومل سهي ٻسندا.
متان ڇڏيين مڳٺو، مهندان، مرشدا!!
سومل سهي پسندا.

”ڪلُ نفسٍ ذائقة الموت،“ سچي اِي ءُ صدا،
مومل سڀ پسندا.
اصل لکيو آنگ ۾، ٿيندو تان پ ادا،
مومل سڀ پسندا.

## داستان ٽيون

(١)

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوتا تيل چنبيليا، ها ها! هو، هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن آچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ آڪر نہ اچهي.

(٢)

جهڙا پاڻي ۾ ان، تهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻون مشڪ سين، چوٽا ماڻ چندن،
سونهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين، لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من: ”سودي سين سڳ ٿيو.“

( ٣ )

سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،
آگر اوطاقن ۾، ڪٿوريون ڪَنِ،
اوتيائون عبير جا، مٿي طاق ترڻ،
ڀانئن ڀيلون ڀڏيون، ڀسيو سونهن سڙن،
ٿيا لاهوتي، لطيف چئي، ڀسڻ لڳي ڀرينِ،
اڃهي نا آڇن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

( ٤ )

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لڳي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، مٿي ڀي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏائيا لوڏي ٿيا.

( ٥ )

لڏائيان لوڏي ٿيا، وتن منجھ وصال،
آڇ آرتو آڪيين، ڪڪ پيتائون ڪالھ،
ويٺي ويچارن وسري، سيان جي سنڀال،
ڀري ڪان ڀاسي ٿيا، ماموين مثال،
جانب جي جمال، رڱي، هس، رينو ڪيا.

( ٦ )

رچي جي رينو ٿيا، ڪين، آپائجن اوءِ،
ڪنب نہ ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توڻي ڏوهي ڏوءِ، تہ لالي تهين نہ لهي.

( ٧ )

جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
آچن پؤنر پنيوليا، هاڻيءَ تنهين هون،
راول رتو رون، ڪو وه لڳو واسئين.

( ٨ )

جت راياڻين راڻي کي، چندن چڪ ڪري،
هاڻي انهين پيٽيين، وره وراڪا ڏي،
سودو سچ ڪري، مومل ماري هليو!

( ٩ )

گجر گهٽا گهانئيا، پاٽا لڳس گهاءُ،
ميندري ملاءُ، لڳس ڪان ڪپار ۾.

( ١٠ )

روءِ راڻي جي ناه ڪي، سودو سوائي،
لڏاڻيان، لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ڀي وائي، نيو مڙوئي ميندرو.

( ١١ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سِپِنِ سولهن،
لاٿائين، لطيف چئي، مٿان دِلين ڏونهن،
ڪانهي ٻِي ورونهن، نيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٢ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍا ٻيا پ سڄاڻ،
لسورياڻي نينهن جي، ڪسيائين ڪمان،
ڇڏي ويا ڇوهه، ڏعوائون ڏيوان،
ٻِي رهيائي ڪان، نيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٣ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻان ويا هئي،
لوڏيڙن، لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي،
سومل ماڪ رهي، نيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٤ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻان ويا پري،
تِن کي ناتر ڪوهه ڪري، جي لڏائيان لنگهي ويا.

( ١٥ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
پائن ۽ پانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻجهن،
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.

( ١٦ )

ويرو تار وصال ۾، گهورڻ گهايا جي،
تن ڪاڪ اوريائين ڇڏي، وڃي پيا پري،
تن ناتر ڪين ڪري، مومل سڪي جن ڪي.

( ١٧ )

اهڙيون اوريان ڇڏي، ويا لاهوتي لڪ،
پايو ٻنين وينيون، ڪاڪ ڏجائيون ڪک،
پيئي اي پرک: تہ سوڍيون سجهائي ويا.

( ١٨ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
سوڍيون سجهائي ويا، هڙا جنهين حال،
جي چورين ڏنا چال، تپ لاهوتي لنگهي ويا.

( ١٩ )

توڙي ناهِ نَصيب ۾، مومل ميندرو،
ٻوندءِ، جِم ڀاهين وَرين، منجهان پِرتِ ٻرو،
راڻي لِءِ ٻرو، وهَ طعني مين واڪجي.

( ٢٠ )

مومَل ناهي ميندرو، توڙي مَنجهِ نَصيب،
مون کي، مون حَبيب، طعنو ٿي تنهِنجو.

( ٢١ )

آئون طعني سوڌي تنهِنجي، تون طعنو ٿي مون،
سو کي سِريوسون، جو سرِتيون ڪِنهن نہ سريو.

( ٢٢ )

سڀِي طعنو تنهنجو، حال وِجايم حق،
لَکين لوڌي آئيا، سوڌي لا ڻمِ شڪ،
ڏِنم ڪاڪِ ڪهڪ، سِکهو مونجِ، سِپرين!

( ٢٣ )

ڪڪوري ڪاڪ وَهي، راڻا! ٻانءِ م رتَ،
سوڌا! اِي شربت، نِسوروئي نِينهن جو.

## وائي

مينڌرا! مون کي، راڻا! جم وساري ڇڏيين!
مون کي طعنا تنهنجا، ڏهه مڙوئي ڏي،
جم وساري ڇڏيين!
راڻي تي ريس ڪئي، ڪر مين ڪليم جي،
جم وساري ڇڏيين!

## داستان چوٿون

(١)

ڏت م وڃج ڏول، ڪاڪياري ڪاڪ ڪري!
آئون آکيين آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻول،
توکي ساري سپرين، رنم منجهه رتول،
ڪانا ۾ ڪول، وسي، مون وه ٿيا.

(٢)

جي هتا ڪوڙيا ڪاڪ جا، ستا سي سونهن،
لڏائان، لطيف چئي، لڏيو لوڏيرن،
سي موٽي مس آچن، جي آتڻ آرامي ٿيا.

( ٣ )

لَڏائُنان، لطيف چئي، ڪَنُون ڪَنيائُون،
جِنِّي جيلا هَليا، مومل مارِيائُون،
پيرو پِڪائُون، آئڻ آرامي ٿيا.

( ٤ )

پيرو پَچ م ڪاڙِي، لاهي وِهُ م لاڪَ،
تان مون هيڻڙو ماڪَ، جان تون جوڳِي جوءِ ۾.

( ٥ )

سودي سِر نيو، هِتِ ڪَرلکهر سڪڻو،
راڻي جِيءُ رِهاڻِ ڪَي، سِڪي ساهه پيو،
پُسان ڪين پِيو، تو ري آڪڙِين سين.

( ٦ )

سودي مُنهنجي ساهه سين، جيڏيون جِنَ ڪيو!
ڪڙِي مون ڪاڪِ ٿي، آتڻ وِسريو،
پُسان ڪين پِيو، تو ري آڪڙِين سين.

( ٧ )

جيڏيون مُنهنجي جِيءُ سين، راڻي رِڻَ ڪيو،
قَلبَ ڪاڪَ ڪِنڏين ۾، پرزا ٿِي پِيو،
پُجهان، پُهرِ وِيو، هيڻُون هنڌ نہ آڪِيين.

( ٨ )

راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
من مينڌري وڍيو، ڏهي ڏڙ پيو،
ڄڃهان، ڀِر ويو، هينئون هنڌ نه هيڪڙي.

( ٩ )

راڻا! نه چاڙان، ڪئن وڏوئين ولها،
آچي ڪاڪ ڪنڌن ۾، ڄرچي ڏي پاڻان،
مينڌرا! ماڻان، تو ري ڪنديس ڪن سين.

( ١٠ )

رڻان تي راڻا، هنڌ نهاريو حجرا،
پيئي ڪه ڪئن تي، ڻيا پلنگ پراڻا،
ڏريائي ڏوڙا ڻيا، ور ريءَ وهاڻا،
جايون، گل، جبات، وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا،
مينڌرا! ماڻا، تو ريءَ ڪنديس ڪن سين.

( ١١ )

ميان مينڌرا موٽ، بخش ڪر ٻچائيون،
تون ڪهڻ جو کهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

( ١٢ )

جئن ايندي مونئين، مينڌرا، وڏي جاڙ ڪئاءِ،
ورئون نہ هوءِ، ولها! هوند جنهي، مون جاڳاءِ؛
تہ مٿي جي ساڃاءِ، سوڍا! سکهيائي ٿيئي.

( ١٣ )

جڳ جيهين چوءِ، سوڍو تئن نہ سکيو،
راڻو تئن نہ روءِ، ڪوڙهو جئن ڪل ڪري.

( ١٤ )

سهسين جئان سکن، تئان مومل موڻ لکيو،
مي هنهين جاڙ جن، جي ڪوڙي ڪاغذ آئيون.

( ١٥ )

ويئي نت نهاريان، راڻا تنهنجي راهہ،
مڙئي ماڪن ۾، آئيندءِ آللہ،
سوڍا! تڙڪر ساهہ، ذات راڻا ڳهڻا راڄ ۾.

( ١٦ )

راڻي منڌو روح ۾، پسو پڳهہ، پيوم،
پيڙيءَ جئن پڏي ويو، سوڍو ساهہ سندوم،
وهن وہ نيوم، جاڳيو تي، جر هاريان.

( ١٧ )

تن باغنئون بس، جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،

سوڍي ري سرتيون، ڪاڪ نہ اچي ڪس،

راڻي پاڻي رس، تن ٻيڙيءَ جئن تاڻيو.

( ١٨ )

لوڻيس لڏائي، پسو، جو ٻرين ري،

جيڏيون جيهائي ڪئي، رات رسي راڻي،

هلبو هائي، وبراڻ ڪاڪ وه ٿيي.

وائي

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟ سون ڪي سوڍو سجهہ نہ ڏي.

راڻو رات رسي ويو، ڪر ٿي ڪل متي،

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

آچيو آتڻ واريون، طعنا ڏيندڙ تي،

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

ٻتر وار وڃائيان، ريجهي راڻي ڪي،

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

ڪارايان ڪيرو ليون، چاريان چانگي ڪي،

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

## داستان پنجون

( ١ )

شمع ٻاريندي شب، پرہ ٻاکون ڪڍيون،
موٽ، مران ٿي ميندڙا، راتا ڪارڻ رب،
تنھنجي تاتِ طلب، ڪانگ اڏاير ڪاڪ جا.

( ٢ )

آيي اُياريام، نڪت سڀ لٿي وِيا،
هڪ ميو، ٻيو ميندڙو، رات سڄي ساريام،
ڳوڙها ڳلِ ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون.

( ٣ )

ڏيا تيل قليل جا، ٻارِيم تائين ٻالڪ،
ڍولو ڏِٺ رھائيو، ڪنھن سٽائي سانگ
چانگي چڙهي آءُ تون، لال ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايام، آڇيج تون.

( ٤ )

موٽ ميءُ جا ولھا، لال ورائي لانگ،
ڏيا تيل قليل جا، ٻارِيم تائين ٻالڪ،
ٿهسين ڇپير سانگ، جي سودو آڇي مان ڳري.

( ٥ )

وٽ سوريندي، ولهار، وِهه تيل ٻري،
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي.
راڻي لاءِ رڙي، ويٺي وِهامي راتڙي.

( ٦ )

ڪتين ڪر موڙيا، نيڙو آيا نيٺي،
راڻو رات نہ آئيو، ويل ٽري ويٺي،
ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي، جا ٻرين ري ويٺي،
مون کي ڏنؤن ڏيٺي، وڃي ڍولو ڍٽ ترارِيو.

( ٧ )

سوڍي ڌاران سرتيون، پيو پٽن ۾ پنگ،
آباڻجي آڄ ويو، راڻا تو ري رنگ،
هيئنئين سان هاجو ٿيو، پيو اوسيڙي آنگ،
مون توهي مين سنگ؛ پچايو پچان ٻهي.

( ٨ )

مٻي کي ؛ مينڌري، ڏني ٽيڙم ڏيتهن،
هاٿي ڪريان ڪٺن، ويٺي کوڙها ڪاڙيان.

( ٩ )

توکي معلوم مُنھنجيون، سودا! سيٺيءِ،
آڳانديءَ آرواح کي، آهين آهوڻي،
وِھڪ مون ويٺيءِ، ڀڄايو ڀڄان ڀِھي.

( ١٠ )

ڏاڍي کھٽا آهن، مَن سودي وِنڪسيو،
ڪا جا لائي مينڌري، لالي کي لِڳن،
راڻو آکڙينِ، وِساريان، نہ وِسري.

( ١١ )

راڻو ڪا رات وِيو، ڪُجھي ڳالھہ ڪري،
سودي ريءَ سرتيون، ھڏِ نہ ساھہ سري،
وڃي، مانَ وِري، آسائتي آهيان.

( ١٢ )

سودي مَتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالھہ ڪئي،
سا جي ھڏر ھوءِ، تہ، سرتيون ڪانہ سمھي.

( ١٣ )

راڻا! تنھنجي راھہ تي، ڏيھاڻي ڏِسڪان،
راڻي جي رِھاڻ جيون، روح آندرِ ريڪان،
محبت جيون ميڪان، تو سين، لال لپيٽيون.

( ١٤ )

آءٌ، راڻا راحت، ڏاج ڏرتيءَ جا ڏٺيا

سڪن نيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سٽ،

مون تان لاهِ م هٽ، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا.

وائي

ميو تون موٽاءِ، مون روندي رات وهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

گهر مهارا گهوريان، سرهو مون نہ سهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

ڪاڪئان وڃن ڪيڏهين، راڻا تو نہ رهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

سَرِ ساهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

سوڍا! مڪيالي ٿيان، هير هرچي هاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

آسائتيءَ کي، عبداللطيف چئي، مؤلا! محب ملاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

## داستان ڇهون

( ١ )

راڻا! رَمَڻ ڇڏِ، وارِ ڪَرهو ڪاڪ تي،
حَبُ هِينئِين مِين گَڏِ، تہ وَڃنِ سورَ سَنڌيون ڪيو.

( ٢ )

راڻو راتِ رَسِي وِيو، مارِيس تَنهِن مَذڪُور،
جانِبَ جُدائِيءَ جا، ٻَلِپَل ٻَونِ ٻورَ،
وِهنَ مون. وه ٿيو، وَڃان ٿِي وَهلورَ،
آندرِ آڳيون لائيون، سوڍا تنهنجي سورَ،
طَعنا ڏِينم تورَ، آءَ تہ پُرچون پاڻَ ۾.

( ٣ )

نَہ وارِثُ نَہ وَلهو، نَہ سَڳُ، نَہ سِياڪو،
تو پِڇاڻان سُپِرِين، آيِم اولاڪو،
پانڌِيا! پاراهو، ڏِجان ڍاٽِيءَ ڍِولَ کي.

( ٤ )

حان ڍاٽِيءَ ڍولَ کي، سنيهو ساري،
مون کي ڦَٽُ فِراق جو، مَينڌرا ماري،
آچِين جي واري، ڪَرهو ڪِميٽِيءَ تي!

( ٥ )

ڪَرهو ڪميٺيءَ تي، سودا وار، سڄاڻ!
ڪهه ڪرهان ڪاڪ کي، تن تونهين ڏي تاڻ،
لاهي غير گماڻ، آڱڻ آءَ آڪنڊيين.

( ٦ )

آڱڻ آءَ آڪنڊيين، پرچي، پيارا!
پلڪ پراهون نہ، سهٿين، جيءَ جا جيارا!
نيهان نيزارا، سچ، تہ مان سور لهي.

( ٧ )

سچ تہ مان سور لهي، آکيون پري پاجهہ،
راڻي جيءَ رهاڻ کي، ويٺي وجهان واجهہ،
سودا! لهي ساجهہ، پس توشڪون، تڪيا.

( ٨ )

پس توشڪون، تڪيا، سيٺي وهاڻا،
پسيو هنڌ، پچي هيٺئون، جي حبيبن هاڻا،
هڪ ڏنگا ڏاڏاڻا، پيو مونيو تان نہ ميندڙو.

( ٩ )

ڪَري موٽ مَينڌ رو، جي لَڏائيان لال،
گهَرَ مِڙوئي گهوريان، هُوندَ پَنهنجو حالَ،
راڻي ڏاران راڄ ۾، مون نَہ گهَرجي مال،
سوڍي ڪي سَوالَ، ڪَريان ٿي قُربَ جو.

( ١٠ )

سوڍا! سَور سَڪائيون، آڪيون آبَ نَہ ڪَن،
راڻي جيءَ رِهاڻِ ڪي، وِرونيون وڃن،
مي ڪِئن، مَينڌرا مڇن، جي تو سَوريءَ چاڙهيون.

( ١١ )

لوڏي لَڪَ آچن، رُوءَ راڻي جي ناهِ ڪو،
هِڪَ آڪيون، پيا آڱرا، پر ۾ ٿا پچن،
مي ڪِئن، مَينڌرا مڇن، جي تو سَوريءَ چاڙهيون.

( ١٢ )

مُومَلَ وِيئي مَينڌ رو، سَدائين ساري،
وَليون واس وَرِنيون، چانگي ڪي چاري،
جَڏهن تَڏهن جيڏيون، ايندمِ اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪَندِس ڪُجهه جيون.

( ١٣ )

سوڍا تنهنجي سور، آندر آکيون لائيون،
راڻا رهاڻين جا، مارينم مذڪور،
طعنا ڏينم تور، آءُ، تہ پرچون هاڻ پر.

( ١٤ )

راڻا رهاڻيون، سوڍا ويئي ساريان،
سهسين سڄ اُلٿا، راتيون وهاڻيون،
ڪوڙيين مون ڪاٽيون، ڍولا ڏکي آءُ تون.

( ١٥ )

مون گهر اچي جي ٿئي، مينڌرو مهماڻ،
آئي جهوڪيان آڪ پر، جيري وجهان جاڻ،
تاڻي تنورن پر، پيري هٿان پاڻ،
پيڪن سوڍو هاڻ، گهر ترڙ گهوريان پر تان.

( ١٦ )

اَڄ نہ ڪالهائون، هون ڏيهاڻي نجهري،
پسو، پہ پيون، آئڻ سچو آن ري.

( ١٧ )

آچ نہ ھسان سي، آتڻ ڪتر جن سين،
ھاڻي تنين کي، ڪنڌيءَ ڪاڪ نھاريان.

( ١٨ )

تون ڏاڻي، ڏت ڏني، ڏولا تنھنجو ڏت،
ھاڻي تراڙي توريان، تہ ملڪ نہ تنھنجو مٽ،
لاھي ڪسر، ڪٽ، آڇي ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

( ١٩ )

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا، ويھہ رھي،
ماڙھو جي محلات جا، سودا، ڪج سھي،
ويندي ڳالھہ وھي، وڪر ھوندين ولھا!

وائي

نيڻي نيڻي ڏيج، اي آدا، ھاڻي،
ساڻي، ھرينءَ سنيھو.
ھيرين وڃي ھتڙا، زاريون زور ڪريج،
ساڻي، ھرينءَ سنيھو.
ڪالھہ ڪوماڻا ڳلڙا، سڪا متي سيج،
ساڻي، ھرينءَ سنيھو.

تو لَءِ هَنجُون هاريان، هي جي مَنجهان هيج،
سائِي، پِرِينءَ سَنيهو.

جي آن پِرو نہ ڪيو، تان موڻ مَٿي سَٽيج،
سائِي، پِرِينءَ سَنيهو.

نِمائِيءَ جي نِجهري، پَهچِي تون پِچيج،
سائِي، پِرِينءَ سَنيهو.

## داستان ستون

( ١ )

سَڱُ ڪَري سين سِپَن، ڪَنڌَ ۾ ڦيرج ڪيڏهين،
رِمج راڻي پٽ ۾، نِرتون مَنجهان نينهن،
اِنَ ۾ وَسِج عام تي، جن مومل وَسن سِينهن،
سَندي حشر ڏِينهن، سودو سارِيندين گهڻون.

( ٢ )

وَنيو وَڃِج واٽ، ڪَنڌَ ۾ ڦيرج ڪيڏهين،
لوڻي ڦير لَپاٽ، مَتان لڳئي لطيف چئي.

( ٣ )

ڪنڌ ۾ ڦيرچ ڪيڏھين، وٺيو وڃج راھ،
آڄ ڪي سنجھ صباح، نيئي ڏڙينده ڏوڙ ۾.

( ٤ )

جا ٻون ٻيربن مون، سا ٻون مٿي سڄڻين،
ڏک لٿا ڏوڙ ۾، آءُ ڏٺاسون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اٿي لوچ، لطيف چئي.

( ٥ )

ڀلا ٿيا ٻنڌ ڀيا، لڌيو لطيفن،
ھتان حبيبن، ڪونہ ڏکويو ڪڏھين.

( ٦ )

راڻو ڀانئين راند، وڃيو ٻيا ور رائين،
ور وڏوٽو ايھئين، جنن پر ٻجتوءِ ٻاند،
ھئي ڀڳيءَ ھيڪاند، سوڍو سارينديئين گهٽون.

( ٧ )

رس ۾ رسڻ گهوريو، پل ۾ پري واٽن،
پريم ٻسي ڪپالھيون، مدبون مون ھتان،
ڪميڻيءَ ڪنان، ٿين موراڻين مليون.

( ٨ )

رَسِ مَ، رَسَنَ کھوڙيو، آڻ اوراھون آڻ،
ليڙي جو، لَطيفُ چئي، تنگ سوارو تاڻ،
شرمنديون سپين پرين، پٽي لائج پاڻ،
آڇي مُشڪ ماڻ، تہ سوڍا سَکياڻي ٿيان.

( ٩ )

رَسِ مَ، رَسَنَ کھوڙيو، آڻ اوراھون چور،
توري ڪاڪ ڪڙي ٿيي، ساڻ سِرڪنڊ سوڙ،
آڇي چندنَ چوڙ، تہ سوڍا سَکياڻي ٿيان.

( ١٠ )

رَسِ مَ، رَسَنَ کھوڙيو، پرچ، مَ وانءُ پري،
ماريس مَٽ فِراق جي، جھت جي ذري،
لالن جي، لَطيفُ چئي، سونھائي سري،
آيس تو کري، تہ سوڍا، سَکياڻي ٿيان.

( ١١ )

رَسِ مَ، رَسَنَ کھوڙيو، راڻا چڏ رياءُ،
سيڻ مدايون، موٽ تون، ڪري نرت نياءُ،
لالن جو، لَطيفُ چئي، ڪولھي سونھن سياءُ،
آوڪن ڍڪي آءُ، تہ سوڍا سَکياڻي ٿيان.

( ١٢ )

رَسَ ۽ رَسَنَ گھورِيو، جِڏِ راڻا رِيڏائِي،
مُنھنجي ميٽ مينڌرا، عاقِل، آڪلائِي،
لِيِنَج، لَطِيفُ چئي، ڪامِل ڪَڇائِي،
ڪرِ مَعافَ مَدائِي، تہ سوڍا سُڪِيائِي ٿِيان.

( ١٣ )

ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ وِيا، جَلِي مُنھِنجِي جانَ،
رَکِي ڪامَ ڪٽِڪِيو، مارِيس تِنھن ڪَمانَ،
هَڏِ نہ جِيان هاڻَ، سِکھو مونجِ، سپرين!

( ١٤ )

ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ وِيا، پَرِيا مَحَلَ ساڳ،
سوڍِي جي، سَرَتيون! وِڌِيس وَہِ وِيراڳ،
سوزَنِ لائيا سانگ، سِکھو مونجِ، سپرين.

( ١٥ )

ڪاڪِ ڪَڙھِي وَڻَ وِيا، پَرِيا رَنگ رَتولَ،
تو پِڇاڻان، سپرين، هِينڙي آجِنِ هولَ،
جي مون سين ڪيئي قولَ، سي سِکھا ٻارِجِ سپرين.

( ١٦ )

ڪاڪ ڪڙهي ونءِ ويا، لونو لڏاڻو،

تو پڇاڻا، سپرين، آتڻ اڃهاڻو،

مين سپن ماڻو، مناسب نه مينڌرا.

( ١٧ )

حالي قربان، مال قربان، گهوريان لڏاڻو،

فدا ٿيءِ فقير جو، شل رسي م راڻو،

مين سين ماڻون، مناسب نه مينڌرا.

وائي

ڏور وڃيو، ڏينهن لائي، ڪا سوڌل ڪي سمجهائي،

جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڇه پئي.

چنا، منهن، ماڙيون، اوڏاهن آڏائي،

جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڇه پئي.

ميڙ منجان ٿيي، مينڌرا، تو ڏر تيلاهي،

جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڇه پئي.

منٿ منهنجي مينڌرو، سان م موٽائي،

جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڇه پئي.

قتيلِ مينهن فِراقَ جا، وِيٺي وِسائِي،
جيڏيون، منهنجي راتِلَ کي، ڪا ٻاجهه ٻُڌي.
سوڍا، سِرِ هڻِ کهوريان، آءٌ ڪَرهو ڪاڪِ وَرائِي!
جيڏيون، منهنجي راتِلَ کي، ڪا ٻاجهه ٻُڌي.

## داستان اٺون

( ١ )

ڪينَ ساڱاهيِرِ، سپرين، جاڙون ڪيم جالَ،
سوڍا، مون کي ڪالهه، موٽي منهن ۾ آئيون.

( ٢ )

ڪينَ ساڱاهيِرِ، سپرين، جاڙون ڪيم جِتِ،
سوڍا مون کي تِتِ، موٽي منهن ۾ آئيون.

( ٣ )

ڪينَ ساڱاهيِرِ سپرين، جاڙون ڪيمِ جي،
سوڍا مون کي سي، موٽي آئيون منهن ۾.

( ٤ )

خاموشي خبر جي، مومل ٿي مت،
صبر ڏيو سپت، منهنجي حقِ، ميندرا!

( ٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مومل مٿ نيو،
تو جو ڪالهه ڪيو، تنهن مڏيون ميڙي ڇڏيون.

( ٦ )

تو ۾ هڏيس ني، جي منهن ۾ مڏيون نه ڏيِن،
ڍولا، جي ڏڪيئي، سي مٿان عيب آهنين.

( ٧ )

جي منهن ۾ مڏيون نه ڏيِن، تو ۾ تي هڏياس،
سوڍا، اِن سهاڳ ڪي، وڃي واجهاياس،
ڍولي ڏڪيياس، ڏيئي هاند پناه جو.

( ٨ )

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اکهاڙي،
ڏيئي لڪ لاڙي، ڪڪر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ٩ )

ڍولي ڏڪي آهيان، هيس اکهاڙي آڳ،
جوڙي وڃان جڳ، ڪڪر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ١٠ )

ڏولي ڏکي آهيان، هيس اگهاڙي آنءُ،
وکي پنهنجو نانءُ، ککر کيائيم ڪاڪ جو.

( ١١ )

ککر کيائيم ڪاڪ جو، ڏيئي لاڙيءَ لِڪ،
هاٿي مٿي ڏک، چڙهيو ٿي، چاڪ ڪريان.

( ١٢ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مرڪ لڄاين،
چپ سين جي چون، آدب ڪجي آن جو.

( ١٣ )

سوڍا، صبر تنهنجو، لڄاين مرڪ،
نه ڪڇڻ سين نڪ، ريءَ وک راڻي وڌيو.

( ١٤ )

سوڍا، صبر تنهنجو، سين سيڪاري،
مومل جي واري، ڪه جاٽاڻ، ڪه ٿيو.

( ١٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، سيڪاري سهس،
ٻجي تنان پهس، مون کي نصيب نيئي جهليو.

( ١٦ )

سوڍا، صبر تنهنجي، ماڙهو ڪي مومل،
ڪپر منجهان ڪل، پيم پرين تنهنجي.

( ١٧ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مون کي نصيحت،
ويلا ڪنديس رت، ميندرا، تو مهندان.

( ١٨ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بيعقلن عقل،
آهي آلڪ أمل، مات تنهنجي ميندرا.

( ١٩ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بيعقل آئي باز،
سندي صبر ساز، توبهه ڪاريم تڪڙي.

( ٢٠ )

سوڍا، شرمايون، پسيو عيب آڪيان،
نڪ نرجايون، هيون منهنجي حق ۾.

( ٢١ )

مونکي آئيو منهن ۾، سوڍا، شرم جن،
مي لڄايون لڄن، پسيو عيب آڪيان.

( ٢٢ )

آڍيون، آتڻ واريون، نرچا نڪ ٿيا،
وڍيا، تان نہ ويا، پاڻان موريا منهن ۾.

( ٢٣ )

موري منهن وڌا ٿيا، وڍيا، تان نہ وڃن،
آڍيون، آڻاسن، تن ڪوجهن کي ڪين ڪريان.

( ٢٤ )

جنين سندي منهن ۾، نيهائيون نڪن،
تنان وڍيو هيڪڙو، تہ ڪهڙو تورو تن؟
سي مر سچائي سونهن، جن پلي پينگ پرم جي.

واءِي

آءٌ، راڻا! رہ رات، تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
راتيان ڏينهان روح ۾، تن تونهين جي تات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
ويٺي نت نهاريان، آچين جي پرڀات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
مون کي آهي، ميندرا، واءِي تنهنجي وات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

## داستان نائون

( ١ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن، ڪيو ساميءَ سهائو،
لٿو آولداهو، جوڳيءَ سنديءَ جوت مان.

( ٢ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، ولات سڀ واسي،
سوڍو سنامي، آتاهين ٿي آئيو.

( ٣ )

راڻي ريبارو، توڏانهن مڪو تڪڙو،
لڏائنان، لطيف چئي، ماڻج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.

( ٤ )

راڻو رب راضي ڪري، مانَ وراڻي واڪ،
چندن سين چڪ ڪري، مومل لنبي ماڪ،
سوڍي جي سهاڳ، ڏٿ مڙوئي ڏڪيو.

( ٥ )

نئون نياپو آئيو، راڻي مُلا رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪِنا ڏاتر ڏات،
ڪهڙي ڳچين ذات، جي آئيا مي آکيا.

( ٦ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چناٽو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوريئي، منجهين لڏاٽو،
راٽو ۽ راٽو؛ ري راڻي پيو ناهه ڪي.

( ٧ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چناٽو چوڏار،
منجهين ڪاڪ ڪڪوريئي، منجهين باغ بهار،
ڪانهي پي تنوار، تيو مڙوئي مينڌرو.

وائي

ڪي جو ڪاڪ تڙاڳ، چانگي چرهو چڪيو.
ڪرهو سرهو ڏيهه پر، نه تنهن ڏپ نه ڏاڳ،
چانگي چرهو چڪيو.
ساهه پرائي آئيو، لالي لڏائي ڏاڳ،
چانگي چرهو چڪيو.

ڪَرَهي ڪانيڻا رَتا، نائي ناڪيلاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

وَکَ واسِيائين پانهنجو، سَپ ئي سَراهڻاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

تون ڏاتي، ڏِتَ ڌڻي، تون راڻو، تون راءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

مومَل مَحتاجيون ڪري، عاجِزيون آکِياءِ.

چانگي چَرَهو چِڪيو.

آءٌ تون، عبداللطيف چئي، مونِي هِن مَحَلاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

# بروو سنڌي

## داستان ڦهريون

( ۱ )

ڇا ڪي وڃيو ڇو، ٻيلي ٿئين ٻين جو،
وَٽ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو.
ڏوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

( ۲ )

جڻن ڪا ڪاني ڪانهن، لسندي لا تيون ڪري،
آڇي ٻيئي اوچتي، درد پريان جي دانهن،
ويچ ڏنيئين ڪهه ٻانهن، سور هيئين کي سامهان.

( ۳ )

پروس تير پراڻ، پرين وس نه ٻانهجي،
لڳي ڪينءَ لطيف چئي، ڇپر ڇاتيءَ ماڻ،
پرين ڏيڪاري ٻاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

( ٤ )

آچين جي هيڪار، سون سارِيندي سپرِين،
پيرين ڏرِيان پنبڻيون، هنڌ وِڇايان وار،
ماڃن سڀِ ڄمار، هوند گولي ٿِي گذارِيان.

( ٥ )

سون سارِيندي سپرِين، آچين جي تون هاڻ،
ڪريان روح رِهاڻ، هوند لکن منجهہ لطيف چئي.

( ٦ )

ڏر ٿي ڏونهين ۽ جئن، سڙان سپرِين جي،
لکو آهي لطيف چئي، تن پرِيان ڏي تئن،
جي حاصل ٿئي هيئن، ٿرِينو قريب جو.

( ٧ )

لکيءِ جو لطيف چئي، نکو قال نہ قيل،
لکئي لامون ڪوڙيون، نيئن وهي نيل،
هينئڙا ٿيءُ سڌير، ڪالهہ قرِبن لڌيو.

( ٨ )

پڻي ڪيئي، پلا پرين، هيئن نہ مناسب هوءِ،
لائي چت، چريو ڪري، هاڻ ڪڍي وٺين پوءِ،
توڻي حب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن هيڏيون.

( ٩ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، هيءُ نہ شان سندوءِ،
پهرين لايو پريتڙون، ڪين پڇين ٿو پوءِ،
قادر شال ڪندوءِ، ميڙو مون مسڪين سين.

( ١٠ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، مون نہ ڄاتو ائين،
هينئون هيرائي هٿ ڪري، هليو وينديون هينئن،
سا سڪ سلان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا.

( ١١ )

اَڄ بہ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڪلن تان ڳوڙهن جيئن، برندون بس نہ ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

( ١٢ )

اَڄ بہ اکڙين سين، ڪوئي ڪنائون،
ماس وراهي هليا، ڪرنگل ڇڏيائون،
”وَتَواصَوا بِالحَقِّ وَ تَواصَوا بِالصَّبرِ“، ايئين آنيائون،
مٿي ماريائون، ڪلي ڪهايو سڄڻين.

( ١٣ )

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ۾ اوڏا سپرين،
ڪي چت نہ چڙهن ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور،
جن سينهن ڪنڊڙيءَ پور، تن دل وراڪو دوست سين.

( ١٤ )

مائٽ گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نانءُ نهال، پسي تان پري ٿيو.

( ١٥ )

هيرائي هٿ ڪيو، هينئڙو حبيبن،
ٻڌي ڪچيءَ تند ۾، سلهاڙيو سيڻن،
وڄي ٻيچ پرين، هينئڙو هٿيڪو ڪيو.

( ١٦ )

جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت نام ڪا، ڏينهان حيراني،
آئون پانهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نات ڪيم وس وصال کي.

( ١٧ )

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاهه سپرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو، وير نه وسريام،
آندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

( ١٨ )

جي مون گهر آچين سپرين، هوڏ ڇڏي هيڏي،
ڪالهيون ڳجهه آندر جون، تن ڳهريون تو ڏي،
جي وهين ڪڏ ڪوڏي، ته دور مٽائين دل جا.

( ١٩ )

ڪڏهن ڪلن در دوستن جا، ڪڏهن طاقيون ڏين،
ڪڏهن آچان، آچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

( ٢٠ )

ڪڏهن در ڪشادا دلبر سندا، ڪڏهن هوريو ڏين،
ڪڏهن وڃان، وڃي نه سگهان، ڪڏهن سڄڻ پاڻ سڏين،
ڪڏهن ڪڇن ڪينڪي، ڪڏهن پاڃهه، منجهان ٻولين،
ڪڏهن قول ڪرين، ڪڏهن حرف نه ڪڇن هيڪڙو.

( ٢١ )

آنارو تنهن عِشق جو، ڪَڏهن ڪونہ ٽِيوم،
مَحبوبن مِنٿون ڪري، سِڪَ سيکاريوم،
تهان پوءِ ٽِيوم، آرو پسڻ پرينءَ جو.

( ٢٢ )

تون صاحبزادو سپرين، آئون نسورو نوڪر،
بيحد ڪَريان بندگي، هَٿ ٻڌي حاضر،
ٻين ڇڏيندس ڪين ڪي، دوست اوهان جو در،
مون تان مهر نظر، پرين، لاهه م پانهنجو.

## وائي

هوت نيٺان دا دِلبند، لوءِ پلو جيڏيون!
هيڏانهن هوڏانهن سپرين، ڪاڏي واريان ڪنڌ؟
لوءِ پلو جيڏيون!
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهه ڇپايان رند،
لوءِ پلو جيڏيون!
ساجن سينٿان سهڻو، مائينءَ جو سوگند،
لوءِ پلو جيڏيون!

## داستان پيو

( ١ )

آهين شان شعور مين، جانب تون جيڏو،
مون تي ڪر، منهنجا پرين، توه تسي تيڏو،
ايءُ ڪامل ڪم ڪيڏو، جي نوازين نگاه مين.

( ٢ )

جانب منهنجي جي ۾، جي تو طمع ٿيءِ،
ته ڪج ڪاتي وڍِ آنڱرا، آدب ڪرم ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساجن سنئون نهارئين.

( ٣ )

جانب، ايئن نه جڳاءِ، جئن ماريو، موٽيو نه پڇين
رتي رت نه سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ،
امان توهين لاءِ، ٿي ٻر ٻر ٻچائون ڪيون.

( ٤ )

جڏهن ٿئي ٿي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، ناگهه وڃن نڱيو.

( ٥ )

جڏهن لهارن ليپيو، ڪڙو منجهہ ڪڙي،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگهو ڪيو.

( ٦ )

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پوءِ پڻ "بسم الله" چئي، راهہ چمي ٿي رنڌ،
آيون ڪهي ادب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ،
مائينءَ جو موڪند، منهنجو ساڄن سيڻان سهڻو.

( ٧ )

ساڄن! سپاهي، آئون اوهان جو آهيان،
آڇان ويڻ سيڪنهين، وڃان واجهائي،
لالن تو لائي، ڪينڪار ٻيم ڪرن ڪي.

( ٨ )

فاني ٿي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،
لٽي لوڙهہ لتن سين، جوڙ ٻنڌءَ جاني!
حرف پڇندءِ هيڪڙو، ظاهر زباني،
ڪوڙ رءَ ڪاني، آهي مير سيڪهين.

( ٩ )

پِر پنجوءَ وِهي، کهڙي ڪندين ڳالهڙي،
ڇاڄي ماڄي موٽيا، وڙ ونيءَ ڏيئي،
خبر نہ پيئي، تہ ڏيج ڏنائون ڪيترو.

( ١٠ )

نيڻ صقيلا سپرين، پوتر پرون پالا،
چڪيا ڦٽ فراق جا، آندر ٻہ آلا،
يار ميڙئين، پالا! جنهن جي صحبت ڪاڻ سڪي هيئڙون.

( ١١ )

ويٺو ڏسان راهہ، اَڄ پڻ آيا ڪين ڪي،
ساڄن لاءِ سڪي گهڻون، سنهنجو ساريو ساهہ،
آئين شال الله، تہ آڳهہ ٿينم اڄرا.

( ١٢ )

اَڄ پڻ آکڙيون، ساريو رون سڄڻ کي،
جانب جي جمال ڏي، تائين تيون تڪڙيون،
جي وهم ٻريان وڪڙيون، تن اَڄ آڪين ڪي نہ لهي.

( ١٣ )

آجُ پڻ ڪيا آڪِينِ، آبر جِئن آڪُرِ،
ڳوڙهنِ ڪيو ڳَلنِ ڪي، نائِي پائِي نُرِ،
ٻوندن بس ڪِي ڪانڪا، دوستَ پڄاڻان ڏُرِ،
حبيباڻا هُرِ، ماڙيندا مريرِ ڪي.

( ١٤ )

آجُ پڻ جَزِيرِ جوڙَ، دوستَ پيهي دَرِ آئيو،
سَڪنِ وِئي ڏُکنِ ڪي، مَحڪم ڏِني موڙَ،
جا پرِ ڪئِي ڪوڙَ، ما پرِ سُورنِ سين ٿِئي.

( ١٥ )

آجُ پڻ آنڪير آنڪَ، هَتان حَبيبنِ جِي،
جا پرِ سوڻِي سنڪَ، ما پرِ سُورنِ سان ٿِئي.

وائي

مولو ڪندو ماڙَ، منهنجي الله ڪندو ماڙِ،
هادي! ڏيئي هتڙا، آڇي ڇڪِ مان سون چاڙهِ،
منهنجي الله ڪندو ماڙِ.

ڪشتي ڪميتن جي، آلله لڳ آڪار،
منهنجي آلله ڪندو مار.
هو جو وڏي وات جو، سائين! نيئي سار،
منهنجي آلله ڪندو مار.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، سڀ لنگهيندا پار،
منهنجي آلله ڪندو مار.

## داستان ٽيون

( ١ )

عشق اهڙي ذات، جو، مانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏيهان ڏورڻ ڏونگرين، رئڻ سڄيائي رات،
آئي ويئي تات، ميان محبوبن جي.

( ٢ )

پيئي ناه پنيور ه، جنهن جي ڏٺيان ڏار،
تنهن ڪميڻيءَ جي ڪان ڪي، ساڻ لڏيندي سار،
آڻ عالم جا آڌار، واري واڳ ولهيءَ تي.

( ٣ )

ڀار ڏڌائي سيڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ڪل پوي.

( ٤ )

آدمن اخلاص، ڏڌائي مانو ڪيو،
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو، سندو ماڙهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس،
پيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

( ٥ )

سورن سانگيڙا ڪيا، مٿي مون معذور،
آئون هت ويئي وڃهلان، مران نت مهجور،
جي دوست منهنجا دور، سي والي وهلا آئين.

( ٦ )

مهنجي مڌاين جيءَ، جي ڪل برِيان پيئي،
تہ ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏوراهو ڏيئي،
ساڄن سيئيءِ، ڏکير ڏول ڏلائيون.

( ۷ )

دِل جو دِلبرُ هيڪڙو، ڪِهڙان تان نہ ڪِجن،
دِل ڏِجي ڪِي هيڪڙي، توڙي سو سِڪن،
سي ڇِلولا ڇِجن، جي دَر دَر لائن دوستي.

( ۸ )

شُڪر ڪِڏِياسون سپرين، جاني جِڙي يار،
ويٺي جنين جي وَٽ ۾، ڪوڙين ٿِيا قرار،
ڏيرا ڪرم ڏار، ٻاڙو تن پِرين جو.

( ۹ )

ڪِتان سِکئين سپرين، ڪاماڻڪي ڪار؟
تڪِي ڪاتي هٿ ڪر، مَڏيءَ سين ۾ مار،
چوري چاڪ نِهار، سورن سانگيڙا ڪيا.

( ۱۰ )

ڪوڙي ڪَڙ ۾ سپرين، ڪَنهِين تان ڪوڙ،
عادت جا آ کين جي، سا نِيئي نِباءِ توڙ،
سون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ مَڃائج سپرين.

( ١١ )

ڏاتر مون ڏيکاريو، هوتن جو حضور،
ٻرين ٻرچن جو ڪيو، موتائي مذڪور،
اِي دوستن دستور، جئن ڇنين ڇجن ڪين ڪي.

واڻي

وٽان وڃ م مون، منهنجو تونهين تون،
ڪونہ مٿي ڪو ٻيو وٽان وڃ م مون،
مون تڏهانڪر مڃيو، جڏهن "ڪن فيڪون"،
وٽان وڃ م مون.
آهڪيءَ رب آحدا، آکيان سوڙهي پون،
وٽان وڃ م مون.
رس محمد ڪارڻي، جتي هونگ نہ هون،
وٽان وڃ م مون.
آکهہ هن اُمت جو، آهين تونهين تون،
وٽان وڃ م مون.

# ڏهر

## داستان پهريون

( ١ )

ڪَرِ ڪي ڪالهه‌ڙيوَن، ڪَندا ڍور ڏَٺِيَن جوَن،
ڪِلَن ميِ راتڙيوَن، ڪنهن پر ڏِينهن گذارِئين؟

( ٢ )

ڪَرِ ڪا ويهي ڪالهه، ڪَندا ڍور ڏَٺِين جي،
ميِهڙي آڄ تون حال، ڪيا ڏينهن گذارِئين.

( ٣ )

ڪَندا تو وٺان، سَچ ڪِ سيِٺَن لَڏيو؟

مَجر تو مَنجهان، چَٽيو پون چِٽا ڪِيو.

( ٤ )

ڪَندا ڪَجاڙيان، آپو آهيين رِيل ڇ؟

پرِيَنِ پَچاٽان، سَڪِي پانهڪر نه ٿِئين.

( ٥ )

ڪنڊا ڍور ڏٿين جو، جي تو ھڙوسور،
لامن مٿي ڀور، ھوند نہ چاڙھيئي ھيترو.

( ٦ )

جي تو ھڙو وڌي، ڪنڊا ڍور ڏٿين جو،
ٻاٺان ڏيئي ڏڌي، مورئي مچر نہ ڪريئين.

( ٧ )

ڪنڊا تون ڪيڏو، جڏھن پريو ڍور وھي،
جسودن جيڏو، توڪو ڪڏيو ڀيڙو.

( ٨ )

سچ ﮯ سڪو ڍور، ڪنڌي آڪ ڦلاريا،
جنڪن چڏيو زور، سر سڪو، سونڪي ڪيا.

( ٩ )

جڏھن ڍاڪي ڍور، ٻئي وھن ٻليار ۾،
تڏھن تاڙڙين طر، ھئو جسودن مين.

( ١٠ )

سڪي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪانو،
پاڻي ٻيھل ۾، آج آڪيون نہ آيو،
ماڙھن ميڙائو، ڪنھين ڪنھين پيئين.

( ١١ )

پَنھل تو ۾ ھور، آکِيون آھ، نہ آب جو،
ڪيئن ڪھڙي سور، پيئي واري وچ ۾.

( ١٢ )

ڏور نہ آھين ڏار، مھندِ مَلاحن لکيو،
موڙي چوڙِيا مَڪڙا، ھِسي پاڻيءَ ھار،
جسودَنِ جيھا يار، پيڙا وِير وِماس ۾.

( ١٣ )

جانْ واھڙ ۾ وھ، تانْ تون مَڇ نہ موليو،
ڪانڌي ۾ ڪوھ ڪرئين، ھوءِ مونکي جو ھه،
سِر مٿي تون سھ، مھميزون مَلاحن جون.

( ١٤ )

جانْ جر ھڙو جال، تانْ تون مَڇ نہ موٽئين،
ھوندئي آج ڪِ ڪالھ، مانڊيون مانگن جون.

( ١٥ )

جانْ جر ھڙو ميرَ، تانْ تون مَڇ نہ مرٽئين،
آڏا آڏي ڪير، گھت ۾ جھليئي گھاٽئين.

( ١٦ )

مَتو آهين مَڇَ، ڦلهو ٿو ڦونا هڻين،
جا تو ڏِني آڃَ، تنهن پاڻيءَ پنان ڏينهڙا.

( ١٧ )

ڏوران پسي ڏورِ، وهين جي وهرون ڪري،
هوند نہ وِڌئي هورِ، مانگرياڻي مڇڙا.

( ١٨ )

ڪنڍي ڪلينِ وِچ ۾، جڏهن هڻئي جنِ،
موٺي مون پرينِ، ڪَپُڻ جي ڪان ڪئي.

( ١٩ )

ڪنڍي ڪلينِ وِچ ۾، جڏهن هَنياءُون،
موت نہ مارِياءُون، ڏور وِجهي وِيا ڏک جي.

واءِي

لاڻي جا وَرن ڪي، ما ڪانڌ منهِينجي ڪورا.
ماھ مارِيندم ڪَڏهين، هوتاڻين جا هورا،
ما ڪانڌ منهِينجي ڪورا.

ميٽين مِر ڪنڊ سڄي، پيو عطر پرين آتوار،
سا ڪانڊ منهنجي ڪورا.
چير ڪئوري نيو، پي تازي ڦلن ڦورا،
سا ڪانڊ منهنجي ڪورا.

## داستان پيون

( ١ )

ڏٺي سو وارئين واڳ، جو ميڙائو سڄڻين،
ونهيڻن واٽ مٽاڳ، هنڙي آسر نه لهي.

( ٢ )

مديني جا مير، سڀ منهنجا سڏڙا،
سرڻ تنهنجي مير، تون پار لنگهائين پڙا.

( ٣ )

مديني ڏٺي، سڀ منهنجا سڏڙا،
تنهنجي آهِ تٺي، پي ڪنڌي ساريان ڪانڪا.

( ٤ )

مديني جا گهوٽ، سڀ منهنجا سڏڙا،
ڪج محمد موٽ، عاصي تنهنجي آسري.

( ٥ )

مَدِينِي جا شاهَ، مَنُ مَنهنجا مَڏُڙا،
ڪارڻ لَڳَ اللهَ، مِکهو، رَمج مِپرِين.

( ٦ )

مَدِينِي جا ماهَ، مَنُ مَنهنجا مَڏُڙا،
پيو نَہ وَسِيلو واهَ، آهِيان تَنهنجِي آسري.

( ٧ )

مَدِينِي جا شِيرِ، مَنُ مَنهنجا مَڏُڙا،
پِر مُبارَڪ پِيرِ، عاصِي تَنهنجِي آسري.

( ٨ )

مَدِينِي جا چامَ، مَنُ مَنهنجا مَڏُڙا،
آهِيان تَنهنجِيءَ سامَ، مِکهو رَمج مِپرِين.

( ٩ )

آللہ جِنِ نالوءِ، تِنِ مونَ وَڏو آسرو،
خالِق! تَنهنجِي ڪاند جو، پَرو پاند نَہ ڪوءِ،
نالو رَب سندوءِ، رَهِيو آهِ روح ۾.

( ١٠ )

مِٺو جٺن نالوءِ، تِنَ مون وَڏو آسرو،
ڪو دَر ناهِ جهوءِ، مون پيا دَر ڳهٽا نِهارِيا.

( ١١ )

عَجب جهڙي آهِ، صاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
وَڏي سَڳهه سَنديا، ڀانءِ وَهِيٺون آهِين.

( ١٢ )

عَجَبَ ڏِني سون، صَاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
ڀن ڀوڙين پاڌر ڀر، ڀهڻ تارين تون،
جيڪر آچين مون، تہ ميريائي مانَ لهان.

( ١٣ )

سَترَ ڪج مَتارَ، آئون آڪهاڙي آهِيان،
ڏِڪئين ڏِڪئهار، ڏيئي ڀاند ڀناهَ جو.

( ١٤ )

وَڏي سَڳهہ سَنڌياءِ، ڀاڄهنِ پِريو آهِين،
مون تان مِهر م لاهِ، آئون تنهنجِي آهِيان.

( ١٥ )

ستر ڪر ستار، آئون اگھاڙي آھيان،
ڍڪج ڍڪڻھار، ڏيئي ھاند ھناھ جو.

( ١٦ )

جيڏو تنھنجو نانءُ، ھاجھ پ اوڏائي مگان،
ري ٽيپين، ري ٽوٽيين، تون چپر تون ڇانءُ،
ڪجاڙو ڪھانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.

( ١٧ )

ناتو نماڻيءَ سين، م ڪر ڍول ڍلو،
ڪونھي ڪميڻيءَ جو، ٻِڪر تو ٻلو،
تنھنجو نانءُ ڀلو، ونيو ويئي آھيان

## وائي

مون کي ننڊ نہ ليٽين ليٽين، ڪالھون ھوءِ لڪن ھ،
موٽ آئل ماءُ منھينجي، نان تو ڏک نہ ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالھون ھوءِ لڪن ھ.
ھوءِ نہ نينھ ھاٺ سين، آئون تان ويندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالھون ھوءِ لڪن ھ.

ڪالهوڻيان آج ڪُهٽي ڪر، جهورڙي جهيٽين جهيٽين،
ڪالهون ٻوء لکن ٨.
ٻيون سڀ واڪيون ورن سين، آئون واڪڙي ويٺين ويٺين،
ڪالهون ٻوء لکن ٨.
هينڙو ڏاڙهونء ڪُل جِئن، روئي رتڙو ڪيٺين ڪيٺين،
ڪالهون ٻوء لکن ٨.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪَر ڪو ٻيرو ڪانڌ، مون نمائيء جي نجهري،
ٻرين تنهنجي ٻاند، ڏولا ڏڪي آهيان.

( ٢ )

جِئن تون تائر ڪانڌ، تئن آئون ور وِلهي نہ ٿيان،
ٻَڪي چنان ٻاند، ڪَنڊ نہ جاڻي ڪو ٻيو.

( ٣ )

ڪانڌ ٻِن ڪيترا، مون ور وَڏي وَٿ،
مَٿان ڏيئي هٿ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا.

( ۴ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي جوءِ،
لوڪ نہ آڇي اوءِ، جي ڏسي عيب آڪينِ مين.

( ۵ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي ڪاند،
پاڻان ڏِڪي پاند، جي ڏسي ڏوھ آڪين مين.

( ٦ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي ذات،
لوڪ نہ آڇي وات، جي ڏسي ڏوھ آڪينِ مين.

( ۷ )

ھي تان ٽورڙيون، جي تو پوري پائِيون،
راتيون ٻيون گهٽيون، جي تو اينديون ھيڪلي.

( ۸ )

ور مين وِجهيو ڪاڻِ، ڪر مين ڪلون پائيين،
پوري منڊ آڇاڻِ، ڪن چڏيو تہ ميڙئين.

( ۹ )

ستا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سھاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.

( ١٠ )

ڪِي سمهه ڪِي جاڳ، ننڊ نه ڪجي اِترِي،
اِي مانجهاندي جو ماڳ، جو تو سائيهه پائيو.

( ١١ )

جاڳڻ منجهان جس، آهي آدا جن ڪِي،
لاهِي جو لطيف چئِي، مٿان قلب ڪس،
ورنهه ڪجا وس، صبح ساڻ سيد چئي.

( ١٢ )

سُتي نه سرنديا، ڪر پچار پرين جي،
وِهامِي وِينديا، گهٽا هٿندين هٿڙا.

( ١٣ )

سمهڻان سارُو، جيڏيون جيڏوئِي ٿيو،
پرِينِ سين پارُو، منهنجو ننڊ نبيرِيو.

( ١٤ )

سمهڻان سارُو، جيڏِيون جيڏوئِي ٿِيو،
هوت لَنگهيا هاڙهو، تون آناسي اوجهرين.

( ١٥ )

پِره ڦٽِي رات وِئِي، جهيڻان ٿيا نڪت،
هارِي وِئِي وَٽ، گهٽان هٿندين هٿڙا.

( ١٦ )

سَجيُون راتيُون سَمهين، چَڙهيو ٻي ٻچار،
ڀانيٺي سپ جمار، سڄڻ هُوندا مان ڳري.

( ١٧ )

ڏول ۾ ڪٿي ڀانهڙي، ٻرهه ۾ ڪٿي ڀاند،
آئون ڀانهنجو ڪانڌ، لوڪان لِڪي راٺيان.

( ١٨ )

ٻَريا ٻسي ڀَين، ڪرينِ ڪير نہ چَڪيو،
دُنيا ڪارڻ ڏين، وڃائي وِلها ٿيا.

( ١٩ )

مَسَنِ مَنهن سَنرا، ڪَريا گهٽون ڪِلنِ،
سي تان وِسرينِ، آيا جنِ ڪمن لئِي.

واٺي

مُون سين هوت نہ ڪندڙا هينئن، ماءُ جام نہ ڪندڙا هينئن،
آلا! مُون نہ ڇڏيندا ڇيرين.
هوتنِ جي هيڪاندَ ڪي، روئان راتوڏينهن،
آلا! مُون نہ ڇڏيندا ڇيرين.

چيڙي وِڏيس چيرين، ووا ٻاروچاڻي نينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.
لڪون لڳنِ ڪوسيون، ڏاڍا تپنِ ڏينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.
مون کي ٻرينِ ميڙئين، روجھڙيون ميڙئين مينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.

## داستان چوٿون

( ١ )

روھ راماڻا ڪنِ، آج ٻهَن هلڻهاريون،
ڪرڪَل ڪونجڙينِ، راڻي ۾ رات ڪيو.

( ٢ )

قسمت آندي ڪونجڙي، وطن سندس روھ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوھ، رزق رازق هٿ ۾.

( ٣ )

وڳر اڪيري، سر سارِيو سور چري،
جھري جھجندي ڏي، سنيها کي سجڻين.

( ٤ )

وڳر وساري، ويٺين ڪئين ماٺ ڪري،
ڪِ تو، نہ ماري، رڻ جهڻ سندي سڄڻين؟

( ٥ )

وڳر ويا وهي، ڪالهہ تنهنجا ڪونجڙي،
ڪندين ڪوهہ رهي، سر ۾ ڇپرين ري؟

( ٦ )

روهہ نہ ونئين رات، ڪوهہ نہ ڪرڪين ڪونجڙي،
آڄ توهين جيءَ تات، سر ۾ سارڻ آئيون.

( ٧ )

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇڻن پاڻ ۾،
ســو پکيڙن، ماڙهنئان ميٺ گهٽو.

( ٨ )

وڏي وڳر هيرئين، ڇڄي نہ پين ڳڏ،
ڪونج ڪريندي مڏ، وڃي وهامي راتڙي.

( ٩ )

۾ لنئن ڪونجي، ماٺ ڪر، چور ۾ هينئين چاڪ،
ڦيون جي فراق، مي گهر گهاريندي ڪيترو.

(١٠)

م لنئن ڪونجي، ماٺ ڪر، چور م هينئين سل،
ڳوڙها مٿي ڳل، جم وهائيءِ وهائيين.

(١١)

ڪونجڙي ڪالهه لنئي، سڄڻ وڏم چت،
آئون جنهين ري هت، ڳهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

(١٢)

اتر ڏي آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري،
ٻرين ٻيي منجهه خواب، وهائيءِ وايون ڪري.

(١٣)

ڪونجون ٽيون ڪنڪن، جڪس هلٿهاريون،
ٻچا ٻوءِ آئن، وڃن واندا ڪنديون.

(١٤)

آيون ڏور ڏري، اصل سندي آسري،
ڪڙي هر يون ڪري، ٻاٽان ٻير ڏکويا پکئين.

(١٥)

ڏکر م وائي، ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي،
سر م مارينئي ڳهٽون، ٻينر م پائي،
ٻسين نه ٿاهي، جا ماريءِ سندي من ۾.

( ١٦ )

جِتي نه، اَپِي روءِ، سَنِياريو ڪَي سَجْڻين،
هي جهجهندي جوءِ، تهِ آئون اَڪَنڊي آهيان.

( ١٧ )

ڪونج نه ٻِسين ڪڪ، ڏِٻَ جِنين سين ڏِکيو،
ماريءَ ماري لڪ، وِکُرَ هِنِي وِيچون ڪيا.

( ١٨ )

ماري مرين شال، ڏِٻَ وِڇِنِي ڏِيِيون،
جِنِ تو آجي ڪالهه، وِڌو وِچ وِرهن ڪي.

( ١٩ )

ڪونج نه لَکِيو ٻاڻ، جو ماريءَ سندي مَن ۾،
اوچِتي ٻرياڻ، وِکُر هِنِي وِيچون ڪيا.

( ٢٠ )

بَغل منجهه بندوق، ماريءَ ميرا ڪَهڙا،
ماريو مِير مَلوڪَ، لَتاڙيو لَڪ چڙهي.

( ٢١ )

چيتان ڪيو چِتيچ، بِداماٽيءَ ٻٽ ۾،
نيٽين ننڊ ۾ ڏِيچ، چيڙُون چهر آئيون.

( ٢٢ )

سنگهارَن ماري، مائي ڏيج سنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، منڌ ڪاڇي ڪنڌيُن.

( ٢٣ )

ڪير ڪَريندي ريس، آيل سَنگهارن سين،
جنهين جي خيمس، واٽيون واري ڇڏيو.

( ٢٤ )

ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪ سَنگهارن لڏيو؟
مان تن مارِيائون، پاٽان وِجهي گوندرين.

( ٢٥ )

ڪاڇي پئي ڪوڪ، آيل سَنگهارن جي،
مادرِ اوءِ ملوڪ، آئي وِئڙا اڪري.

( ٢٦ )

جين سي سَنگهار، آجهي جن جي گهاريان،
مان لهنئون سار، وِچ ولهين ڏينهڙين.

( ٢٧ )

ڏن ڏارن، ڏار رهن، ايءَ نہ سَنگهارن سٽ،
ڪاهي اِيندا ڪڏهن، متي واندِ وِهٽ،
جي هائون هونئي مٽ، تہ ٻہ آوڏو لاهم م آن جو.

( ٢٨ )

جهڄان ڀسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي،
جن ٿبي ھئي ٻاريا، منجهان مٿن موڪ،
لڏي وِڃان لوڪ، آئي ويا آڪري.

( ٢٩ )

جهوڪون نہ جهنڪن، وڪڻ نہ ڀسان وٽ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس چِٽائو چِت ڪيو.

( ٣٠ )

جي پانڌين وس چران، تہ سنگهارن سين لڏ،
تہ هاجي سندي ھڏ، ڪوڪ نہ سٿين ڪڏهين.

( ٣١ )

جي پانڌين وس چران، تہ سنگهارن سين کهار،
جنين سندي واڙ، چور نہ آچي ڪڏهين.

( ٣٢ )

جيڪا کهاري ماءِ، آيل سنگهارن سين،
تہ رکو سور نہ ڪاءِ، توٽي هوءِ آوکٿي.

( ٣٣ )

ھٿين ھڪون ھون، پريا پاڻ ھٿن ۾،
نيڻ منهنجا رون، ساريو سنگهارن کي.

( ٣٤ )

مَنڊيون مَٿين گڙنِ، جهورڪ ٻہ سونهن ڀيڙا،

سندي سنگهارنِ، جوءِ جياري جڏيُن۔

( ٣٥ )

ڀورينِ پاند ٿمنِ، جهاڪ جهاڳي آئيون،

ڪاجو مينهڙ ينِ، مَندائتو مائيو۔

( ٣٦ )

راءِ سين رتا جي، تنِ جاڙ ٻجنِ جاڙ ڪي،

ڪِڻ مائيندا سي، چوڏهن چارو ڪجڙو۔

( ٣٧ )

جاڳو جاڙ ٻجا، سَما مَڪ م سمهو،

ڀسو آن ڀارئان، لاڪو ٿو لوڙيون ڪري۔

( ٣٨ )

ٻچئان ٻلي ڀير، وڏو راءِ رڪاب ۾،

ڪَچ رهندو ڪير، لاڪو لوڙائنِ سين۔

( ٣٩ )

ٻچئان ٻلي نڪيو، ڏٻي ڀاڳوڙي ڀير،

جسي ڄام جسراج جو، مٿي واڻيين وير،

ڪَچ رهندو ڪير، لاڪو لوڙائو ٿيو۔

( ۴٠ )

ٽانو ڪين ٻلاڻ، سدا هٿن ڪرڪرا،
لاکي لوڙائن جا، اعزائي آهياڻ،
ذهني تنگن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪيڙ ي.

( ۴۱ )

لاڪو لوڙائن سين، جوڙس تو چڙهي،
وڙهيو وريامن جا، ڏنيو ڏڻ هٿي،
ٻيس جو ٻري، سو واهر ڪنهين نہ واريو.

( ۴۲ )

آڏيو جو اوڏن، سو ٿال ڏنگهر ڏلو م ٿئي،
جنهن پر و ٻهي ڪن، ليڪو لاکي چام سين.

( ۴۳ )

لاکي لج ڪنئي، آکلن اوڏڙين جي،
ڪندو ڪانہ ٿئي، آڳ وسوڙل آهيون.

( ۴۴ )

لاکا لج سنڌياهہ، اوڏ آکلي آهيان،
ٻکا سي ٻرتاهہ، جي آجهي تنهنجي آذہا.

( ٣٥ )

آڏيندي اوڏن، لڏڻ جي ڪانه ڪئي،
لاکو مٿان تن، اوچتوئي آئيو.

( ٣٦ )

لکي ۾ لاکو، هئي مٿا ٻاجهه ٿي،
تادر لاٿو ڪچ تان، آديون اولاکو،
واندين ۾ واڪو، ربهاري رهي ويا.

( ٣٧ )

چنل ڇڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
ٻورهي خاطر ٻانهنجي، آئين سوارا،
اوڏ ۾ ويچارا، لاکا! وڃن لڏيو.

( ٣٨ )

نئي نهاريم نار، تان ٻرت پراڻي نه ٿئي،
ويچارا سنگهار، ڪنهن سانئي جي سانگ ويا.

( ٣٩ )

ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هتا هنين پيٽئين،
ڏور ته ڏوريون يار، ٻيلي ٻنهين ڪنڌئين.

( ٥٠ )

رڙي رِبارڻ روءِ، واڙي پايو وچڙا،
ڪرا وِڻ ڪنگهار ڪي، چنچل آيي چوءِ،
واڙي وِچ نہ ڪوءِ، لاکو لوڙائِن سين.

( ٥١ )

رِبارڻِ روئي، واڙي وِڏا وچڙا،
سمورا سوئي، هِتي هتان سات ويو.

( ٥٢ )

رِبارڻِ رِيجهاءِ، لاکو لولائِين سين،
سائو مانَ سَندِياءِ، نَت مَتائي تاڪرو.

( ٥٣ )

لاکا لَڪ سَجِنَ، هر ڦلائيءِ ڦير پِيو،
جنهن پِر راتا راڄيا، ڪونَ ڏٿي ڪنبِنِ،
جنهن جو جاڙيجَنِ، مٿي سنگهو نہ لهي.

( ٥٤ )

جتِ جاڙيجنِ سان، صلح ڪر سنگهار،
تون وَڳ ڇڏين ٿو وِبسرا، هوءِ ڇمڪيا چوڌار،
تو جيڏا تو بار، لاکي ڪنين لڏائيا.

( ٥٥ )

وڻهين سنگهارن جي، سونهاري سانجهان،
پوءِ تا پين پاڻ، پهرين پارين پڙا.

( ٥٦ )

آڏي آڏي اوڏ، ڇڏي ويا پيٽيون،
ٽڪاڻا ۽ ٽول، پيا آهين پٽ ۾.

( ٥٧ )

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
سندو واريءَ ڪوٽ، آڏيو آڏبو ڪيترو.

وائي

تون جو وڃين ڪيچ ڪهي، اي ادا، ڏيج ٻاراهو ٻرينءَ کي.

ڏک سنهنجي ڏيل ۾، سگهان ڪين سهي،
ڏيج ٻاراهو ٻرينءَ کي.

آئون ٿوڙائي مارئي، سنهنجا واقف وڙا وهي،
ڏيج ٻاراهو ٻرينءَ کي.

پيٽر هن پنهور ۾، ساريان ڪونه مهي،
ڏيج ٻاراهو ٻرينءَ کي.

سون ميءَ ستان ڪيترا، وڙا ڪانگ لئي،
ڏيج ٻاراهو ٻرينءَ کي.

# گهاتو

## داستان پهريون

( ١ )

گَنگهريا گهڻ ڄاڻ، سوڙهي مَتِ مهانئين،
وِيا ڳَڌجي وِير ۾، پِيا مَنهن مِهراڻ،
آڪيان هويان تاڻ، وِيا ويچارن وِسري.

( ٢ )

ماڪ پِچاين موليا، مَتان راتِ اُٿي،
اوليون اَجهن لکيون، وِيا وَنجهه وهي،
ڪلاچئان ڪهي، ڪَذهن ڪون آئيو.

( ٣ )

ڪو جو تَهر ڪَلاچ ۾، جو ڳهڙي سو نِئي،
خَبر ڪون ڏئي، تہ رڇ ڪَهاڙي رَنڊيا؟

( ٤ )

ڪاله ڪلاچي وِيا، ڇتيون ڪَٽي ڇکير،
پائرنِ پيرو نہ ڪيو، آڏنِ ڪي آوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪڻ وراٺي جهلي.

( ٥ )

تريون ٻسان نہ تار ۾، جھڳا جاءِ نہ ڪن،
مادر! ملاحن، ماڪ نہ ڏويا مڪڙا.

( ٦ )

ڏهائي ڏنم ڪيترا، جنين ماريو موڪ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا ماربم توڪ،
لڏي ويان لوڪ، اونهي ويا اوهري.

( ٧ )

ڪالهہ، ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهور،
مادر، ملاحن جا، ويئي مهان سور،
مون کي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.

( ٨ )

آيي اوسيڙان آس ۾، جهليو ڪن ڪنار،
گهاتو گهر نہ آئيا، وڏي لڳين وار،
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

( ٩ )

ڪلي جان ڪنڪاريان، تان سانئي سگ نہ ڪن،
واريو وهٽ وڃن، ڪن سياڪن سامهان.

( ١٠ )

جتي کهوريو کهاتين، تتي واريءَ پٽ،
سهسين سائي مٽ، سر ٽکو، سونگي گيا.

( ١١ )

نڪا ٻوءِ بازار ۾، لڳا ڇلر ڇٽ،
جتي ڏيرين جي، آکي هئي آکٽ،
سي پڙ ٻسيو ھٽ، ماڙهو وڃن مونيا.

( ١٢ )

مون آڌاريا مڇڙا، الله، کهاتو آڻ،
سيان مدارن سين، مون کي، قادر! وجهه م ڪاڻ،
هٽ منهنجي هاڻ، قدر لڌو جن ري،

( ١٣ )

اوري هٿا تہ آئيا، جيڪس ويا ٻري،
سائي سڌ ڪري، ماڪ نهاري مونيا.

( ١٤ )

آئين جا لڌو لوڏ، ايءَ ٻر گهاتوئڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ، ٿڪ نہ ستا ڪڏهين.

( ١٥ )

گهوريندي گهور ٻيا، آگهور گهوريائون،
ميڙ مارياُون، ملاحن منهن سترا.

( ١٦ )

جان گهڙندا گهاتوئا، تان رڇن ڏيو رڳ،
سڳايون ۽ سڳ، ڪلاڇيءَ ڪير ڪري.

( ١٧ )

جئن جهڳا ٻائين جهول ۾، ايئن نہ مرن مڇ،
سِر ڏارِ سمنڊ جا، ڪي رائون رڳي رڇ،
هي چارون ۽ ڇڇ، آجان اوڙاهہ آڳاهون ٿيو.

وائي

جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نہ آئيا.
ڪاهي وهو، ناڪئا، ڪريو ٻري تي ٻڇ،
گهاتو گهر نہ آئيا.
ڪاٽي سنڌين ڪنڌيون، ڪاٽي سندن رڇ،
گهاتو گهر نہ آئيا.
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو، آتو آڪيان آڇ،
گهاتو گهر نہ آئيا.

# ڪاپائتي

## داستان پهريون

(١)

توڙي تون ڪاتار، جم هيڪلي پيرئين،
ڏيئي ڪا ڏتار، صراف انهين سٽ ٻ.

(٢)

جنين پيريو، هيڪلو، تنين ميڙيو ماءِ،
تند اهڙي ساءِ، مون آن هڏ نه آڇهي.

(٣)

چرخو چوري هٿ ڪر، هيءَ هڏ وهائي،
ڪاپائتي سيڪا ڪتي، ساجهر سپائي،
چاتو جن چائي، تن هٽان پهي نه چڙهي.

(٤)

هيءَ هڏ وهائي، ڪڙه ڪالهوڻي ڏينهن ڪي،
آئي اور آرٽ سين، وڃهه م وڃائي،
ته صراف سپائي، موٽائي هٿنئي نه منهن تي.

( ٥ )

جان ڪتين تان ڪت، ھيءُ ھڏ وڃائي،
ڪو پنھنجي عيد لئي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، صباح وچ سرتين.

( ٦ )

ڪتن جي ڪان ڪريُن، متي ماھين ھڏ،
سيان اينديئي اوچتي، عيد اڳھاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪنديئي سڏ، اُت سڪنديئن سينگار کي.

( ٧ )

ماڻي ڏور آرٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
وھاڻ واڍائي، پٽين سنھوڙي،
متي جنھن موڙي، سا ڪيئن وڃي وسري.

( ٨ )

ڪتوئي نہ ڪاله، اَڄ پڻ اُجهڻ کي مرين،
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا.

( ٩ )

جي تو وڃي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
آرٽ اوڏي نہ ٿين، پوري پوري سيئن،
ڪنڌ ڪنديئن ڪئن، اڱڻ عجيبن جي.

( ١٠ )

توڻي ٽيئن وڏي، توءِ آئي آتڻ آءُ،
ٿي پيڙي پيرم وارِئين، پي هڏ ڪر م ڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوئي ڪاتارين سين.

( ١١ )

سون ساريڪا هٽڙا، ڪوهم نہ ڪنئين رڏي،
ويهي ڪنڊ ڪاهو ڪر، ڳهڻون ڳوهيون ڇڏي،
تہ صرافائي سڏي، سرڪيو هوند مٽائيين.

( ١٢ )

ڀڳو ٿي پير، جانسين رتو راس ٿئي،
بري بيڪاريءَ سين، هاري هاڻ م هير،
ڪٽ ڪتنديون ڪير، نئين سين نہ جاڻجي.

( ١٣ )

پيرِنين ۾ پائيين، اِئن وڏو ڪانڌ،
ويٺي اور آرٽ سين، ڳجي هايو هانڌ،
تہ تنهنجو وڻواند، ڪتو وتو نہ ٿئي.

( ١٤ )

سچن پاڪ پر ڏئين، ڪٽ، ڪنبندي آءُ،
جڏهن تڏهن ساءُ، پيرن پيرم واريون.

( ١٥ )

چانئَنِ ھائي چتَ ۾، سنھون ڪتو جنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڏڪو داخل نہ ڪيو.

( ١٦ )

محبت ھائي منَ ۾، رندا روڙيا جنِ،
تنِ جو صرافنِ، آنُ توريو آڪھائيو.

( ١٧ )

آئي پھر آرتَ سينءَ، جي ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڏورو ڏوليو ڪين ڪي.

( ١٨ )

ڪو جو وہ ڪاھائين، ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
ڪارڻِ سود سواريون، آتڻ منجھ آچنِ،
اُنِ جي سونھن سيد چئي، تا صراف سڪنِ،
آڪھيا ستَ سندنِ، ھائي ترازي نہ توريا.

( ١٩ )

ستَ اُنين جو سڦرو، جي ہر ۾ بچائين،
آواز آرتَ جو، ساہ نہ سٺائين،
لِڪايو لطيف چئي، ڪنبيو ڪتائين،
جي ماڻڪ موٽائينِ، توءِ ملہ مھانگو اُنِ جو.

( ٢٠ )

تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو ڀاءُ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن مٿاءُ،
ململ منجهان ماءُ، جي سڪيون تن سون ڪيو.

( ٢١ )

هلئي ڀايو ڀوڻيون، در در پيرا ڏي،
ڪا سون ڪتائي، انون ڪاهاڻيي آهيان.

( ٢٢ )

نڪ ونکي، ورکڻا، ڪتيان ڪچارو،
ڪاهي مٿان ڪيترو، آڻيان آذارو،
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

( ٢٣ )

اولاڻيان آرٽ، ڪيڏانهن ڪتي واريون،
ڀيڻيون سٽي ڀٽ، لڙجن لاکيڻين جون.

( ٢٤ )

ڪتي ڪتي ڪالهه، اَج نه آئي آئيون،
آرٽ آڪلي مالهه، ڀوري ويٺيون نجهرا.

(٢٥)

نه مي وڻن وڻ ۾، نه مي ڪاتاريون،
ڀسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

(٢٦)

ڪني مڇي آئيون، ڪري تند تيار،
آئل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻرين ٻار،
ڪاپاٽيءَ قرار، منجهان پوٽيءَ آئيو.

(٢٧)

جا سنهون نه سگي، ته مر رنڊائي روڙي،
ست آئين جو سڦرو، ويا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ توري، ويچاريءَ سين وڙ ٿيو.

(٢٨)

جنين ڪتو ڪالهه، سي پاڻا پيئيون مامري،
جنين تڪ نه مالهه، سرهيون سي صراف سين.

(٢٩)

ڀانئي ڀانڊ ڪپاهه، مون آتڻ سڀ نهاريا،
ڪتي ڪانه ڀساهه، سرتيون وڃي ستيون.

( ٣٠ )

ڇرڪو پنهنجي ڇت ۾، پني پيريو جن،
توڙي ڪين ڪتن، ته به ڪانڌ آنين جو ڪوڏيو.

( ٣١ )

تاڃي توريانون، تان عيب نڪتا آڪرا،
ڪوني ڪاپاٽين ڪي، پر ۾ پڇيانون،
آڪاڙي آئون، سون ڪان پڙا پڪا نه ٿيا.

( ٣٢ )

سون ڪان پڙا پڪا نه ٿيا، آڪلي آئون،
جان تاڃي توريائون، تان عيب نڪري آئيا.

وائي

( ١ )

ڪا هينئين سين لاءِ، پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
نسي ننڊ لطيف چئي، هلي تن هٿاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
پهيون تنهنجيون جڙڪن جهوريون، پيون آڏايون واءِ
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.

آرڻ ڀاسي اوجهرين، توکي سمهڻ آيو ساءِ،
پوري کا هينئين سين لاءِ.

وائي

(٢)

آئون جا ويندڙي پار پرين جي، سون کي آيل جهل ۾ پاءِ،
جهلون پلون پائيين، پاڻا مت نه آڇئين کاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
ويو پاروچو نکري، سور چکايم ساءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
منهنجا ڪم ڪريم تني، ربي مون ۾ رهاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
وٺيون ڪنهن وکهه تڙ، پيڙا پڇي ماءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
آتڻ مٿي آسري، آيس آنين لاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي
جنين سور سريرم، تنشان هت نه کاءِ.
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.

# رپ

## داستان پهريون

( ١ )

ڪونڌر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو چنڊڙو،
ڏکوين مرڪي، مٿي سڳر هنڌڙا.

( ٢ )

ڪونڌر ڪذيياس، صحت نيڙم سڄڻين،
مادر ماريياس، ڦوڙائي ڀرين جي.

( ٣ )

آئي جڻن سورن، اويڙ ولهارن ۾،
سا ڀر ڪونڌر ڪن، جه ڦوڙائو سڄڻين.

( ٤ )

لائي جو ويا، سو منجهئين ٿو مچ ٻري،
سو اجهامي ڪنان، جنهن سور ٻنڌڙ سپرين.

( ٥ )

ڪهڻ تہ ڪچائي، سور نہ ساندڻ سترا،
آچان تان آئي، ڏيل منهنجي ڏک ۾ •

( ٦ )

جيڻ سو تئيءَ ترو، ڪاهي ڪوري وچ ۾،
سون کي ڏنو سڄڻين، منجهان سڪ سرو،
ور جهيڻو اي پرو، ۾ ڦوڙائو سڄڻين •

( ٧ )

اپريم آنگور، ستي سپيرين جا،
ڪايو ڪايو سور، اڄيو لوچيو آئيان •

( ٨ )

ڳرن ۾ ڳرهيج، روئي ڪج ۾ ڏرا،
تان سوران ئي سهيج، جان لاهيندڙ ڪو لهين •

( ٩ )

ڳر ۾ ڳجهو روءِ، ڏر وجهہ ۾ پرينءَ ري،
سورن سير هوءِ، هينڙا ڪم ڪنن جڻن •

( ١٠ )

لاهه م پچاران، سک م سمهه جندڙا،
ڪر جهوري ڪيتان، ڪالهوڻيان اڄ ڪهڻي.

( ١١ )

جهوري جهجهڻ جهانءَ، موڻ جنهين جي نه لهي،
آيل! اينءَ م پاڻءِ، ته ڪا آئون جنڊي آن ري.

( ١٢ )

جهجهي جهانءَ ڪري، ماٺ نه آچي مون هينئين،
سجڻ سڀي ساري، هو جنڊين جو هيرئون.

( ١٣ )

جاءِ نه سجو ڏينهن، هينڙو اوڻي وڪ جڻن،
مون ٻريان سين نينهن، چنڊ ڪارڻ نه ڪيو.

( ١٤ )

لاهيان جي نه چتان، الله! آن م وسران،
مڙهيو سنجهاران، جيءُ سنهنجو جن سين.

( ١٥ )

ٻل پل ني هليانس، ٻلڪ نه رهي ٻرينءَ ري،
جڻن جهوري ڪان جهليانس، جهجهيو تنهن جهوريءَ ٻوي.

( ١٦ )

ڪڪر منجهه ڪپار، جهڙ نِيڻنِئون نہ لهي،
رات منهنجي روح ۾، آئا پِرين آهار،
آهه، ساجن! لهه سار، وِرهه وِڪوڙي آهيان.

( ١٧ )

مون منجهيئي مينهن، ڪوهه ڪريندِيس ڪڪرين،
سولو سارو ڏِينهن، مون پِريان جو نہ لهي.

( ١٨ )

سَنڀي سنڀريوم، ڪو ڳِڻ پاروچڻ جو،
ڪنڌ وِهاڻو پنو، هريو هٿ نِيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جِيان ٿي جيڏيون.

( ١٩ )

سڄڻ سنڀرِيام، ٻيڻِ ڪر ڪپار ۾،
جهڙي تهڙي حال سين، پِرين نہ وِسرِيام،
هرِيا هٿ ٿِيام، نيڻنئون نير وهي.

( ٢٠ )

سنڀرِيو جِيان، ڳالهيون، پِرينِ، تنهنجيون،
ڪهڙا ڳِڻ ڳِڻيان، تو رن مٿو ناهه ڪو.

( ٢١ )

جهہ سِي مَنھِرجَنِ، ڪالهِيون ہِرين تنهنجيون،
لَنءِ لَنءِ هيٺ وڄنِ، رڳون رباب جَئن.

( ٢٢ )

چتر رهي نہ چِت، وڃِين واڳيو نہ رهي،
رَڳِيءِ لَنجي نِت، هِينئڙو واڄ وِرک جئن.

( ٢٣ )

چوري چوري چِت، وَئيءِ وِهائيءِ نِڪران،
لِينهَن گهرائي نِت، پِريان سندي پيرَ.

( ٢٤ )

چتر رهي نہ چِت، سورين صبر نہ ڪري،
سڄڻ ساريو نِت، ويڳاڻو ٿيو وِجهلي.

( ٢٥ )

چيتارِيان چِٽڪنِ، سنيارِيان سهي،
آندر روح رهي، صورت سِپرِين جي.

( ٢٦ )

چيتارِيان چِٽڪنِ، وِساريان نہ وِسري،
ويروتار ڏڪنِ، سڄڻ ڀڳي هڏ جئن.

( ٢٧ )

جيتاري چوندياسِ، ڪالهيون سيوٽي سڄڻين،
جهہ مقابلِ ڏياسِ، تہ سڀ وڃنم وسري.

واڻي

جو نوازي ڏڏ، آسر لاهہ م اُن جي،
ويهہُ داتا جي در تي، لنگها لاهي لڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.
اوڏايان اوڏو گهڻو، ڪهڙا ڪرئين سڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.
آڳلن ڪي اوڏو ڏهي، ڪندا ڪري ڪَڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.
ڪهڙا جڏ جڏو ٽيين، جوڏ مهندان جڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.
آکيان عجيبن جي مشڪل ٻڌن مڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.
آدم ثنائين خلقيو، هوءُ جا ڪجي منجهان ڪڏ،
آسر لاهہ م اُن جي.

# داستان پهريون

( ١ )

سڄڻ ساڻ نه پيت، ڪجهه ڪر هيان ڪن سين،
ڪالهيون انهي ريت، سلا ٻڌي موريون،

( ٢ )

ڪالهيون پيت ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
پر سين مون نه ڪيون، گوشي پرين نه گڏيا.

( ٣ )

آڱڻ چاڙهي آنگ، ويو پاروچو لڪري،
روئي ڏنو رنگ، ويچاريءَ وڻن کي.

( ٤ )

آڪين جا آڪر، مون تان لاهه م سپرين،
ڪري ملار مينهن جئن، وسي لاهه وهر،
تو ڏني مون غم، ڏينهن جا ڏور ٿيا.

( ٥ )

نين نه ننڊون ڪن، پکو آرس آڪبين،
آجهاميو پرن، توکي ساريو سپرين.

( ٦ )

سَنئين نہ سيٽانِ، ناہ آيتي آنِ مين،
ونءَ سهي ويٺانِ، تو نہ سرندي تنِ ري.

( ٧ )

آندر آندريون، جِنَ سي وانجهيءَ لٺِ ۾،
مون تن تيٽريون، تہ ڪينءَ ملبو سڄئين.

( ٨ )

جِنَ سي ڪوهيءَ نار، وهنِ واريءَ ڪاڏٿان،
هينئڙو هربان ڏار، نيبريانس نہ نبري

( ٩ )

سَهڙ سيءَ پيو، نہ مون سوڙِ نہ ڪَبرو،
نہ مون ڪانڌ نہ قوت ڪي، جوڙن وهي ويو،
تنهين حال ڪهو. نڌر جنهين نجهرا.

( ١٠ )

آتر اوتون ڏي، نہ مون سوڙ نہ ڪبرو،
سيءَ ساريندي سي، جنهين نڌر نجهرا.

( ١١ )

آتر ڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ ڪبرو،
چارئي چنيءَ ہوت، مون ريڙهيندي رات ويئي.

(١٢)

نينهن نهائينءَ جان، ڏٺيو ڪوه نه ڏڪئين،

جر جيري چڏي، ته ڪڻن پڇندا ٿانءَ،

سندي ڪنيارن، ڪن ڪريجا ڳالهڙي.

(١٣)

نينهن نهائينءَ جئن، ڏٺيو ڪوه نه ڏڪئين،

جر جيري چڏي، ته رڃ پڇندا ڪئن،

تون پڻ ڪريج تئن، جئن ڪنيار ڪرن ڪم سين.

(١٤)

نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين،

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

(١٥)

نيڻ نهائينءَ جان، متي لوڪ ڏڪيان،

آجهاميو ٻران، توکي ساريو سپرين.

(١٦)

ڪي جو ڪنيارن، مٽيءَ ٻائي منيو،

تنهن مان تر جيتري، جي پٿي خبر ڪرن،

هي تان هوند مرن، هن آڳڻ اوراتو نئي.

## وائي

هاڙها ڳاڙها هوت، ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا،

سڪ ٻاروچي نہ لهي، مٿي تائين سوت،

ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا.

لڳندي لڪن ۾، هاڻان نيئي هوت،

ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا.

مٿان مون کي ڇڏئين، هِتِ هوتائي هوت،

ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا،

ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، توهي ڪارڻ جهوت،

ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا.

## وائي

( ٢ )

جڙي زيارت، جسي مان هوءَ ٻرين سين.

سڏر منهنجا سپرين، سون تان لاهہ م هٿ.

سولا سون کي ميڙئين، سپريان جي سٿ.

چنڊيان کهہ آکين سين، ٻرين وجهان هٿ.

ڏوران ڏلم سپرين، هيم جن جي سڪ.

# ڪارايل

## داستان ٻھريون

( ١ )

”وحدت“ وائي، چڙھندي چيائين،
سو لڙ لنگھيائين، جتي ھارڪ ھڪيان.

( ٢ )

ھڪھن سين ھاڻ ھٿي، اڏائو آڪاس،
جتي ٻرين سنداس، سو سر مٿي ھنجھڙو.

( ٣ )

آڪڙيون اوڙاھ ۾، آيو تڪي تار،
ھٿون جي ھاتار، ھنجھ تنھين جو ھيرئون.

( ٤ )

ھٿن ليءِ ھاتار ۾، وڃي نہ ٻيھي،
ڪنڌيءَ ۾ ڪيھي، حاج تنھنجي ھنجھڙا.

( ٥ )

اونهون جت اوڙاه، هنجهه تتهين هوءِ،
اي ڪانرو ڪوءِ، جو چاچر ۾ چرون ڪري.

( ٦ )

نيو حضوري هاڻ، سوجها پيس سر جي،
ڪندي لڏي ڪاڻ، ٻڪيڙي ٻاتار ۾.

( ٧ )

آچو ٻاڻي لڙ نيو، ڪارو ڪيو ڪنگن،
ايندا لج مرن، تنهن سر متي هنجهڙا.

( ٨ )

ويٺو جڻن وماسڻين، حيرت ٻڙ ۾ هڏ،
لاتيون جي لباس جون، سي چپائي چڏ،
"آئون، آسين" ڪن جي، ٻاسي تن ۾ آڏ،
تن طالبن ڳڏ، ته ويجهو نئين وصال کي.

( ٩ )

ويٺو جڻن وماسڻين، حيرت ٻڙ ۾ هور،
اونهون جو آچو وهي، ڳهڙي تنان ني ڳهور،
ڏيون هڏ ۾ ڏور، ڳهوريو ڪپ ڪسين جو.

(١٠)

ويٺو جڏن وماسين، حيرت ھئو م ھاڻ،
لَلن ڪي لطيف چئي، آڇي ماڻ آراڻ،
ڪنگن لئيس ڪاڻ، ڳڏيو ھنجھ حبيب کي.

(١١)

ٻڪي ٻيھي نڪيا، منجھان لتاڙين لڪ،
ڪنھين ماڪ ميڙيا، ڪنھين رتا ٻڪ،
ٿيءِ لائي لڪ، ڳڏيو ھنجھ حبيب کي.

(١٢)

ھنجھن سين ھيڪار، جي ڪن ڪري نھارئين،
ٻگھن ساڻ ٻيھار، ھوند ٻيلھ نہ ٻڌين ڪڏھين.

(١٣)

ھاريا ھنجھ ٻگھن سين، ڪيھي ٻڌين ٻيلھ،
ميرو منانيج تون، آڇي ڪر اڪيل،
ڪنگن ساڻ ڪويل، للي جئن لڙ ٻئين.

(١٤)

آڇو پيو آڇاھ، تہ آڇائيءِ آبھو،
وھن وڙ نہ آنھنجو، ٻائيءِ لڙ للاھ،
سر ڏجي ساھ، ڪسر ڪنگن قبرون.

( ١٥ )

ڪَسَر ڪَنگَن نبرون، سَسر ماڳا ئيج،
هَنجهه هِني جي ڳالهڙي، ٻَڪَهِڻ م ٻولِيج،
مانِي تون مَربِيج، چَنج م ڪَنهِين ڇهنج سين.

( ١٦ )

سَرَ سَڪِي سالَ ٿِيا، هَنجهه هَرِيوئِي ٻِيرَ،
ڪَنگ ويچارو ڪِيرَ، جو رَسِي اِنَ رَمز کي.

( ١٧ )

آءُ آڏامِي هَنجهڙا، سَرَ ۾ سارِيئِي،
سَتان مارِيئِي، ٻاڙهيري ٻَهَ ڪري.

( ١٨ )

سَرَ ۾ سَڪِي هيڪڙو، ٻاڙهيري ٻنجاهه،
سنديءَ آس الله، لَڏي لهرين وِچ ۾.

( ١٩ )

هَنجَهه مِڙيئِي هنجهه، ميرو مَجهِڻ ناهه ڪو،
موتِي جي مِهراڻ جا، سي ٻورا چَنج نَنج،
اَج ڪِ صُباح سنجهه، ڏيِءَ ۾ ڏيري ڏنين.

( ٢٠ )

ھڪي ھسي آئيا، دلبو منجھه دريام،
ويچارا وساھ، آئي اِت آزائيا.

( ٢١ )

جئن قطر چٽيو ڪڙھه پرئين، ھول ھجھندين ھنجھ،
آج ڪي صباح سنجھ، تو ڏيئي ۾ ڏيري ٿئين.

( ٢٢ )

ھڪي جنھن ھجائيا، تنھن ۾ ساھ نہ ماھ،
منجھه ڪرنگھر ڪاٺ جو، متي ھڪن گاھ،
ويچارن وساھ، متي ھڪن آئيو.

( ٢٣ )

ڪونڙ ھاڙون ھاتار ۾، پونڙ پري آڪاس،
پنھين سندي ڳالھڙي، رازق آندي راس،
تنھن عشق کي شاباس، جنھن محبتي ميڙيا.

( ٢٤ )

ڪونڙ ھاڙون ھاتار ۾، پونڙ پري ۾ سچ،
پنھين سندي ڳالھڙي، عشق اِي آھج،
توء نہ لھين اَج، جي ھيو ھين ھاڻ ۾.

( ٢٥ )

ڪنڌين ۽ ڪوھ ڪرئين، ڪسن ۽ م ڳذار،
وجي وحدت ويءَ ۾، ڳھتون ڇڏي ڳھار،
شريعت جو سر لهي، تن تنائين تار،
حقيقت هنجهن سين، طريقت تنوار،
منجهائين معرفت سين، آندر تون آچار،
هدايت جي هوءَ ۾، ڇٽيو تون ڇونڪار،
ته ٻاڙھيري ان ٻار، ڪونه ڏسين تون ڪڏهين.

( ٢٦ )

جيھر لوڪ جهپ ڪري، اوھير اڏلين،
ٿون جي ٻاتار جون، ڇپاريو ڇٽن،
ڪوھ ڪندا ڪي.تن، ٻاڙھيري ٻھ ڪري.

( ٢٧ )

سائڪ ڇوٽو جن جو، هنجھ حضوري سي،
ڇلر ۾ ڇهنب هڻي، مڇي ڪين نه اي،
لوڪ نه ليکيا تي، جيلانهن پٽن پکهن ڳذا.

( ٢٨ )

لَلِي لَنئِي رات، سِرَ ۾ ڪيو سوجھرو،
ڏِکِھا ڀاتارُا ٿِيا، وائِي ڪَنِ نَہ واتِ،
جنڪَنِ پنهِنجي ذاتِ، ٻِئِي رَسائِي روھ کي.

( ٢٩ )

هَنجھہ مِرَئِي هَنجھہ، مِيرو مَنجھون ناہ ڪو،
جِتي رَهن مَنجھہ، سو سر ڪَرِين سَرهو.

( ٣٠ )

سَرَ آهِي ٿِي آڪِيان، هَڪِي ڀِيا ڀِيا،
جن لَمُنو لاتِيون ڏِينَون، سي وِيچارا وِيا،
پانُونڍَرَ پِيا، وِچِي ڪِينجهر ڪَنڌِئِين.

( ٣١ )

وِيا مور مري، هَنجهہ نَہ رَهِيو هيڪڙو،
وَطن ٿِيو وري، ڪَوڙَنِ ڪانئيرَنِ جو.

( ٣٢ )

سَرهو سَرَ وِڃائيو، ڪوڙَنِ ڪانئيرَنِ،
رَبا روھ وڃِن، ڪنهن هِيڻائِيءَ ڪان هنجهڙا.

## وائي

جي مان چارائين، جيڪر جيڏيون، ووا ڪره سندان چارِيان.

ٻيرين آئون نه ڀڄئي، ڪرهل هوء نه جهلين،

ووا ڪره سندان چارِيان.

ڪجهي آئون نه وڃئي، ڏرِ ٻرِين نه نين،

ووا ڪره سندان چارِيان.

## داستان ٻيو

( ١ )

وِياءِ واسينگنِ جا، سنها ڀانءِ م سپ،

جنين جيءَ جهرَپ، هاڻي هنڌائين نه چري.

( ٢ )

سنها ڀانءِ م سپ، سڪا جنين ڀٽ،

تنين جيءَ جهڦيٽ، جنگنِ کي جوکو ٿئي.

( ٣ )

جن اوطاقون آريج ۾، تن جي وِهه جو ورن ٻيو،

ٻربنان ٻڌرو، تن نانگن جو نهو،

آنِ جو ڪنڌ ولي ڪم ڪري، جي مٿِ ٻيو،

ڪلي ويل ڪهو، جو سامهون ٿئي سن کي.

( ۴ )

رِهه هئين، وِهه پيرين، وِهه جن جي وات،
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن پڻ متي چڙي.

( ٥ )

ڪِنهن ڪِنهن ڪاريءَ ذات کي، مور بہ متائين،
جي چترا چکيا ڪري، تہ وڪ ورائي ڏين،
سات سمورا نين، جي متين پائي مونيا.

( ٦ )

ڀِرين ڪاري نانگ جِي، ڪو چرڪيل چيڙ ڪري،
جي ڏنگ ڏسائيو، تہ ويجهو تان نہ وري،
جيڪي ٽپ مري، جيڪي سڪي صحت ڪي.

( ٧ )

واتان جنين وِهه وهي، سي آيا اوٻارين،
جي آرڻ پڏي آئيا، تان نانگ نہ لهارين،
ڏنير تنِ ڏاڙهينِ، ميل جنين جي من ۾.

( ٨ )

کپر گارو ڙين سين، وڏو وڏو وير،
نانگ نہ وِيندين نڪري، تو ڏر مٿي پير،
هي تنين جو ڏير، جنين جهوناڳڙهہ جلائيو.

( ۹ )

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ڪينجهر سپ نهاريو،
وري واهيري نه وريا، لَلا لاڪيڻي لوڏ،
هينئين جن سين هوڏ، سي هنجهڙا سپ هلي ويا.

( ۱۰ )

سو ٻڪي، سو ٻچرو، سو سرُ، سوئي هنجهه،
ٻهي جان پروڙيو، مون پانهنجو منجهه،
ڏيل جنهنجو ڏنجهه، سو ماري تو منجهه ڦري.

وائي

ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو، لِڪ سيئن للو ٽِتو،
لنيو جِنن لامين چڙهين، ڪريو ڪارابل ڪنڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو.
ڪِ تو ڪنين نه سُنو، شهباز جو سڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو.

# مارئي

## داستان پهريون

( ١ )

'الست بربڪم'، جڏهن ڪن پيوم،
'قالوا بلى' قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

( ٢ )

نڪا 'ڪن فيڪون' هئي، نڪا مورت ماهه،
نڪا مڏ ثواب جي، نڪو غرض گناهه،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهه،
لڪيائين، لطيف چئي، اِت ڳجهاندر ڳاهه،
اڪين ۾ ارواح، آها ساڃاءِ سپرين!

( ٣ )

نڪا 'ڪن فيڪون' هئي، نڪا هنگ نه هون،
سڄڻ تنهن ساعت ۾، پيئي ڏنو سون،
مون تن تڏاهڪون، ملي ملاقات ڪئي.

( ٤ )

نَڪا ’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘ هُئِي، نَڪو لِڳُ، لَحمُ،
ٻِئو هو نہ ٻُتُ ٻُ، اڃا ڪِي آدَمُ،
مُونَ توهين سين سڱ، اُها ساڃاءَ، سَپِرِين!

( ٥ )

’فَيَڪُونُ‘ فِدا ڪري، ڪَهيائين سين ’ڪُنْ‘،
تَعظِيماً تَمامُ ڪري، پوءِ پَڙِيائين پُونُ،
مارُوَ تِنان مُونَ، پِنرا پاڳي آئيا.

( ٦ )

جِئي ’ڪُنْ فَيَڪُونُ‘، جَڏِهن خلقيا رُوح خداءِ،
ڳَڏَ جِتِ ڳَڏرانَ هُئو، جَرَّ لڳِي تنهن جاءِ،
مارُوئَڙَن ساڃاءِ، سائي آهي سومرا.

( ٧ )

جَڏِهن ’ڪُنْ فَيَڪُونُ‘، مَن تَڏهانڪون مارُئين،
تُون ڪِئَن وِڃِهين تَن ڪِي، سُومرا، سَڪُون،
هِميرَن هڪُون، جارَ جُسي ڪي ڄاتيُون.

( ۸ )

تسمت تيد قوي، نات ڪير آچي هن ڪوٺ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي،
ارچي ڪين ڀنوار ري، جان، جسو ۾ جي،
راڄا! راضي ٿي، ته مارن ملي مارئي.

( ۹ )

تسمت تيد ڪياس، نات ڪير آچي هن ڪوٺ ۾،
'ونحن اقرب اليه من حبل الوريد'، وطن آءٌ وينداس،
مارن کي ملنداس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڌين.

( ۱۰ )

'قيدالماء' ٿيوم، هت آڙانگي ڪهاريان،
'هناک جسمي و الفواد لديکم'، هينئون هت سندوم،
قادر شال ڪندوم، ميڙائو سين مارئين.

( ۱۱ )

'قيدالماء' ڪهڻ جو، سو مون ڀانڊ پيو،
'جف القلم بما هو کائن'، وهي قلم ويو،
اي قضا ڪم ڪيو، جئن ٿر ماروئ، آءٌ مارئين.

( ۱۲ )

جھڙو 'قيدالماءَ'، تھڙو ٻند نہ ڪو ٻيو،
'جَفَ القلمُ بِماهُوَڪائِنٌ'، نہي نہ ترِ تناءُ،
عمرا تو ھتاءُ، آجائي ٿني آجڙين.

( ۱۳ )

ري آعرابينِ ھتِ، ڳهنگهر ڳهارڻ مون ٿيو،
'ٻڪتِ العينانِ فِي هَوَاڪَ دَماً'، ٻچان ساڻ ٻرتِ،
من، آکيون، تن تتِ، جتي جنم جيڏيِن.

( ۱۴ )

ھي ھندَ مارُيون هاڻ، ماڙيان سپ ڏيهين ري،
'ڪلُّ شيءٍ يرجعُ الى اَصْلِه'، تي جھجان جهانگين ڪاڻ،
ٻري ٿهنجي ياڻ، ٻسان ملڪ ملير جوا

وائي

عمرا آئون ويندڙو ٻچان ڪوھ،
جتي مارُو، تتي ٻانڌي، آلوا
مٿي ماڙيءَ مارئي، رئاري ۽ روھ،
جتي مارُو، تتي ٻانڌي، آلوا

پنڌان ڪارڻ پنهوار، ڪين جو اڳيري چوءِ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
سارڻ سانيڙن کي، روح منهنجو روءِ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
پانڌي پنهوارن جو، ڪاڻهه نه آيو ڪوءِ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
راڄ پهرتو رب کي، سومرا، سندوءِ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا

## داستان ٻيو

( ١ )

نڪو ابر نه پير، نڪو اوني آئيو،
مون وٽ آيو ڪون ڪو، پائران پري پير،
ڪتابتون ڪير، آئي ڏيندم آن جيرن.

( ٢ )

نه خبر، نه خواب، نڪو اوني آئيو،
مني جو هت ڪهين، ڏنو ڪرن جواب،
همير حساب، ڪه چاڻان ڪهڙو ٿيو.

( ٣ )

اوئي کوئي آئين، ڪو هتي جو هت هير،
ته ڪنا جي ڪونَ جا، ٿين مَرها ميرَ،
آڏ ته آکين اگهان، جي پاڻ ڏنئي ٻير،
الله لڳ، لطيف چئي، لاءِ م تون آوير،
ڪونين گهاري ڪير، محلين منجهي مون هينئون.

( ٤ )

آلا اوئي آئين، جي نياڻا نين،
آئون آنين جي آهيان، توئي مون نه مڃين،
مِس منهنجي هٿ ۾، ڪاغذ ڪي آئين،
لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪِرِيو پون قلم تي.

( ٥ )

جي اَمرَ هئيو آڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪئين،
واکيون جي وصال سين، تنين چاڙهي چيئن،
رُئان راتو ڏينهن، جِئن اَن جي وائيءَ ۾ ور گهڻان.

( ٦ )

تن وهين وبڙيچن ڪي، رُئين ته راتو ڏينهن،
ڪالهه ڀنوارن لڏيو، مون کي چاڙهي چيئن،
آئون جندي ڪيئن، جَم اَن نَر وَجي، ٿاٿا ڪيا.

( ٧ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿاڪ، عمر، مارُوئڙن جا،
لا ٿائون، لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمرا ڪريو آڪ، ڀريو ٿي ڀِن چران.

( ٨ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿانءَ، وهين ويڙهيچن جو،
سڀ تنهنجو سومرا، وينا ڳنهن نانءَ،
آئي وينديس آنءَ، لوئي لڄ مٿي ڪري.

( ٩ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
آبائن جي آسري، ڪٿي ڪان ڪيام،
جا ڏٺ ڏکيام، تنهنجو، ڀرورا ڀِن رهائيين،

( ١٠ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
واسي وار، نه ويڙهيان، سر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ريءَ، آندر ناهه آڪير،
ڀيڙو حال، ڀير، ونبي شال ويڙهه وڃان!

( ١١ )

ڏھسين سيبا ڪنجري، لوڻي مين ليڙن،
ڦهڙو حال وني ڪري، ٻڃان منجهه ٽرن،
مارو مان چون، ته هئي آسانهين آسري.

( ١٢ )

سيبي سيبا ڏي، پوريءَ نينهن نه ڪڇيو،
ڪٽيءَ وٽيون ڪٽيون، متي سيوي سي،
مجهن چونم ڪي، ته لڏائيني ٽر چانيون.

وائي

منهنجو من، ميان! واڪيو وڙيڇن مين.
ڀاهي هاڪي ھڙي، پرين سان ڀيان!
واڪيو وڙيڇن مين.
پير نه ڇڏيان پرينءَ جو، جان مين ٿي جيان،
واڪيو وڙيڇن مين.
حرف لکي ھڪڙي، ھتي تان نه مڃان!
واڪيو وڙيڇن مين.

ڪيرُون ڪَيرِبَن کي، وَڃي ڏيہ ڏيان!
واکيو وِيڙِيڄَنِ سين.
آئون ڪِئَن لوئي لاهيان، ڪارڻ ڀِن ڏيهان؟
واکيو وِيڙِيڄَنِ سين.

## داستان ٽيون

(١)

ہَئولا ڀَهنوارِيوَن، مُورِ نہ مَٽي ڪَنِ،
جو لاڪ رَتاڻون لوئيُون، تہ سالَڻان سونَنِ،
اَن ايلاچِيئون آکَري، مَخمل ماتَنِ،
سَکَر پائيان، سومَرا، ڪَٽي ڪان ڪَهَنِ،
جا ڏِنيم ڏاڏاڻي، سا لاهيندي لَڄ مَران.

(٢)

آرَمَ هَنڌَ مَ اوڍيان، ہَئولا، ہَتَ چِير،
باندُوڻا ڀِنِ ڏيان، آرغچ ۽ عبير،
ماروءَ سين سُٺل ماڻيان، ڪَٽيون جهڙيون ڪير،
آندرِ آڄ آکير، مون کي ہِرِ ہُئو ڀَهنوار جي.

( ٣ )

سون برابر سگڙا، مارُوءَ سندا مون،
ھئا ڀھنوارِ کي، عمر، آءُ ۾ تون،
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

( ٤ )

سون برابر سگڙا، لون لون برابر لک،
رھو جنھن رد ڪيو، ڪوڙ تھين کي ڪک،
مون مارُوءَ جو مک، تيل نہ لائيان تنھنجو.

( ٥ )

تيل نہ لائيان تنھنجو، مون مارُوءَ جو مَنِ،
ڪريان ٻي نہ ڪنِ، آھر آنھين آھيان.

( ٦ )

مون مارُوءَ سين لڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سگڙا، مون کي ھاھن ڀڏائون،
عمر جو آئون، ھٿ ڪئن ھرھيان، سومرا!

( ٧ )

ھٿ نہ ھرھيان، سومرا، جانڪيتان جيان،
آئون ڪئن لوئي لاھيان، ڪارڻ ڀن ڏيھان،
جالسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو.

( ٨ )

جن ڪراين ڪچ جا، ور ساهيڙيون سڀ،
آت آڪنديءِ آهيان، منهن ماروءَ جي،
هڪڙن سين نه هاڙهان، هند هتي جا هي،
آهل آباڻن کي، مري شال ملهائيان!

( ٩ )

ڪراين ڪچ جا، جوڙا ڪوڙا جن،
سو سرڪ ماروئڙن، جتان لوڪ لڄ نئي.

( ١٠ )

ڪارا، ڪراين ۾، سون آسان کي سوءِ،
ور جيڏين سين جوءِ، فاتو فرحت پائيان!

( ١١ )

اي نه مارن ريت، جتن سين متائن سون تي،
آڇي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪريت،
هڪن جي هريت، ماڙيءَ سين نه منيان.

( ١٢ )

عمر، آڇا ڪپڙا، ڪاڻياريون ڪٿن ڪن،
جنين جا تن ۾، ور تا وين سهن،
هوءِ جي حق پچن، سي ڪٿن سيون، سومرا!

( ١٣ )

آئون ڪئن سوڙيون سمهان، مون ور گهاري ولهه،
ڪَٽيري تان ڪِل، عمرا. ڪِج م اهڙي.

( ١٤ )

آئون ڪئن سوڙيون سمهان، مون ور گهاري مَچ!
ور آباڻِ مين اَڄ، ڪوهه شربت تنهنجو سومرا.

( ١٥ )

ور مِي وطن ڄائيون، صحرا ستر جنِ!
گولاڙا ۽ ڳِگريون، اوچن آباڻِ،
وڏڙھيا ڳهمنِ وليون، جهانگي منجهه جهنگن،
مون ڪي ماروئڙن، سڄ ڪِٿائي سيج ۾.

( ١٦ )

پلر پيش، اوچن آن، جنِ جا پيرَ مٿي ٻهٽ پاڪ،
دِهن ورا ڪن ۽، آن جي آجوڪي اوطاق،
پاڻُ نه پسن پاڻ ڪي، ويچارا بي پاڪ،
عمر، آوه نه عاق، ڏکيا جم ڏکوئيين.

( ١٧ )

ڪارا، کَهڙَ ڏيهه ۾، پيا واريءَ مَنجهه وَناڻ،
سانئين ڪي، سَيد چئي، پَريو ڏِينِ پاڻ،
عَمرا اِيءَ اَماڻ، ثابت رَکج سومرا.

( ١٨ )

ٿورا مَنجهه، ٿَرنِ، مون سِين ماروءَ جي ڪيا،
عَمرا آنِ ڪَٿنِ، آئون ڪِنُ لوئي لاهِيان.

( ١٩ )

مِڏ نہ پَڙاں هيڪڙي، ٿوري ٿَرَ جانِ،
مون ڪي ماروُ ٿَرن، ميري ڪري نہ مَٽيو.

( ٢٠ )

چِڏ مَهرايون سومرا، عَمرا لَڳِ الله،
تيرِ ٿ ٿورا ڏينهڙا، ماڙِين ڪارِيرِ ماه،
سِڪ مُنهنجي ساه، ماروءَ جي مَسَ لهي!

( ٢١ )

جا عَمرا تو مَلِ عيد، سا آسان سوءَ وَرتي، سومرا!
وِيئي وِچارنِ وِسري، خوشي ۾ خريد،
سِڪَنِ ڪيا شَهيد، ماروُ جي مَلير جا.

( ٢٢ )

مُنهنجو تورَ تَلنِ ۾، ڇيها نو چاري،
ڏاڻي ڏِٺ ڏاري، آهِ اَبِي ميٺڙي.

( ٢٣ )

مُنهنجو تورَ تَلنِ ۾، آئون هٿِ بنديائي!
مون ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾، ڦرهِ ۾ لائي،
ڪنديسِ رِهائي، ماروءَ پاسِ مَلير ۾.

( ٢٤ )

حقائو هٿِ ٿيو، آئون هٿِ بنديائي!
ساري ساڏوهينِ کي، ڪوئين ڪومائي،
لِڳين لوهہ لَطيف چئي، ويٺيسِ وِسائي،
مَنَ ماروءَ جِي نہ لهي، ڪيتِ ڪِجائي،
سمن سچائي، اَبي آهِ اُنِ سين.

وائي

لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لَڌيون.
سون برابر سڳڙا، ساهنِ ٻڌائون،
مون ماروءَ سين لَڌيون.

سو ڪئن هٿ پرهيان سومرا، گهوريو عمر جو، آئون،
مون ماروءَ سين لڏيون.
ڪاچ ڪنيرن سفرو، سگر ۽ سائون،
مون ماروءَ سين لڏيون.
سا ڪئن ڪائي ڪارڪون، جنهن کي ڏونرا ڏيج ڏنائون،
مون ماروءَ سين لڏيون.
ڪه، سانڊائون، مکڻي، قوت جنهين جو سائون،
مون ماروءَ سين لڏيون.
عمر تبي جور ڪري، جيلانهن راڄ آڪاهون،
مون ماروءَ سين لڏيون.

## داستان چوٿون

( ١ )

مينڍا ڏوئي نه مارئي، پيس پهنواريون چت،
راڄ رڻاڙي، هنجون هاري، ميءَ هتيجي هت،
آهس پاڻر پار جو، ڪجهه ۽ ڪت،
ونگس وبڙيچن ريءَ، مس مٽي ڪا مت،
سومرا! سپت، ڪري تہ ڪوڙنان نڪري.

( ٢ )

مينڍا ڏوٿي نہ مارئي، آهي من مليرَ،
ڪڏهن تہ ڪاڻ لهي، هتان هي هميرُ،
ڪانڌ ٻين ڪيرُ، جي امانت اُت وڃي.

( ٣ )

مينڍا ڏوٿي نہ مارئي، نہ ڪلهي نہ ڪاءِ،
عمر جي انصاف جا، وڃي واساما ڳاءِ،
هيءَ جا ڪيتي هاءِ، سا، مهندان اينديئي منهن ۾.

( ٤ )

مينڍا ڏوٿي نہ مارئي، ٻيس ڪرنون وارَ،
متيءَ سيئي ساريا، جي ڀائر جا ڀنوارَ،
عمر! انهون ڏار، مور نہ وهي مارئين.

( ٥ )

مينڍا ڏوٿي نہ مارئي، محلين مارئنان ڏارَ،
ٻاٻو ميت ملير ري، منڌ نہ ويڙهي وارَ،
ٻا هتيجن هار، سا ڪين وهندي ڪوٽ ۾.

( ٦ )

ميندا ڏوئي نہ مارئي، ڪونهي آن اوڃاہ،
عمر جي انصاف جو، ٻيس ڪن ٻڙاہ،
ويٺي چوء: "الله، مون تي مت نہ موٽيا!"

( ٧ )

محلين ماندي مارئي، ڏٺم منهن ملور،
اٿيا سٺيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور،
ٻيس لوہ لطيف چئي، لٿس ڪوڏ ڪپور،
چت جنين جا چور، سي مڪي مرڪ نہ ڪنديون.

( ٨ )

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روء آئي چوء:
"مهج سوري پائيان، سومرا! سندوء،
"ملڪ مارؤء جي آهيان، جور نہ ٿيان جوء،
"سو قلب ڪوٽ نہ هوء، جو هتيجن هٿ ڪيو".

( ٩ )

ڪريو مهاڙ ملير ڏي آپيائي آهي،
جا مٿي ڏنيس مارئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا! ساهي، مٿي ٤ وڃهہ ۾ ڪنگهرون.

( ١٠ )

ڪيِرَ مُهارَ ماڻِ ڏي، سڀ ڪوٽ چڙهي،
نتَ نِهارِي ڏيهَه ڏي، ڳُوڙها ڳِيرِ ڳڙي،
نِگِي ڪوڪ قلب مان، منجهان روحَ رڙي،
ويڙيچَنِ وري، ڪَرَ نَه لَڌي ڪَڏهين!

( ١١ )

جي ڪَرَ لَڌائون، تَه بَندِيءَ بندَ نَه ماريو،
مارُوئڙَنِ آئون، جيڪسِ وِيس وِسري!

( ١٢ )

بَندي پيا قرارِ، آسين لوچون لوءِ ۾،
مڙي تن ترارِ، سَدا سانڀيڙنِ جِي.

( ١٣ )

نِيرُ نَه لهِي نيڻهن جو، لَهَه جا وِيا لهي،
ڪُنجيون جي قفلانِ جيون، سيڻنِ هٿَ سهي،
وِئڙا راڄ رهِي، ڏيان ڏوراها ڪنِ ڪي.

( ١٤ )

لِيرُ نَه لهِي نيڻهن جو، لَهَه جا لهِي وِيا،
مارُنِ ڌاران مارُئين، ڏُملا ڏِينهن ٿِيا،
ڏيهِي ڏورِ وِيا، ڏيان ڏوراها ڪنِ ڪي.

( ١٥ )

لنگرِياري لوڪ ۾، جنهين لءِ نياسِ،
تنهين تر جيترو، هلڪ نہ هچياس،
جهروڪن جهوريو هينئون، ڪوئين آءٌ ڪنياسِ،
مارن مونجهہ مياسِ، نات مارِين ماريس ڪين ڪي.

( ١٦ )

مارِين ماريس ڪين ڪي، ميس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهين، منهنجي آهي ماءُ!
سانبيڙن سداءِ، وينو واجهہ وجهي هينئون.

( ١٧ )

وينو واجهہ وجهي هينئون، پر ۾ پهنوارن،
آت اڪنڊي آهيان، پاڻ ۾ پرين،
ڪريان ٻي نہ ڪن، ويندس وطن سامهين.

( ١٨ )

ويندس وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳ،
ڏٿ چوندينديس ڏيهہ ۾، ساڻ سرتين ماڳ،
تہ مون سئون سياڳ، جي ويجهي نيان ور ڪي

( ١٩ )

جي وِڇِڙيا يار وَرَ ڪَي، تہ مَيا ڳوڙهن سئون،

نِتَ نِتَ آهِہ نئون، مون کي وِرهہ وِڇڙنِ جو.

( ٢٠ )

آئون ڪيئن ڇڏيان، سومرا، تنِ ڀَنوارنِ ٻچار،

جَڙ جِنين جي جانِ ۾، لڳي رهي لهار،

سِکون مَحبت سَنديون، هينئڙي منجھہ هزار،

ڀَڪا ۾ ڀنوار، ڏِئي مون ڏِينهن ٿيا.

وائي

مون م ڪَسِجاهہ، مون م ڪُٺِجاهہ لوئي، ميان عمرا

ساڻ ڀَلاهہ نہ ڀارِيان، سندي ڏُونرنِ ڏوئي،

ميان عمرا مون م ڪَسِجاهہ.

ڪاڏ نہ ڪنديس ڪو ڀيو، مون وَرُ مارُو سوئي،

ميان عمرا مون م ڪَسِجاهہ.

ڪوهہ مي طعام تِنِ جا، وَرُ ما ڏُونرنِ ڏوئي،

ميان عمرا مون م ڪَسِجاهہ.

جهانگي جو جهنگنِ جو، سِڱ ڪميڻي سوئي،

ميان عمرا مون م ڪَسِجاهہ.

## داستان پنجون

( ١ )

سونهن وڄاير، سومرا! مارُو مس مڃين،
ڏونگها ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا، ڪي ڏين،
جي مان اوهه لاءِين، ته ڪونَ ۾ ڪين هڻان.

( ٢ )

سونهن وڄاير، سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت، پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري.

( ٣ )

سونهن وڄاير، سومرا! سڪر جهڙي سولهن،
دل ۾ ڏکي ڏونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو.

( ٤ )

سونهن وڄاير، سومرا! هتي آچي هاڻ،
ڪٿ لهنديم ڪاڻ، حسن مون هت ويو!

( ٥ )

سونهن وڄاير، سومرا! ڪيڏانهن وڃيم ڪمال!
وڃان ڪٿ وطن ڏي، هيڙو ولي حال،
جي سون ڏين جمال، ته پسان منهن پنهوار جو.

( ٦ )

سونھن وِڄاير، سومرا! وطنِ وڃان ڪِيئن،
حسن ڏاران ھيئن، پسان ڪئن ڀنوار کي.

( ۷ )

سونھن وِڄاير، سومرا! پسان ڪئن پنوار،
ڏيئي جا ڏرار، تنھن روءِ ريءَ رچڻ نام ڪو.

( ۸ )

سونھن وِڄاير، سومرا! عمر، ٿيس آسير،
مارو منجھ مَلير، مون سين هتِ ھئن ٿيو!

( ۹ )

سونھن وِڄاير، سومرا! ٿينديس ڪئن قبول،
ڪونھي سھڪ، نہ سول، پوچي سنھن ڀنوار سين!

( ۱۰ )

تنِ منھن موچارا مارئين، مَلير جنھين ماڳ،
ناقص نوازي گھڻا، سندو تنِ سِياڳ،
آگرِ مون آياڳ، حسن مون هتِ ڍيو!

( ١١ )

ڪونهي قادر کو ٻيو، آنين جو آياڪ،
"قل لن يصيبنا الا ما ڪتب الله لنا"، اي معذرت ماڪ،
سيوني سپاڪ، مارئيءَ مساوي ٿيو.

وائي

منجهه رهي ملير، هاري، مون کوه ڪيو؟
مون هشان، منهنجا ڏٿي، ڪهسين ٿيا صغير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
ڀڪي منجهه ڀنوار جي، ڪوڙيين ڪيم ڪبير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
تون ڏيين، تون ڏٿي، دلاسو دلگير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
ڀرو لاهه م پاڃهه جو، مون تان، منهنجا پير؟
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
نڏيون وليون ترن ۾، ڪوڙين ڪري، ڪرير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟

## داستان ڇهون

( ١ )

جهڙي آبس جِنَ، جي تهڙي وِجان تَنِ ذِي،
تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر مندن آئا مينهن،
ليس ڪاڪياري ڪانڌ جي، هتي آڇي هيئن،
ڪنڌ ڪنڌيس ھڪئن، منهن مارُوئڙن جي.

( ٢ )

جهڙي آبس جِنَ، جي تهڙي ملان تن ڪي،
'ڦران، ڦر چاريان' هينئون ڇٽيم هئن،
وِجان ڪئن وطن ذي، ڪاڻِ لهندير ڪلن،
منداڻي مينهن، سونهان سرتين رِچ ۾ !

( ٣ )

هيڪ جِئن نہ جاياس، پيو چاهندي جي مران،
ڪهنگهر ڪهڙون ٿياس، جاهي، مارُوئڙن ڪي.

( ٤ )

هيءَ منهون ذيئي ٻن، تون وہ ڪاڻي نہ مرين،
ڦان جي ملير جائيرن، توسين منڱ نہ ڪن،
تون ڪئن منجهان تن، ٻان ڪوٺايين، مارئي !

(٥)

عمرا ڄڻ جيو، ڪوڙ منهنجو، مو سرا!
جا ڄر نه ڄڻوارن جي، مون سين تن ٿيو
وڃي منهن ڪهو، وڃان وطن سامهين.

(٦)

ٿو سوني ماروئي، مٿي، ٿو جائي،
جنهن آڇي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪين مرڪي ماڙيين.

(٧)

يا الله آهيان بند ۾، ڏٺان ٿي ڏهر،
ويڙهه وراڻي ناهه ڪا، ٿوهرو ٿهر،
ميان مهربان ڪرين، الاهي عمر،
ويڙهه پسان سو ور، جڏاهن عالم آسرو!

(٨)

الا ايئن م هوءِ، جئن آن مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، رانو ڏيهان روءِ،
ڄرين وڃان لوءِ، پوءِ مر ڇڄنم ڏينهڙا!

(٩)

آئون بنديائي بند ۾، ڪ آئون ٻيس بند،
مونهين لڳو ميهڻون، ڪ مونهين ڪڙو ڪنڌ،
مران جي ھن ھنڌ، تہ نجاھ مٿ ملير ڏي.

(١٠)

واجهائي وطن ڪي، ساري ڏيان ساھ،
ٻت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجاھ،
ھرڏيهيائي ھرينءَ ري، ڏار م ڏريجاھ،
ٿڌي وسائج ٿر جي، مٿي مٿيءَ مٿاھ،
جي ھوبون ٿئي ٻساھ، تہ لجان مڙھ ملير ڏي.

(١١)

واجهائي وطن ڪي، ساري ساھ ڏيان،
ھيءُ سر ساڙيہ ساھون، منهنجو نيج، ميان!
مقاميائي مارئين، وڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان، جي وڃي مڙھ ملير ڏي.

( ١٢ )

واجهائي وطن کي، آئون جي هٿ مياس،
گور منهنجي سومرا، جيڪي پهنوارن پاس،
ڏج ڏاڏائين ڏيه جي، منجهان ولڙن واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙه ملير ڏي.

( ١٣ )

ڳچيءَ ڳانا لوه جا، زيرين ۾ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوئين آندر ڪير،
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه ڇجي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو چام ملير، پڇج ڪي پهنوار کي.

( ١٤ )

چن نه ڇجي هيٺ، ڪڇن آهيان ڪوٽ ۾،
لوئيءَ سين، لطيف چئي، پيڙيو بڌان پيٽ،
سرهيون سي مرتيون، وطن جنين ويٽ،
آت سپچي آن سسن جي، هٿ رچائين ريٽ،
ماڻيان شال ملير ۾، مدائتي ميٽ،
ڏيهيا! ڪجا ڏيٺ، ڪا مدت مون سين مارڙين!

(١٥)

ڇَنِ نہ ڇڄي آهِيان، ڪَڇَنِ ۾ ڪوٽَنِ،
ايندي پَسِ اُبتا، ڀڪُڙا ڀِرَنِ،
هَٿوڙِيون هَٿَنِ، جنکھون پانھون ڪاٽ ۾.

(١٦)

هَٿين هَٿڪڙول، هِينڙي ٻُڌَمِ هَنِ جا،
مانگي مارِئيءَ سومرا، ڏاڻي ڳاهي ڏولَ،
ٻاٻاڻِي ٻين ٻولَ، ڪِيمِ نہ ڪوٽَ وِهڻ جا.

(١٧)

زيرِين ٻيڙين لوھ ۾، ڪَٿِنِ ڪيس ڪاھَ،
سونڪي سَندي سومري، هَڏ نہ چاڙهِيم ماھَ،
مَرتِيون! دعا ڪجاھَ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي،

(١٨)

پرم پاروڙيءَ رهي، جِنهن آڇي آن!
تہ ٻَڻ وِيٺي وِنديان، توڙي ٻونسِ تَنِ،
غافِلِ زِک غرِيب کي، عمر! منجھ آمَنَ،
مَرتِينِ ماڻ مَتَنِ، آءِ آئي ميھڙين.

( ١٩ )

آهِر آئي مينهڙين، سهن سرتين ساڻ،
ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ، وڃي وڙيڇن سين ا

وائي

عمرا آئون مري تان نه ڇڏيندي، لوا
منجهي ماروئڙن جي.
مينهين آئي مارئي‌ءَ، لائين ساڻ لڏيندي،
منجهي ماروئڙن جي.
مري منهنجي سومرا، تڙن ڪين تڪيندي
منجهي ماروئڙن جي.
هميرائان هٿڙا، سهري ڪين مڃيندي.
منجهي ماروئڙن جي.

داستان ستون

( ١ )

پهنوارن پاپوهيو، ورِيا واهوندا،
مارئيءَ سيڻ، سيد چئي، ڳاڏيلون ڳوندا،
پٽن پر هوندا، پونڪا پڙ پتار جا.

( ٢ )

ڀنوارن ڀانيو ھيو، ڪي وَسَ واھوندن،
لٿو ميِ، لطيف چئي، ٻڌو ٿَرَ ڦرن،
آوءِ نا ڪورن ڪنڌري، سرتيون، ٿان سَسن،
عمر، اَنَ آگوندري، پاڻي ڪاندَ ڪتن،
ٻاٽر ڏنيون ٻيون، ننڍن نوراڻن،
ڪاٺر ڪتيون خاصيون، اوچيون آتِ آڄن،
ڪڍيو ڀين ڪهن: "ملير ڪهرجي مارئي!"

( ٣ )

ڀنوارن ڀانيو ھيو، ڪي واھوندن وَسَ،
عمر! آنهين ڏيه جا، ڏوٿين ڏنم ڏسَ،
وليون، وَٽَ ڦلاريا، لَڙَ نڪيو لسَ،
آئيو وڄون آهرين، سندا ٿوهن ٽَسَ،
ميوا مڃر، ماڪيون، ميڪا چڪن چسَ،
مارُئي وهي مَسَ، ملير ويندي مارئي.

( ٤ )

آلين ۾ چاڙهين، ڏٿ ڏيهاٽي، سومرا!
متا ڪيو، سومرا! مائون سڪائين،
منجهان لنب، لطيف چئي، چانئر ڪيو چاڙهين،
ٻلاءِ نه ٻاڙين، عمر، آراڙي سين.

( ٥ )

تن وهين ويڙيچن ۾، سدائين سڪار،
جوندبو، آئيو چاڙهيون، سندي ڏونرن ڏار،
جن جو ويڙن سين واهار، سي ڏوٿي هون نه ڏيرا

( ٦ )

ٿوري قوت قراريا، رهن سبر ست،
ڪتيءَ ۾ ڪي پڪليا، پوٺن اهڙي پت،
پنهوارڪي ٻت، ٻهي پچ ملير ۾.

( ٧ )

نڪا جهل نه پل، نڪو رانئر ڏيهه ۾،
آئيو وجهن آهرين، روڙيو رتا ڪل،
اروڙ ٻاڙ آمل، مليرون مرڪٿون.

( ٨ )

ٿُڻن ٽَڪ ٽَڪِڙا، چِڪندڙا آڇِنِ،
ڪُڙيُون ڪيِنِ، ڦَڪليُون، ڦَڪڙ مِر پيرِنِ،
اِي وِڙ ويڙِهِجَنِ، مُون لوڏان ٿي لَکيا.

( ٩ )

تَنِ ساڏو هِينَ سَنَدَ مَرانِ، ڏِنگا جِنِ ڏارَ،
پُٺي ساڻُ پَٽارَ، باڙِ ٻُروُن چُونڊِيانِ.

( ١٠ )

ٻانهُنِ پَجي پيٺيون، رَهيءَ واهيت، رَهيءَ وارِ،
جُوءِ ڪَشادي جيڏيِنِ، مَلير موڪَ سُوارِ،
اُت آباڻان جِتهِن جا، سا مارُڙيءَ مورِ مَ ڇاڙِهه،
جي اُڪنديُون آرارِ، لوهَ تَنين کي لاهيِنِ.

( ١١ )

دَرِ، دَروازا، دَريُون، ٿاڪي ٿي هو،
کُوڙِبين آڏيان کيتِرا، تَنبو مَتاءَ ٿو،
جي مولِ نه آيا، مارُئِي، تَنين رَڙِ مَ رو،
ڪُوڪَتَ آهي ڪو، سڀِ ڦِٿوارِنِ ٨.

(١٢)

سنهي ۽ سئي ۽ سيءُ، مون ماروءَ سين ساهه،
ويٺي سارِيان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه،
هينئون منهنجو هت ٿيو، هت مٿي ۽ ماهه،
مَکِن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

(١٣)

سنهي ۽ سئي ۽ سيءُ، مون ماروءَ سين مَنُ،
هِتي ڪن حلم جا، تِهِ وڏائين تن،
ڪتن ٿوهايان ڪنُ، آهاٺي ۽ اُبر ري.

(١٤)

ٻاچاهي نه ٻاڙيان، مرتيون! مٿي ۽ ساٺ،
ڏسڪي آڳاڙن ڪي، ڪين ڏڪيائين ٻاٺ.
پيهر جاڙي جاٺ، اُبر جي اوصاف ڪي.

وائي

روئندي رات وهاءِ، مون کي رويو رات وهاءِ،
عمرا! ميان سومرا!
آئون بند پائي بند ۾، ڪي ڪبي بند پيا،
عمرا! ميان سومرا!

مون کي ڏيهان نِڪري، ٻه نِي نوڪ نيا،
عمرا! مِيان سومرا!
هڪ عمر منڊيا مارا، پيو مارؤ تر نيا،
عمرا! مِيان سومرا!!
عُمر، بنديائين سپن، جورو تو نہ جڳاءِ،
عمرا! مِيان سومرا!!

## داستان اٺون

( ١ )

چرن، چنڪن چت ۾ وساريان ڪين وري،
ڪنا عهد 'الست' جي، ڪ تهائين پري،
'لم يلد ولم يولد'، مارئي ڪوه ڪري،
اَج ڪ ڪالهه مري، ساري سانيڙن کي!

( ٢ )

چرن، چنڪن چت ۾ وساريان، ڪين وري!
جن ٿي ٻهي ٻاريا، منجهان سڪ سري،
دشمن ويڙيچن جي، سنانن سري،
لرن نوڪ ڏري، آئي وٿرا آڪري.

( ٣ )

چرن، چڱڪن چت ۾، وسارِيان ڪين ورن!
'ليس ڪمثله شيءٌ'، پسڻ ناهه پرين،
پکا پهنوارن، نيئي آڏيا ناهه ۾.

( ٤ )

چرن، چڱڪن چت ۾، ڳهارن مٿي ڳهٽ،
ڪهه، مانڌاٽون، مڪيٽي، ڍونئن ڀاسي ڏٽ،
پهنوارڪي پکڙين، وڃي ڪريان وٽ!
سارَيه ساهين سٽ، ڪنديس، پڃي ڪرن ڪي.

( ٥ )

چرن چڱڪن چت ۾، هرن منجهه هينئين،
لطف ٿيو، لطيف چئي، مهر ڪي مينئين،
ڏکيءَ ڪي ڏينهن، سرهايون سارَيه جيون!

( ٦ )

چرن، چڱڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪنهن لوءِ ونا، مارو منجهه ملير،
ويئي پوچيان پير، سان پلنم ڪڌهين!

( ۷ )

ڇرن، ڇڪن چت ۾، رهيا اندر روح،
اڀي ونڙا اکري، مارو مٿي موھ،
ويرون ولوڙن جيون، ساريان ڪهڙن صبوح،
وڙ مي ڪارا ڪوھ، سنجھ جي ساڙيهہ جا!!

( ۸ )

دڙ آهائي وير، جن ڏڻ تسي تڙ آئيو!
سرتين ڏٿ سيل ڪيو، اڳي ڏوٿي ڏير،
هينئون آن جي هير، تو جهڄي جهروڪن ۾!

( ۹ )

پر ڪنيائون ڀر ۾، ڀارين ڀڙون،
منجي ماليڪن تي، وڏي ويڙ وھون،
پايو جر جنڊن ۾، ڪوڏان ڪن ڪڙون،
ڏينوان ڏينهن نئون، مون کي ورھ ويڙيچن جو۔

( ۱۰ )

اڄ آئن تي، جيلانهن ڀائي ڀاتار ۾،
وارو وسرين ڪي، ڏينهان ڪوڻ ڏئي،
مون ڪميڻي کي، مٿان ڪوھ ڪئي وڃا!

( ١١ )

سرتين سنجڻ چڏيو، ستين ڪالهه مٿي،
ماربجي ماڙين ۾، ڪڏهن ڪان هٿي،
عمر، آءُ نه مٿي، ان اويائتان آکين!

( ١٢ )

پنيءَ جي پوڙن، پيچ پٽڪو نه مٿان،
سنجهه واريون متيون، وڄي وبڙهه وڙن،
پيا سيٽ، سڙن، تڙهي پنهين ڪنڌين.

( ١٣ )

سڀ نه وڄي متيون، آهان ڪي سنجڻ،
پيو، سي پٿرن، جي آيائجي آئيون.

( ١٤ )

پري نه پکر دانهن، پوڻ پٽڪو نه مٿان،
ميان مارو نڙن جا، آوتا ڏسان آنهن،
جن ساڻيڪا سنجها، سي، ڏٺي! ڪمڙه ڪانهن؟
هڪا ڪٿي هرانهن، جيڪس لڏيو لونڙياريين.

( ١٥ )

سِنجِي سِنجِي ڪوهڙا، وِڙهِي وِيا وَرت،
ميان، ماروُئڙن جِي، موُن کي هِينئڙي ۾ حيرت،
ڇِڪَن آندر ڇِت، ساٿيڙا ساڏو هيون.

( ١٦ )

ڪوهر، ٿوهر، ٿر، ڇت سانيڪا ۾ سَٿيون،
چارڻ آت چاهہ منجهان، ٻاسي ٿوکِن ٿر،
ڪِئن لهندم ڪر، جئن ماروُ پاڻ آهاريا.

( ١٧ )

عمرا ٿِير آهار، وِرهہ وٿيان ڪِنِ سِين،
ڏونيڙا ڏورِ ٿيا، تکان جن تنوار،
سِناٿون سنگهار، ڪوهن تانءِ ڪَٽي وِيا.

( ١٨ )

مون مارُئِي جو، سومرا! پنهين پارين ڏک!
هِت عمر جو آهک، هت مارو ڏينم منهٺان!

وائي

ٻرڄنِ شال ٻهنوار، ڍولا، ماروُ مون سان، لا!
مون موراٿين مديون، آهن سين ستار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

عيبن پري آهيان، ستر ڪج، ستارا
ڍولا، مارو مون سان، لا!
آئا مينهن مليربي، تڙ تڙ هوء تنوار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!
ڀانئي آيس ڀاند بي، آوڳڻ عيب اپار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

## داستان ناٿون

( ١ )

جهڙ ڦڙ جت ٿيان، ات آڏيائون ڀڪرا،
هن منهنجي حال جو، قدر نه ڪيئان،
جيڪس آن وسريان، مارو قوت قراريا.

( ٢ )

جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جت جيها، چلڙ چڪ،
آندر ٿو آج مري، ساه آنين جي سڪ،
پيهون شال ڀيون پري، تنان ڏيئي تڪيا
ور ڀريان سين ڀڪ، ڀيا پاڻ ڀريائي گهوريان!

( ٣ )

ڏٺيون ڏيئي ڏينهن، ڏيو، مهين ماروئڙن جا،
هاڻ سڀ ڀڄي ڀيو، ڪهر گهاريندي ڪير،
ڪوئيين لڳن ڪير، محلين منجهي مون هيئڙو.

( ٤ )

هن منڊ مارو منرا، ديرين وڳ وارين،
چڇيا چيڪاريو چيلڙا، اٿين پهرائين،
نيڻ منهنجا آن ڪي، جهجهو جر هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا، موٽ تون.

( ٥ )

هن منڊ مارو منرا، ڪاڻر ۾ خوشحال،
سائون، سيارچ، مڪڻي، جيڏيون آئين جال،
متيءَ جي، سيڌ چڻي، ڪا ماڙيه منجهه سنپال؟
لڱن تاز، لطيف چئي، لوئي لاهم م، لال!
پلو ڪندو پال، مينهن وسندا، موٽ تون.

( ٦ )

هِن مَند مارو سنرا، ڏِنگر ڏار رهن،
ٻاٽي ٻوج ٻَن ۾، ٻکي ٻاندِ پين،
هِن کي لوهه، لَطيف چئي، هوءِ ڪاٿر منجهه ڪِلن،
ڪانوَنيا ڪاڇن، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٧ )

هِن مَند مارو سنرا، سارِيهه منجهه مَڏير،
هِن کي لوهه، لطيف چئي، ڪونِين آندر ڪير،
ميها مينجهه سلير، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٨ )

هِن مَند مارو سنرا، جِيائي جالين،
چارِيو لنب، لطيف چئي، واڳين ڍِهارِين،
ڪيئائي ڪاهين، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٩ )

ڪاروڙِنان ڪٿي، وِيڙِيجهپ ويا،
سين منهنجا، سيد چئي، هاڻي هت هئا،
ٻسي ٻڌ آنهين جا، لڙي لڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراهو ڪن کي!

( ١٠ )

سدا جن ٻرياڻ، ٻالڏي ٻڪي لڏ سين،
مارو ڳٺن ساڻ، وڻڙا ٿر آکري!

( ١١ )

مٿي ٿر رهي، ويا ڳذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪون آئيو، تن ڀنوارن ڀي،
وڻڙا سي وهي، جنب ڳذاريم جن سين!

( ١٢ )

ٻاسا ٻولڙين ۾، ٻانهون سر ٻيٺي،
آڪيون، نڪ آربع ري، ٺمايم ٺيٺي،
ڏور ٿيا ڏيهي، ٻرين ٻاٺر وٺ ۾!

( ١٣ )

ٿا جا ٿر ٻر جهل، ٻيون ٻاٺر وٺ ۾،
سيٺي ساريو، سومرا، آجي آب آچل،
سانبين ڏنر مل، ڏٻي جن ڏينهن ٿيا!

( ١٤ )

جهران، جهجان ٿي، جٺن ٻسٺان ٻري ٿيا،
آلا! اولي آئين، جوڪيٺن جي خبر ڏي!
من منهنجي ڪي، واڪو لهي ويڙهہ جو!

## وائي

ويڙهيچن ڏي ويندي، عمر! آئون ماروئڙن ڏي ويندي،

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

سگر ساهيڙين سين، ساريهه سنجهه سنيندي،

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

آنا مينهن مليرَ ۾، ڏاڪا ڏهر ڏوندي

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

عمر! انهين ڏيهه جا، ڪوڏر ڦوٽ ڪرينديَ،

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

ڪولون ڪولاڙن جيون، جهجهي ساڻ جهڻيندي

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

ڪوڪڙ ڪنڌيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پريندي،

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

عيدن برادن تي، ڪه ماندائون ڪيندي،

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

پسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏن ڏيندي

ڏيهه ڏاڏائين پکڙين.

# داستان ڏھون

( ١ )

آئي ٿي وراڻ، ڪينٿن واڏايون آئيون،
لٿي لونڙياريين، مڙني منھن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، ڇڏي ھنوارن ھاڻ،
ھميرنئون ھاڻ، مھت لھنديئن، مارئي!

( ٢ )

ڏريائين ڏار، جي وڏي وڻ جدا ٿيا،
تن سڪن ڪھڙي سار، ته ڪي آئا مينھن ملير ۾؟

( ٣ )

آيو ڪير ڏيھاءِ، جنھن ڪر پڇان خبرون؟
وڃون اِن وٿاءِ، رات ماروءَ تي وئيون.

( ٤ )

آتان اوٺي آئيو، خبر اِي ڪري،
وساريج م ور ڪي، پنج م، منڌا! مري،
وِبندئن آت وري، ڪو ڏينھن آھين ڪوٽ ۾.

( ٥ )

آج آڏنگا وڻ، مون کي مکا جيڏيون،
"هاري، همير جا، ڄڪس ڪاڏني ڪيڻ،
"سانيڙا ۾ سين، ڪي تو ويا وسري"

( ٦ )

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ ۾ لاءِ،
ڪاڻ، آهنجي ڪر جي، آڏوڏائي آهه،
هت م ٻاڙج عيڪڙو، ٻاڙ جي ٻساهه،
ستي! سيل نباهه، ملير ويندئن، مارئي!

( ٧ )

سي ساميڙيون مارين تو، سيل جنين جڙ سچ،
ماروءَ ريءَ ۾ مچ، سيهو پانئج سون کي.

( ٨ )

ساميڙيون سارين تو، سچ جنين جو سيل،
نڪو قال نه قيل، آنين جي آدب ۾.

( ٩ )

جو ڏيهه ڏاڏاڻان آئيو، پيرين تنهن پٺان،
سانگائتوءَ سيد چئي، سنديون چت چٺان،
هتي تان نه هئان، حرف لتي هيڪڙي!

( ۱۰ )

جو ڏيھہ ڏاڏاڻان آئيو، ڏنم تنھن طعنو:
"ھاڻي ويھہ ۾ ھلنگين، ڪچي سر ڪانو،
"مٿان لڪ، لطيف چئي، ڪاڪ ۾ خزالو،
"سرتين سيل چوائيو، جور ھٿي جالو،
"تيو سڏ سمالو، حرف لئي ھيڪڙي."

( ۱۱ )

مون سين مارونڙيون، ڪھڙي ريت رسنديون،
جوني ۾ چيڙھ پيو، پڻ رت جيون،
نيڻين نند وڃي ٿي، ساري ساڏو ھيون،
ھٿي جي ھيون، تہ سڏ پڻين سيل جي!

( ۱۲ )

"سٽي! تنھنجي سٽ ۾، ڪالھہ ڪھرجي ڪچ،
"وڏيو، چيريو، چچريو، پر ۾ آيي پچ،
"ماڻ آمالت آڇ، تہ نيين سماني سازبھہ ۾."

( ١٣ )

جانڪين ستين سير، تان ڪين وهنديس ڪوٺ ۾،
سڀ سمنڊين سيڄي، ندي ڀي نه نير،
جتن هو آبر آسري، تتن مون من ملير،
ڪاٿر ٻين ڪير، جي آمانت ات وڄي!

( ١٤ )

جر ۾ سيون جيئن، آهين آبر آسري،
جتن ڪونجون مارن روهه ڪي، مون تن آلدر تيئن،
ڪوئين وهان ڪيئن، جي نظربندياٽي نه هٿان.

( ١٥ )

سڀ سمنڊين سيڄي، آبر آساروس،
ٻاڙو ڀي نه ٻيڙي، ملو منهن لکوس،
ماٺڪ تي مڙيوس، جتن تنگ ڪدبائين تار ۾.

( ١٦ )

سکو، سڀ سرتيون، مين ملا سير،
ٻيو متائي نير، آيون آبر آسري.

( ١٧ )

سِکو سِپنِ کان، سَرتيون ريت سِکَنِ جي،
مگَنِ جڙ مَٿان، اوري ڪِنِ نہ آسَرو.

( ١٨ )

ڀِرَينءَ رات ڀَسي، مون ماڙيءَ مَنَ ڦِکو ڪيو،
موھڙ ماروڙَنِ کي، واحِد، ڏيجِ وِسي!
آھَر جِنھن آسِين، سو مِلندو شال مَلير ۾!

( ١٩ )

وطَن رِيءَ وِڀِي، جي ھِتِ گھاريمِ ڏِينھڙا،
آءُ مارو ڏِيندمِ منھن ۾، ڏاڏاڻان ڏِيھِي،
ھَکَنِ ۾ ھِيھِي، شَل مَحلَنِ جي مَر ڏٺان!

( ٢٠ )

مَ ڪِينُ رو، مَ رڙ ڪِينُ، ھَنجَون ھَڏِ مَ ھارِ،
توتان ھَندَ بِدا ٿِيو، ھِيرِيون نِٿِي ٻارِ،
ھچَندينءَ، ھنوارِ، سِکَھِي سَنگھارَنِ کي.

(٢١)

م ڪين رُو، م رُڙ ڪين، م ڪين هنجون هار،
جهڙا آهن ڏينهڙا، تهڙا وِيهي گهار،
ڏکن پٺيان سکڙا، سکها ٿين، سنگهارا
لٿو لوهه، لطيف چئي، ٻروڙج ٻهنوار،
پيڙيون نيئي پار، تونان بند ٻڌا ٿيو.

(٢٢)

م ڪين روءِ، م رڙ ڪين، م ڪين ڪر دانهون،
ستي لوڪ، لطيف چئي، ٻيئي ڪنج ٻانهون،
لڏيئي جت لائون، سو ڏيهه پسندئين، مارئي!

(٢٣)

جنهن ستيءَ ست نه ڇڏيو، سا مارئي مر چائي،
انهي عمرڪوٽ ۾، لڄ نه لڄائي،
سا ٻيئي بنديائي بند ۾، ڪولين ڪچائي،
جا سالڪين سڏائي، سا مور نه مرڪي ماڙيين.

(٢۴)

اَج اِن ڇڪير چاڪ، ونهين ڊبرڇن جا،
سوڙن آچي سومرا، آندر ڪي اوطاق،
مارن جي فراق، هڏ منهنجا ڪپيا.

( ٢٥ )

ڇڪي ڇڪير چاڪ، وهين وِڙيچن جا،
واجهيندي وِصال کي، ڦنا ڪيس ڦراق،
سيئي مارِين، سومرا، ترِ جنين جا تاڪ،
ماروءَ جي اوطاق، گهڻون اڪندي آهيان.

وائي

مون من ماروءَ جو، ماروءَ جو منهنجو، ميان!
مون من ماروءَ جو.
سنهن منهنجو، سومرا، سر ميروئي هوءِ،
مون من ماروءَ جو.
”ڏوتوءِ ڏورارن ۾“، متان مارو چوءِ:
مون من ماروءَ جو.
لارون جي لڙڪن جيون، ڪِٿي وهان توءِ،
مون من ماروءَ جو.

## داستان يارهون

( ١ )

مليران مارو، هڪي پيهي آئيو،
وِريا واهارو، هاٿون سي هيٺان ٿيا.

( ٢ )

ٻهي ٻَڪَ، ٻيرنِ ڪيهه، ڪونهي نياهو مارئين؟

آتِ آڪنديِ آهيان، تئن آتن، تئن ڏيهه،

سنديِ جا ساڙيه، ڪه ڪٿوريِ پائيان.

( ٣ )

ڪنهن ترِ ڏيهائي، ڪٿي آئن مينهڙا؟

مون وٽ مون ٻرينِ جي، وِڀهي ڪرِ وائي،

آئون آڪ ڏائي، سنيهو سٽي جيان!

( ٤ )

جيڪس آئا مينهن، مونهان پوء ملير ۾،

ڪالهه سڄوئي ڏينهن، منهنجي آڪڙينِ آڪيريو.

( ٥ )

سچ ڪِ آئا مينهن، مونهان پوء ملير ۾،

ڏوئينِ لائيا ڏينهن، ٻهريا جي ٻسيءَ ڪي.

( ٦ )

آئنِ مينهن گهٽان، تينِ موڪ ملير ۾؟

آڪيون آب پريو، آنهين ڪوڻ ڪٿان،

مارنِ شال مڙان، ڪوئيون ڇڏي ڪڏهين!

( ۷ )

تنهن ٻر آئن ميهڙا، جنهن ٻرِ گهرياؤن،
"رضا جا رحمان جي، ٻچي ٻارياؤن،
ملير مالياؤن، حڪم سان حبيب جي."

( ۸ )

سڪر منهنجي ڏينهن، جي مون گهاريا ٻند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي مارُن مينهن،
واجهائي وصال کي، ٿيس ٿورارون تيئن،
نير منهنجي نيهن، آجاري آڇو ڪيو.

( ۹ )

مٿي سانيهہ ڪالهڙي، وسي ويڙيچي،
سڀ سڌ ٻيم، سومرا، ٻني هتي جي،
ٻيڙ ۾ ٻيچي، سوايا سارين سون.

( ۱۰ )

مٿي سانيهہ ڪالهڙي، لهي ويا لوهہ،
آندر جا آندوهہ، لٿا ڏکي مک ٿيا.

( ١١ )

عمر، اڄ ڪڍيام، ڏوٿي آنهين ڏيهه جا،
ٻارايا ٻرٻن جا، آئي آن ڇپام،
لٿي لوهه، پيام، لطف سان، لطيف چئي.

وائي

ڪٿيءَ منجهه، ڪنيائين، مارو چام ملير جو.
ٻرچي ٻهنوارن سين، لوئي ڏيڄ لڏائين،
مارو چام ملير جو.
سيل نباهي، سومرا، پنهنجو ٻي ٻچيائين،
مارو چام ملير جو.
جهوپو جهانگيڙن جو، ماڙيءَ سان نه مٽيائين،
مارو چام ملير جو.
مگر ساهيڙين سين، ڪاٿو نبا ڪاڏائين،
مارو چام ملير جو.
ساروءَ پاس سليره، چسا سي چکيائين،
مارو چام ملير جو.
آتي، عبداللطيف چئي، شرم رکين، رب سائين!
مارو چام ملير جو.

# سهڻي

## داستان پهريون

( ١ )

ساهڙ جا سينگار، آئون ڏٺا آهي هيا،
نڪا 'ڪن فيڪون' هئي، نڪا هئي پچار،
ملڪتان مهند هئي، توڏي جي تنوار،
محبت سان مهار، لايائين لطيف چئي.

( ٢ )

سهڻيءَ ڪي سينگار، آئون ليکيا آهي هئا،
'ڪن فيڪون' ڪان هئي، نڪا هئي پچار،
مرڪي سان مهار، لايائين لئون لطيف چئي.

( ٣ )

گهيڙ لنگهيو گهاري، ميثاقان مهار سان،
'الست بربڪم' قالوا بليٰ، هر اها هاري،
ڏسيو ڏيکاري، پرت پريان جو پيچرو.

( ٤ )

’الستَ آرواحن‘ کي، جڏهن چيائون،
ميثاقان مهار مين، لڏيون مون لائون،
سو مون پي ڪئن پاهون، جو محفوظان معاف ٿيو.

( ٥ )

’الستَ‘ آرواحن کي، جڏهن چيائين جيئن،
’قالوا بليٰ‘ قلب ۾، ٿيو تفاوت تيئن،
محبتي مهار جي، آئون اهوڙي نيهن،
سرتيون، ساهڙ سيئن، هلڻ سون حق ٿيو.

( ٦ )

”الستَ“ آرواحن کي، جڏهن امر ڪيو احد،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻي۲ سِڪڻ سڌ،
دلو ڏور درياه جي، ڪيو ارادي آڏ،
جيڪين آيس ڏانهن عهد، سو پاري منڊ پاتار ۾.

( ٧ )

”الستَ“ آرواحن کي، جڏهن فرمايو فتاح،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻي٤ سِڪڻ ساهہ،
دلو ڏور درياه جي، ڪيو ارادي آڏاهہ،
جيڪين آيس ڏانهن الله، سو پاري منڊ پاتار ۾.

( ٨ )

"اَلَستُ" آرواحنِ کي، جڏهِن فائق فرمايو،
هو مَن ڪاڍو مِهار ڏي، سهڻيءَ کي ساعيو،
دِلو دُور دَرياهَ جو، اوڏاهين آيو،
جيڪين هاديءَ هلايو، سو ڀاري منڌ پاتار ۾.

( ٩ )

"اَلَستُ" آرواحنِ کي، جڏهِن چيائين،
هو مَن ڪاڍو مِهار ڏي، سهڻيءَ سدائين،
جيڪين آيس اوڏاهين، سو ڀاري منڌ پاتار ۾.

( ١٠ )

"اَلَستُ" آرواحنِ کي، جڏهِن جاڳايو جليل،
مٿين راهه سيد چئي، سوئائون سبيل،
وَحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين کي قليل،
درياهه جي دَليل، لوڙهي لهوارا ڪيا.

( ١١ )

ڪامان، پچان پچران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرين جي، پيان نہ ڍاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿئي.

( ١٢ )

ڪامان، پچان، نہ مران، مڙان ساري رات،
ٻن ٻيائي ڪي وڃهي، ڪر برِيان جي تات،
سيخون سنديون سڄڻين، اُڀرن آڏيءَ رات،
نہ ڪي هٿ نہ سات، ڏيهاڙيو چنگ چڙهان.

( ١٣ )

اوراڙ نہ ٻراڙ، وبچاري وہ وڃ ٻر!
سڪيءَ ڏنيءَ سپرين، پيو مڙوئي تار،
تون گهڙ، ڪيم نهار، ٻڏندن سين ٻاجهون ڪري.

( ١٤ )

هن ٻار، نہ هن، وبچاري وہ وڃ ٻر!
ليچ نهاري نہ گهڙي، تنهن ٻر پيس تن،
اللہ، ساڻ آمن، آران ڪنهن اڪاريين.

( ١٥ )

سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ،
وہ وڃائيو ٻاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

( ١٦ )

سهسين سائر ڪجن، توءِ سهج نہ منجهي سهڻي،
تہ ڪي نينهن ڇجن، پر تهين پرين جي.

( ١٧ )

سپيريان جي ترهي، ٻڏين، هٿ م لاءِ،
صباح تان چوندا: ”آسان تو آڪاريو.“

( ١٨ )

سپيريان جي ترهي، ٻڏين توءِ م لڪ،
جي پابين پرينءَ مڙان، تہ پور آهي وڪ،
پاءِ تيڏاهين پڪ، ناهہ جيڏاهين نجهرو.

( ١٩ )

سڪيءَ جي سانباهہ پر، ٻڏين، توئي ٻڏ،
ڪک، ڪانديرا، ڪانئون، ميڙي ٻڌ م مڏ،
نڪو ساهڙ سڏ، نڪا سجي سهڻي.

( ٢٠ )

سڪيءَ جي سالباهہ ۾، جڏهن ٻڏيون جي،
ساهڙ تنين ڪي، پيلي پنهين ڪنڌين.

( ٢١ )

سِڪي ٻڌنِ جي، ساھُ سائِي تنِ جو،
لِھرنِ سِر لطيف چئِي، ڪلھنِ چاڙھيو نِي،
جي پچنِ ھنڌ ٻري، تنِ آمائي اورِھون.

وائي

وِيئي ڪين وِساري، مُحبت وڏڙي ماري،
دِيواني، يارا! ووا مستاني، دِلبرا جاني، ووا
لا! وِيئي ڪين وِساري.
جِنھن کي سِڪ ماھُ جي، سا ڪِھايل گھرِ نہ گھاري،
لا! وِيئي ڪين وساري.
ڏمُ ڏھيلو ڏکيو، سِر ۾ سُوئُنما ماري،
لا! وِيئي ڪين وِساري.
ٻِيلي ٻاس ٻرنِ جي، تـنِ ڪرڪنِ وِڏيس ڪاري،
لا! وِيئي ڪين وِساري.
ٻيلي ٻنھين ڪنڌين، مُحب مينھون تو چاري،
لا! وِيئي ڪين وِساري.

هوءَ هونڪارون، ھونھ ھوڪارون، ترّ تر د وس تنواري.

لا ويئي ڪين وساري.

هوءَ جا ھڪ پرين جي، آھيان تنهن آساري.

لا ويئي ڪين وساري.

## داستان ٻيو

( ١ )

وَه، تِڪ، واھڙ تِڪ، جت نينهن، تِڪ نرالي،

جِن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي،

وارين سي، والي، ھيڻڙو جنهن ھٿ ڪيو.

( ٢ )

آنديءَ وچڙن، ڪنديءَ وچون، تنگنان لھي ا تڪ،

صورت جا ساھڙ جي، ڏيل ھنھنجي ڏڪ،

واھڙ تنهين وِڪ، جن سانيارا سپرين.

( ٣ )

واھڙ وھن نوان، آجان وَه آڪي ٿيو،

گھر وِيئيون گھٽا ڪريو، سرتيون، سگ سنوان،

صورت جا ساھڙ جي، سا جي ڏٺي آن،

ھوند نہ ھلِيو مان، گھڙو سي گھڙا ڪٺي.

( ٤ )

جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساھڙ چام جي،
سِڪ نہ ستيون ڪين ڪي، ڪانڌن ھاسي ڪي،
سونهان ئي آڪي، ھولد ڪھڙيون سڀ ڪھڙا ڪئي.

( ٥ )

ڏٺي جنِ ھيڪار، صورت ساھڙ چام جي،
سِڪ نہ ستيون ڪين ڪي، پري ساڻ پتار،
ڪھڙي ڪھڙنان ڏار، ھوند ڪاھي ھيون سکن ۾.

( ٦ )

ساھڙ سوڻ جڻن، سرتيون، جي ڏسو سيئي،
تہ سھو ڪين سِڪ نئي، ھاسو ور ڏٺي،
سونهان آھيئي، ڪھڙو سڀ ڪھڙا ڪئي.

( ٧ )

جيڪين ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيين،
ڪھر ورلن سان، ھوند ڪھڻ ڪھوري پيڏيا.

( ٨ )

آديون سڀ آندام، جڙن سنهنجا چوريا،
لارن جا لنئون لائي، سا ڪئن آجيان عام؟
لڳيس جنھن جي لام، سو دلاسا دوست مڃي.

( ٩ )

ڇوڏاري ڇڙا، ٻرنِ ٻپلاين جا،
مٿي سنپارنِ جو، ٻيم ڪنِ ٻڙاءَ،
وِهه مون نہ وڙاءَ، سڀو جهانءَ جهجهي هيئون.

( ١٠ )

ڇڙنِ چوري آهيان، سِڪ ٿي سهان ڪئن،
ساريان ساهڙ جام کي، ڏهه ڏهه ڀيرا ڏينهن،
مِيهار مرنَ مينٿن، نير ٻاتم نيڻن جو.

( ١١ )

ڪرڪنِ خوشِ ڪياس، محبتي ميهار جي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڏيءَ آنياس،
مٿي جا ڪاياس، سانير سپيرينِ جي.

( ١٢ )

ٻيلي ٻار ٻري، مون کي ڇڙنِ چوريو،
محبتي مِهار جي، مٿي شاخ ڇري.
مٿي جهوڪ جهري، ٻونديس ٻاربچنِ جي.

( ١٣ )

هن پر ميہر هوءِ، ستي منہارن جي،
چت چڙن چوريون، جوڻک تيڙم جوءِ،
محبتي مہار جي، باالله پيہم پوءِ،
وڃي روءِ پروءِ، ڏيکيان دوست مہار کي.

( ١٤ )

هن پر ميہر هاڪ، ستي سنہارن جي،
محبتي مہار جي، چڙن چوريا چاڪ،
انهين جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پيو.

( ١٥ )

جيارئين منہار، ڪه ڪريندئين ڪنڌ جي،
وبروتار وجود ۾، پرين جي پچار،
مي سڄڻ هون ن ڏار، جي هيئڙين ۾ حل ٿيا.

وائي

سچا ساهڙ! مون کي تون، اي! وهيان واهر! مون کي تون،
اي! نيئي اول پريان جي پار ڏي.

ڪن جي ڪارزنيار ٻيا، ورا مِي آئون پائيان پون،
اي! نيئي اول ٻريان جي پار ڏي.
سنڌو جيئن آسرو، ووا منهان لائو مون،
اي! ليئي اول ٻريان جي پار ڏي.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪرڪل ڪوچ ڪن گهٽا، جت جر واڪو جئيائين،
ٻاڻ آڇلي آب ۾، وهه ٻيرِ وڌائين،
لهريون لنگهيائين، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ٢ )

ڪرڪل ڪوچ ڪن گهٽا، جت ڏڙڪو منجهه درياهه،
آڇيو آتاهين گهڙي، سانگو ڪري نه ساهه،
ساهڙ جي صلاح، پار لنگهايس پاڄهه سين.

( ٣ )

ڪارا ڪن، ڪاري تکي، جت ڪاريهر ڪڙڪا،
مٿي متي مهراڻ ۾، آڇن ڏپارا ڏڙڪا،
ويندي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان تنهن سير ۾.

( ٤ )

دهشت دم درياهہ ۾، جتِ هيبت هلاچو،
ورچِي وِيرن وِچ ۾، ڪاڏِي. وِيو ڪچو،
ساهڙ چام سچو، سائي نيندم ميرَ ۾.

( ٥ )

دهشت دم درياهہ ۾، جتِ سنّاٽا سيسار،
بيحدِ باڪو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪان سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهڙ چام ستار، سِکهو رِسج ميرَ ۾.

( ٦ )

دهشت دم درياهہ ۾، جتِ ڪرڙڪا ڪن ڪرين،
ٻچلِ پاڻدي پار ۾، آتِ لهريون لوڏا ڏِين،
سنا ور سهميا، آتِ ميٺهايا نہ مٺڙين،
جتِ وِيرِيون واٽ نہ ڏين، آتِ ساهڙ، مير لنگهائيين.

( ٧ )

دهشت دم درياهہ ۾، جتِ ڪرڙڪو ڪن ڪري،
توڏي تاڪن وِچ ۾، مٺان وِير وري،

آءٌ ساهڙ! منهنجا سپرين، پرتان پر پري،
هادي! هٿ ڌري، اونهي مان آڪارين.

( ٨ )

دهشت دم دريام ۾، جت ڪنن ٻا ڪڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل دڙڪا،
ساهڙ! تون سڻ ڪا، فريادي فقير جي.

( ٩ )

دهشت دم دريام ۾، جت ڪنن جو ڪڙڪو،
آهم انهي پار جو، دل اندر دڙڪو،
پڇي سڪ سيد چئي، سير سندو سڙڪو،
والي! ڪج وڙ ڪو، ته پار لنگهيان پاڄهه سين.

( ١٠ )

دهشت دم دريام ۾، جت لڙ، لهريون لس، ليٽ،
آئيو اوڀارن ۾، پانڌي پوڙي پيٽ،
جت چڪن جي چيٽ، آت، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون.

( ١١ )

دهشت دم درياهہ ۾ جت تڪبون تنوارون،
منهنجون مان مهار ڪي، پهچن پڪارون،
لهہ ساهڙ! سنڀارون، تہ لهرن لوڏي نہ مران.

( ١٢ )

دهشت دم درياهہ ۾ جت جايون جانارن،
اڪر سندو ميرجو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾ راڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
آئي آڻ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

( ١٣ )

ڏرهڙ ڏونس درياهہ ۾ جت لهريون ڪن لوڙا،
سٿين آچي سمونڊ ۾، ٿيا سيٺهايا سوڙها،
جي تارو ڻنا توڙا، تن هرہو پانيو هيڪڙو.

( ١٤ )

ڪاري راتِ، ڪَڇو ڳهڙو، اَنڌيهہ اوللائي،
چَنڊُ نالو ناهہ ڪو، دَرياهہ دَڙَ لائي،
ساهڙَ ڪارڻ سهڻي، آڏي ٿي آئي،
اِي ڪَرَ الاهِي، نات، ڪَنِنِ ۾ ڪير ڳهڙي.

( ١٥ )

ڪاري راتِ ڪَڇو ڳهڙو، لَڪا سِيٽهہ، سانُ،
وِجهِي، وِيرم نہ ڪري، ٻِريان ڪارڻ ٻانُ،
مَحَبَتَ کي مِهرانُ، ڪِي سَپَ هَٿَ ٿيو.

( ١٦ )

ڪاري راتِ ڪَڇو ڳهڙو، مَٿان وَسي مِينهن،
هِڪو پِٺو ڀيراهَ جو، ٻيو ساٿيارا سِينهن،
شالَ م ڇجي نِينهن، ڳهڙان، ڳهوريو جنڊڙو.

وائي

هونِج هوشيارِ خبردارِ، تِرڪڻِ آهي تڙَ ۾.
ڪَڏون، ڪوپا، چِڪ، چِڪنديون، تانُ ڪين لئي لِهار،
تِرڪڻِ آهي تڙَ ۾.

آڏيءَ ٻي آڪُرنديون، آڪِيون جن ڪپار،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

سُون سو مَلاحنِ ڪانءِ، تَرُ آڙانگا تار،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

هوتَ هلنديَنِ ڪَنيو وَهَڻُ، مَنڌ! وِسارِ،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

ڪِهِ آتَنِ، ٻنِ جيڏيون، ڏيرائيون ڏٿارا

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

ٻَڪو ڪَٽجِ ٻاڻ سين، ٻرين تَنهنجو ٻارِ،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

وِبندي وانئڙنِ ڪي، ٻَٽيءَ ڪيم ٻچار،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

ٻونديون مَنهن مِهارَ جي، ڏَمُ وتِ ڏينهن مَ گهارِ،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

ساهڙَ ڪي، سُڻِ، سَهڻي! ٻچلِ آڏي ٻارِ،

تِرَڪَڻِ آهي تڙ ۾.

تارِ ترلدئن، لڙ لنگهندئن، عشق جي آڌارِ،

تِرڪڻ آهي تڙ ۾.

ٻانڌ ۾ ڇڏِج ٻِريءَ جو، ٻِهين جي ٻانارِ،

تِرڪڻ آهي تڙ ۾.

ٿيندو سڏ ساهڙ جو، توڏي! ٿيءُ تيارِ،

تِرڪڻ آهي تڙ ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

تڙ تڪڻ تارِ کهڙن، اي ڪانيارِن ڪر،
ڏهه ڏهه پيرا ڏِينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏم،
عقل مت شرم، ٻيئي نيڻهن نهوڙيا.

( ٢ )

کهيڙن ڪري نه کهور، تڙ تڪڙ ڪان نه لهي،
جنهن کي سِڪ ساهڙ جي، ٻورنِ منجهي ٻور،
ڪاري راتِ ڪنن ۾، وهمنِ ڪي وهلور،
جنهن کي ساڻ ٻريان جا سور، تنهن کي ندي ناهِ نگاهه ۾.

( ٣ )

جنان ڳهڙي تنان ڳهڙ، ڪپر ڪڇن ڪوڙيون،
ڏم مين جسو ظاهرآ، من ميهار مين ميڙ،
سا لڌي پاڻهي نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.

( ٤ )

جنان وهي تنان واٽ، ڪپر ڪڇن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي ڳهيڙ نه ڪڇن ڳهاٽ،
جن کي عشق جي آسات، سي واهڙ پاڻن وکڙي.

( ٥ )

ڪنهن جنهن ڳهيڙ ڳهڙي، جن آوتڙان تڙ نيوس،
سالم وڃي سهڻي، ڪنهن کي نه ڪيوس،
آهس آکڙين ۾، پرهان جو پيوس،
حقان حق نيوس، هئي طالب حق جي.

( ٦ )

هئي طالب حق جي، توڙي لاڪون تور،
نه ملاح نه مکڙي لکي پڌي نور،
هاڻي ٻني ع پور، سهڻي ع ليکي مير ۾.

(۷)

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سهڻي،
ٻچيءَ هار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سونائين، جيڏانهن عالم آسرو.

(۸)

توڏي! تهائين جي، سي هٿين ڇڏ حرص،
ساهڙ ڏاران سهڻي، ڪونيون ڪن ڪرس،
وڏي ايءَ ورس، جئن ڏم وٽ ڏينهن گذارين.

(۹)

توڏيءَ ڪي تعظيم، ٻين سينتان آڪري،
اوڏي ٿي آلف ڪي، تن ڪڏيائين سين سيم،
جيلانهن ذات حليم، ميلي تي مهار ڪي.

(۱۰)

ساري سڪ سبق، شريعت سندو، سهڻي!
طريقتان تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.

( ١١ )

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي واصل ٿيا وصال ۾، سي ذرو نہ ظاهر ڪن،
ويٺ واهر ترن، هينڙا جن هجي ويا.

( ١٢ )

ٻڌ ٻڌ تي ٻلي، ڏم ڏهاڙي ڪيترو،
ٻسي دور درياهہ جو، وچان ڪين ولي،
ڪاري رات قريب ڏي، منجهان حب هلي،
نہ ڪنهن جهول جهلي، هٿي سمن ٻوري سهٽي.

( ١٣ )

جهول نہ جهلي سهٽي، سائر سٽ سنڌياس،
جنهن اهڙي جائي عاجزا، سا مر مرڪي ماس،
ٻسين جي ٻياس، تہ ڪي عشق آئين.

( ١٤ )

نڪا جهول جهليس، نہ تانگهو نہ تار ڪي،
ڏم ڏيهاڙي ڪيترو، ٻر ۾ ٿو ٻليس،
تان تان جي جليس، ملي جان نہ مهار ڪي.

( ١٥ )

سڻ سيارو، پاڻي پارو، جت جهڙ جهڪ ۽ جهول،
من اندر مهار جا، هيڏڙي آهن هول،
جيلانهن پڌيس پول، تي اڙانگا آر تران.

( ١٦ )

سياري سڻ رات ۾، جا گهڙي وسندي ميهن،
هلو تہ ڏِسون سهڻي، جاڪر جاني لينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، مهار ٿي من ۾.

( ١٧ )

ساوڻ گهڙي سيڪا، هي سرهي سياري،
تن وڏائين تار ۾، آرواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياهہ ۾.

( ١٨ )

پالڏي! جي پيلي ٿيين، تہ حال ڪرهيان هي،
سکهو ساعت نہ جنڊڙو، جر ري منهنجو جي،
ساوڻ سيارو پاڻيان، وهہ پريان جي وي،
پار جنهين جو پي، وڃڻ واجب تن تي.

( ١٩ )

واهڙ! پريون م ہاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻون،
سدا ساوڻ ڏينهڙا، هنئين نہ هونداءِ،
وهائي وينداءِ، اوپر آناهان لهي.

( ٢٠ )

واهڙا وهين م شال، سڪي ٻلانيون ٽيين!
ہسان تنهنجي ہيٽ ۾، لاٿا، لوٽ ليار،
جنهن تو سپ چمار، آسائيون ٻوڙيون.

( ٢١ )

ڪڙ ڪڙ، ڪنا م وڃ، ٻانڌي ٻوڙ م ٻار ۾،
مون تي جا مهار جي، ما ڪڻن ڏٺان ڏڄ،
تو ڪهڙلديس آڄ، جي آتا آر ڪرين.

( ٢٢ )

آدا ڙي ٻانڌي، توکي ڪڙهان ڪ ہاڻ ڪي،
سوڏي خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي،
تون ٻاتاريان ٻالڏي، آسان ہنڌ ڀرين ڏي.

( ٢٣ )

سَچَپَتيءَ پيهار پيون، دِل اَندر ڏونهيون،
اُنبو ڀِڄِي آرِ، لهاٽو لوهيون،
جي ساهڙ جيون سونهيون، سير سراڙو تن کي.

## وائي

سدت ني پيار يار، ساهڙ! سانرِ سير ۾.
آونهان ڪن، آتانڪ تڙ، اولي عشق آڌارا
ساهڙ! سانرِ سير ۾.
ڏينهن ڏهلا ڏم مين، آهيان آهنان ڌار،
ساهڙ! سانرِ سير ۾.
ٻچلِ پانڌي پارِ ڪري، آت آبتا آرِ،
ساهڙ! سانرِ سير ۾.
ڀتي ڪوڙي سوهڻي، آڪهه ريءَ آڌار،
ساهڙ! سانرِ سير ۾.

”ڪاري رات، ڪچو ڪھڙو“، توڏي ڪي تنوار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

سنھوڙو سيڻاھ سين، سکھو رس، سنگھارا!
ساھڙ! سائر سير ڪ.

اوراران آھون ڪريان، پھچان شال پار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

سٺيو جھانءَ جھجي ھينئون، سانياران سنيار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

آيم ربلبي ريءَ سين، اللہ، تو آڌار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

تار ترنديس، لڙ لنگھينديس، وينديس وٽ وچار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

ورينديس ھار مٽي، سھين جي سيسار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

ڪولي گھاگھائي ڪھڙي، جڪن تا جانار،
ساھڙ! سائر سير ڪ.

## داستان پنجون

( ١ )

ڪيڏانهن کھنڊ ڪُڙن، ڪيڏانهن آئي ويٺيون،
تيڏانهن ٿيون چرن، جيڏانهن ٿٽ ميهار جي.

( ٢ )

ڪِئي ٿيو مِهار، ڪِئي ٿو کھنڊ ڪڙي،
ڪِئي دونهين دوسِت جِي، ڪِئي ٻريون ٻار،
جنهن مون سي چمار، جر ٻ جهوتون ڏِنيون.

( ٣ )

وَچن سين وِئي، سور وِياڇي، سهڻي،
آن ڪا ٿِي ڏِٺي، مِينهن جي مِهار سين.

( ٤ )

ٻَجيو ٻينگھن ٻالد، وِئي روءِ وَچن سين،
ڪھه ڪرينديس ڪالڌ، ڪَهر پکو تان گھوريو.

( ٥ )

ٻَجي ٻابو ٻانهن، وِئي روءِ وَچنِ سين،
لايان لال لِگن کي، آئين جي چرو ڪالهن،
آئون اوهان جي دانهن، سدا پٽان سنري.

( ٦ )

پينگھا پسيو روءِ، وڃيو وٽاڻ ۾،
ڏونهين هاسي دوست جي، پاڻ پڇاڙيو ھوءِ،
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال اچي اورانھون ٿئي.

( ٧ )

پيلڻان جت پکيون، آيون آت وري،
ڪانهي ٻي ڳري، مينهن کي مهار ري.

( ٨ )

ميهاران مرڪ، پيتائين ھربم جي،
تنهن منڍ متوالي ڪئي، سندي ساءِ مرڪ،
لکيس ڪاءِ ڪرڪ، لوهان تکي، لطيف چئي.

( ٩ )

ميهاران مهي، پيتائين اربم جي،
اڙڪ سرڪ، سيد چئي، لکيس ڏوت ڏهي،
سکهي تان نہ سهي، ملي جان نہ مهار کي.

( ١٠ )

مري تان م مهار، وٽاڻ ولهو م ٿئي،
وڃن جي وچار جو، ونڪو ٿئي م وار،
ساھڙ مون سينگار، ماڙهن ليکي مهٽون.

( ١١ )

مينهن ۾ مهار جيئن، آلا سڀ ٻچن،
وڇن جي ڪيرن سين، سدا ٽيون سونهن،
مون کي ماڻڪين، تاڻي هنيو تار ۾.

( ١٢ )

مينهن ۾ مهار جيئن، آلا سڀ جين،
ڪاريون، ڪڪيون، ڪنڍيون، وارا ڪيو ڍين،
جوه جا جاندارن جي، پيلا ٻه ٻه ڪن،
اچي ريل رهن، مون سانپارا سپرين.

( ١٣ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي آر،
ڪوڙين ڪر ڪشنديون، مٿي سڌ ڏرار،
مينهون ساڻ مهار، ٻرچي پار لنگهنديون.

( ١٤ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ٻيٽ،
اڙ لنگهينديون ليٽ، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ١٥ )

چاهڪ چري تار تري، آيون متي ڪن،
ڪوڙين ڪر ڪنديون، ساهڙ جي سن،
مينهون ساڻ آمن، ٻرچي ٻار لنگهنديون.

( ١٦ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون متي ڪوهه،
متي سڌ ساهڙ جو، راضي ٿيندن روح،
مينهون ساڻ صبوح، ٻرچي ٻار لنگهينديون.

( ١٧ )

جا مهاڙ ميهار، سو منهن مينهن نه ٿيو،
ڪپر ڪاروڻيار، ڪئن لنگهينديون ڪنڍيون؟

واڻي

مون ڪي ڪام جهلي، ميڪا ٻانهن ٻلي،
آئون وڏڙي نينهن آڇلي.
ويندي آئون ٻار ٻريان ڏي، مون ڪي ڪام جهلي،
آئون وڏڙي نينهن آڇلي.

تَنَ وِڏائيِن تارِ ۾، آڏي راتِ اَچِلي،
آئُون وِڏَڙي نينهن اَچِلي.
ٻَسي ڏوُنهيوُن دوستَ جيوَن، مَنهنجو جِيءُ جلي.
آئون وڏَڙي نِينهن اَچِلي.

## داستان ڇهون

( ١ )

ساندهَ سَپَ دَرِياهَ، ٻَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڇَڪي چوليءَ ۾ گهِڙي، جِتي جي وِڙاهَ،
ٻِسيو ڏوهَ ڏَڪي هِيئون آرَ مَٿي آرواحَ،
جي توهَ ٿَئي توڏاهَ، تَہ وِير وَهِيٹون ناهِ ڪِي.

( ٢ )

ساندهَ سَپَ دَرِياهَ، ٻَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪَنبي هِيئون "ڪَمَاحَقَہ"، آرَ مَٿي آرِواحَ،
دِلاسي دارِينَ جي، سانچيو سانچي ساهَ،
جي توهَ ٿَئي توڏانهَن، تَہ وِير وَهِيٹون ناهِ ڪِي.

( ٣ )

سِکَنِ وارِنِ سَرُو، جي دَهشَت سان دَرياهُ،
اوڙڪ آلين جو نہ رَهي، آرَ بِنا آرِواحُ،
وِ ٻنڌي ساهڙ سامِهيون، صدقو ڪَنديون ساهُ،
جِنِ کي حَبَ آنهِي جي آهِ، ساهڙ سائِي تنِ جو.

( ٤ )

کِهڙيا مِي چڙهيا، اِبهين آئِيي،
مِٺي مَتِي، مِهراڻ ۾، پڻو تپو ڏِٺِي،
تہ ميهارَ مِليي، سَنِيوڙو سِٽاهہ مِين.

( ٥ )

آکِيون مَنهن ميهار ڏي، رکِيون جنِ جوڙي،
ريءُ سنڌ سيڌ چڻي، تارِ گهڙن توڙي،
تنهِين کي ٻوڙي، سائِر سکهي ڪين ڪي.

( ٦ )

آڏي آڏاٺان، سرتيون! سِک مِهار جا،
اَنکهي سِير سَواڻ تِيا، ساهڙ سيباٺان،
پِنيءُ تي پاٺان، پسان ماڻ پرينِ جا.

( ٧ )

آڏيءَ اُڏاڻون، هينڙو سون هٿن مان،
وَهه ٻَني واهڙ ترِي، ساهڙ سباڻون،
پيچ پِنيءَ پاڻون، ٻيءَ جو پَسِي آئيو.

( ٨ )

جيڏانهن چِت چاهه، کهڻون، آر پ لوڏاهين،
وَجي وَهه واڪا ڪيو، تِڪو تيڏانهين،
ميهار ملائين، لهرِ منجهه، لطيف چئي.

( ٩ )

ٻَليان، ٻَليو نہ رهي، نِرتون نينهن نبار،
گهڙان، گهوريو جندڙو، اُٿل مون آپار،
جنين مَن مِهار، هلڻ تنين حق ٿيو.

( ١٠ )

ٻس، ٻستان ٻري ٿيا، اوري سندن آر،
دِرياهه ري سهاڙ، ڏِسڻ کهڻون ڏهلو.

( ١١ )

ڪاڏي وَڃان، ووءِ! جِنَ وَهَڻَ وَڃارڻ مَٽيو،
ڏوڏي اَچِي ڏيهه جا، جَر سِرِ آپِي جوءِ
شِڪستي، سيدَ چئي، ڇيهان ڪِريو ڇوءِ:
"ساهڙا! سانگ سَندوءِ، آچِي اوراهون ٿئي".

( ١٢ )

سَندو ڏَمَ ڏَهڪار، هَڏهين ڪونهي هِنَ ڪي،
هِيءَ پاٺيءَ سين پانهِنجو، ٻسائي نہ سِينگار،
ڪارڻ مَنڌَ مِهار، ڪاريءَ رات ڪَنَ تري.

( ١٣ )

ڏَمَ ڏيهاڻي ڏي، سَندا ميهَرَ ميهڻا
جَهلِيم ٿي جهوليءَ ۾، پَلءِ پائيو سِي،
مَرَ جان چاليهہ چئي، سگّان سِپرِينِ جي.

( ١٤ )

جيهَر لوڪ جهپ ڪَري، ڏرو جاڳ نہ هوءِ،
اوهير آچِيو، آڊِيونِ! پَهَ پِريان جو پوءِ،
جي ڪچو ڇونرِ ڪوءِ، تہ مَرَڪ پايان مِهٽون.

( ١٥ )

هوءَ جا ٻري باھ، مُنهن ميهارن جي،
آڳھ تنهن اهاءِ، وڃي ڪن ڪپيندي.

( ١٦ )

تہ ڪر ڪيئن مٺي، جي ميہر نہ گهڙي سهڻي،
هتِ حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هٺي،
چڪي تنهن چڙهي ڪٺي، جو ڏنس آن ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب کهي،
هونهين هوند مٺي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

( ١٧ )

ڪا جا ڪن ڪرين، ٻنيءَ، ٻن جهڻ ٻاٺ ۾.
آ ڪيون تنهن آب کي، آڏيءَ اڪيرين،
توٽي تڪون ڏين، تپ آڄ انهين کي نہ لهي.

( ١٨ )

دائم جا دَرياھ ۾، ما مڇي ڪني ڪوھ؟
آهس ايءَ آندوھ، ٻاٽي ڪٺي تہ ٻيان.

( ١٩ )

ڪير ڪَن، آئون ڪِين، ڪير ڏمر سڀي ڏم جا،
قضا رِڳيءَ ڪير ڏري، مٿي هاڻيءَ پير،
پيئر! پِنيءَ ويِر، لِڏو تي ٿِي لوڙيان.

( ٢٠ )

جي ٻڌان تہ ٻنَ، اولجان آنَ هار ڏي،
ڪنڌيءَ آڇيو سپرين، مانَ "ٻرا ٻرا" ڪَنِ،
مِيائِي مين تن، جيڪر آئِي نِڪران.

( ٢١ )

لهرِ مِڙوئِي، لال، وهڻ ڪَٽوريان وِترو،
اوڀارا عبير جا، جر مان آچِنِ جال،
ڪَنِ کهڙي ڪالهہ، ٻيڪ ٻڙيان جي سهٽي،

( ٢٢ )

جيڪي ڏنءِ تارِ، ڪنڌيءَ سو ڪهڄِ،
جرَ وڏو جهاجهہ گهٽي، هاند مَ ٻسائيج،
ساهڙ ساگاهيجِ، تہ ثابت لنگهين سير مان.

( ٢٣ )

ڪُوڙا ٻئي پار، هينئون حيرت ۾ پيو،
وِهان تہ ويرم ٿئي، نينهن ۾ پوءِ نهار،
وڃان تہ واڪو ٿئي، ٻاڙي پوءِ پچار،
هتِ ٿي وعدي وار، هتِ سونون ڏينم سرتيون.

( ٢٤ )

جاهڙ آندرِ جي، ساهڙ ڏِني ساهہ کي،
ساهڙ چڙي نہ ساهہ جي، ساهڙ ساهڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع! تہ ساهڙ چڙي ساهہ جي.

( ٢٥ )

ور آونداهي راتڙي، چانڊوڻي چالڊان،
آوري ٻهاران، منهن م پسان ڪو پيو.

( ٢٦ )

جان جان هئي جئري، وِرچي نہ وِيئي،
وڃي پوڻ پيئي، مارينديءَ کي سڄڻين.

( ٢٧ )

جان جان هئي جئري، وِيئي نہ وِسانڊ،
لڳي لهرين پاند، مياڻي مهار ڏي.

## وائي

آکيون پير کري، وِڃجي، ووا وِڃجي.

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي،

وِڃجي، ووا وِڃجي.

لِڪائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نجي،

وِڃجي، ووا وِڃجي.

محبتي مهار جو، سور نہ ڪنهن سلجي،

وِڃجي، ووا وِڃجي.

# داستان ستون

( ١ )

ترِ نہ گهڙي تور، توه من ڪاڏو مهار ڏي،

ڏاڍو دور درياہ جو، سڪڻ وڏو سور،

من ۾ موج مهار جي، ڀِهس پريان جو پور،

هيلي ڀنهين ڪنڌين، نت نهاري نور،

منجهان جر ضرور، ڪجهي ڪي ڪوم ٿئي.

( ۲ )

ٻوڙيِن چاڙهيِن تون ڏٿي! ٻي جو دعوىٰ ڏسي نه ڏم،
هِن مَنهنجي حال جو، سيهر تي مَعلُم،
رک پيلي جو پرم، جو آچي پيو آجهور ۾.

( ۳ )

ڪالڏي ڪَنگ ٿيامِ، وَهمَ جنازو سهڻي،
ٻَکها جي ٻِيَنَ جا، ڪلها تن ڏِناس،
آکِيين مَلَڪ ڏِناس، توء مَن ڪادو ميهار ڏي.

( ۴ )

آيو تِرُ ميهار، مَلاحن سَڏَ ڪري،
آئون ٻن وِجهان هٿڙا، آئين ٻن وِجهو چار،
گهوريون ڪارونيار، مان مِلنئون سِرِين.

( ۵ )

ميهار مَلاحن کي آيو آچي آچ،
آئون ٻن وِجهان هٿڙا، آئين ٻن وِجهو رچ،
سنڌيءَ ڪن ڪَنچ، مان هون سلامت سِرِين.

( ٦ )

ميهار ملاحن کي، آپو ڪري منڌ،
آدا انهين پار جا، موڙي آڇو منڌ،
ويا جي وهه ڪنڌ، هلو تہ ڏوريون اُن کي.

( ٧ )

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق آپو آهون ڪري،
تو ڪِئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي! منهنجي ٻانهن،
درياهہ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

( ٨ )

جتي پير پرن، پريون ٻون پواريون،
تانگهہ نہ لڌي تارئين، مپ نہ مائيڙن،
ڪنڌيءَ آيا ڪيترا، ميٺاهيا سنڪن،
تون ڪِئن تن تڙن، آڇيو آساري گهڙين.

( ٩ )

پريون پر درياهہ، پس، جي ٻار پوندئون،
ٻڌ توڪل ترهو، آهر ساڻ الله،
جن جي ماهڙ ساڻ صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

( ١٠ )

مانڀاران سڏ ڪيو، آيا چونڊ: "آهه"،
هڪ تڪو تار وهي، پيو لڙ لهريون ۾ واءُ،
ساڻي جن آلاءُ، ٻجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١١ )

مانڀاران سڏ ڪيو، آيا چونڊ: "آڄ"،
هڪ تڪڙي تار وهي، پيو هٽ ڪميٽيءَ ڪڄ،
ساڻي جنهين مڄ، ٻجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١٢ )

هاري! حق رکيج، مانڀاران ماهڙ جو،
خواب، خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏيج،
آلڊر آئينو ڪري، ٻر ۾ سو ٻسيج،
انهيءَ راهه رميج، ته مشاهدو مائيين.

( ١٣ )

هاري! رکج حق، مانڀاران ساهڙ جو،
خواب، خيال، خطرا، تنهين ڏيج ترڪ،
ڪريين غير غرق، ته مشاهدو مائيين.

( ١٤ )

تن جنھين جو طالبو، سانپارا سيئي،
من پريان نيئي، پکيھيو پاڻ ڪري.

( ١٥ )

ليا ڏنم لار، سانپاران ساھڙ جا،
ھينئون ھت نہ وندري، ڏارارلئون ڏار،
منھنجو من مھار، پکيھيو پاڻ ڪري.

( ١٦ )

گھڙي ۽ گھوري، متان پرين جندڙو،
محبت جا مھراڻ ۾، تسو تي توري،
ڏم وڏو ڏوري، نت ڪنن ۾ ڪير گھڙي.

( ١٧ )

پارھن ڪن، پنيھ تڙ، تڙ تڙ متي لانک،
عشق جن آتانگ، بجھان سي نہ بڏنديون.

وائي

آيل! آمن! تي جيان، لا! جي مارينم سپرين،
ساھڙ ساھ صدقو، ڏھين ڏم ڏيان،
لا! جي مارينم سپرين.

مٿان مائڪ هيڪڙي، آمل آت ڏيان،
لا! جي سارينر سپرين.
آچين، عبداللطيف چئي، ته جانب نت جيان.
لا! جي سارينر سپرين.

## داستان اٺون

( ١ )

ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هانڪ هٿ وجهن،
ٻسو لڄ، لطيف چئي، جيڏي کي ڪکن،
توٽي ڪنڌيءَ ڪن، لات سائن وڃن ميرءُ.

( ٢ )

ڪچي ڪاني ڪانهن، ٻڏا ڪڏي بار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏرٿان ڪري دانهن،
"ڪما حقه" ڪکن جي، آهي ڳالهه آ ڳانهن،
ڏين ٻڏن کي ٻانهن، لات سائن وڃي ميرءُ.

( ٣ )

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهن، تان تاٺي ٻڏج ترهو،
هٿ ٻريان جي هٿ ۾، ٻي کي ڏج م ٻانهن،
سندي ڪپر دانهن، ڪ تو ڪنين نه سٺي.

( ٤ )

هاواٺا هلن، ڪپر ڪارونڀار جا،
لهريون لڙ لطيف چئي، پيلي تي پلن،
جي ڪچي ساڻ ڪهن، آقا تن اوباهين.

( ٥ )

آهين هت آماڻ، ٻڌ ترهو تار جو،
لهريون لڙ، لطيف چئي، جهليا جنگ جوان،
اونهي تڙ آ گهنيا، آڏي پائي آڻ،
جي پيا منهن مهراڻ، تن پانڌين پٽ نه آجهي.

( ٦ )

ڪچو ڪان ڪنيار، اوڪي! ڪنهيو ائين،
ڪه تو ڪنين نه سئي، پيلي تي پلڪار،
لوڙهيا لڪ لطيف چئي، ڪوڙين ڪارونيار،
آڪارين آڌار، آران آڪي وارين.

( ٧ )

ڪچي ساڻ ڪهي، اکو پڇي نه سهڻي،
لنگهيو لڙ، لطيف چئي، وچارن وهي،
سا ڪئن نينهن نهي، جنهن کي نينهن نڏو ڪئي.

( ٨ )

اونهي ۾ اوهري، ڪهي ڪچي سان،
سپڪ جو سيد چئي، هچي نه هريان،
عشق واريون عبداللطيف چئي، سڌ نه ڪئن سان،
جنهين پاسي پاڻ، سي آو تڙان ئي آ ڪتيون.

( ٩ )

آنگ هسي رنگ، ڪيو ڪو جو دور دلي،
پرپر پياي نه ٿيو، ڪچو منجهه ڪلي،
تران ئي تار گهٽون، تنهنجي بحر بلي،
سو ميهار ملي، آهيان جنهن جي آسري.

( ١٠ )

پابر نه پيلو، مون کي ڏاءُ ڏ تاريو،
آڪي مٽي آسري، روح ڏنو ريلو،
تيلاهين ويلو، پٽر واهڙ وچ ۾.

( ١١ )

ڪڍيا جي ڪلال، مي هسي خال خوش ٿئي،
هاٿيءَ چت پسائيا، ڏاءُ نه جهلي ڏمال،
سپڪ پانيا سهڻيءَ، جوين جي جمال،
آڪي جا احوال، معلم ٿيا ميهراڻ ۾.

( ١٢ )

ڪچو تان ڪوهہ، ھِڪو نظر ڀرين جو،
ساھڙ منھنجو سپرين، ڏم ڏِئيِي ڏوھہ،
جي ڇڏو، جي ڇوھہ، تہ ھوريندس ھار مٿي.

( ١٣ )

آڪو تہ آڪو، ڪچو آھہ ڪم،
جيءَ جنين جا جم، ھُڪا سي ڇنديون.

( ١٤ )

ھِڪا رڇ ڪنيار جا، ھِڪي لِھائين،
مون ڪي تِتائين، ڀيلو پاڳي آئيو.

( ١٥ )

ڪچي ڪٽ نہ جھليو، ڀيلو ڀيو ڀري،
مار ڇڏيائين سير ۾، ٻانھن ڪان ٻري،
لٿي لھريون وِيئيون، چوڏاري چري،
ھينئڙي منجھہ ھري، ماھيت ملڪالموت جي.

( ١٦ )

ڪچي ڪٽ نہ جھليو، ڀيلو ڀيو ڀڄي،
ماھيت ملڪالموت جي، منجھہ وجود وڃي،
ساھڙ ڪي سڃي، آڪي جي احوال جي.

(١٧)

ڪچي ڪٽ نه جهليو، پيلو سهي نه پر،
هٿين هيرين آڱرين، ٻانهن چڙيو ٻر،
ساهڙ! سڱهو ور، پيس منهن مهراڻ جي.

(١٨)

پيلي پلائي، هسي چٽ چري ٿيي،
"ٻر ٻر! ٻڏي سهڻي،" ويرن ۾ وائي،
ڪچي ڪيرائي، لال لهرن وچ ۾.

(١٩)

هڪو ڪنج پاڻ سين، ڇگون ڇتائي،
ڪچو ڏيج ڪلال ڪي، منهن تي موٽائي،
سو سڻ هينئين سين، سهڻي! جيڪي فائق فرمائي.
موجون منجهائي، مارينئي مهراڻ جيون.

(٢٠)

ڪو جو وريو واءُ، جڏهن ٻر ٻانهن چڙيو،
آڪي اِن تڙاءُ، اوندا هيائي آڪران.

( ۲۱ )

هٿندي ٽڪرِ هٿ، هينئڙي حجون ڇڏيون،
لڪ لهرنِ ڪَڍيو، موجون وريون مٿ،
نيمِ ڪن قوت، پرِ، پليرا سپرين۔

( ۲۲ )

هينئڙي حجون ڇڏيون، قوت رهيمِ ڪان،
مون تي مونجِ، مون پرين ساهڙ ڄام سڄاڻ،
آهيان ڪهڙون آڄاڻ، پرِ، پليرا سپرين!

( ۲۳ )

پرِ پليرا سپرين، پلا ۽ پيراهہ،
توريءَ تاري ناهہ ڪا، والي! توريءَ واهہ،
ساهڙ جي صلاح، تن کي ڪِڍي تار مان۔

( ۲۴ )

تن کي ڪِڍي تار مان، صلح ساهڙ جو،
آتِ آڏو آڇي ڪين ڪِي، پيلو ئي جو،
ميهر! ڪِج منهنجو، ڪو اوڪر اِنهين آر تان۔

## وائي

مون، پاريچيءَ سار، آئون جا وِندڙي وَٽ وَچار.

ڏِمَ مَ جاڳيءَ، لوا! مون پاريچي سار.

مون کي تِتي ميڙيِين، جِتِ ڪُنڊن جي قطار،

آئون جا وِندڙي وَٽِ وَچار.

ٻرن ٻيلاين جا، سانيارا سنيار،

آئون جا وِندڙي وَٽِ وَچار.

وِچ مَ سوءَ وِصال کي، سپاجها سِتار!

آئون جا وِندڙي وَٽِ وَچار.

گهِر گهِر گيلا جا وهي، ٻاڙي ٻِنڍِ ٻچار،

آئون جا وِندڙي وَٽِ وَچار.

تاڪن تڪي آسيان، سِکهو رَس، سار،

آئون جا وِندڙي وَٽ وَچار.

## داستان ناءون

( ١ )

جِرِ تَرِ تِڪ تنوار، وَڻِ ٽِڻِ وائي هيڪڙي،

سيئي شيءِ نِيا، سوريءَ سزاوار،

همه سنسور هزار، ڪِهڙا چاڙهيو چاڙهيين؟

( ٢ )

سيت ٻچار ٻرين جي، سيٽ هوت حضور،
مُلڪ مڙيوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟

( ٣ )

لهرن لڪ لباس، ٻائي پسڻ هيڪڙو،
اولهي تنهن عميق جي، واري ڇڏ وماس،
جت ناهہ نهايت نينهن جي، ڪوءِ آت ٻنهنجي ڪاس،
ترن جي تلاش، لاهہ تہ لالن لکي تيين.

( ٤٠ )

جان ڪي گهران م وڃ، نات موٽ م سهٽي،
پيون پيري پڃ، هيڪڙائي هٿ ڪري.

( ٥ )

مرج وٽ ميهار، متان موٽين سهٽي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارين.

( ٦ )

ڇونم جي هيڪار: "م وڃ موٽي سهٽي!"
دونهينءَ ٻاسي دوس جي، گهاريان سڀ ڇمار،
ٻانڌيٽان ٻيهار، هوند نہ لکين لائيان.

( ٧ )

وڃان ڪين ورِي، هوند ري جُني رهي رهان،
دونهين ٓ ٻاٻي دوس جي، ماکِهن ٻهان مري،
صورت نه سونهن ڪا، ڪيس چت چري،
وِصالان فِراق جي، سڄي ڳالهه ڳري،
تيلاهين تري، منهن ڪٿيو موتيو وڃان.

( ٨ )

آئون ڪ نه جاتان ايئن، ته جر گهڙي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪنڌ ڪڍبو ڪيئن،
هڪ لِکئي، ٻي نينهن، آئي اوليس اول ۾.

( ٩ )

ڪاني ٓ نه ڪانهن، نکو ڏوهه قلم جو،
آڳ آئيئي لِکيو، جت نه رسي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، قضا قلم وهائيو.

( ١٠ )

لِکيو جو نِراڙ، سو آنگ ڪياڙي ٓ نه ٿئي،
ٻاريو وِڃي ٻار، جيڪي لِکيو لوح ۾.

( ١١ )

جي قيام ٻڌن، ته ڪر اوڏا ٻيڙين،
تهان ٻري سڄڻ، واڌايون وصال جون.

( ١٢ )

گهڙن واريون ترن تي، گهڙن گهٽيئي،
سيڪا ڇئي: "آن سهٽي، لئي ٻريان ٻيئي"،
صباح سيئي، پسيون پاتار ٻ.

( ١٣ )

ڪنڌي آيون ڪيتريون، "ساهڙ ساهڙ" ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي "گهوريس" ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

( ١٤ )

پرينءَ ٻر پريت مان، تو ساهڙ سڌ ڪري،
جي نه گهڙان موني وڃان، ته ڪا ساه سري،
وڙ جان ٻت ٻري، گهڙان گهوريو جندڙو.

( ١٥ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻون نهاري ٻنگ،
"سر در قدم يار فدا شد، چه بجا شد"، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، آلا! سي آڪاريين.

( ١٦ )

جي تو بيت پاڻيا، سي آيتون آهين،
وَجيو لنئون، لائين، پريان سندي پار ڏي.

( ١٧ )

ترَنِ جا طعنا، سهنگا ڏينم سرتيون،
درياهه، ديوانا! سن حقيقت حال جي.

( ١٨ )

تران لئي طعني، متي وهه واڪا ڪيو،
آئي وڏيس آر ۾، درياهه ديواني،
قلم جي ڪاني، آئي اوليس اول ۾.

( ١٩ )

تران تان مران، وران تان وهه وترو،
هينڙي ۾ هوتن جا، آهن کهور گهڻان،
سيو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهه ڏران،
وڃان ڪين وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪاربي.

( ٢٠ )

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، ٻجاڻي پاڻ لهي.

( ٢١ )

عَدَدَ ناهي عِشق جو، سُٽي ٿِيءَ سانِئي،
ڪانهي پڄاڻي، مهندان مَندا! ميهار جي.

( ٢٢ )

سِڪَ تَنهنجي سِپرين جِئن تَران تِئن تارِ،
تونهين رَهين رُوح ۾، تونهين آڪننان پارِ،
پِرين! تنهنجي پارِ، مون واجهائيندي ورهه ٿيا.

( ٢٣ )

سِڪَ تَنهنجي، سِپرين! ڪِپي ۽ ڪوري،
سِکهان نَہ ڇوري، ڏاڍو نير نِينهن جو.

( ٢٤ )

سِڪَ تَنهنجي سِپرين! آندر ٿِي آجهل،
پِرڪيو ٻاهر نِڪري، ڪوري ڪانئي ڪَل،
ري سِيراهِيءَ سَل، مون کي ڏِنا سڄڻين.

( ٢٥ )

سِڪَ تَنهنجي، سِپرين! آندر ٿِي آجهاڪَ،
منجهه پِريانئين ماڪَ، پلٽيو ٻاريون ڪري.

( ٢٦ )

ڪي تران، ڪي تار مون، ڪي سکهان، ڪي سڪهہ،
آڏو ڏيج ۾ لڳ، مون هيڪليءَ ولها.

( ٢٧ )

سڪ سڪنڊين لاهہ، وڇوڙيا ميڙ پرين،
ايڏي سکهہ، سچا ڏئي، تو هي ڪي جڳاءِ،
من جنهين جو طالبو، مهر تنين ڪي پاءِ،
ميڙائي جو، ماءِا ڪانگ لوندو ڪڏهين.

( ٢٨ )

ڏئي ٽير ڏينهن، ڪهہ جاٽان کهڙا پرين،
نين پرجي لينهن، هلئيا پاريون ڪري.

( ٢٩ )

ڏئي ڏينهن ٽيام، ڪهہ جاٽان کهڙا پرين،
ولن جئن وريام، گوندر غم پرين جا.

( ٣٠ )

ڏئي ڏينهن ٽيام، ڪهہ جاٽان کهڙا پرين،
سهسين سج الهي، واجهائيندي ويام،
تنهين سال ٽيام، جنهين ساعت نہ سهان.

( ۳۱ )

ڪِهڙَ نَہ وَرَ، نَہ وَتَ ڪا، آهہِ مَنِ مهارَ،

اِنَ اوسيڙي آئيان، سَنجهي ڪري سينگارَ،

پِرين تنهنجو پارَ، پَسانَ مانَ پِرِ ڪهين.

وائي

نهين نهين ميڏي وَسَ، ووا! بنا دِلبر هئي دِلِ ماندِي.

سِڪانَ ٿِي سنگهار ڪي، بابَ نَہ مَنهنجي بَسِ.

مونَ ڪي مَتِ ميهارَ جي، ڪانَ آچي پي ڪَسِ.

دَرد دَمي آهيان، دَردَ سَهين جو دَسِ.

سَڪَ نَہ پَچي سَهٽِي، ڏَکَ ڏِکيءَ ڪي ڏَسِ.

داستان ڏهون

( ۱ )

ساهڙ ڏاران سهٽِي، آڏوتِي آهي،

ڪنڌِيرُن جو ڪاهي، پامي تهِين پاڪَ ٿئي.

( ۲ )

ساهڙ ڏاران سهٽِي، نسوري ناپاڪ،

نِجاستَ ناهہ ڪري، آنهين جي اوطاق،

هوءَ جي ڪِير پِياڪَ، پامي تِنين پاڪَ ٿئي.

( ٣ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جنبي جوءِ،
هن پاڻيءَ سين پانهنجو، مور نه متو ڏوءِ،
جي پرينءَ پاسي سوءِ، ته ڪر توڏيءَ تڙ ڪيو.

( ٤ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جهڪي زال،
توڏيءَ تب شروع ٿيو، هئي! هيٺيءَ جي حال،
جڏي ري جمال، آکهي ٿي آهون ڪري.

( ٥ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏم پاسي ۾ ڏکندو، صحت وٽ سنگهار،
توڏيءَ سندي تن جي، دوا ۾ ديدار،
جي پسي منهن مهار، ته سکهيائي سکهي ٿئي.

( ٦ ).

متان کهڙين، سهڻي، آج درياهه ۾ ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪهڙو آنئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين.

( ۷ )

ٻچي ٻاڙي واريون، ڪوهہ ڪرينديون ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، آهي ڪاٺيارن ڪم،
هيءَ هڏو ۽ چم، گهوريو محب مهار تان.

( ۸ )

سدا ٻچ م، سهڻي! اونداهيءَ آڌ رات،
ٻريان ڏي ٻريات، وانءُ ڏيٺاري ڏيهہ ڪي.

( ۹ )

سائر ٻوڙي سهڻي، نہ ڪنهن ڏوري ڏني،
آڪن منجهہ آڪني، ميائي مهار ڏي.

( ۱۰ )

ڏيهائي ڏمر ڪري، مٿي محبت مون،
تنهن ڪي آچي تون، ٻريم! ڪوهہ نہ ٻلين.

( ۱۱ )

ساهڙ سڪيءَ ۾ ٿيو، پاڻيءَ منجهہ پنو،
سندو ڪچ ڪنو، تار ترندو ڪيترو؟

## وائي

( ١ )

ڪهه جاٿان ڪيڏاهين؟ منهنجو تن تنهي تيڏاهين،
سائين! نيڻن نينهڙو لڳائي وڃڙا.
جيڏانهن عالم آسرو، مون هن آهي اوڏاهين.
ڏونهين دوست مهار جي، ڏئي جتن ڏنائين.
ساري سپرين کي، رهه هر رت رنائين.

## وائي

( ٢ )

منهنجيون سپيئي، آيل! ماءُ! من مرادون پنيون.
جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نه ڪاءِ.
ڪجي تان ڪوڏ تنهي، سچي تان سياءِ.
ويهه، داتا جي در تي، شڪر جنهن جڳاءِ.
ڪانهي حد حمد جي، ته ڪريان لالن لاءِ.
ڪٿيو ڳڻيان ڪيترين، وڏيون وڏاياءِ؟
سو مون هٿان نه ٿئي، جيڪي تو جڳاءِ.

تو سچيون، تو سنديون، سڪن توهين ساءِ،
اَج تنهنجي آچيون، لوچن توهين لاءِ.
دل دانهن ري نہ رهي، مون کي مان جڳاءِ.

## داستان يارهون

( ١ )

وٽن ويٺا ڪانگ، وڇڻ ٿي ويلا ڪري،
کهڙي کهڙو هٿ ڪري سٽي سانجهي بانگ،
سيئي ڏونديي سانگ، جتي ماهڙ سپرين.

( ٢ )

کهڙي کهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
”وَ اَمَّا مَنْ خافَ مَقامَ رَبِّه“ اِي لکيائين لنگھ،
سڪندين کي سيد چئي، ڪين جهلين‌دو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! مني آڪارئين.

( ٣ )

کهڙي کهڙو هٿ ڪري، چيله ٻڌي چوتو،
منهنجو من ميهار کي، ٻار وڃي ٻهتو،
گوتي ۽ کهوتو، مون کي محب مهار جو.

( ٤ )

ڪِهڙي ڪَهڙو هَٿ ڪَري، سانگو چڙ ي ساھ،
ويچاريءَ وَڏيون ڪِيون، دانھون منجھ درياھ،
ڀر ڀانئِي چڙيو، ويس سِيئِي واھ،
مدد ري ميهار جي، غرض سڀ گناھ،
نوري ڪر نِگاھ، ته ساھڙ لنگهيان سِير ڪي.

( ٥ )

ڪِهڙي ڪَهڙو هَٿ ڪَري، ڀوڙيائين ڀانھون،
ويچاريءَ وَڏيون ڪِيون، وچ دريا دانھون،
موت مَحب ! ڀانھون، تاڪن تڪي آهيان.

( ٦ )

ڪِهڙي ڪَهڙو هَٿ ڪَري، الاهي تهارا
چنگھه، چرڪي وات ۾، مِسِي ڪي ميسار،
جوڙا ڀيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙيس وار،
لڪين ڇهِنيس لوهِيون، ٽيليون ٽرنئون ڏار،
مِڙيا مچ هزار، ڀاڳا ٽيندي سوهڻي!

( ٧ )

مِنهن جنهين جي مون، ڏٺو، منهن ميهار جو،
آهِم ساهہ سنئون، سو ڪئن ڳهڙو ڳهوريان.

( ٨ )

ڳهڙو پڇو تہ ڳهوريو، مر چور ٿئي چوڙو،
"طالبَ المولیٰ مذڪر"، ايءُ پڌ ندن پوڙو،
ڪوڙهيو ڏم ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾.

( ٩ )

ڳهڙو پڇو تہ ڳهوريو، مر پيڙ ٿئي پانهين،
"طالبَ المولیٰ مذڪر"، ايءُ پر آساهين،
پران نہ پانهين، مون ميهار مَن ۾.

( ١٠ )

ڳهڙو پڇو تہ ڳهوريو، پاڻان هو حجاب،
واڄٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءُ ثواب، آئون ڳهٽوئي ڳهوريان.

( ١١ )

ڳهڙو پڇو تہ ڳهوريو، تون ڪين تر، هينئان!
ادب آڪرڙين ڪي، ڏيهاڙي ڏيان،
ميهارڻ ميان، سئون سرنهاير ايچرو.

(١٢)١

ڳهڙو ٻڪو تہ ڳهوريو، آسر م لاهيج،
"لاتقنطوا من رحمة الله"، ترهي اِن تربج،
حبيبائي هيج، پسين منهن ميهار جو.

(١٣)

ڳهڙو ٻڪو، منڌ مٿي، ويا وسيلا،
سار ڇڏيائين سير ۾، هٿيا رهيا هيلا،
سهڻيءَ جا سيلا، وحدت سڀ وڃائيا.

(١٤)

ڳهڙو ٻڪو، منڌ مٿي، وسيلا وڻا،
تنهان پوءِ مٺا، سهڻيءَ سڌ ميهار جا.

(١٥)

جڏهن وسيلن، لوڙهي ڇڏي لڙ ۾،
پاراران پرين، تڏهن پڇي سهڻي.

(١٦)

پاڻ م ڪنج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ اُناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

( ١٧ )

پاڻ م ڪَنج پاڻ سين، رِيءَ وسيلي وانءَ،
مَتاع ماڻِن، سوهڻي! پِرت وَنجي پانءَ،
نيڻين ڪُنهندي نانءَ، وَنءَ پِريان جي پار ڏي.

( ١٨ )

پاڻ م ڪَنج پاڻ سين، رِنءَ وسيلي وَتِ،
لاڻن تنين لَتِ، عشق جن جي آڳ ۾.

( ١٩ )

پاڻ م ڪَنج پاڻ سين، رِيءَ وسيلي وَڃ،
پيلو پيري پَچ، اَڪنڊ ڪَنِ عميق ۾.

( ٢٠ )

پاڻ م ڪَنج پاڻ سين، وسيلا وسارِ،
اُڙَ لنگهائي، سهڻي! پِرت وجهنديئي پار،
سي تَرت لنگهيندين تارِ، اَڪنڊَ اُڪَهه جن سين.

( ٢١ )

ڪونهي آڪهه اهڙو، جهڙي محبت مَنِ،
آڻيون اوريين پار ڏي، ڪوڙيون ڪک ڇَڻن،
ندي تن نيڙ نٿي، جي ريءَ ترهي ترن،

سِڪ رساڻي، سهڻيءَ آصل عاشقن،
مِي جهليون ڪين ڪنَ، ٻڇن جي ميهار ڪي.

( ٢٢ )

ٻچن جي ميهار کي، ٻچي مي ميهار،
ترهو تنهين بار، عِشق جنين کي آکرو.

( ٢٣ )

عِشق جنهين کي آکرو، ترهو مٿي تن،
جي ساهڙ کي سِڪن، تنين جر جنڊ ٿئي.

( ٢٤ )

ترهو آهِ م تن کي، جن عِشق سين آگاهہ،
ٻچي مس ملاح، ساهڙ مٿي موهڻي.

( ٢٥ )

ساهڙ سا موهڻي، سائر ٻڏِ سوئي،
آهي نِجوئي، ڪجھہ: ڪجهاندر ڪالهڙي.

## وائي

ڪِهڙي منجهہ حِساب، هُنَن منهنجو هوت ري، لا!
گوليءَ پچ گناهہ ڪان، ڪونهي سوڙ ثواب،
هُنن منهنجو هوت ري، لا!

نَڪين تَـفـاوَت ۾، نـڪـيـنْ مَـنـجـهـہ رَبـاب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
خـوديـائـي خـوبْ نِـيـمِـن، لَايِن جـي لَعاب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
پَليتَ ٿِي پـاڪْ ٿِـئـي، جُـنْـبِـيـو مَنجهہ جناب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
سـو نہ ڪـهِين شيءِ ۾، جيڪين مَنجهہ تُـراب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
هوءِ جي جَرَڪن جَر ٿِي، سي تان سَبِ حَباب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
هاديءِ سين هَنَ يارُ ڏِي، رِڙهين ساڻ رِڪاب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
چَـنْـبـو وِجـهِـي چـورَ ڪـي، آهِ چَـرَّ عقاب!
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!
دِيدَ وِچاهہ ۾ دوستَ جـو، هَلي مَنجهہ حِجاب،
هَتَن مَنهنجو هوتَ ري، لا!

كَثرَت آهي قُربَ ۾، إدغامَ ۽ اعراب،
هُتِ منهنجو هوتَ ري، لا!
فَنا وِجهي فَر ۾، كارڻ ٿيءُ كباب،
هُتِ منهنجو هوتَ ري، لا!
ڏي طَهُورا تَنِ كي، جي سِكنِ لاءِ شراب،
هُتِ منهنجو هوتَ ري، لا!
مَٿيءَ كِيا مَرض ۾، جاوا سي جَواب،
هُتِ منهنجو هوتَ ري، لا!

هندوا: سينهن وساوڙا (ڳاڙها جيت).
هُنگ: هُونگار. هڪل.
هينگلور: هنگلاج.
هينهان: هن ڪان پوءِ.
هِنئار: هن سال. هينئر.
هنئي ويا: ڦري ويا.
هوائون: وهم. اجايا خيال.
هوائي: نابود. خام.
هوتُ: بلوچن جي 'هوت' قبيلي
جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: 'هوت' بلوچن منجهان.
پنهون. محبوب.
هور: هرڪر. ڪُنڪو.
هورا: ڳڻتي. انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو. ننڍي پيڙي.
هول: ڊپ. فڪر.
هُونِ: هُجن.

هُونُ: سان. آهي.
هوندو: جيڪي موجود هجي.
هيٺان: هيٺان.
هيٺائين: هيٺائين.
هُئَڻ: هٺ. هستي.
هيئُ: هيءُ وجود. هستي.
هيجان: هيج سان. پيار سان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيدي: اٺ جي واڳ. پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: سيلاب. گڏ جائي.
هيَنِ: هُيَنِ. سُئِيَنِ.
هيهات: افسوس ـ هاءِ هاءِ.
هَيْهات هَيهات لِما توعدون:
هاءِ شل (پري هجي) اها
ڳالهه جنهن جو توهان کي
ڊپ ڏنو ويو آهي.